نمه ڏيئون رامايه   نمه سروانندايه

卐 اوم شري ست نام ساکي 卐

* سٽگرو سوامي سروانند *

* جيون چريتر ڀاڱو ٻيو *

پرڪاشڪ :-

شري سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽

شري پريم پرڪاش منڊل (ٽرسٽ)

امراپور آستان، ايم. آء. روڊ،

جئپور-٣٠٢٠٠١

ڊفعو پهريون   سڀ حق واسطا قائم   چيٽ جو ميلو

ڪاپيون ٢٠٠٠   سمبت ٢٠٤٧

ڀيٽا 10.00 روپيه   سن 9.4.1990

सतगुरु टेऊंराम जी महाराज

सतगुरु सर्वानन्द जी महाराज

نمھ ٽيڳون رامايہ نمھ سروانندايہ

卐 شري ست نام ساکي 卐

"ستگرو سوامي سروانند"

"ڀاڳو ڀيو"

卐 منگل چرڻ 卐

١- وار وار وندن ڪرون، پورڻ برهم اکنڊ،
جانڪي ست پرڪاش تي، پرڪاشت برهمنڊ .

٢- ايڪ انيڪ اننت جو، هري هر گڻپت سو،
ديوي درگا شاردا، وگهن ڪرو سڀ دور.

٣- سرو منگل ڪا مول هئہ، ٽيڳون رام شڀ نام،
جانڪي سمرڻ ڌيان سي، ناشت وگهن تمام .

٤- سروانند ڪا مول هئہ، سروانند سکہ ڌام،
تانڪو نت وندن ڪرون، ڪريئي پورن ڪام .

٥- ڌيان مول گر مورتي، پوجا مول گر پاد،
منتر مول گرو چن هئہ، مڪتي گر پرساد .

ॐ

شري ستنام ساکي

سنتن جا سيلاني سنت، ستگرو سوامي سروانند مهاراج جن سنڌر ڪنڌي ڪنڌي راولپنڊي (پنجاب) کان پنجا صاحب پوتا آهن، سنڌ ۾ اچڻ جو اتهاس هن ريت آهي:-

سوامي جن جنهن شهر يا ڳوٺ ۾ ويندا هئا ته اتي سمنڊ، تلاءُ، ندي، جهرڻو، جهنگل، باغ، ٽڪري يا ڪا قديمي (اتهاسڪ) جڳهه وغيره جيڪو به گهمڻ ڏسڻ جو هنڌ هوندو هو ته اتي گهمڻ ويندا هئا، اهو سندن روزانو جو نيم هوندو هو.

❀ سنت وهان سک سي رهي،
جهان هو چار بچار،
جهنگل جگياسا جگا، چترت جل کي ڌار.

پنجي صاحب ۾ قدرتي سندر نظارا گهاٽا جهنگل جهرڻا هئائي، تنهن کان سواءِ سنتن مهاتمائن جا استان ۽ گرمکه ستسنگين جو پريم ۽ ستسنگ جو آنند ڏسي سوامي جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هفتو کن آن نندي ڳوٺ ۾ رهڻ جو ويچار ڪيائون.

سوامي جن گھڻو ڪري رات جو نوين ڏهين ٻجي ڌاري آرامي ٿيندا هئا ۽ پرڀات جو چئين ٻجي اُٿندا هئا، نت ڪرمن کان فارغ ٿي پوءِ پنهن جي آتم سروپ جو ڌيان ڪندا هئا، جيئن گرو مهراج جن کين سمجھايو هو، اُن کان پوءِ ٿوري ڪسرت ڪندا هئا، پوءِ ٿورو جل پان ڪري صبح جو ٻه گھمڻ ويندا هئا. جيڪڏهن صبح جو ست سنگ هوندو هو ته پوءِ گھمڻ کين ويندا هئا، ست سنگ کان پوءِ خاص جگياسو جيڪي ملڻ ايندا هئا ته انهن سان ملندا هئا. پوءِ پوڄن ڪري وشرام ڪندا هئا، کين جيڪو به وقت بچندو هئو، اهو واڻي ناهڻ ۽ شاسترن جي ويچار ۾ لڳائيندا هئا. شام جو ڪلاڪ ٻه سئر ڪرڻ ويندا هئا. اُتان گھمي ڦري پوءِ اچي ست سنگ ڪندا هئا، سوامي جن جو سڄو ڪاريه ڪرم نيم موجب هلندو هو. وقت جا بلڪل پابند هوندا هئا.

ڀارت ڀومي پنيه ڀومي آهي، تيرٿن جو ديش آهي. تيرٿن جي درشن ۽ سنان ڪرڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان جا ياتري ايندا رهندا آهن. وگيان جي وڌي وڃڻ ڪري ياترا ڪرڻ جون سهوليتون پڻ وڌي ويون آهن، ان ڪري وديشن مان به گھڻائي ياتري ايندا رهندا آهن.

هڪ ڏينهن سوامي جن ياتري ڪرپارام ۽ ٻين پريمين
سان گڏ جي شام جي سير لاءِ نڪتا، جهنگل ۽ جبل
جو نظارو ڏسندا، گهمندا ڦرندا سوامي جن هڪ ٽم
جي وڻ هيٺان پيل پٿر تي پنهن جو ٽوال (جيڪو
سدائين پاڻ سان ڪلهي تي رکندا هئا.) وڇائي وشرام
ڪرڻ لاءِ ويٺا، ٻين پريمين کي پڻ ويهڻ لاءِ اشارو
ڪيائون، اهي پڻ سوامي جن جي سامهون پٿرن تي
ويهي رهيا، پرسان پاڻيءَ جو جهرڻو وهي رهيو هو،
دل کي لڀائيندڙ نظارو هو.

ٻيا ياتري پڻ هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري ۽
فوٽا ڪڍي رهيا هئا، انهن ۾ وديش يورپ جا
سيلاني به هئا، جن مان ٻه چڱا هندي ٻولي ڄاڻندا
هئا، اهي به گهمندا ڦرندا پريان ويٺل هڪ سنياسي
سادوءَ کي ڏسي اتي آيا، سوامي جن کي پرڻام ڪري
ويهي رهيا. سوامي جن ڪين ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو،
اهي ٻئي يورپي ٻه پٿرن تي ويهي رهيا، ان بعد
سوامي جن اشاري ۾ انهن کان پڇيو ته خبرچار ٻڌايو،
آگيا پائي اهي يورپي سوامي جن کي چوڻ لڳا ته
اسين يورپ جا رهاڪو آهيون، فرانس ۾ رهندا
آهيون، ڀارت جي تيرٿن بابت ڪجهه پڙهيو سون ۽
ٻڌو سون، تنهن ڪري ياترا ڪرڻ لاءِ نڪري پيا
آهيون، ڀارت جي اتهاس بابت ڪجهه وڌيڪ ڄاڻڻ

جي ڏيا آهي، جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي تہ ڪجھ پڇون.

انهن ڀور ڀڳتن جي جگياسا ۽ شرڌا ڏسي سوامي جن فرمايو تہ ڀلي، وڏي خوشي سان پڇي سگهو ٿا.

ڀور ڀڳتن هڪ سوال پڇيو تہ تيرٿ ڇا آهن؟ ٻيو سوال پڇيائون تہ شاستر ڇا آهن؟

سوامي جن شنڪا جو سماڌان ڪندي فرمايو تہ جيڪي شرير ۽ من کي پوتر ڪن، انهن کي تيرٿ چئجي ٿو. جنهن پستڪ مان وهنوار ۽ پرمارٿ جو گيان پراپت ٿئي ان کي شاستر چئجي ٿو.

پنهن جي سوالن جا جواب ٻڌي ڀور ڀڳي چوڻ لڳا تہ سائين! اسان کي ڳالهہ سمجھہ ۾ ڪين آئي. ڪرپا ڪري چڱي طرح ۽ سولي طريقي سان کولي سمجهايو، جيئن اسان کي ڪجھ هٿ پلئہ پئي.

انهن جي جگياسا ۽ شرڌا ڏسي سوامي جن هيٺيون ڀڄن اُچارڻ ڪيو:-

❀ ڀڄن راڳہ ٿلنگہ ❀

ٿل:- سڀ سڀ اِستل تيرٿ جاڻو،

سنت جهان پڳہ ڌرئي هئن.

۱- شبد ڀومي وهہ سنت مدي جنهن،

ڀڄن رام ڪا ڪرئي هئن.

٢- ديش ڏنگر سي پاون هوئي،
جنهن ۾ سنت وچري هئن.

٣- سنت ديا ڪر دين جنون کي،
اُپر پنڌارا پيري هئن.

٤- ڪهي ٽيئون سي ڪرڻا ساگر،
دکيون ڪا دک هري هئن.

سوامي جن اُنهن پورڻن کي تيرٿن بابت سمجهائي ڏيندي فرمايو ته هڪڙا ديو تيرٿ آهن، ٻيا منش تيرٿ آهن، جيڪي ديوتائن استاپن ڪيا آهن انهن کي ديو تيرٿ ۽ جيڪي منشن استاپن ڪيا آهن اُنهن کي منش تيرٿ چئجي ٿو.

هڪڙا اَچل تيرٿ آهن، ٻيا چل تيرٿ آهن، اَچل تيرٿن جي معنيٰ آهي جيڪي هڪڙي هنڌ ئي قائم هجن. چل تيرٿن جي معنيٰ آهي- گهمندڙ- ڦرندڙ.

ديولوڪ مان ديوتائن مرت لوڪ ۾ اچي جتي- جتي يگيه- هون ۽ تپسيا ڪئي، اُتي اُتي ديو تيرٿ ٻڌيا ۽ جتي جتي مرت لوڪ جي رشين- منين ۽ سنتن واهي تپسيا ڪئي اُتي منش تيرٿ ٻڌيا. هر هڪ تيرٿ پنهنجو سنڌن اتهاس آهي.

گنگا ساگر، ترويڻي، ٻارهن جيوتي لنگ، پشڪر راج، ڪروڪشيتر، چار ڌام، ست پريون وغيره

اهي اُچل ليرت آهن. سدت - مهاتمائون چل ليرت آهن.

خاص وڏن ڏينهن تي يا هولئن ۾ تيرٿن ۾ سنان ڪرڻ، درشن ڪرڻ ۽ الي دان پنج ڪرڻ جو وڏو مهاتم آهي.

تيرت يـاترا ڪرڻ جي چاهنا ۽ گروءَ لاءِ شردا گيان جي ستن پـومڪائن (منزلن) مان هڪ آهي، ۽ موڪيہ مارگ جي پهرين منزل آهي.

شاستر ڇا آهن. اُن بڻي سوال جو جواب ڏيندي سوامي جن انهن پور پين ڪي بڌايـو ته جن پستڪن ۾ ڌرم، ارٿ، ڪام، مـوڪيہ، يوگـــه، يگيہ، تپ، نيتي، مريادا، ورت شيـاشي ڪرم ۽ اُن جوڦل وغيره وهنوار پرمارت جو گيان نيڪ طريقي سان سمجهايل هجي، اُن ڪي شاستر چون تـا. اُهي شاستر ٻه ٻـــن قسمن جا آهن. هڪڙا رشي ڪرت (آزمايل گيان.) ۽ ٻيا منش ڪرت. (اُڻ آزمايل گيان.) مثال:- هڪ ماڻهو ڪنهن ٻه طريـقي سان سمنڊ جي تري تـــاءِ پهچي ماپ ڪري ٻـڌائي تو ته سمنڊ جي اونهائي ويهہ هزار فوٽ آهي. ٻيو ماڻهو ٻڌل - ٻڌهيل ڳـالهہ ياد ڪري ٻڌائي تو ته سمنڊ جي گهرائي ويـهہ هزار فوٽ آهي. انهن مان جيڪو سمنڊ جي تري ۾ وڃي ماپ ڪري ٻـڌائي تو، اُهو آهي آزمايـل گيان ۽

جيڪو رڳو ياد ڪري ٻڌائي ٿو، اهو آهي اڻ آزمايل
گيان.

جيڪو ماڻهو سمنڊ جي ٿري ۾ وڃي ماپ ڪري آيو آهي ۽ ٻيو ماڻهو رڳو پڙهي يا ٻڌي ماپ ٻڌائي ٿو، ٻنهي برابر ساڳي ماپ ٻڌائين ٿا، هاڻي انهن ٻنهي ۾ سهي ڪير ۽ غلط ڪير، سهي ۽ غلط جو ورڻن ته شاسترن ۾ لکيل آهي. اهو سڀ گيان چل ٽيرٿ معنيٰ سٽر ڪندڙ سنت مهاتمائون ٻڌائي سگهن ٿا.

ايترو ٻڌي اهي يورپي چوڻ لڳا ته سائين! ٽيرٿ ڪرڻ ۽ شاستر پڙهڻ يا ٻڌڻ مان ڪهڙو ڦل پراپت ٿيندو، ڪرپا ڪري اسان کي وڌيڪ سمجهايو. هي ڀڳوان! توهين ٽيرٿ روپ آهيو، توهان سان وارتالاپ ڪرڻ ۾ اسان کي ڏاڍو آنند اچي ٿو.

ايترو ٻڌي سوامي جن انهن کي چوڻ لڳا ته ٽيرٿ ياترا ڪرڻ ۽ شاستر پڙهڻ يا ٻڌڻ جو ڦل آهي موکيه سکه جي پراپتي.

ٽيرٿن ۽ شاسترن ۾ جيڪڏهن سڪام ڀاو رکبي ته هن لوڪ ۽ پرلوڪ جا سکه ملندا ۽ جيڪڏهن انهن ۾ نشڪام ڀاونا رکبي ته دائمي سکه جي پراپتي ٿيندي.

سوامي جن جا مٺا مٺا وچن جيئن جيئن اهي يورپي ٻڌندا ويا تيئن تيئن انهن جي سوامي جن ۾

شرڌا ڀاونا وڌندي وئي. هاڻي آهي دائمي سک. بابت پڇڻ لڳا تہ دائمي سک ڇا ٿيندو آهي. اهو ڪيئن پراپت ٿيندو آهي.

انهن ڀورين جي جگياسا ڏسي سوامي جن ڪيئن چوڻ لڳا تہ هاڻي دير ٿي وئي آهي، وري سڀاڻي توهان کي ٻڌائيندس. ائين چئي سوامي جن ڀائي ڪرپارام ۽ ٻين پريمين سان گڏجي جاءِ تي آيا، رٿيل پروگرام موجب رات جو ست سنگ ٿيو. ست سنگ کان پوءِ سڀ پريمي ڀاءُ پرساد وٺي پنهنجي گهر ويا، سوامي جن جل پان ڪري آرامي ٿيا.

سوامي جن وقت ۽ وچن جا تمام پابند هوندا هئا، تنهن ڪري ٻئي ڏينهن شام جو ستسنگ ڪندا ان ساڳئي جڳهہ تي ڏنل وقت کان اڳواٽ ئي پهچي ويا. ڀوري پڻ وقت تي اچي پهچي ويا هئا.

سوامي جن ساڳئي نم جي وڻ هيٺان پٿر تي ويٺا، ۽ انهن ڀورين کي پڻ وهڻ لاءِ اشارو ڪيو، اهي ڀوري سوامي جن کي پرڻام ڪري ويهي رهيا.

ٿوري دير چپ ڪري وهڻ کان پوءِ سوامي جن اشاري ۾ انهن کان پڇيو، اهي ڀوري ٿورو اڳيرو اچي هٿ جوڙي پڇڻ لڳا تہ ڀڳوان! ڪالهہ واري ڳالهہ ”دائمي سک“ بابت اسان کي ٿورو سمجهايو. ايترو ٻڌي سوامي جن چوڻ لڳا تہ سڀ جيو آن

سک کي چاهين ٿا . سڀ اُن سک جا ڳولائو آهن . هر هڪ جيو جيڪو ڪرم ڪري ٿو اهو سک کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري ٿو. جيئن ته :-

श्लोक :– सुखार्थाः सर्वभूतानां, मताः सर्वाः प्रवृतयः ।
सुखञ्च न विना धर्मात्तस्माद्धर्मपरो भवेत् ।।

ڪنهن کي جوئا مان، ڪنهن کي ماس - مڇيءَ مان، ڪنهن کي چرس، ڀنگ، آفيم ۽ ٻين نشيدار شين مان، ڪنهن کي قرمار ڪرڻ مان، ڪنهن کي ٻين کي رنجائڻ - ستائڻ مان، ڪنهن کي ٻين کي عذاب - ايذاءِ رسائڻ مان، ڪنهن کي چوري-چڪاري ڪرڻ مان، ڪنهن کي چرچي مسخري ڪرڻ مان، ڪنهن کي عيش - عشرت ڪرڻ مان، ڪنهن کي سير - سپاٽي ڪرڻ مان، ڪنهن کي ڳهڻن - ڪپڙن مان، ڪنهن کي ميون - مٺاين مان، ڪنهن کي محلن - ماڙين مان، ڪنهن کي موٽر ڪارن مان، ڪنهن کي سئنيما، ناٽڪ تماشن مان، ڪنهن کي تيرٿ ياترا ڪرڻ مان، ڪنهن کي هون - يگيه ڪرڻ مان، ڪنهن کي پاٺ - پوڄا مان، ڪنهن کي ڪٿا-ڪيرتن ڪرڻ مان، ڪنهن کي ڪٿا - ڪيرتن ٻڌڻ مان، ڪنهن کي دان ڪرڻ مان، ڪنهن کي دان وٺڻ مان،

ڪنهن کي شيوا ڪرڻ مان ، ڪنهن کي شيوا ڪرائڻ مان ، ڪنهن کي حڪم هلائڻ مان ، ڪنهن کي وڏو ٻڌڻ مان ، ڪنهن کي گلا - غيبت ڪرڻ مان، ڪنهن کي ساراهه ڪرڻ مان، ڪنهن کي چاپلوسي - خوشامد ڪرڻ مان . ڪنهن کي ڪنهن مـــان ته ڪنهن کي ڪنهن مان . هر هڪ ڪرم مان ، پوءِ اهو چاهي سٺو هجي چاهي خراب هجي ، پر سک ته ملڻئي ملي ٿو، هڪ ٻار کي به راند ڀڪن ۽ راند - روند ڪرڻ مـــان سک ملي ٿو.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پڻ پريم پرڪاش گرنٿ ۾ چيو آهي ته :-

۲- ڪوئي مانت ڀوڳن ۾ سک ،
ڪوئي تياڳن ۾ سک ماني .
ڪوئي مانت پيکن ۾ سک ،
ڪوئي پڙهن ۾ سک جاني .
ڪوئي مانت تيرٿ ۾ سک ،
ڪوئي ورتن ۾ سک ٺاني .
ٽيئون کهي سک اور نهين ڪنهن ،
هٿه سک آتم ديـــو پڇاني .

۳- ڪو ڪهتا سک جاڳن اندر ،
ڪو ڪهتا سک نيند منجهاري .

ڪو ڪهڙا سگهي پڙهي پنڊت
ڪو ڪهڙا سگهي هٿ اچ دواري.
ڪو ڪهڙا سگهي دولت جي پڻ،
ڪو ڪهڙا سگهي هٿ پرواري.
نيئون ڪهي سگهي اور نهين ڪنهن،
هٿ سگهي ايڪهن ٻر هم وچاري.

٣- ڪونڪ پاڪت گرنٿن جي سگهي،
ڪو سگهي پاڻ مانهن ٻتاوي.
ڪونڪ پاڪت ڪرمن جي سگهي،
ڪو سگهي ڌرمن مانهن سڌاوي.
ڪونڪ پاڪت گائڻ جي سگهي،
ڪو سگهي پاڪت ٽال ٻڄاوي.
نيئون ڪهي سگهي اور نهين ڪنهن،
هٿ سگهي ايڪهن آتم ڌيائي.

چوڻ جو مطلب ته هرهڪ جيءَ کي دنوي پدارٿن ۽ ڪرمن مان سگهه ملي ٿو.

سهني سگهن جو لاڳاپو شرير سان آهي. جيستائين ماڻهو نيڪ ٺاڪ، چاق چڱو ڀلو، تنهو-مندرو ۽ جوان آهي ۽ پنهنجو ڏوڪڙ به جام آهي، تيستائين ان کي سڀ ڪجهه ڀلو وڻندو آهي.

اکيون ۽ ڪن سلامت آهن ته راڳ، ناچ سنت سنگ، ڪتابون ۽ دنيا جا سڀ نظارا ڀلا وڻندا آهن. ڏند

ڄڀ سلامت هوندي آهي ته کائڻ پيئڻ، کلڻ ۽ ڳالهائڻ مان مزو پيو ايندو آهي. نڪ سلامت هوندو آهي ته عطر ڦليل - سرهاڻ ۽ خوشبوءِدار شين مان آنند پيو ايندو آهي. هٿ - پير سلامت هوندا آهن ته گهمڻ - ڦرڻ سير ڪرڻ مان مزو پيو ايندو آهي. پر تندرستي خراب ٿيڻ جي حالت ۾ سڀني پدارٿن هوندي به ڪجهه به ڪين وڻندو آهي. "جيءَ خوش ته جهان خوش." "هڪ تندرستي هزار نعمت،" اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو پنهنجي شرير مان ئي ڪڪ ٿي پوندو آهي. اهو آهي هن لوڪ جي سکن جو حال.

هن لوڪ جي سک دک جي سمجهاڻي ڏيندي، سوامي جن انهن پور ٻين کي چيو ته پرلوڪ جا سک دک به هن لوڪ وانگر آهن. اهو سک دک جو چڪر ڦرندو رهي ٿو.

جيڪي سک ٻين جي معرفت (طرفان) يعني ٻين جي سهائتا يا ميلاپ سان پراپت ٿين ٿا، اهي سک بي بقا، اڻ ٽڪائو آهن، ٿوري وقت لاءِ آهن، پر جيڪو سک پنهنجي پاڻ مان (ٻين جي سهائتا يا ميلاپ کان سواءِ) پراپت ٿئي ٿو ان کي دائمي سک يا موکش چئجي ٿو.

غريبن جي سک کان شاهوڪارن جو سک نرالو
آهي، شاهوڪارن جي سک کان راجائن جو سک نرالو
آهي، تهڙيءَ طرح هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سک کان
موکيہ سک نرالو آهي. جيڪو به هن لوڪ ۽ پرلوڪ
جي سکن کان نجات (ڇوٽڪارو) پائيندو اهو ئي
موکيہ سک جو مزو ماڻيندو.

عام طرح ماڻهو، هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سک
کي ئي موکيہ جو سک سمجهندا آهن. پر جيئن ٻج ۾
وڻ ۽ ٻيدي (آنڊي) ۾ پکي لکل هوندو آهي،
تيئن هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سک ۾ ڏک لکل رهندو
آهي. شاسترن ۽ سياڻن جو چوڻ آهي ته ڏک امرت
آهن ۽ سک زهر آهن. جيڪو به سک کي چاهيندو
ته ان کي موکيہ جو سک اصل ڪين ملندو.

شري ڪرشڻ ڀڳوان، ارجن کي سمجهائي ڏيندي
چيو ته ارجن! تمي گڻي سڀاءَ وارن ماڻهن کي تمي
گڻي پدارٿن (وشين) مان سک ملي ٿو. رجي گڻي
سڀاءَ وارن ماڻهن کي رجي گڻي پدارٿن مان سک
ملي ٿو ۽ ستي گڻي سڀاءَ وارن ماڻهن کي ستي گڻي
پدارٿن مان سک ملي ٿو. هي پارٿ! انهن ٽنهي گڻن
مان پيدا ٿيندڙ سک، يا حاصل ٿيندڙ سک، جنم مرڻ
جي چڪر ۾ آڻيندڙ آهي، تنهن ڪري انهن ٽنهي
گڻن کان بلڪل نيارو نرالو (نرگڻ) جيڪو سک آهي

اُن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

اهڙو وارتالاپ ڪري سواميءَ جن انهن يوريپن کي چيو ته هاڻي دير ٿي وئي آهي، تنهن ڪري اسين وڃون ٿا، وڌيڪ توهان کي ست سنگ ٻڌڻ جي چاهنا آهي ته رات جو ست سنگ ۾ اچي ٻڌجو. سوامي جن جا وچن ٻڌي انهن يوريپن سوامي جن کي پرڻام ڪيو ۽ ڪرپارام کان ائڊريس وٺي هليا ويا، سوامي جن گهمندا ڦرندا جاء تي آيا، نيم موجب رات جو ست سنگ شروع ٿيو.

ديوگرو وندنا ڪرڻ بعد سواميءَ جن هي ڀڄن چاريو:—

* ڀڄن راڳ پيلو *

ٽل:- من ميرا جو مڪتي چاهو، پائو آتم گيانا ري.

١- گيان بنان نهن مڪتي هووي،
ويد ڪرت وکيانا ري،
گر بن گيان ڪبهي نه هووي،
پڙهه ڪر ديکه پرانا ري.

٢- تن سي گر کي سيوا ڪيجي،
من سي ڌيان لگانا ري،
واڻي سي ڪر گر کي مهما،
ڌن کي ڀينٽ چڙهانا ري.

٣- ڪهي نانڪ گر شرڻي پڙ ڪر،
اَپنا ڪاج بڻانا ري،
پورن ستگر ڪي ڪرپا سي،
پائو پد نرباڻا ري.

موڪش جي وشيه تي سٺي ۽ سولي سمجهاڻي ڏيندي سوامي جن فرمايو ته شرير جون بيماريون - سيماريون گهريلو ڪشٽ، ڏيتي ليتيءَ جا جهنجهٽ، اوڙي پاڙي ۽ وهنوار وٽي جا رڳڙا جهڳڙا مطلب ته دنيا جا گهڻيئي مسئلا آهن، انهن کان ڇوٽڪارو پائڻ به موڪش جو روپ آهي.

دنوي دکن، جوابدارين ۽ ذميوارين کان ڇوٽڪارو پائڻ، اهو به هڪ قسم جو موڪش آهي، ان کي وهنوار جو موڪش چئي سگهجي ٿو.

ٻيو آهي پرمارٿ جو موڪش. يعني، هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن کان ڇوٽڪارو. اُنکي جنم مرڻ جو چڪر کان ڇٽڻ به چئي سگهجي ٿو.

وشين (پدارٿن) ۽ اِندرين جي ميلاپ سان سک پيدا ٿئي ٿو. ان ڪري هيءُ جيو سکن ۾ ڦاٿو پيو آهي. دک ڪڙو زهر آهي ته سک مٺو زهر آهي.

وديه مکت راجا جنڪ جن، مها تياڳي شري شڪديو مهراج کي، مهرشي گرو وششٽ منيءَ شري رام کي ۽ شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي موڪش سک

بابت سمجهائيندي چيو ته جيڪڏهن توهان کي به موڪش سک جي چاهنا آهي ته هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن جو پورڻ تياڳ ڪريو.

ان بابت سوامي جن ٿورو گهرو ويچار ڪري سڀني سنگت کي چيو ته شري رام ڪير هو؟ اهو هڪ راجڪمار هو. پر ٿا پتر ارجن ڪير هو؟ اهو به هڪ راجڪمار هو. انهن وٽ ڪيترا ۽ ڪهڙا سک هئا، ڇا! اسان مان ڪنهن وٽ اهڙا ۽ ايترا سک آهن؟ ڇا، اسين انهن سکن جو اندازو لڳائي سگهنداسين؟ مهان تياڳي شري شڪديو مهراج جن رشي ڪمار هئا، اُن وٽ گيان، تياڳ - ويراڳ ۽ رڌي سڌي جو جيڪو سک هو، ڇا، اسان مان ڪو به ان سک جو انداز لڳائي سگهندو؟ اهڙن مهان تياڳين، ويرن، ودوانن کي به اهائي سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته سکن جي تياڳ ڪرڻ سان ئي موڪش جو سک ملندو.

آخر ۾ ست سنگ سماپت ڪندي، سوامي جن سنگت کان پڇيو ته ڪنهن کي به ڪا به شنڪا هجي ته ڀلي پڇي. ايترو ٻڌي اهي يورپي اٿي بيٺا ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته ڀڳوان! اسان کي شنڪا ڪانه آهي پر اسان جي جگياسا آهي، جنهن موڪش سک بابت توهان ٻڌايو، اُن بابت ڪو سولو مثال ڏيئي اسان کي سمجهايو ته اهو موڪش جو سک ڪهڙو ٿيندو

آهي ۽ اهو ڪيئن پراپت ٿيندو؟ اُنهن ٻور ٻڌن جي پڇڻ تي ڪيئن موکيه جو سروپ سمجهائيندي سوامي جن اُنهن کان پڇيو ته، سج، چنڊ، تارن، بجلين ۽ ٻئين جي روشني نه هجي ته اتي ڇا هوندو آهي؟ انهن چيو ته اتي اونده هوندي آهي. سوامي جن وري ٻيو سوال انهن کان پڇيو ته، سوجهرو ۽ اونده ٻئي نه هجن ته اتي ڇا هوندو آهي؟ جواب نه ملڻ تي سوامي جن وري انهن کان پڇيو ته سک هجي ته ان کي ڇا چئبو؟ انهن چيو ته خوشي. وري سوامي جن انهن کان پڇيو ته دک هجي ته اُن کي ڇا چئبو؟ انهن چيو ته غم. سوامي جن وري پڇيو ته خوشي ۽ غم، دک ۽ سک نه هجن ته پوءِ ان کي ڇا چئبو؟ جواب نه ملڻ تي سوامي جن انهن ٻور ٻڌن کي سمجهائيندي چيو ته موکيه سک جو سروپ اهڙو آهي، جنهن جو واکيه سان ورڻن نٿو ڪري سگهجي.

عام طرح ماڻهن کي اونده ۽ سوجهري، دک ۽ سک، سردي ۽ گرمي وغيره جو گيان آهي، پر ٻنهي جي نه هجڻ جي حالت ۾ ڇا رهندو آهي، اُن گيان کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

موکيه سک رڳو گيان سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿو. اهو گيان صرف گرو ئي سمجهائي سگهي ٿو.

ايترو ٻڌائي سوامي جن انهن ٻور ٻڌن کي چيو ته

بس! ڪيئن ٿيو ته ڪين پڙهو آئو؟ جيڪي ڪين پڙهو آئو آهو تنهن ڪنهن ٻڍ ڏاڏه جي پڙهي سگهو ٿــا. پڙهڻ ۾ لڄ ۽ شرم ۾ ڏب ڪڍي هن ته نه ڪرڻ گهرجي. هي ۽ جيو پاڻ ئي موڪيه (سڪه) سروپ آهي، رڳو پرم سنسو مڃائڻو آهي.

سوامي جن جا همت حوصلو وڌائيندڙ وچن سڻي انهن پڙهيو ته اهڙي گــروه کي ڪيئن سمجهائجي، ۽ ڪيئن ڳولجي؟ انهن جو اهڙو سوال ٻڌي سوامي جن ڏاڍو خوش ٿيا، آسماه ۾ پرچي چوڻ لڳا ته توهانکي شاباس آهي جو اهڙو سوال پڇيو آئو.

سوامي جن جي سدائين اها دلي ڀاونا هوندي هئي ته ٻالن - پولن، پورڙن، شرڌالن ۽ عــام ماڻهن کي گهڻي ۾ گهڻو گيان پــرابت ٿئي، جيئن آهي گيانوان، ودوان ۽ هوشيار بڻجن. پنهن جن پيرن تي بيهن، ڪنهن جا به محتاج نه ٿين، نڪي ڪنهنجي اڳيان همت ٿڪين.

श्लोक :– अन्नदानं परं दानं, विद्यादानमतः परम् ।
अन्नेन क्षणिका तृप्तिर्यावज्जीवन्तु विद्यया ॥

اَن دان ۽ وديا دان جي وشيه ۾ شاسترن جي پرماڻن سان سمجهائي ڏيندي، سوامي جن چــوڻ ته اَن جو دان ڪرڻ تمام سٺو آهي. شاسترن ۾ اَن کي برهم جو لــقب پڻ ڏنو ويــو آهي، سب جيڪو

جڏهن اُن جي ڪري جهيڙا رهن ٿا. پر اُن جي دان
کان به وڌيڪ سٺو وديا جو دان چيو ويو آهي. ڇو ته
اُن دان وٺڻ وارو هر هر پيو داتا جو در کڙڪائيندو،
روز روز گهر گهر ڪرڻ ۾ لڄ به ٿيندي آهي، عزت
جو به سوال آهي. جيڪو دان وٺڻ ويندو آهي اُن
کي فقير، پينو وغيره نالن سان ڪوٺيو ويندو آهي.
دان ڪرڻ يا ڏيڻ وارا دان وٺڻ وارن کي پيا به گهٽيءَ
گهٽ وڌ ۽ نه چوڻ نه سهڻ جهڙا لفظ به ڳالهائيندا
آهن، دان وٺڻ وارا ويچارا سڀ ڪجهه پيا سهندا آهن،
ڇو ته انهن لاءِ گذاري جو ٻيو ڪو به وسيلو ڪين
آهي. پيٽ ته نٿو ڇڏي.

छन्द : पेटहि कारन जीव हते बहु,
पेटहि मांस भखैरू सुरापी ।
पेटहि लैकर चोरि करावत,
पेटहि कौ गठरी गहि कापी ।
पेटहि पांस गरे गहि डारत,
पेटहि डारत कूपहु वापी ।
सुन्दर काहि को पेट दियो प्रभु,
पेट सों और नहीं कोउ पापी ।।

दोहा :– उदर भरन के कारनै, प्रानी करत इलाज ।
नाचै गावै रन भिरें, राचै काज अकाज ।।

پاپي ڀيت لاءِ منش کي سڀ ڪرڻو پوي ٿو. ڀيت ڀرڻ واسطي منش جيون کي ماري ٿو، ماس کائي ٿو، شراب پيئي ٿو، چوري ڪري ٿو، ساڌن سنتن جو ڀيکہ پائي ٿو، غلام بڻجي ٿو، ڪوهہ يا ٽلاءِ ۾ ٻڏي مري ٿو. پاپي ڀيت کي ڀرڻ لاءِ ماڻهو ٽپي ٽپي ۾ ڳائي ٿو، لڙائيءَ جي ميدان ۾ مري ٿو. ٻئہ جي ٻاهہ کي وسائڻ لاءِ منش کي سڀ ڪجھ ڪرڻو ٿو پوي.

پر وديا جو دان، اُن جي دان کان تمام گهڻو وڌيڪ سنو ۽ اُتم درجي جو آهي. جوڻہ پڙهيل ڳڙهيل منش پنهن جي پيرن تي بيهندو آهي. ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪين ٽنگيندو آهي.

وديا، پنڻ ڪين سيکاريندي آهي، وديا واري ودوان گيانوان جي جتي ڪٿي عزت ٿيندي آهي، وديا وارو منش چڱن چڱن جي وچ ۾ وهڻ جهڙو ٿي پوندو آهي، وديا منش کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سيکاريندي آهي، ڪنهن جي به محتاجي ڪڍڻ ڪين سيکاريندي آهي. وڏن جي چوڻي آهي تہ ” پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري، ننڍي هوندي ئي نہ سکيا تہ وڏي هوندي خواري. “

وديا منش جي ٽين اک آهي. وديا منش کي هن لوڪ ۽ پرلوڪ جا سکہ نہ ڏئي ٿي پر موکہ بہ

پراپت ڪرائي ٿي.

سنسار جي جڙ ۽ چيتن مايا کان ڇٽڻ به ودّيا سيکاري ٿي. جڙ مايا معنيٰ ڪپڙا، رپيا پئسا، ماڙ ڪ- موٽي ۽ ٻيون شيون وغيره. ان جڙ مايا کان ته جيئن ڪيئن ڪري منش ڇوٽڪارو پائي سگهي ٿو، حالانڪ آهي مشڪل.

پر چيتن مايا، معنيٰ - (مڙد ۽ مايون) ان مايا کان ڪو ورلو انسان ڇوٽڪارو پائي سگهندو. ودّيا وارو منش اُن مايا کان به ڇوٽڪارو پائي سگهي ٿو. ايترو سمجهائي سوامي جن انهن يورپين کي چيو ته هاڻي دير ٿي وئي آهي وري سياڻي ڏوهان جي شنڪا جو سماڌان ڪيو ويندو، ايترو چئي سوامي جن رام نام جي ڌني لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو. سيٺ پريمي ڀاوپرساد وٺي گهر ويا. سوامي جن ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن رات جو ست سنگ شروع ٿيو، سوامي جن ساري سنگت کي چيو ته پاٿولي ساري کي وهو ۽ سڀ گڏجي اوم جو اُچارڻ ڪريو. اُن بعد ديوگرو جي وندنا ڪري سوامي جن چيو ته هر هڪ پريمي پنهنجي من کي پاڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري. ائين چئي سوامين جن هيٺ ڀڄن اُچاريو:-

* ڀڄن راڳ ڀيروي *

ٽل :- اور ڪا اور دکلاوي، ڀهي مايا ڀهي اوديا.

١- ٻدن اُپڄا ٽتوُن سي جو،
ٽتوُن ڪا روپ هئه سوئي،
اَسي ٽن اَهم ٻڌ لاوي،
ڀهي مايا ڀهي اوديا.

٢- ٻدا جو جڳت مايا سي،
اَست سوروپ هئه ڳالتي،
ٽسي ست روپ درساوي،
ڀهي مايا ڀهي اوديا.

٣- ٻرهم ڪا انش هئه جيوا،
ٻرهم ڪا روپ هئه ڳانتي،
ڪهي ٽيئون ٻن ٻتلاوي،
ڀهي مايا ڀهي اوديا.

اوديا - اگيان جي وشيه ٽسي وڌ ڀڪ روشني وجهندي سوامي جن فرمايو ته جيڪا هڪ جو ٻيو ڏيکاري ان کي اوديا يا مايا چئجي ٿو. اوديا کي هٽائڻ لاءِ گيان يا وديا جي ضرورت آهي. ان ڳالهه کي چڱي طرح سمجهائي ست سنگ جي ڀيڙيءَ ۽ انهن ٻور ڀين جي ڪالهه واريءَ شنڪا جو سماڌان ڪندي سوامي جن انهن ٻور ڀين کي چيو ته هاڻي

هوشيار ٿي ٻڌو. پر ڀيرين ۾ مدت رام نام جي ڏلي
لڳايو، ائين چئي سوامي جن اکيون بند ڪري ڏلي
چالو ڪئي ۽ گرو مهراج جو ڌيان ڪيو، ايتري ۾
قدرت سان هڪڙو پريمي آيو ان مٿو ٽيڪي ۽
مورتيءَ اڳيان رکيل پنجن رپين جو نوٽ کسڪائي
ڪڍي ورتو، مٿي ٽيڪڻ وقت ان پريميءَ جو هٿ
سوامي جن جي پير کي لڳي ويو، پير کي هٿ لڳڻ
سبب سوامي جن جي اک کلي پئي ۽ ان پريميءَ کي
نوٽ ڪڍندو ڏسي ورتائون، اهو پريمي نوٽ ٽڳائي
ڪڍي وڃي ست سنگين جي وچ ۾ ويهي رهيو، سوامي
جن اهو لڪاءُ ڏسي ڳالهه دل ۾ رکي.

ڌني بند ڪري سوامي جن انهن ٻور پين کي،
جيڪي بلڪل سوامي جن جي سامهون ويٺا هئا، چيو
ته توهان جي جگياسا آهي ته گروءَ کي ڪيئن سڃاڻجي
ڪيئن ڳولجي؟ چڱو! هاڻي ٻڌو، ائين چئي سوامي
جن، ٻور پين کان پڇيو ته مورتيءَ اڳيان پنجن رپين
جو نوٽ رکيل هو، اهو ڪنهن کنيو آهي؟ توهان
ٻڌائي سگهندا؟ پر ٻڌو! جنهن نوٽ کنيو آهي، اهو
پڻ ستسنگ ۾ ويٺو آهي. سوامي جن جي سوال جو
جواب ڏيندي انهن ٻور پين چيو ته سائين! هت ته
گهڻائي ماڻهو ويٺا آهن، ڪنهن جي نالي چئجي ته
فلاڻي نوٽ کنيو آهي. تنهن تي سوامي جن چيو ته

توهان جي ڳالهه برابر آهي، پر ڪنهن نه ضرور ڪيو هوندو. ڀلا، اهو ٻڌايو ته جنهن نوٽ ڪيو آهي اُن کي توهان ڇا چوندا؟ ڀورپين چيو ته اسين اُن کي چور چونداسون. اُن تي سوامي جن چيو ته، چور ۽ ماڻهوءَ ۾ تفاوت آهي ڇا؟ انهن چيو ته نه. تنهن تي سوامي جن چيو ته جيڪڏهن تفاوت ڪين آهي ته پوءِ هٿ ويٺل ماڻهن ۾ اڪل چور کي توهان ڪيئن سڃاڻي سگهندا، ڪيئن ڳولي سگهندا؟ ڀورپين چيو ته سائين! ماڻهو، ماڻهن جهڙا، ڪنهن کي چور چئون. تنهن تي سوامي جن ڀورپين کي چيو ته ماڻهو، ماڻهن جهڙا آهن، چور ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪو به تفاوت ڪين آهي، اهو ته ٺيڪ آهي، پر چور کي ڪيئن ڳولبو، ڪيئن سڃاڻبو؟

ڀورپين چيو ته سائين تلاشي وٺڻ سان ڳولي سگهبو ٿو. اُن تي سوامي جن چيو ته بلڪل ٺيڪ، شڪ ۾ ڪٿي ڪنهن جي تلاشي به وٺبي، ڪنهن جي کيسي مان نوٽ نڪري به ڪٿي، ته ان جو اهو مطلب آهي ڇا ته اُهو چور آهي، ڇو ته نوٽ ته ٻين جي کيسي ۾ به ٿي سگهن ٿا. نوٽ، نوٽن جهڙا ۽ ماڻهو، ماڻهن جهڙا آهن، پر چور کي ڪيئن سڃاڻبو. سوامي جن جا وچن ٻڌي ڀورپي چوڻ لڳا ته سائين! اُن چور کي جاسوس ئي ڳولي سگهن ٿا. تنهن تي

سوامي جن پور ٻٽن کي چوڻ لڳا ته چور جاسوس ۽ ماڻهو ٻنهي هڪ جهڙا آهن، چور ۽ جاسوس ٻنهي ماڻهن مان ٻڌن ٿا، چور، چوري ڪرڻ جي وديا سکي ٿو ۽ جاسوس چورن کي ڳولڻ جي وديا سکي ٿو. ان طرح ماڻهن ۾ لکل سنت ۽ سنتن ۾ لکل گروءَ کي ڳولڻ لاءِ ٻه الڳ پڙهائي ڪرڻي پوندي آهي. گروءَ کي ڳولڻ جي وديا بابت سوامي جن فرمايو ته شاستر چون ٿا ته:-

❀ यथा चतुर्भिः कनकं परीक्ष्यते , निघर्षणच्छेदनतापताडनैः ।
तथा चतुर्भि: पुरुष: परीक्ष्यते, श्रुतेन शीलेन कुलेन कर्मणा ।।

تمام مهانگيون ۽ بي بها شيون، جهڙن سون، هيرا، جواهر ۽ موتي وغيره انهن جي پرک ڪئي ويندي آهي. بنان پرک جي ڪوبه خريد ڪين ڪندو آهي.

سون جي پرک، گسائڻ، ويڙهڻ، تپائڻ ۽ ڪٽڻ انهن چئن نمونن سان ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته سون قيمتي شيءِ آهي.

پرش (منش) جي پرک، وديا، شيل، ڪل ۽ ڪرم سان ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته پرش سڀني

کان مٿي آهي. گروءَ جي قيمت ته ڪٿڻ کان ئي ٻاهر آهي.

وديا، شيل، ڪل ۽ ڪرم انهن ڇهني جو گيان ڪيئن حاصل ٿيندو، ان لاءِ سوامي جن فرمايو ته:-

❀ شاستر وید ویدانگ پڙهه، پڙهه اتهاس پران،
بوک ڌرم کي شاستر پڙهه، کهه ٿيئون پاگيان.

پرم پرڪاش گرنٿ ۾ ستگرو ٽيئون رام مهراج جن چيو آهي ته "گروءَ کي ڳولڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ ويدن پراڻن، اتهاسن ۽ ڌرم شاسترن جو پڙهڻ بلڪل ضروري آهي."

سوامي جن انهن يورپين کي ايترو سمجهائي چيو ته هاڻي دير ٿي وئي آهي، وڌيڪ سياڻي ٻڌائيندا سون. ايترو چئي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪيو. سڀ پريمي ڀاءُ پرساد وٺي پنهنجي گهر ويا، سوامي جن پوڄن ڪري آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن رات جو نيم موجب ست سنگ شروع ٿيو. ديو گرو وندنا ڪرڻ بعد اوم جو اُچارڻ ڪرائي سوامي جن ساري سنگت کي آسڻ (پاٿولي) ماري

وهڻ لاءِ آگيا ڪئي. ودّيا - اودّيا جي وشيه تي ڳالهائيندي سواميءَ جن فرمايو ته :-

❀ ٽيئون ودّيا پڙهن سي، پڙهڻي سهت وچار،
ڪام، ڪروڌ، مد، لوڀ تج، پائو سوک اپار.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پنهنجي امرت واڻيءَ، پريم پرڪاش گرنٿ ۾ ودّيا بابت لکيو آهي ته ودّيا پراپت ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. منش کي گهرجي ته پوري ڌيان سان ودّيا پڙهي. پڙهيل ودّيا جو وچار نه ڪرڻ سان سڦلتا ڪانه ملندي.

پڙهيل ودّيا جو وچار ڪرڻ سان ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار وغيره چور جيڪي هن شرير ۾ لڪل آهن، اهي ڏسڻ ۾ ايندا، پوءِ انهن کي پڪڙڻ ۾ سولائي ٿيندي. چورن کي قابو ڪرڻ کان پوءِ هيءُ جيو ازغيبي سک شانتي پراپت ڪري سگهندو. ان وشيه تي هڪ ڪٿا ٻڌائي چيو ته :-

راجا ڀوڄ جي راجڌانيءَ ۾ گهڻائي ودوان برهمڻ رهندا هئا. انهن مان هڪڙو برهمڻ تمام غريب هو. غريب هوندي به، هو ڪڏهن کان به ڪجهه ڪين گهرندو هو. لڪي ٻار ٻا گهرن مان پنڻ ويندو هو.

پڻ اُن گهر جي پلا ڪير ڏيندو. غريبي تمام خراب
ٿيندي آهي. "بک بڇڙو ٽول، ڏاڏاه ديوانا ڪري."
سو اُن براهمڻ غريبيءَ کان بيزار ٿي چوري ڪرڻ
جو خيال ڪيو. پر چوري ڪنهن جي ڪريان؟ ان
ڳالهه جو سوچ ويچار ڪري براهمڻ راڄ محل مان
چوري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چوري ڪرڻ جو
پڪو ارادو ڪري رات جي وقت ۾ جيئن تيئن ڪري
راڄ محل ۾ پهچي ويو. محل ۾ پهچي براهمڻ ڏٺو ته
محل ۾ ڏيئا ۽ مشعال ٻري رهيا آهن راجا ڀوڄ پلنگ
تي گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي، نوڪر چاڪر پڻ
گهري ننڊ ۾ سمهيا پيا آهن، ڪپڙا-ڳهڻا، هيرا-
جواهر، سونيون مهرون ۽ ٻيون قيمتي شيون هتي
هتي ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. اهو سڀ ڏسي
براهمڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هاڻي
هتان تمام گهڻو مال چوري ڪندس ۽ تمام وڏو
شاهوڪار ٿي پوندس. ڪنگاليءَ کان هميشه لاءِ
ڇٽي پوندس. سچ پچ براهمڻ سڀ ڪجهه کڻي سگهيو
ٿي، ڇاڪاڻ ته سڀ پهريدار گهري ننڊ ۾ سمهيا پيا
هئا. پر هڪڙو پهريدار سجاڳ هو. اهو پهريدار ڪهڙو
هو، اهو هو اُن جو ئي "شاستر گيان." شاستر گيان
روپي پهريدار براهمڻ جي اندر ۾ جاڳي رهيو هو،
جيئن ئي براهمڻ سونيون مهرون کڻڻ چاهيون ته

"شاستر گيان" براهمڻ کي آگاهه ڪندي چيو ته سون جي چوري ڪرڻ وارو گهور نرڪ ۾ ويندو آهي. پنجن مها پاپن مان سون جي چوري به هڪ آهي. اهڙي طرح براهمڻ جيڪو جيڪو پدارٿ ڪڍيو ٿي پهريدار (شاستر گيان) ان کي آگاهه ڪيو ٿي ته فلاڻي شيءِ چوري ڪرڻ سان فلاڻو پاپ لڳندو، فلاڻو نرڪ ملندو ۽ فلاڻي جوڻ ملندي. براهمڻ ڌرم شاستر پڙهيل هو ان ڪري شيون ڪڍندي ڇڏيندي ڪيس سڄي رات گذري وئي، ڪوشش ڪندي به براهمڻ ڪجهه به چوري ڪري نه سگهيو. صبح ٿيندو ڏسي پڪڙجي پوڻ جي ڊپ کان براهمڻ وڃي راجا ڀوڄ جي پلنگ هيٺان لڪو. ٿوري دير ۾ راڻيون ۽ داس داسيون - امير وزير، سڀ اچي گڏ ٿيا. راجا ڀوڄ جي جيئن ئي اک کلي تيئن پنهن جي سامهون من موهيندڙ نظارو ڏسي سندس مک مان هي اکر نڪتا.

श्लोक :- चेतोहरा युवतय: सुहृदो ऽ नुकूला : ।
सद्बान्धवा: प्रणयगर्भगिरश्च भृत्या: ।
बलगन्ति दन्तिनिवहास्तरलास्तुरङ्गा: ।

مان ڪهڙو نه ڀاڳوان آهيان، ڇا ته منهن جي من کي موهيندڙ چنبل کان به سهڻيون راڻيون آهن. ڇا ته منهن جا من گهريا محبت ڀريا مت - مائٽ آهن،

ڇا ته دل گهريا دوست آهن ۽ سڪ ڀريا سڄڻ آهن، منٺو ڳالهائيندڙ ۽ آگياڪاري داس - داسيون آهن، در تي ڪيترا هاٿي گهوڙا چنگهاڙي ۽ هڻڪارون ڪري رهيا آهن. اهو سڀ اکين اڳيان نظارو ڏسي راجا ڀوڄ خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي. شلوڪ جا ٽي چرڻ ته راجا ٺاهيا پر چوٿون چرڻ نه پئي ٺاهي سگهي. ان ڪري ٿورو منجهي پيو ته شلوڪ ڪيئن پورو ڪريان. راجا چوٿين چرڻ ٺاهڻ لاءِ پڙ پڙ پئي ڪئي ته ايتري ۾ براهمڻ جيڪو سندس پلنگ هيٺان لڪو ويٺو هو، اُن کان رهيو نه ويو، سو اُن هڪدم پلنگ هيٺان ئي شلوڪ جو چوٿون چرڻ پورو ڪندي چيو ته :-

श्लोक :- सम्मीलने नयनयोर्नहि किञ्चिदस्ति ॥

هي راجن! جڏهن اکيون بند ٿينديون، ان وقت هي سڀ من موهيندڙ نظارو، جيڪو اکيون ڏسي رهيون آهن، اُهو هڪدم غائب ٿي ويندو.

راجا ڀوڄ جو پنهنجي شلوڪ پوري ڪرڻ لاءِ چوٿون چرڻ ٺاهي رهيو هو، تنهن جو اهي اکر ٻڌا، سو ڇرڪ ڀري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، ايتري ۾ اهو براهمڻ بـــه پلنگ هيٺان نڪري راجا جي سامهون ٿي بيٺو. راجا ڀوڄ براهمڻ کان محل ۾ اچڻ جو ڪارڻ پڇيو، براهمڻ چيو ته راجن! مان غريب

براهمڻ آهيان، چوري ڪرڻ لاءِ محل ۾ آيو هوس، راجا پڇيو ته پوءِ ڀلا چوري ڇو ڪين ڪيئه؟

راجا جي پڇڻ تي، براهمڻ سچي ڳالهه راجا کي ٻڌائي ڇيو ته راجن! منهن جو "شاستر گيان" مونکي چوري ڪرڻ کان روڪي رهيو هو، تنهن ڪري چوري ڪري ڪين سگهيس.

ايتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن ساري سنگت کي چيو ته شاستر منش جي زندگيءَ جي سچي پونجي آهي. "شاستر گيان" هن منش کي موڪيه تائين پهچائي سگهي ٿو. منش لاءِ شاستر گيان بلڪل لازمي آهي.

ان بعد سوامي جن ساري سنگت کي فرمايو ته اسين سڀاڻ هري پرهزاري ويندا سون، اهو اسانجو پروگرام آهي. ايترو چئي سوامي جن رام نام جي ڌني لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو. سڀ پريمي ڀاو پرساد وٺي پنهن جي جاءِ تي ويا، سوامي جن پڻ پنهنجي جاءِ تي آيا. انهن پورين پڻ سوامي جن کي پرڻام ڪيو ۽ آشيرواد ورتي. سوامي جن ڪين پرساد ڏنو ۽ آشيرواد به ڏني.

انهن پورين پائي ڪرپارام کان هر ڀير هزاري جي اڌ رپس ورتي، پوءِ سوامي جن کان موڪلائي آهي پنهن جي جاءِ تي ويا. سوامي جن ڀوجن ڪري

آرامي ٿيا .

سوامي جن جي گيان، خوبين - خاصيتن، رهڻي، ڪهڻي، ٻهڻي ۽ سهڻي وغيره جو انهن يورپين تي تمام گهڻو اثر پيو هو، ان ڪري انهن يورپين سوامي جن کي گرو ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو، سوامي جن جي هر ڀير هزاري ڀيڇڻ بعد اهي يورپي پڻ ورتل ائبريس موجب ڀڃا ڪندا، سوامي جن وٽ پهچي ويا. سوامي جن کي پنهنجي دل جو حال ٻڌائي ڪين عرض ڪيو ته نام دان جي اسان تي ڪرپا ڪريو، سوامي جن، انهن جي شرڌا - ڀاونا ۽ سمجهه جي شڪتي کي ڏسي ڪين نام جي بخشيش ڪئي. ڪين اهو به تاڪيد ڪيو ۽ نصيحت ڏني ته سدائين سچ ڌرم جي راهه تي هلندا رهجو. اُن بعد اُهي يورپي سوامي جن کان موڪلائي آشيرواد وٺي ٽيرٿ ياترا لاءِ روانا ٿي ويا.

ڀارت جي ورهاڱي بعد انهن يورپين مان هڪڙو ٻيهر جئپور ۾ به آيو هو، سوامي جن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو هو، ان سوامي جن کي ٻڌايو ته اسين فرانس مان لڏي هوانا (ڪيوبا) ۾ وڃي رهيا آهيون. انهن جا خط پڻ سوامي جن وٽ ايندا رهندا هئا. پڇاڙيءَ ۾ اُن جي ساٿيءَ جو هڪ خط آيو هو، اُن ۾ لکيل هو ته توهان جي پياري ڀڳت جو سرڳواس

ٿي ويو، ٿوهان جي باري ۾ ڪافي عجيب غريب
ڳالهيون ٻڌائيندو هو. سرڳواس ٽيڪڻ کان اڳواٽ
پنهن جي چولي ڇڏڻ جي تاريخ ۽ وقت پڻ ٻڌايو
هئائين.

پنجي صاحب ۾ ست ڏينهن رهي سوامي جن ڪيرتن، شاستر ن، گرو، وديا، اوديا، ان دان، وديا دان، موڪيه سک ۽ ٻين وشين تي ست سنگ ۽ شنڪائن جو سماڌان وغيره سنائي ڌرم جو پرچار ڪيو. تنهن کان سواءِ اتي جي ڪيرتن، مندرن جا درشن-سنان پڻ ڪيا.

ان بعد پاڻي ڪرپارام سان گڏ جي سوامي جن هرپر هزاري ۾ آيا، اتي پهچي سوامي جن شاهه جي مندر ۾ ويا، مندر جي پوڄاريءَ سوامي جن کي رهڻ لاءِ ڪٽيا ڏني. پاڻي ڪرپارام ڪٽيا ۾ ٻهاري پائي صاف ڪري آسڻ لڳايو. سڀ لهي چڪو هو. سوامي جن هٿ پير ڌوئي اچا آسڻ تي ويٺا مس ته ايتري ۾ ٻه چار پريمي، جن کي هٿن ۾ لالٽين هو، سي سوامي جن جو پڇائيندا اتي ڪٽيا ۾ آيا. سوامي جن کي پرڻام ڪري ويٺا، خبرون چارون ٻڌائيندي انهن پريمين سوامي جن کي چيو ته اسين ست سنگ ۾ ويٺا هئاسون ته اتي هڪ سڄڻ اچي ٻڌايو ته راولپنڊيءَ رام باغ ۾ جيڪو مهاتما ڪٽا

ڪندو هو، اهو شاهه جي مدد ۾ آيو آهي، سائين!
اسان توهان جو ست سنگ راولپنڊيءَ ۾ ٻڌڻ ايندا
هئاسون. هاڻي توهان جي هت اچڻ جو شڀ سماچار
ٻڌوسون ته توهان جي درشن ڪرڻ لاءِ هليا آيا
آهيون. هت پڻ روز ست سنگ ٿيندو آهي. اڄ
ڪالهه هڪڙو تمام سنو گياڻوان مهاتما آيل آهي، ان
جو ست سنگ هلندڙ آهي. جيتوڻيڪ ست سنگ
جو وقت سماپت ٿيڻ وارو آهي ۽ توهين پڻ ٿڪل
آهيو، تڏهن هوندي به ڪرپا ڪري ست سنگ ۾
هلو ۽ ٻه چار شبد ٻڌائي سنگت کي نهال ڪريو.
توهان جي ست سنگ ٻڌڻ جي اسان کي تمام گهڻي
پياس آهي. پريمين جي پرارٿنا ٻڌي سوامي جن
کين چوڻ لڳا ته چڱو! ايترو توهان جو پريم آهي ته
اسين هلون ٿا. ائين چئي سوامي جن جل پان ڪري
پائي ڪرپارام ۽ پريمين سان گڏجي ست سنگ ۾
آيا. سوامي جن کي ايندو ڏسي، اڳتي وڌي،
شيواداريءَ آسڻ تي براجمان ٿيڻ لاءِ سوامي جن کي
پرارٿنا ڪئي. سوامي جن ڪٿا ڪندڙ سنت ۽
ساري سنگت کي پرڻام ڪري آسڻ تي براجمان
ٿيا. ٻه - ٽي سؤ ماڻهو ست سنگ ۾ ويٺا هئا، مهاتما
پريم سان ڪٿا ڪري رهيو هو، سڄي سنگت پڻ
پريم سان ڪٿا ٻڌي رهي هئي. جيئن ته ست سنگ

جو وقت سماپت ٿيڻ وارو هو، ان ڪري مهاتما ڪٿا
بند ڪري ڏني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو ته
اتري ۾ ٻه چار پريمي آيا، ڪنهن ٻاجو ڪٽي سوامي
جن اڳيان رکيو، هڪڙو پريمي ٻه ولڪ ڪٽي سوامي
جن جي ساهمون وڄائڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو، ڪنهن
ڪنڇهون ڪنهون ٿي، ڪنهن ڪرتالون وڄائڻ لاءِ
ڪنيون ۽ سوامي جن کي ڀڄن ڳائڻ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ
لڳا، سنگت جو پريم ڏسي سوامي جن چوڻ لڳا ته
جيئن ته ستسنگ جو وقت پورو ٿي چڪو آهي،
تنهن هوندي به توهان جو پريم ڏسي هڪ آڌ ڀڄن
توهان کي ٻڌايون ٿا، ائين چئي سوامي جن ٻاجو
کولي سر سان سر ملائي ڀڳت سورداس جو رچيل هي
ڀڄن ڳائڻ شروع ڪيو:-

❀ ڀڄن ❀

ٽل :- اونچي پريم سگائي، سب سي اونچي پريم سگائي.
دريودن ڪا ميوا تياڳي، ساگ ودر گهر کائي.

١- جوٺي ڦل شبري ڪي کائي، بهو ود پريم لڳائي.
پريم ووس نرپ سيوا ڪيني، آپ بني هر نائي.

٢- راجس جگيه يڌشٽر ڪينو، تا ۾ جوٺ اٺائي.
پريم ڪي بس ارجن رٿ هانڪيو، ڀول گئي ٺڪرائي.

٣- آئسي پريت ڪري ٻند راٻن، گوپن ناچ نچائي.

سو ڪروڙ اس ڀوگيه ناهين،
ڪس ود ڪرون ٻڙائي.

مٿين ڀڄن جو ٽوري ۾ ارٿ ٻڌائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ڀڳوان ۽ سنت پريم جا بکيا آهن.

دوهو:- ساڌو ڀوکا ڀاءُ ڪا، اَن ڪا ڀوکا ناهه،
اَن ڪا ڀوکا جو ڦري، سو تو ساڌو ناهه.

ڀڳتي ڀاوَ جا راڳ هجن، سنتن مهاتمائن جي مهما جا ڀڄن هجن يا ناٽڪ، تماشا، سنيما جا گانا هجن، سڀني مان هڪڙو ئي آواز ٻڌڻ ۾ ايندو، پريم! پريم!! پريم!!! ماڻهو ته ڇا پر پشو پکين کي به پريم پسند پوندو آهي.

हरि व्यापक सर्वत्र समाना, प्रेम ते प्रगट होहिं मैं जाना ।

هر هنڌ حاضر هوندي به، پرڀو پرماتما پريم ئي ئي پرگهٽ ٿيندو آهي. جڏهن پريم جان (ساه وارن) ۽ بيجان (بنا ساه وارن) پدارٿن، هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن جي حدن کان ٿي پار پوندو آهي. تڏهن اهو ڀڳتي ۾ بدلجي ويندو آهي. اها ڀڳتي ٻڻ گهڻيءَ پرڪارن جي شاسترن ۾ چيل آهي، پر خاص ڪري ٽن قسمن جي ڀڳتيءَ جو بيان گهڻو ڪيو ويو آهي. جيئن ڀڳوان، من اندرين جي پهچ کان پري آهي، تيئن ڀڳتي به من اندرين جي پهچ

ڪان پري آهي. جيڪو به من ۾ الھ رٻن جي آڪرشڻ
شڪتيءَ (چمڪ جي شڪتي) ڪان مٿي ٿيندو
اهوئي ڀڳتيءَ کي حاصل ڪري سگهندو. ڀڳتيءَ
جي اِتهاس جا ورق ورائيندي سوامي جن فرمائڻ
لڳا ته ڌرت راشٽر جي پٽر دريوڌن جا ڇٽيهه قسمن
جا امرت جهڙا سوادي راڄسي ڀوڄن ڇڏي، ڀڳوان
شري ڪرشن مهراج ڀڳت ودر جي گهر وڃي ڪيلن
جون کلون ۽ الوٽو ساڳ کاڌو، ڀيلڻيءَ جا جوٺا ٻير
کاڌا، سدامي ڀڳت جا ڪچا چانور کاڌا، ارجن جو
رٿ واهي ٻڌي رٿ هڪليو، پانڊون جي يگيه ۾
جوٺيون پاتلون کڻيون، برج ۾ گوپن ۽ گوپين ان کي
مکڻ ۽ ڏڌ لئي نچايو. ڀڳت سورداس جن فرمائين
ٿا ته ڀڳوان انهن ڪمن جي لائق ٿورو ئي هو، پر
پريم جي وس ۾ ٿي ڪري ڀڳوان اهي سڀ ڪم
ڪيا. ڀڳوان جي مهما ڪهڙي ڪري ڪجي؟
اِيتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا ته هي سڀ
توهان پريمين جي پريم جو پرتاپ آهي، جو توهان
جي پريم کي ڏسي هت سنت مهاتمائون اِيندا رهن
ٿا ۽ ٻڌهن جي امرت ڀريل واڻيءَ جي ورکا ڪندا
رهن ٿا. اسان جا ته ڀاڳ چڱا جو هت اچڻ سان
سنتن جو درشن ٿيو آهي. سنتن جو درشن وڏن
ڀاڳن ۽ پڻن جي پرتاپ سان ملندو آهي. سنت ملڻو

جڻ ڀڳوان مليو.

❀ سنت رام ۾ ڀيد نهين، سنت رام سوروپ،
ڪهه ٽيئون رمت رام ڪو ڀئي رام ڪي روپ.

مٺيون ڏوهرو چئي سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته توهان جو پريم ڏسي اسين تمام گھڻو خوش ٿيا آهيون. جيئن ڀاڄ جو چنڊ وڌندو ۽ روشني وڌائيندو ويندو آهي، تيئن توهين پڻ هن پريم جي پرڪاش کي وڌائيندا رهجو. آئي وئي ساڌ و سنت، مهمان - مسافر، جي سک پريم سان شيوا ڪندا رهجو، ايترو چئي سوامي جن اچا ٻس مس ڪئي ته مهاتما، جنهن پهرين ڪٿا ٻئي ڪئي، اهو آٽالو ٿي جوش ۾ ٻرجي ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته هن سنت ويدانت ٿي ته ڪجهه به ڪونه ٻڌايو، رڳو ٿوري گھڻي پريم جي ڪٿا ۽ ڀڄن ٻڌايو. توهان سڀ ان وهڪري ۾ وهي ويا ۽ نچڻ ٽپڻ لڳا، پر هي ڪم ته ميراسن جا آهن. ڀلا، توهان کي ٻه کهڙي خبر ته ويدانت ڇاکي چئبو آهي. ”ڏين اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا.“ مون سمجھو هو ته توهان کي ويدانت سمجھه ۾ ايندو هوندو، پر ”ڏٻي ۾ ٽڪريون.“ توهان کي خبر هجڻ گھرجي ته ڪنجري - ڊيولڪ، باجا بوجا، ڪنجهون - ڪرتالون وغيره کڻي ڳائڻ وڄائڻ، نچڻ ٽپڻ، تال ٺول ڪرڻ،

ميراسن جا ڪم آهن. اهي ميراسي گهڻين هزارن
ڳائڻ ۾ جتي ڪٿي ڳائيندا وڄائيندا گهمندا آهن.
ڳائي وڄائي پيٽ پاليندا رهندا آهن. هنن ميراسن
جو نڪو گهر نڪو گهاٽ، نڪا ذات نڪا پات پر
سنت مهاتمائون ۽ شيرن وانگر گجندا آهن. ويدانت
جي ورڪا ڪندا آهن. ڀلا هي ميراسي ويدانت مان
ڇا ڄاڻن، ميراسن کي ڪهڙي خبر ته ويدانت وديا،
برهم وديا، آتم وديا، ڇا ٿيندي آهي. هن ميراسيءَ
ته اجايو وقت برباد ڪري ڇڏيو، اجايو دير ڪري
ڇڏي. چڱو هاڻي جلدي پرساد ورهايو. مهاتما جا
عجيب ٻول ٻڌي ساري سنگت اچرج ۾ پئجي وئي
پر ڪير به ڪجهه ڪين سگهيو، مهاتما جي آگيا
ٻڌي پريمي پرساد ورهائڻ لاءِ اٿيا. اهو ڏسي
سوامي جن جتي ويٺا هئا اتي ئي هڪدم اٿي بيٺا
۽ ٻانهن مٿي ڪري ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته
ٿورو ترسو ۽ ٻڌو! مهاتما جيڪي ڳالهايو، اهو بلڪل
سورهن آنا سچ آهي. يولڪ ٻاجا ٻوجا ڪٽي ڳائڻ
وڄائڻ برابر ميراسن جو ڪم آهي. بلڪل سهي آهي.
ميراسي ڀلا ويدانت مان ڇا ڄاڻن.

اسين به گهڻيئي ملڪ گهميا آهيون ڪافي سفر
ڪيو آهي، اڄ سوڌو ڪنهن به اسان کي ڪين سڃاتو
آهي. پر اڄ هن مهاتما اسان کي جيئن جو تيئن

سچائي ورتو آهي، تنهن ڪري اسين هن مهاتما جا
تهدل شڪرگذار آهيون، جنهن نه هاڻي منهنجي
ذات ظاهر ڪي چڪي آهي، تنهن ڪري مان پنهنجي
ذات لڪائڻ نٿو چاهيان، هاڻي توهان کي کولي ٿو
ٻڌايان، توهان ڌيان سان ٻڌو.

مان سچ پچ ميراسي آهيان، ان ۾ ڪو به شڪ
ڪونه آهي. پر مان گهٽ گهراڻي جو ميراسي ڪونه
آهيان، مان تمام اوچي ڪل وڏ گهراڻي جو ميراسي
آهيان، جنهن ڪل ۾ اسان جو جنم ٿيو آهي ان وانش
جي مهما، ديو- گنڌرو، ڪنر، يڪيه، راڪش،
دئيت- دانوَ، رشي مني، منش ويد منترن سان
رات ڏينهن ڳائيندا رهن ٿا، تڏهن به ان سناتن
ميراسيءَ (جنهن ڪل ۾ مان پيدا ٿيو آهيان.) جو پار
پائي نٿا سگهن. سنت- مهاتما به ويد پراڻ شاستر
پڙهي ٻڌي ڪري ان موجب اُن سناتن ميراسيءَ
جي ڪٿا ڳائي ۽ ٻڌائي رهيا آهن، هر هڪ ماڻهو ۽
هر هڪ جيو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ان سناتن
ميراسيءَ جي مهما ڳائي رهيو آهي، هيءَ مهاتما
جيڪو توهان جي سامهون آسڻ تي براجمان آهي،
ان پڻ ويدانت جي طريقي سان توهان کي ان سناتن
ميراسيءَ جو گيان ٻڌايو، ان ميراسيءَ جي ديادرشٽيءَ
سان هيءَ مهاتما، مان، توهين ۽ سڀ جيو، سو پيا

پاڻي رهيا آهن. هاڻي ٻڌو ته توهان کي ٻڌايان. مان ڀڄن جي ولش جي پرمپرا - ته ڌيان سان ٻڌجو. اِئين چئي سوامي جن باجي تي هٿ رکي ڪيرتن شروع ڪيو. ساز ۽ آواز هڪ ٿيڻ لڳو، تار سان تار ملي هڪ ٿي، تال سان تال ملڻ لڳو، سڀ ساز وڄڻ لڳا، بس! رام جپو هر وار، من رام جپو، ۽ ڪرشڻ يجر - ويديه. ڪلي سنترڻو پنشد.

कृष्णयजुर्वेदीय कलिसंतरणोपनिषद् جي مها منتر، هري رام هري رام، رام رام هري هري، هري ڪرشڻ هري ڪرشڻ، ڪرشڻ ڪرشڻ هري هري. جون ته نيون گونجڻ لڳيون. پنج منٽ ته اِي چوائڻ کان پوءِ سوامي جن هي ڀڄن شروع ڪيو:-

* ڀڄن راڳ جوڳ *

تل :- ساز لي، گاوي ري گاوي.

١- ليڪر وڻا نارد گاوي، شنڪر ليڪر ڏمرو.
ليڪر ستار شارد گاوي، وشڻو شنک سناوي.

٢- د وبه ساز لي سر پت گاوي، لي پستک شک وياسا،
شش ناگ پي سهسر مک سي، سهس نام ته ن لاوي.

٣- ليڪر مرلي موهن گايا، گوپي گوپ ٻلا ڪي،
ڪدر گندرو رل مل گاوت، مرد نگه منگهه ٻڄا وي.

٤- ليڪر کنجري گورک گايا، ميرا لي اڪتارا،

ليڪن تنبور ڪبير گايا، ناما ڄهانجهه ڄهناوي ۔

٥- سورداس لي ڪنڌهيان گايا، تلسي مالا ڦيري ،

لي رباب مردالي گايا، نانڪ نام جپاوي.

٦- ليکن ڍولڪ نرسي گايا، جمنڊ ڍولي چوتارا،

ڍول بجاڪر ڀڄي گايا، تاپا توپسر پاوي ۔

٧- انسي جن جن هرگڻ گايا، تان پرمڻ بلهاري ،

داس نيڻون ڀي لي اڪتارا، گاوت ڏوم مچاوي.

هيڏانهن سوامي جن جو سريلو آواز هوڏانهن ساز ن جو سريلو آواز ، ساري سنگت ڪيرتن جي مستيءَ ۾ جهومڻ لڳي ، جنهن وقت جيڪو ساز هو سو وڄائڻ لڳو، تانڀورن ۽ تار ۾ وڄڻ لڳيون . ڪنهن کي به وقت جي خبر ڪانه رهي ، وچ وچ ۾ سوامي جن ارٿ به پڌائيندا ٿي ويا. ته ديو رشي نارد ويڻا وڄائي ، نر ليتر ڌاري پولي ينباريءَ ۾ ڊمرو وڄايو، (ڀڳوان شوَ جو تانڊو نرتيه دنيا ۾ مشهور آهي.) واڻيءَ جي ديوي ماتا سرسوتيءَ ستار وڄائي ، ڀڳوان وشڻو شنکه وڄايو، ڪنر ن ، گندرون ودياڌر ن، ديوراج اندر ۽ ٻين ديوتائن اپسرائن ٻنهن جا ٻنهن جا دونه (عجيب) ساز وڄايا، شيش ناگه ٻنهن جي هزار زبان سان راڳ ڏينهن ان سناتن مهراسيءَ جي استتي ڪندو رهي ٿو. ٻانس جي بنسري بالڪ ڪرشڻ وڄائي ، وانر ڪرشڻ شنکه وڄايو، اهو به

اسان جي ڪل ۾ ميراسي هو، گرو گورکناٿ ڪنجري وڄائي، ميرا ٻائي ۽ ڀڳت سورداس، گوسوامي تلسيداس، سنت ڪبير مهراج، گرو نانڪ ديو مهراج، سنت پالي، مڙدائي، سنت نامديو مهراج، سنت چتنيه ديو مهراج، سنت ناڀاداس مهراج، سنت پيپي مهراج، ڀڳت نرسي مهتا وغيره گهڻئي سنتن ڀڳتن پنهن جا پنهن جا ساز وڄايا آهن. منهن جي گرو ۽ پڻ يڪتارو ڪٽي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪيرتن جي موج مچائي آهي. اهي سڀ ميراسي هئا. گرو مهراج پڻ ميراسي آهن. هي مهاتما پڻ ميراسي چوائڻ کان بچي نه سگهندو. برابر هڪ ڪلاڪ ڪيرتن هليو.

جيڪو انسان، ڌن - دولت، مان، وڏائي، جس، عهدو، حاصل ڪرڻ جي مراد رکي ٻين ست سنگ، ڪٿا ڪيرتن، هون يگيه، دان - پن، ورت نيم وغيره شڀ ڪرم ڪري ٿو ته اهي سڀ بيڪار آهن. اهو انسان پنهن جي پاڻ کي نه دوکو ڏئي ٿو، ديش سماج کي به دوکو ڏئي ٿو، پاڻ به ڪڏ ۾ ڪري ٿو ته ٻين کي به ڪڏ ۾ ڪيرائي ٿو، پاڻ ته ڏبڻ ۾ ڦاسي ٿو، ۽ ٻين کي ڏبڻ ۾ ڦاسائي ٿو. پر جيڪو انسان ڀڳوان جي درشن ڪرڻ جي مراد رکي مٿيان سڀ شڀ ڪرم ڪري ٿو ته اهو پاڻ ته تري ٿو، پر ٻين کي به تاري ٿو. ائين شاستر چون ٿا.

سوامي جن جو ڪٿا ڪرڻ پڪي ثبوت سان هو، ڪاڻ ته من گهڙت ڳالهه ڪانه هئي، نه ڪا ڪنهن متن جي ڳالهه هئي، سندن اصلي مراد هئي ايشور درشن ڪرڻ جي ۽ ٻين کي به ايشور درشن ڪرائڻ جي.

ست سنگ بند ٿيڻ کان پوءِ به ساري سنگت پٿر جي مورتن وانگر ويٺي رهي. سوامي جن جو ڪيرتن مهاتما به ڪن ڏيئي ٻڌي رهيو هو ۽ سمجهي رهيو هو، مهاتما پاڻ به پڙهيل گيان وان هو. من ئي من ۾ پنهنجي غلطي محسوس ڪري ست سنگ بند ٿيڻ تي ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته سوامي جن جيڪي چيو اهو سڀ سچ آهي، مان پڻ ميراسي آهيان، اها ڳالهه مان منظور ڪريان ٿو، اهي سڀ ڳالهيون جيڪي سوامي جن ٻڌايون آهن، اهي سڀ مون پڙهيون آهن. فرق رڳو اهو آهي جو مون گر ڀڳتي ڪانه ڪئي آهي. ان ڪري مان سمجهي نه سگهيس سوامي جن پورڻ گر ڀڳت آهن. ويد ويدانت کي ڄاڻندي به، هيءُ گيان جيڪو سوامي جن ٻڌايو آهي، اهو گر ڀڳتيءَ کان سواءِ ڪونه ٿي سگهندو. اهو سچ آهي، منهن جو سوامي جن کي پرڻام آهي. مان سندن تمام گهڻو شڪرگذار آهيان، جو تن اڄ مون کي آتم گيان جي پراپتي ٿي آهي. مهاتما جا

وچن پڙهي سواميءَ جن ٻنهي مهاتما کي ارشاد ڪندي
چيو ته، توهان جهڙو جيون سڦل آهي. ان کان پوءِ
سواميءَ جن ساري سنگت کي چيو ته، توهان جو پريم
ڏسي اسين تمام خوش ٿيا آهيون، اڄ ته اهڙو
لڳ آهي. سڀاڻي کان جيڪو پروگرام هوندو اهو
توهان کي ٻڌايو ويندو. ايترو چئي سواميءَ جن بس
ڪئي. ان کان پوءِ ڀائي ڏرمچند ۽ ڀائي ديوچند
ٻئي اچي پيا ۽ ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته، جڏهن
جنم جنمن جا ڀاڳ جاڳندا آهن تڏهن سنتن مهاتمائن
جا درشن ٿيندا آهن. اسان جا پڻ ڀاڳ جاڳيا آهن
جو اهڙن سنت پرشن جا درشن نصيب ٿيا آهن.
سنتسنگ جي پروگرام جي سوچنا ڏيندي ڀائي
ڏرمچند جن چيو ته، سڀاڻي سنڌين منڊر جي ٻاهران
سنتسنگ منڊپ ٺاهيو ويندو، اتي رات جو آٺين
بجي کان وٺي ڏهين بجي تائين سوامي سرواننڊ مهراج
جن جو ڪٿا ڪيرتن ٿيندو، سڀ پريمي اچي وقت سر
پهچي ڪري سنتسنگ جي شوڀا وڌائيو ۽ منش جنم
کي سڦل بڻائيو، اسين سڀو پنڊ واسي ڪري شهر
۾ سوچنا پڻ ڏيارينداسون. سوچنا ٻڌي ڪري
سڀئي سنگت خوش ٿي ۽ پاڻ پرساد وٺي پنهنجي
گهر ويئي. سواميءَ جن پنهنجي ڪٽيا ۾ اچي
آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوامي جن سوير اٿي ڏندڻ پاڻي سنان ڪري باغيچي ۾ گهمڻ هليا ويا، اتي گهمي ڦري ڪٽيا ۾ آيا، ٿوري دير کان پوءِ مندر جو پرمکه (سيٺ) ۽ ٻيا ڀڳتي سوامي جن وٽ آيا، خبرون چارون ڏيڻ وٺڻ بعد انهن ڀڳتن پوڄن لاءِ عرض ڪيو، ڀڳتن جي پرارٿنا مڃي سوامي جن آتن ڏينهن لاءِ پوڄن سويڪار ڪيو، ان بعد سوامي جن پوڄن ڪري آرامي ٿيا، ڀڳتي پنهن جي گهر ويا.

شام جو ڀائي ڌرمچند، ڀائي ديوچند ڀائي هريرام ۽ ٻه چار ٻيا ڀڳتي گڏجي سوامي جن وٽ آيا، سوامي جن ڀائي ڪرپارام ۽ ٻين سان گڏجي شام جي سير لاءِ گهمڻ نڪتا، گهمندا ڦرندا شهر جي مکيه بزار ۾ آيا، مکيه بزار جي ٻنهي پاسن کان مٺي ۽ صاف ستري پاڻيءَ جا واهه وهي رهيا هئا، واهن جي ٻنهي ڪنارن تي گلن ڦلن جي گلزاري لڳي پئي هئي، مکيه دروازن جي اڳيان ٻڻ قسمين قسمين گلن ـ ڦلن جون ڦلواڙيون هيون، انهن جا گل ـ ڦل ٽڙي ـ ڪڙي چئني طرف خوشبوءِ ڦهلائي رهيا هئا، سڄي شهر کي خوشبوءِ دار بڻائي رهيا هئا، سوامي جن شهر جي سونهن ڏسندا، گلن جي سرهاڻ وٺندا وڃي درياهه جي ڪناري تي پهتا. درياهه ۽ قدرت جو سهڻو نظارو ڏسي، گهمي ڦري موٽي جاءِ

تي آيا.

هوڏانهن پريمي ستسنگ جي منڊپ جو پورو بندوبست ڪري اچي سوامي جن کي اٿي هلڻ لاءِ عرض ڪيو، سوامي جن تيار ٿي پريمين سان گڏجي ستسنگ منڊپ ۾ آيا. کين ايندو ڏسي سڀئي سنگت اٿي بيٺي ۽ جئه جئه ڪار جي بلند آواز ۽ تاڙين سان سوامي جن جو سواگت ڪيو، سوامي جن جي آسڻ تي براجمان ٿيڻ بعد سڀئي پريمي کين گلن جون مالهائون ارپڻ ڪري، پرڻام ڪندا وڃندا ويا، پوري وقت تي ستسنگ شروع ٿيو، پهرين پريمين ڪيرتن ڪيو. ان بعد سوامي جن ستسنگ شروع ڪيو. پهرين ديو، گروءَ جي وندنا ڪري ساري سنگت کي چيو ته سڀئي پاٿولي ماري ويهو. ان بعد سوامي جن اوم جو اچارڻ ڪري چيو ته هر هڪ منش پنهنجي من کي پاڻ سمجهائي، سنت، گرو ۽ ڀڳوان توهان جي سهائتا ڪندا. ڪن ۽ من ڏيئي ڪٿا ٻڌو. ائين چئي سوامي جن، چوڙالا جي ڪٿا جو پرسنگ ڪوتا ۾ ڳائڻ شروع ڪيو:-

❀ ڌن ڌن ساڌو سنگم هئه، سڀ ڪا ڪرت آڌار،
سر ٽر من جن چاهئي، ساڌو ڪا ديدار.

❀ ساڌو مهما نا ڪو ڄاڻي، ساڌو اڳوپ اڳوپا هئه،
سنت هري ۾ ڀيد نه ڪوئي، ساڌو برهم سروپا هئه،
سنت سماگم جو ڦل ملتا، اور نه ملتا ڪا نهين جي،
جو جو من ۾ چاهت سو ليي، ملتا ستسنگ مانهين جي،
جبي ڄنو ڪي جنم جنم ڪي،
پڻيه سرو آ ڦلتي هئن،
تبي اسي سنسار ڪي مانهين،
سنت سماگم ملتي هئن.

سوامي جن فرمايو ته ستسنگ جي پرتاپ سان راڻي چوڙالا ٻڌن جي پتيءَ جو اڌار ڪيو هو، اچو ته اسين سڀ گڏجي ان ستسنگ کي سمجهڻ ۽ پراپت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريون. اهو "ست" ڇا آهي! ڪٿي آهي!! ان جو سنگ ڪيئن ڪجي؟ اهو ڪيئن پراپت ٿيندو؟ ست جي معنيٰ آهي سچ. سچ جي سنگ کي ستسنگ چئجي ٿو. سچ جي بابت شري پراڻ ۾ مهرشي ويد وياس ۽ بال رشي سنت ڪمار جي وچ ۾ هليل ڳالهه ٻولهه جو بيان ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته :-

लोक :- सत्यमेव परं ब्रह्म सत्यमेव परं तप: ।
सत्यमेव परो यज्ञ: सत्यमेव परं श्रुतम् ।।

श्लोक :- सत्यं सुप्तेषु जागर्ति सत्यं च परमं पदम् ।
सत्येनैव धृता पृथ्वी सत्ये सर्वं प्रतिष्ठितम् ।।

श्लोक :- सत्यमाहुः परं धर्मं सत्यमाहुः परं पदम् ।
सत्यमाहुः परं ब्रह्म तस्मात्सत्यं सदा वदेत् ॥

سچ ئي برهم آهي، سچ ئي تپ آهي، سچ ئي شاسترن جو گيان آهي. سچيل ماڻهن ۾ سچ ئي جاڳندڙ رهندو آهي. سچ ئي پرم پد آهي، سچ جي آڌار تي ڌرتي بيٺل آهي، تپ، يگيه، دان - پنج، رشي - مني، ديوتا، وديا، پتر، منتر، سرسوتي، برهم چريه، سرڳ وغيره سڀني جو آڌار سچ آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ شبهه ڪونه آهي. ديوتا، پتر، منش، ناگ، راڪش سڀئي سچ ڪري ئي خوش رهن ٿا. ويدن جو پالڻ ۽ تيرٿن جو سنان پڻ سچ جي ڪري سولائي سان ٿي سگهي ٿو، اونڪار پڻ سچ جو روپ آهي. سچ جي ڪري هوا لڳي ٿي، باهه ٻري ٿي ۽ سورج تپي ۽ پرڪاش ڪري ٿو، سڀ ڪجھ سچ تي ٽڪيل آهي. سچ کي ئي ڌرم چيو ويو آهي. ڌرم روپي امرت ڀڳوان شري ڪرشڻ مهراج ارجن کي پيارو آهي. "گيتا آڌيا ٻارهون." سچ کي ئي پرم پد چيو ويو آهي، سچ کي ئي پربرهم پرماتما چيو ويو آهي. ان ڪري سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي. سچ ۾ ئي سڀ پنج ۽ سک لڪل آهن ۽ ڪوڙ ۾ ئي سڀ پاپ ۽ ڏک لڪل آهن.
"سچ نه ٻيڙو ٻڏي" - "ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ."

اهڙو ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا ته اهو سچ هر هڪ جيو سان گڏ آهي. جڏهن هيءُ جيو ان سچ کي حاصل ڪري ٿو تڏهن هن جيو جا سڀ سنساري ٻنڌڻ کلي پون ٿا ۽ اهو هڪ عجيب آنند محسوس ڪري ٿو.

❀ ستسنگ اس سنسار ۾، ٻڙا س تيرٿ جان،
ڪيتي تيرٿ نهائڪي، پايا پد نربان.

اسڪند پراڻ ۾ مهرشي اگست جن جي واڻي آهي ته :-

श्लोक :- सत्य तीथं क्षमा तीथं तीर्थमिन्द्रियनिग्रह.।
सर्वभूतदया तीथं तीर्थमार्जवमेव च ।।

श्लोक :- ज्ञानं तीथं धृतिस्तीथं तपस्तीर्थमुदाहृतम् ।
तीर्थानामपि तत्तीथं विशुद्धिर्मनस: परा ।।

سچ ٿي تيرٿ آهي. ڪميا ڪرڻ به تيرٿ آهي. اندرين کي وس ۾ رکڻ به تيرٿ آهي. سڀني جيون تي دَيا ڪرڻ به تيرٿ آهي. ساد و سياءُ به تيرٿ آهي. گيان، ڌيرج ۽ تپ به تيرٿ آهي. سڀني تيرٿن ۾ وڏي ۾ وڏو تيرٿ آهي انتهڪرڻ جي شڌي. پويترتا يا اوجلتا. من، ٻڌ، چت ۽ اهنڪار اهن چئني کي انتهڪرڻ چئجي ٿو. ستسنگ روپي تيرٿ ۾ ٽٻيون لڳائي اجاميل ۽ گڻڪا جهڙا ڪيترائي

پاپي جهڙو پويتر - موڪش ٿي ويا .

جيتوڻيڪ تيرٿن ۾ سنان ڪرڻ سان پاپي به پويتر ٿي وڃن ٿا،

श्लोक:- यो लुब्धः पिशुनः क्रूरो दाम्भिको विषयात्मकः।
सर्वतीर्थेष्वपि स्नातः पापो मलिन एव सः॥

پر جيڪو اندر جو ڪارو، دل جو کوٽو آهي جيڪو لوڀي آهي، جيڪو چغلخور آهي، جيڪو نردئي آهي ۽ جيڪو غليظ غذائن (ڪنين عادتن) وارو آهي، اهو جيڪڏهن سڀني تيرٿن ۾ سنان ڪري ڇڏهن به پويتر ٿي نٿو سگهي . پر اهو به ست سنگ روپي تيرٿ ۾ سنان ڪرڻ سان پويتر ٿي وڃي ٿو .

شبد معنيٰ آواز، ڳالهائڻ جا به گهڻئي نمونا ٿيندا آهن . شبد کي برهم به چيو ويو آهي . شبد برهم به آهي ته وشيه به آهي . شڪايت، چغلي، گلا، ساراهه وغيره وغيره شبد جا ٻيا به گهڻائي نمونا ٿي سگهن ٿا .

هر هڪ شبد کي پنهن جي پنهن جي معنيٰ آهي .

"چغلي" پنهن جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي کي بدنام ڪرڻ لاءِ اُبٽيون - سبٽيون ڳالهيون ڪرڻ وڏن ماڻهن جا ڪن ڀرڻ، مرچ مصالحا وجهي ٺاهي جوڙي ڳالهه ڪرڻ . اهو به چغليءَ جو هڪ قسم آهي .

"گلا" ٻئي کي پاڻ کان وڌيڪ وڏو ۽ وڌيڪ وڌندو ڏسي سهي نه سگهڻ، ڪنهن جي ڪڌن ڪرتوتن (خراب ڪرمن) کي ظاهر ڪرڻ. اهو به گلا جو هڪ قسم آهي.

"ساراهه" ٻئي جي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي مشهوري ڪرڻ ۽ سٺن لڇڻن کي ظاهر ڪرڻ. اهو به ساراهه جو هڪ قسم آهي.

"شڪايت" ٻئي جي مٿان ٿيندڙ ظلمن ۽ ڪنياءَ (انياءَ) کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ دانهن ڪوڪ ڪرڻ.

ساراهه، گلا، شڪايت ۽ چغلي اهي سڀ ڪوڙيون به ٿي سگهن ٿيون، ته سچيون به ٿي سگهن ٿيون. ساراهه ۽ گلا ٻئي هڪ شيءِ جا ٻه پاسا آهن.

گلا، چغلي ۽ نڪتہچيني، انهن ٽنهي ۾ راز ٻڌل آهي. انهن ٽنهي کان لوڀي، لالچي ۽ مطلبي ماڻهو تمام گهڻو ڏڪندا آهن، ولئہ ويندا آهن، پر اهي ساراهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندا آهن.

श्लोक:- अभिमानं सुरापानं गौरवं रौरवं समम् ।
प्रतिष्ठा सूकरीविष्ठा त्रयं त्यक्त्वा हरिं भजेत् ।।

شاستر چون ٿا ته ايمان (ٻانور) شراب وانگر آهي، وڏپڻ حاصل ڪرڻ رورو نرڪ وانگر آهي ۽ مان وڏائي سوئر جي وشٽا (ڪاڪوس) وانگر آهي.

سياڻا ماڻهو ٻئي جي نندا ۽ نڪتہچيني ٻڌي

خوش ٿيندا آهن - جيئن ته :- پرم ام پرڪاش گرنٿ .

❀ भजन राग कोह्यारी ❀

फिठ पगड़ी जुठ जामा पाकर,
पाप सर्व मैं धोया, सुख घर सोया ।। टेक ।।
लोक निन्दा की नाव बनाए, बदनेकी का भार चढ़ाए ।
पार द्वन्द्व से होया सुख घर सोया ।। १ ।।
पाय गिला का गल में घांघा, छोड़ा लोकों का आसांगा ।
हरि आरामी होया, सुख घर सोया ।। २ ।।
खिटपिट की मैं बांधी, धोती, महने ताने के कर मोती ।
सुन्दर हार पिरोया, सुख घर सोया ।। ३ ।।
कहे टेऊं मैं भया निराला, खुद मस्ती का पी कर प्याला ।
तीन लजा को खोया, सुख घर सोया ।। ४ ।।

❀ निंदक नीयरे राखिये, आंगन कुटी छवाय ।
बिन पानी साबुन बिना, निर्मल करे सुभाय ।।

” گلا “ تمام سٺي آهي ، عام ماڻهن کي دوکيبازن کان هوشيار ڪري ۽ بچائي ٿي . خود کي به خراب ڪرڻ کان بچائي ٿي .

” ساراهه “ عام ماڻهن کي دوکيبازن جهڙي چنبي ۾ ڦاسائي ٿي ۽ خود کي به ٻوڙي ٿي ، ساراهه کي گلا کان هزار بار خطرناڪ سمجهڻ گهرجي .

جيڪي ماڻهو گلا خور ، چغلخور ۽ ساراهه ڪندڙ

آهن، سمجهو ۽ سياڻا ماڻهون انهن جون ڳالهيون ٻڌي انهن تي غور ۽ ويچار ڪري پوءِ قدم کڻندا آهن.

شڪايت (دانهن - ڪوڪ) ضرور ڪرڻ گهرجي. مکي، چوڌري، پنچائت، وڪيل، جج ۽ عدالتون وغيره سڀ دانهن - ڪوڪ ٻڌڻ لاءِ ئي ٺاهيون ويون آهن.

جڏهن جڏهن ڌرتيءَ تي ظلم ٿيا آهن تڏهن تڏهن ڌرتي ماتا پڻ ڳئو جو روپ ڌاري برهما ۽ وشنو ڀڳوان وٽ دانهن کڻي وئي آهي. راڪسن جي ظلمن جي دانهن رشين - منين ڀڳوان شري رام کي ڏني آهي. ايوڌيا پريءَ ۾ رام دربار ۾ هڪ ڪتي به ڀڳوان شري رام کي دانهن ڏني آهي، دانهن اهو ڪندو آهي جنهن تي ظلم ٿيندو آهي. جنهن سان انياءَ ٿيندو آهي. دانهن ڏيڻ ڪو پاپ ڪين آهي. نڪا ڪا ڪنهن جي نندا آهي ۽ نڪا چغلي آهي. دانهن ٻڌڻ اهو ثواب جو ڪم آهي. پر جيڪو دانهن ٻڌو ٻڌي يا ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ٿو ڇڏي يا پاسخاطري ٿو ڪري ته ان جا سڀ ڪرم ڌرم ناس ٿي وڃن ٿا، اهو گهور نرڪن ۾ وڃي پوي ٿو، نرڪن جا دک ڀوڳي، تنهن کان پوءِ نيچ جوڻين ۾ جنم وٺي ٿو ۽ ان جوڻ ۾ زندگيءَ ڀر دک ڀوڳيندو رهي ٿو.

श्लोक :- यस्य हस्तौ च पादौ च मनश्चैव सुसंयतम् ।
विद्या तपश्च कीर्तिश्च स तीर्थफलमश्नुते ।।

جنهن جا هٿ - پير ، من ، وديا ، تپ ۽ ڪيرتي (جس) وغيره سڀ وس ۾ آهن ، مطلب ته جنهن منش انهن سڀني کي پنهنجي وس ۾ رکيو آهي ، اهو ئي تيرٿن جي ڦل کي پائي سگهي ٿو. جيڪو به پنهنجي من کي سچ جي تيرٿ ۾ سنان ڪرائيندو اهو ئي موکيه پائيندو.

❀ ست سنگ سم سادن نهين ، جانو اس جگ مانهه ،
ورت نيم جپ جوگ تپ ، پهچ سڪت نهه تانهه.

جيتو ٽيڪ يگيه ، دان ، ورت ، نيم ، جوڳ ، جپ ، تپ ، وغيره گهڻيئي اپاءَ آهن پر اکنڊ آنند کي پراپت ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي اپاءُ آهي ، اهو آهي ستسنگ.

❀ سنت ديدار ڪئي پر جو ڦل ،
سو ڦل اور کهون نهين مالي.
تيرٿ پاد سروج لکي تج ،
پاون نير س ويد بکاني.
جو جن جاءِ سنان ڪري ،
ڪل پاپ ٽري تج آپ پڇاني.
ايڪ گهڙي ست سنگت ڪو ڦل ،
ڪوٽ ڦري مل ڪوئي نه جاني.

श्लोक :- सत्सङ्गो दुर्लभोऽगम्योऽमोघश्च ।

سچ جو سنگ ڏاڍو دُرلڀ آهي. ان ست کي جيڪو به پراپت ڪري ٿو، ان کي سنت، سادو، ڀڳت مهاتما وغيره چيو ويندو آهي، ان جي سنگ ڪرڻ سان هن جيو کي جنهن آتم ڦل جي پراپتي ٿئي ٿي، اهو ڦل ٻئي ڪنهن به اپاءَ سان پراپت نٿو ڪري سگهجي.

جنهن منش جي دل ۾ ٻيائي ڪانه آهي، جنهن جي دل ۾ ڪوڙ ڪپٽ، ڇل، ول وڏائي، ڏيکاءَ وغيره ڪونه آهي، جيڪو سادي سڀاءَ جو آهي، سچار آهي ۽ داتار آهي، جنهنجي دل درياهه آهي، جنهن جو پنهن جي من، اندرين تي پورو پورو قبضو آهي، جنهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ موهه وغيره وڪارن تي سوڀ پاتي آهي، جنهن کي ڪابه اڇا (گهرج) ڪانه آهي. اهڙي سنت جي درشن، ستسنگ ۽ چرڻ ڌوڙيءَ مان پراپت ٿيڻ واري ڦل جي ٻيو ڪوبه پدارٿ برابري ڪري نٿو سگهي. ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن فرمائڻ لڳا ته جڏهن مها ٻلي هنومان سمنڊ پار ڪري لنڪا ۾ پهتو ۽ رات جي وقت ۾ لنڪاپوريءَ ۾ وڃڻ لڳو ته لنڪاپوريءَ جي رکيا ڪرڻ واريءَ لنڪنيءَ ان کي ڏسي ورتو ۽ ڌڙڪو ڏيئي چوڻ لڳي ته اڙي! تون

ڪير آهين؟ جو رات جي وقت ۾ منهن جي ڇپڻ کان سواءِ منهن جي ڪا به پرواهه نه ڪري هڪ چور وانگر اندر گهڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪرين. ائين چئي لنڪنيءَ غصي ۾ ڀــر جي اڪيون ڳاڙهيون ڪري، هنومان کي زور سان ڀري لت هنئي. ڏڍهن هنومان ۾ ڪــيس ڏائي هٿ جـــو هڪ هلڪو ٺــوُ نشو هنيو، جنهن جي لڳڻ سان لنڪني زمين تي ڪري پئي، پر وري هڪدم پاڻ کي سنڀالي اٿي کڙي ٿي، مچر جي روپ ۾ هنومان کي سڃاڻي چوڻ لــڳي ته هي هنومان!

श्लोक :- धन्याहमप्यद्य चिराय राघव,
स्मृतिर्ममासीद्भवपाशमोचिनी।
तद्भक्तसङ्गोऽप्यतिदुर्लभो मम,
प्रसीदतां दाशरथि सदाहृदि ॥

चौ० :- तात मोर अति पुन्य बहूता, देखऊं नयन राम कर दूता।

दोहा:- तात स्वर्ग अपवर्ग सुख, धरिय तुला एक अंग,
तूल न तांहि सकल मिल, जो सुख लव सतसंग।

اڄ منهنجي جنم جنم جا ڀاڳ جاڳيا آهن، جو مون جهڙي نيچ راڪسيءَ کي شري رام ڀڳت جو درشن ۽ سنگ، جو تمام درلڀ آهي، مليو آهي. اڄ مـــان پنهنجي اکين سان رام ڀڳت جو ساکيات درشن ڪري رهي آهيان، وارتـــالاپ ڪري رهـــي آهيان. مان

ڪھڙي ا، ڀاڳوان آھيان، ھي ھنومان! ھن لوڪ ۽
پر لوڪ جا سک، موکش جو سک، دنيا جا جيترا به
سک آھن. اھي سڀئي جمڪڻ ھن ساھمي* جي ھڪ
پلڙي ۾ رکون ۽ ٻئي پلڙي ۾ رڳو ست سنگ جي ھڪ
گھڙي رکجي ۽ تور ڪجي ته ست سنگ وارو پلڙو
ڳرو ٿيندو.

श्लोक:- तुलयाम लवेनापिन स्वर्गं नापुनर्भवम् ।।

भगवत्सङ्गिसङ्गस्य मर्त्यानां किमुताशिषः ।।

شري مد ڀاڳوت مها پراڻ ۾ ست سنگ جي مھما
ٻڌائي وئي آھي ته ڀڳوان جي ڀڳتن جي سنگ جي
ھڪ گھڙي سک جي برابري جتي سرڳ جا سک ۽
موکش جو سک به ڪونه ڪري سگھي، اتي ڀلا ھن مرت
لوڪ جي ماڻھوءَ جا رواجي سک ڪھڙي ليکي ۾
آھن. مطلب ته ڪو به سک ست سنگ جي سک جي
برابر ڪونه آھي. اھو آزمودو ھڪ راڪسي* جو
آھي. ايشور ۽ ٻڌائي سوامي جن سچ جي راز کي وڌيڪ
کولينديءَ ٻڌايو ته جڏھن وقت ڌن آھي، ان کي
شاھوڪار چئبو آھي، جڏھن وقت بل آھي انکي بلوان
چئبو آھي، جڏھن وقت وديا آھي ان کي ودوان چئبو
آھي. جڏھن وقت سچ آھي ان کي سنت چئبو آھي.
ڌن کان اسل سوکيم آھي، بل کان وديا سوکيم
آھي، وديا کان سچ سوکيم آھي. شاھوڪارن کي

شاهوڪار، ٻلوانن کي ٻلوان ۽ ودوانن کي ودوان ئي سڃاڻي سگهندو آهي. سنتن کي به سنت ئي سڃاڻي سگهندو آهي.

جيتوڻيڪ شاهوڪارن، ٻلوانن ۽ ودوانن کي عام رواجي ماڻهو به سڃاڻي سگهن ٿا، پر جن وٽ سچ آهي. انهن کي سڃاڻڻ بلڪل ڏکيو آهي.

لنڪنيءَ هنومان کي سڃاڻي ورتو، هڪ ته ٻئي ٻلوان هئا ۽ ٻنهن کان سواءِ ڀڳوان برهما لنڪنيءَ کي تمام گهڻو اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته جڏهن توکي شري رام ڀڳت هنومان جو درشن ٿيندو ته تڏهن تنهن جو موکيه ٿيندو. لنڪني به هنومان کي جيڪر ڪين سڃاڻي سگهي ها، جيڪڏهن برهما ڪيس اڳواٽ ڪين ٻڌائي ها.

سچ ۽ سچار کي سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن وٽ سچ هوندو آهي، اهو منش گلا ۽ ثنا (ساراهه) جي پرڙدي به لڪل هوندو آهي. جنهن منش کي گلا ۽ ساراهه جي ٻار ڪين جي پوري ڄاڻ هوندي آهو ئي سچ کي سڃاڻي سگهندو.

هنومان کي ڪو به ساڌو يا سنت جو ويس پائل ڪين هو. رگهو هنس جي ڇهڻ (توڻشي) سان لنڪنيءَ کي وسريل گيان ياد اچي ويو ۽ سندس اڌار ٿي ويو. سڄي تمام سوکيه آهي. جنهن جڳهه ۽ جڳهه جو

مالڪ. جڳهه جو مالڪ جڳهه کان بلڪل سنهڙو آهي جڳهه جي پيٽ ۾ جڳهه جو مالڪ تمام ننڍڙو ۽ سنهڙو آهي. ڌرتيءَ کان پاڻي سنهڙو آهي، پاڻيءَ کان باهه سنهڙي آهي. باهه کان هوا سنهڙي آهي، هوا کان آسمان سنهڙو آهي، آسمان کان به تمام گهڻو سنهڙو (سوکشم) سچ آهي. اهڙو سوکشم سچ وري هڪ اهڙي پردي ۾ ڍڪيل آهي جيڪو سڄو تمام اُتم درجي جي سون جو ٺهيل آهي. اهو پردو وري تمام اُتم بي بها دُرلڀ چمڪندڙ هيرن جواهرن ۽ موتين سان جڙيل آهي.

मन्त्र:- हिरण्मयेन पात्रेण सत्यस्यापिहितं मुखम् ॥

ان پردي مٿان وري جيڪو ٻي ڪپڙ ڍڪيل آهي ان جو ٺلهو ته اهڙو آهي جو ڇٽي ڪٽي ٻس ڪر. جڻ اکه پٽي ٻرڪي. هرهڪ ماڻهو ائين ٻرابر پهچي وڃي ٿو، پر پردي جي ٻاهرين چمڪ دمڪ سونهن سوڀيا، اهڙي ته من موهيندڙ آهي جو جيڪو به ڏسي ٿو ته واڳڙو ٿيو وڃي ٿو ۽ ڏسندو ئي رهجي وڃي ٿو. ان پردي ۾ ڍڪيل سچ کي ڇڏي پردي کي ئي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

سچ جو ورڻن ڪندي سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته اهڙي سوکشم سچ کي پراپت ڪرڻ هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ مشڪل آهي. راڻي چوڙالا به ان

سچ کي تمام گھڻي محنت ڪري پراپت ڪيو هو ۽ جيڪري ٿي پنهن جو ۽ پنهن جي پٽيءَ جو اڌار ڪيو هو.

ايتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪري رام نام جي ڌني لڳائي، سڀ پريمي ڀاؤ پرساد وٺي پنهن جي گھر ويا. سوامي جن شيوادارين سان گڏ جي ڪٽيا ۾ آيا ۽ ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا. اهڙي طرح ست سنگ هلندو رهيو. ڀائي ڌرمچند ڀائي ديوچند، ڀائي هريرام ۽ ٻيا پريمي سوامي جن کان نام دان وٺي شش ٿيا. سوامي جن ڪين نام سان گڏ ڌرم مريادا جي پڻ سکيا ڏني.

هڪ ڏينهن سوامي جن ڀائي ڌرمچند، ڀائي ديوچند، ڀائي هريرام ۽ ٻين پريمين کي چيو ته اڄ اسان کي اٺن ڏينهن جي ٻدران ويهه ڏينهن ٿي ويا آهن. هاڻي اسان جو وڃڻ جو ويچار آهي، تنهن ۾ توهان جي ڪهڙي مرضي آهي، سوامي جن جا وچن ٻڌي پريمي چوڻ لڳا ته هي ڀڳوان! توهان جي آگيا اسان جي اکين تي آهي، پر پنج ست ڏينهن ٻيا به رهي، اسان کي ڌرم روپي امرت پيارڻ جي ڪرپا ڪريو. پريمين جي پرارٿنا ٻڌي، سوامي جن فرمايو ته توهان جي منوڪامنا پوري ڪري پوءِ وينداسون.

پهاڙيءَ جي ست سنگ ۾ سواميءَ جن راجا شڪر ڏوج ۽ راڻي چوڙالا جي ڪٿا ٻڌائيندي چيو ته ڪيئن مٺيءَ راجا کي سمجھائيندي چيو ته راجن!

✻ گرُوَ وچن سن من ڪهاں، ڀوپ سنو دي ڪان،
تمهي ڪبهي ڀي ناٿا، ڪرتا ڪيون ايمان.

توهان کي به ڪين ٿياڳ ٿيو آهي. ٿياڳ ڪرڻ ٻنان سڀئي شانتيءَ جي پراپتي ٿي ڪين سگھندي. ڪيئن مٺيءَ جا اهي وچن ٻڌي راجا شڪر ڏوج جا ڪيو جو هڪدم ڪٽي ٻاهه لڳائي:-

✻ ٻن کي لڪڙي اڪٺي ڪرڪي،
اُن ڪو آگ لگاء دئي،
لڪڙي جلني سي جب اگني،
آت هين ڪر پرڪاش ڀئي.
ڏوَڪ ٻيراگن مالا لي تب،
ٿيئون ڪو ڀوُن ڪهت ڀيا،
سنگهه تمهاري ٻهت ڦرا پر،
تمهي نا ڪبهي سوک ديا،
تجھڪو هٺ پر ڻام همارا،
اب مٺين ستگر ڏ پائونگا،
ديو پتر کي ڪرپا ڪي ٻڄ،
آتم پد ڪو پائونگا.

آئسي کهہ کر ليدون کو هي ،
جلت اگن ۾ ڊار ديا،
ڦير ڏمڀي اور لاٿي ليکر،
لنڪسي هي کهہ جار ديا،

❀ ڪنيا کو ڀن آگ دي، کيدا تـا جس واس.
جلا ديا ڦر بـاغ کوء، ڇوڙي سـڀ کي آس.
" جنهن جي ڀنيان ٻاهہ، تنهن جو آسرو ٿي لاهہ."

ڪنيا جيڪا ڪکن ڀڻن جي ٿهيل هئي، ٻاهہ ان کي هڪدم ڇوڏاري وڪوڙي وئي، ٻاهہ جون لاٿون مٿي آسمان ۾ اُڏامڻ لـڳيون، راجا ڀنهن جــو سڀ سامان لٺ، ٽمڀي، مالا، مرگ ڇالا، ٻيراگڻ، ڊ ٻن جو آسڻ، پـوجا جي سامـگري وغيره سڀ سامـان ڪٽي ٻـاهہ جي مـڇ ۾ وڌو، سڀ ساڙي " اکو ڦـلو آرٿي." ڪري ٻهي رهيو، ڪنيج مٿي (ڇوڙالا) اِهـو تماشو ڏسي رهيو هـو، راجا هٿ جـوڙي چوڻ لڳو تہ هي مٺي راج! هاڻي تہ مون سڀ کي تياڳ ڪري ڇڏيو. تنهن تي ڪنيج مٿي چوڻ لـڳو تہ راجن! ڪنيا، لٺ، ٽمڀي، مـالا، مرگ ڇالا، ٻيراگڻ، پـوجا جي سامگري ۽ ڊ ٻن جو آسڻ وغيره جيڪو سامان توهان ٻاهہ ۾ جلايو آهي، اُهو سڀ سامان تہ جهنگل جو هو، پـراڻو سامان ساڙي توهان وڌي ڀل ڪئي آهي، ڪاٺيون گاهہ ڪکہ ڀن وغيره سڀ

توهين جهڙيءَ مان ڪٿي آيا هئا، جن سان توهان ڪٺيا ٿاهي هئي، پرائي سامان کي توهان پنهن جو سامان ڪٿي سمجهيو آهي، "پرائي مال تي-ٽوپي لراڙ ٿي."

راجن! مون توهان کي پنهن جي سامان جي تياڳ ڪرڻ لاءِ چيو هو، نه ڪ پرائي سامان لاءِ، پرائي سامان کي جلائي ناس ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو! ان کي تياڳ ڪين چئبو آهي، راجن! ٽي يان سان ٻڌ! پرايون شيون، جيڪي ٻين جون آهن، انهن شين جي تياڳ ڪرڻ کي تياڳ ڪين چئبو آهي، انهن کي جلائي ڇڏڻ به تياڳ ڪين چئبو آهي، نڪي الهن شين جي دان ڪرڻ کي تياڳ چئبو آهي. نڪي دان ۽ مليل شين جي تياڳ ڪرڻ کي تياڳ چئبو آهي.

راجن! جيڪا پنهن جي نجي شيءِ هجي اُن جي دعوا ڇڏڻ کي ئي تياڳ چئبو آهي، راجن ٻڌ:-

❀ تياڳ تنهي جو پيچي ڪرنا،

سو تم اب هين تياڳ ڪرو،

جوئي پدارٿ تمرا ناهين،

تا ۽ تم ناراڳ ڪرو،

تياڳ بدان سکه نا ڪب هووي،

ٿانتي تم وهراڳ ڪرو،

ڪهي ٽيئون جي هت ڪو چاهو،

آتم ۽ انوراڳ ڪرو.

راجن! جيڪا ڏٺهن جي شيءِ هجي ان جو تياڳ، ڪريو، ڪنهن مٿيءَ جا وچن ٻڌي راجا چئني طرفن ڏانهن نهاري سوچڻ لڳو ته هاڻي ڇا ڪريان، جيڪو سامان ساڙي ڇڏيو اٿم، اهو به ته پراڻو هو، هاڻي مون وٽ باقي ڇا رهيو آهي، هائو ٻيلي! باقي مون وٽ منهن جو شرير آهي، شايد ڪنهن مٿي شرير کي تياڳڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو.

❀ يه يگون اب پاس هماري،
ڪوئي پدارٿ ناهه رها،
تم تو ڪهتي سب نا تياڳا،
ڪيون ڪر ائسي آپ ڪها،
ڪيول اڪ تن رها دگمبر،
ڪهو تو اس پر هار ڪرون،
تمهري ديکت گر سي گر ڪي،
يهه تن اب سنهار ڪرون،
آئسي ڪهه ڪر مرني ڪي هٺ،
اپني تن ڪو تيار ڪيا،
اب هين جلدي تياگون تن يهه،
جا لسي اتنا پيار ڪيا.

❀ گرني هٺ جب ڏوڙيا، گر ڪي طرف سڌ پر،
روڪ مٿي ني تب ڪها، راجن ذر ٺهئي ذپر.

اهو ويچار ڪري راجا چوڻ لڳو ته يگون! هاڻي

۽ مون وٽ ٻيو ڪجھ به ڪين بچيو آهي، رڳو هيءُ شهر بچيو آهي، جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي ۽ هن شهر کي به جبل جي چوٽيءَ تان هيٺ ڦٽو ڪري ناس ڪريان.

اهو ٻڌي ڪنيج مني چوڻ لڳو ته راجن! اهو شهر به تنهن جو ڪونه آهي، اهو ته پنجن تتن جو ٺهيل آهي، راجن! جيڪا تنهن جي شيءِ هجي ان جو تياڳ ڪريو.

* ڀڄن *

ٽڪ:- ڏيکو تن ڪول ڪيسم اد پت هي اسرارا هئه.
١- پانچ تتوَ ڪا تن تيرا، نا الک نا آڪارا هئه.
٢- ڇوٽا لنبا سيڌا ٽيڙها، نا هلڪا نا ڀارا هئه.
٣- نام نه ٺام نه ذات ورڻ توَ، نا ڪل نا پروارا هئه.
٤- من ٻڌ آدڪ نا اندري گڻ، نا گورا نا ڪارا هئه.
٥- ڪهي ٽيئون نا ٻاهر ڀيتر، نا مليا نا نيارا هئه.

مٿيون ڀڄن آچاري سوامي جن چوڻ لڳا ته راڻي چوڙالا، راجا شڪر ڌوج کي تياڳ جي ٻاري ۾ سمجهائيندي چيو ته هي راجن! جنهن شهر جو توهين ناس ڪرڻ چاهيو ٿا، اهو شهر به توهان جو ڪونه آهي. اهو ته پنجن تتن جو آهي، نڪي شهر توهان جو آهي نڪي توهين شهر جا آهيو. اکيون کولي ڏسو. جڏهن توهين اکيون کولي ڏسندا تڏهن

توهان کي هڪ ازغيبي اسرار ڏسڻ ۾ ايندو، راجن!
اهو ازغيبي اسرار، جڏهن کي ست آتما چون ٿا،
اهو ئي توهان آهيو. راڻي چوڙالا جي هردي ۾ اها
سچ جي جوت جاڳيل هئي، جيئن سج جي تيز
روشنيءَ ۾ تارن ۽ چنڊ جي روشني گم ٿي ويندي
آهي، تيئن آتم جوتيءَ جي روشنيءَ ۾ هي وشين-
وڪارن، دکن-سکن، سان ڀريل سنسار گم ٿي
ويندو آهي. راڻي چوڙالا جي سنگ، درشن ۽
وارتالاپ سان راجا شکر ڌوج جا سڀئي اگيان جا پڙدا
لهي ويا ۽ کيس ست آتما جي پراپتي ٿي. اهو سڀ
ست سنگ جو پرتاپ آهي.

انتري کٿا پڄائي، رام نام جي ڌني لڳائي سوامي
جن ست سنگ سماپت ڪيو، سڀني سنگت ڀاوَ پرساد
وٺي گهر وئي، سوامي جن ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

وري ٻئي ڏينهن ست سنگ شروع ٿيو، اوم جو
اچارڻ ۽ ديو گروءَ جي وندنا ڪري سوامي جن
سڀني سنگت کي چيو ته سڀئي آسڻ ٻڌي ويهو،
هر هڪ پريمي ٻڌهن جي من کي پاڻ سمجهائي. سنت
گرو ڀڳوان توهان جي سهائتا ڪندا.

ست سنگ جي پرڀاءَ جي باري ۾ ٻئي هڪ پراڻي
اتهاس جو ورڻن ڪندي سوامي جن فرمايو ته هيءَ
کٿا نارد پراڻ جي آهي، جنهن ڪا رشي سنڪادڪن

ديو رشي نارد کي ٻڌائي آهي ڪٿا شروع ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ست جڳ جي زماني جي ڳالهه آهي.

هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪلڪ نالي هڪ هاري رهندو هو، هو ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو هو. لوٽ مار ڪرڻ، چوري ڪرڻ، پرائو مال هڙپ ڪرڻ، جيون کي مارڻ، ايذا ڪرڻ، اهو سندس روزانو جو ڪم هوندو هو. سندس دل ۾ نالي ماتر به ديا ڪونه هوندي هئي، سڀني جيون کي ستائيندو رهندو هو، ان دشت ماڻهوءَ هزارين براهمڻن ۽ ڳائين جي هتيا ڪئي هئي، هو اهڙو ته نيچ پاپي هو جو ديوتائن جو ڌن به هڙپ ڪري ڇڏيندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏا وڏا ظلم ۽ پاپ ڪيا هئا.

هڪ ڏينهن اهو ماڻهو مال ملڪيت جي ڳولها ۾ گهمندو ڦرندو سنڌو وير راجا جي شهر ۾ وڃي پهتو، شهر جي وڏين وڏين بزارين مان گهمندو ڦرندو ۽ شهر جي رونق ڏسندو وائسندو وڃي ويو، شهر جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو باغيچو هو، ان ۾ شري وشنو ڀڳوان جو تمام سٺو ۽ سهڻو مندر هو، مندر جا گنبذ سون جي ڪلشن سان مڙهيل هئا، جنڪي پري کان چمڪي رهيا هئا. مندر جا سونا ڪلش ڏسي ماڻهوءَ جو عقل چرخ ٿي ويو، ٻاهران مندر جي سونهن ڏسندو ماڻهو

اندر لنگھي ويو، اندر مندر ۾ شري وشنو ڀڳوان
جي مورتي ڏسي حيران ٿي ويو. ڀڳوان جي ڳچيءَ
۾ هيرن، جواهرن ۽ موتين جون مالائون پيل هيون،
ٻانهن ۾ سون جا ڪنگڻ پيل هئا، ڪنن ۾ سونا ڪنڊل
پيل هئا، مٿي تي جواهرن سان جڙيل سون جو مڪٽ
پيل هو، اهو سڀ ڏسي ماريءَ جي خوشيءَ جي حد
ڪانه رهي، دل ۾ چوڻ لڳو ته اڄ هتان تمام گھڻو
مال چوري ڪندس، اهو پڪو خيال ڪري مندر
۾ گھمڻ لڳو، جڏهن رات ٿي ته سڀ ماڻهو هليا ويا.
سڀني ماڻهن جي وڃڻ بعد ماري مورتيءَ وٽ اچي
هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، نهاريندي ماريءَ کي
ڏسڻ ۾ آيو ته اتي هڪ براهمڻ ويٺو آهي. ان براهمڻ
جو نالو آنند هو، هو ڀڳوان جي شيوا پوڄا ۾ لڳو پيو
هو. ماري براهمڻ جي وڃڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو،
ڪافي وقت گذرڻ بعد به جڏهن براهمڻ نه ويو،
تڏهن ماريءَ ان کي چوري ڪرڻ ۾ رنڊڪ (وگھن)
وجھڻ وارو سمجھيو، ماري ته ان ديوتا جو مال
ملڪيت چورائڻ لاءِ آيو هو، ماري تمام نيچ دشٽ
هو. آخر ۾ ماريءَ ان براهمڻ کي ڳچيءَ کان جھلي
ڪٽي پٽ تي ڪيرايو، پوءِ سندس ڇاتيءَ تي لت رکي
ڪيس وارن کان جھلي ڇرو ڪڍي کيس مارڻ لاءِ تيار
ٿيو، اهو ڏسي آنند بنا ڪنهن گھٻراهٽ جي ماريءَ

ڪي چيو ته: ادا! توهان مون غريب بي ڏوهي براهمڻ
کي ڇو ٿا مارڻ چاهيو، مون توهان جو ڪهڙو ڏوهه
ڪيو آهي. سڄڻ! دنيا ۾ طاقت وارا ماڻهو ته ڏوهارين
کي سزا ڏيندا آهن، پر شريف ماڻهو ته پاپين کي به
بنان ڏوهه جي ڪونه ماريندا آهن. سڄا ماڻهو ته
دشمنن ۽ مورکن ۾ به سٺا گڻ ڏسي انهن سان وير
ڪونه رکندا آهن. اهي ستائڻ يا مارڻ لئي به
ڪنهن سان به وير ڪونه رکندا آهن. ادا! جيڪو
ماڻهو گهڙيءَ ستائڻ ۽ ڏکوئڻ لئي به معافي
ڏئي ٿو، اهو تمام ڀلو ماڻهو ليکيو ويندو آهي. جنهن
جو من هميشه پراپڪار ۾ لڳو پيو آهي، اهو ماڻهو
مارڻ واري سان به وير ڪونه رکندو آهي. ڪهاڙي
سان ويڄڻ لئي به چندن جو وڻ ڪهاڙي کي خوشبوءِ ئي
ڏيندو آهي. هاءِ هاءِ! ڪرم ڪهڙو نه بلوان آهي،
جو سڀني جيون کي رلائيندو رهي ٿو! جنهن ماڻهوءَ
جي نه ڪنهن سان دوستي آهي نه ڪنهن سان
دشمني آهي، نڪي ڪنهن سان واقفيت آهي، ان
ماڻهوءَ کي به بنان ڪارڻ لڇ بدمعاش ماڻهو ستائيندا
رهن ٿا.

❀ मृगमीनसज्जनानां, तृणजलसंतोषविहित वृत्तिनाम ।
लुब्धक धीवर पिशुना, निष्कारणवैरिणो जगति ॥

هرڻ گاهه ۽ ڪک پن کائي، مڇيون پاڻي پي ۽

شريف ماڻهو صبر شانتيءَ سان وقت گذارين ٿا، پر ٽن قسمن جا ماڻهو انهن سان ڏ وير رکن ٿا. ١- ماري، ٢- مهاڻو ۽ ٣- چغلخور! مهاڻا مڇين جا، ماري هرڻن جا ۽ چغلخور شريفن جا ٻنان ڪارڻ دشمن ٿيندا آهن. افسوس! مايا ڪهڙي نه بلوان آهي، جنهن سڀني کي ڪٺي منجهايو آهي، هن مايا جي ڪري ئي نه ماڻهو عام ماڻهن کي ٻنان ڪارڻ ستائيندا رهن ٿا، اڙي ماري! تون پڻ ڦرمار ڪري پنهنجي ڪٽنب قبيلي جي پالنا ڪري رهيو آهين. پر ياد رک! انت ويلي ۾ هيءَ منش سڀ ڪجهه هت ئي ڇڏي اڪيلو ئي پرلوڪ جي مسافري ڪري ٿو، ان وقت مٽ مائٽ يار دوستدار ڪوبه ويجهو ڪونه ايندو. پاپي جيو کي جم جا دوت ٻڌي ماريندا ڪٽيندا، جم پريءَ ۾ وٺي ويندا آهن.

ليڪن هيءَ جيو مان، مان ۾ ڦاٿو پيو آهي- منهن جو گهر ٻار، منهن جا ٻار ٻچا، منهن جا مٽ مائٽ، منهن جو مال ملڪيت وغيره، اهڙي طرح هيءَ جيو موهه ممتا جي ڄار ۾ ڦاٿو پيو آهي. جيستوڻيڪ هن جيو جو ڪوبه سنگي ساٿي ڪونه آهي. تنهن هوندي به هيءَ جيو دکي ٿيو رهيو آهي. جيستائين هيءَ جيو ڌن ڪمائي گهر ڪٺي اچي ٿو، تيستائين سڀ ڪٽنب جا ماڻهو کيس پيار ڪن ٿا. ان

جي ڪمايل ڌن مان ڪاٿي ٻي خوب موجون ماڻين ٿا، پر اُلٽ ويلي هن جيو جو ڪوبه سنگي ساٿي ڪونه ٿيندو. پاپ ڪرم جي ڦل ڏک کي هيءُ جيو اڪيلو ئي ڀوڳي ٿو.

اُتنڪ براهمڻ جون ڳالهيون ٻڌي، ماريءَ هڪدم ان کي ڇڏي ڏنو. هاڻي اهو ماري ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو. وائي گهٽجي ويس. هٿ جوڙي گهٽيل آواز ۾ چوڻ لڳو ته هي براهمڻ ديوتا! منهن جا ڏوهه گناهه معاف ڪريو، مونکي معافي ڏيو.

श्लोक :- तत्सङ्गस्य प्रभावेण हरिसंनिधिमात्रत: ।
गतपापो लुब्धकश्च सानुतापो ऽभवद् ध्रुवम् ।।

ست سنگ جي پرڀاءَ کي ته ڏسو! ان مهاتما اُتنڪ جي درشن، سپرش (ڇهڻ) ۽ وچن ۽ شري وشڻو ڀڳوان جي مندر جي پرتاپ سان گلڪ ماريءَ جا سڀ پاپ ناس ٿي ويا، هو تمام گهڻو پڇتاءُ ڪرڻ لڳو،

श्लोक:- माया कृतानि पापानि महन्ति सुबहूनि च ।
तानि सर्वाणिनष्टानि विप्रेन्द्र तव दर्शनात् ।।

من ۾ پڇتاءُ ڪندي ماري چوڻ لڳو ته هي براهمڻ ديوتا! مان ڏاڍو دشٽ هتيارو ۽ پاپي آهيان. منهن جي دل ۾ ڪڏهن به دَيا ڪانه آئي، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻا پاپ ڪيا آهن، پر اڄ توهان جي درشن ڪرڻ سان، منهن جا سڀ پاپ ناس ٿي ويا

آهن. پر هاڻي جيڪي پاپ مان ڪري چڪو آهيان،
انهن کان مون کي ڪيئن ڇوٽڪارو ملندو. هي پڀو!
مان توهان جي شرڻ ۾ آهيان، مون کي بچايو،
ڪرپا ڪريو.

ماريءَ کي پڇتاءُ ڪندو ڏسي انڌڪ براهمڻ کي
دَيا اچي وئي ۽ ماريءَ کي چوڻ لڳو ته هي ڀائي!
توُن ڌن ڌن آهين. توکي آفرين آهي، تنهن جي
دل تمام نرمل ۽ پوتر آهي، ڇاڪاڻ تون سنسار
جي دکن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ اُپاءُ پڇي رهيو
آهين، هاڻي نه گهٻراءِ. ماريءَ کي دلداري ڏيئي
انڌڪ براهمڻ ان کي ست سنگ جو اُپاءُ ٻڌائي
موڪل ڏني.

ايتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن ساري سنگت کي
چوڻ لڳا ته رڳو تقرير ڪرڻ، (وياکيان ڏيڻ) يا
پاٺ ڏيڻ کي ست سنگ ڪونه چئبو آهي. ست
(سچ) جو وستار سان بيان ڪندي سوامي جن چوڻ
لڳا ته چوري نه ڪرڻ، ٻيائي نه رکڻ، وشواس گهات
نه ڪرڻ، انياءُ نه ڪرڻ، ظلم نه ڪرڻ، پاسخاطري
۽ خوشامد نه ڪرڻ، جوا نه ڪرڻ، شراب نه پيئڻ،
ماس، مڇي، بيدا نه کائڻ، ڏيتي ليتي نه وٺڻ،
ڪوڙي شاهدي نه ڏيڻ، سچ ڳالهائڻ، ڪوڙ نه
ڳالهائڻ- ڪڙو نه ڳالهائڻ، سڙ پچ نه ڪرڻ، عيب نه

ڪولڻ نہ ڏسڻ، گـــلا نہ ڪرڻ، لکي ڍ چـڻ لکي
ڍ ٻچارڻ، ڍوہ نہ ڪرڻ، طعنا ٽڪا نہ هڻڻ، پـرم
جا ٻوس نہ ٻڇڻ، چغلي نہ هـڻڻ، ڪروڌ نہ ڪرڻ،
لوڀ نہ ڪرڻ، دک سک سهـڻ، وڏن جـــي آگيا
موجب هلڻ، ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ، پتيءَ (مڙس)
جي شيوا ڪرڻ، سس سهري جي شيوا ڪرڻ، دَيا
ڪرڻ، فرض پالڻ، وڏن جي عزت رکڻ، شڪايت
(دانهن) ٻڌڻ، سوچـي سمجهي ڳالهائڻ، ڇل ڪپٽ
نہ ڪرڻ، سچ جو وهنوار ڪرڻ، امانت ۾ خيانت نہ
ڪرڻ، چاپلوسي نہ ڪرڻ، رشوت نہ وٺڻ، ملاوٽ
نہ ڪرڻ، چرچو مسخري نہ ڪرڻ، دغا دولاب نہ
ڪرڻ، امانت نہ کائڻ، نشو نہ واپـــرائڻ، اهنڪار نہ
ڪرڻ، ٻئي جو پاڻ نہ ٻڌائڻ وغيرہ سڀ ست (سچ)
جا انگ (پاڳا) آهن. انهن سوڌ و ست کي ڌارڻ ڪرڻ
کي ئي ست سنگ چئجي ٿو.

ايتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن ست سنگ سماپت
ڪيو. ان کان پـــوءِ سوامي جن ساري سنگت کـي
سوچنا ڏيندي ٻڌايـــو تہ سڀاڻي اسيـن راولپنڊيءَ
ويندا سون. چار وچن جيڪي ہ توهان ٻڌا آهن انهن
جو ويچار ڪندا رهجو. ٻئي جي مـــن کي هميشه
سچ، ڌرم، جپ، پـرارٿنا ۽ پراپڪار ۾ لڳائيندا
رهجو. سنت ساڌ و مهمان مسافر جي سک سان شيوا

ڪندا رهجو. □ بزرگان مسافر ٻچا پروَرند ڪندا مشن ڪوئي يا عالم پرند □ مطلب ته سياڻا ماڻهو، مهمان مسافر کي پنهنجي ساهه کان وڌيڪ سمجهي ان جي شيوا ڪندا آهن ان ڪري انهن جو جس سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويندو آهي.

श्लोक:– स्वागतेनाग्नयस्यतृप्ता आसनेनशतक्रतु:।
पाद शौचेन पितर: अर्घाच्छभुस्तथाऽतिथे:॥

دروازي تي آيل اتٿي (مهمان) کي ڏسي جيڪو خوش ٿي مهمان کي چوي ٿو، "ڏاڍو سٺو ٿيو، توهين ڀلي ڪري آيا، جيءُ آيا، ڀچ آيا." انهن چوڻ سان، اگني ديوتا، عزت آدر ڀاءُ سان مهمان کي اندر وٺي وڃي آسڻ تي وهارڻ سان اندر ديوتا، مهمان جا چرڻ ڌوئڻ سان، پتر ديوتا ۽ ارگهه (پوڄا لاءِ پاڻي) ڏيڻ سان سدا شِو شنڪر مهاديو پرسن ٿين ٿا. ائين شاستر چون ٿا.

اتٿيءَ جي وشيه ۾ وڌيڪ روشني وجهندي سوامي جن پاڻ ئي سوال اٿارڻ لڳا ۽ سنگت کان پڇڻ لڳا ته اتٿي ڪنهن کي چئجي؟ ان ڳالهه بابت وچار ڪرڻ تمام ضروري آهي. مٽن - مائٽن، سيٽن - سڄڻن يارن - دوستن کي مهمان چئجي ٿو. واقف - ناواقف ۽ سڃاتل چاتل ساڌو سنت، ڀائي، ٻانهڻ کي اڀياڳت چئجي ٿو. اڻ واقف، اڻ سڃاتل ساڌو سنت ياتو ٻانهڻ

يا ڪم ۾ هجي، جڏهن جي اچڻ جي ڪاهه، ٿڪ - ٿار لاهڻ ۽ وقت مقرر ٿيل نه هجي، ان کي اَتٿي چئجي ٿو.

مٽن - مائٽن، سيڻن - سڄڻن، يارن دوستن، واقفن، چاڪرن، ساڌن - سنتن، ٻاون، ٻانيڻن جي شيوا ڪرڻ کي ديوتائون پرسن ٿين ٿا يا نه، اها ڳالهه نه شاستر ئي سمجهائي سگهن ٿا يا شاسترن جا ڄاڻو، سياڻا ۽ عقل جا اڪابر ئي سمجهائي سگهن ٿا. ان کي ڏي وٺ جي ياڄي ۾ چئي سگهجي ٿو.

پر مٿيون شلوڪ خاص اَتٿيءَ لاءِ چيل آهي. شاسترن ۾ اَتٿيءَ کي ديوتا جو درجو ڏنو ويو آهي. ساڳئي وقت ماءُ، پيءُ ۽ گروءَ کي به ديوتا جو درجو ڏنو ويو آهي. ماتا، پتا، گروءَ ۽ اَتٿيءَ انهن چئني کي ديوتا جو درجو ڏنو ويو آهي.

اَتٿيءَ بابت گهڻيئي سوال اُٿن ٿا. پهرين نه اَتٿيءَ کي ڪيئن سڃاڻجي؟ اَتٿيءَ جي شيوا ڪيئن ڪجي؟ اَتٿيءَ جي شيوا ڪير ڪري؟ مڙد ڪن يا ماڻهون ڪن؟ اهڙي طرح ٻيا به ڪي سوال اُٿي سگهن ٿا. انهن سڀني ڳالهين جي پوري ڄاڻ هئڻ بلڪل ضروري آهي، نه ته ٻي حالت ۾ اَتٿي نراسجي نڪرڻ جو انديشو آهي.

گذريل زماني ۾ اَتٿي رُڳو هو جن ڪاڻ ڪو نه ايندا

هئا، پر سڀني ۾ دليل مڙدن جي پريڪيا پڻ وٺي
ايندا هئا. ٻنهي کان سواءِ آهي اهڙا روپ ڌارڻ
ڪري ايندا هئا جو انهن کي سڃاڻڻ به مشڪل ٿي
پوندو هو. اهي اڪثر ندين تلاون جي ڪناري تي
وڻن هيٺان رهندا هئا. آهي راجائن، مهاراجائن سيٺين
شاهوڪارن سان ڪوبه واسطو ڪين رکندا هئا، جو نه
انهن کي پئسي - ڏوڪڙ، ڪاڏي پيٽي، گهڻن- ڪپڙن
وغيره ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ڪانه هوندي
هئي نه ڪنهن ڪاٺي ٽڪي، مندر مورتيءَ ٺهرائڻ
جي ضرورت پوندي هئي. ڇاڪاڻ ته رڌيون سڌيون
انهن جون داسيون هونديون هيون. نڪي ڪٿي
اچڻ وڃڻ لاءِ موٽر ڪارن يا هوائي جهازن جي ڪين
ضرورت پوندي هئي. انهن اٺين جي من تي
سواري هوندي هئي. اڻ ڳڻيا برهمنڊ آهن. آڪاس،
پاتال، سرڳ لوڪ، برهم لوڪ وغيره لوڪن ۾ اٺئي
جتي بـه وڃڻ چاهيندا هئا، ته اتي هڪ ڪـن ۾
پهچي ويندا هئا، وري اک ڇنڀ ۾ غائب
به ٿي ويندا هئا، ست جڳه، ٽريتا جڳه ۽ دواپر جڳه
ڪاءِ اهڙي قسم جي اٺين جو ورڻن شاسترن ۾
اچي ٿو.

اٺئي شيوا بابت آئنده سوالن جي وشيه تي
سوامي جن ڪيئي اتهاسن جو ورڻن ڪيو جو هن ريت

آهي.

اتيءَ بابت شاستر وڏيڪ چون ٿا ته اتي پلي سڀاڳل - واقف - چاقف هجي پر سندس اچڻ جي تت- تاريخ ۽ وقت جي خبر نه هجي، اُن کي به اتي چئجي ٿو. جيئن مهرشي دُرواسا.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته راجا انبريش پنهن جي ڌرم پتنيءَ سان، شري ڪرشڻ ڀڳوان کي پرسن ڪرڻ لاءِ هڪ سال جي گيارسين جي وڏيءَ موجب ورت رکڻ جو سنڪلپ ورتو.

سال پوري ٿيڻ تي راجا، ورت ڇوڙڻ جي خوشيءَ جي موقعي تي هڪ وڏو اُتسو ملهايو. راجا، ڀڳوان جي پوڄا وڏي ڌام ڌوم سان ڪئي ۽ براهمڻن کي دل گهريو دان ڏنو.

راجا هاڻي ورت ڇوڙڻ وارو هو، ته ٺيڪ اُن وقت مهرشي دُرواسا پنهن جن چيلن سوڌو اتي اچي سهڙيو.

راجا انبريش، مهرشي دُرواسا کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. مهرشيءَ جو سواگت ستڪار ڪري راجا کين ڀوڄن وٺڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. ڀوڄن ڪرڻ جي پرارٿنا سويڪار ڪري مهرشي چيلن سوڌو هڪدم جمنا تي اسنان ڪرڻ لاءِ هليو ويو.

بارس گذرڻ ۾ باقي هڪ گهڙي وڃي بچي هئي،

ٻارس ۾ ورت نہ ڇوڙڻ ڪري ورت ۾ ڀنگ پوندو آهي. اهو ڪنهن تي ويندو آهي.

هيڏانهن ٻارس گذري رهي آهي، هوڏانهن مهرشي دروواسا جي خبر ڪانہ آهي تہ ڪيڏي مهل اسنان ڪري موٽندو. اتٿيءَ کي ٽولو ڏيئي ان کان اڳواٽ ڀوڄن ڪرڻ بہ ٺيڪ ڪين آهي.

جيڪڏهن ورت ڇوڙيان ٿو تہ مهرشيءَ جو نرادر ٿو ٿئي، جيڪڏهن ورت نٿو ڇوڙيان تہ ان ۾ ڀنگ ٿو پوي.

راجا انبريش ڏاڍو مونجهي پيو. آخر ۾ براهمڻن جي صلاح ۽ آگيا سان راجا رگهو ڀڳوان جي چرڻن جي جل جي آچمني وٺي ورت ڇوڙيو. ورت ڇوڙي راجا، مهرشيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. مهرشي دروواسا کي اتي پهچندي ئي پنهن جي تپ ٻل سان راجا جي ورت ڇوڙڻ جي ڄاڻ پئجي وئي.

راجا مونکي ڀوڄن لاءِ نوتو ڏيئي، مونکي ڀوڄن ڪرائڻ کان سواءِ اڳواٽ ورت ڇو ڇوڙيو! ان ڳالهہ ڪري مهرشي ڏاڍو اچي ڪاوڙيو. ٽپي ساهہ تي ويو. هڪدم پنهن جي مٿي جي جٽائن مان هڪ جٽا پٽي ان کي تمام زور سان ڪٽي پٽ تي اڇليو، اڇلڻ سان ان جٽا مان هڪ خوفناڪ ڪرتيا، (راڪسي) پرگهٽ ٿي، ان جي هٿ ۾ تکي تلوار هئي، اها

راڪسي راجا کي مارڻ لاءِ اُن ڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ اها حالت ڏسي راجا اُتي جو اُتي بيٺو رهيو. کيس ذرو به ڊپ ڪين ٿيو. راجا امبريش ته ڀڳوان جو سچو ڀڳت هو. راڪسيءَ ۾ به اُن کي ڀڳوان ئي ڏسڻ ۾ آيو. ڀڳوان کي ته ڀڳتن جي رکيا ڪرڻي ئي آهي سو سدرشن چڪر اُتي اچي پرگهٽ ٿيو. جنهن اک ڇنڀ ۾ اُن راڪسيءَ کي جلائي رک ڪري ڇڏيو. هاڻي هُو درواسا جي خبر وٺڻ لاءِ اُن جي پٺيان پيو.

پنهنجي پرگهٽ ڪيل راڪسيءَ کي جلندو ڏسي ۽ اُن ڀيانڪ چڪر کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي مهرشي درواسا موت جي ڊپ کان ڀڳو. مهرشيءَ جا چيلا پڻ ساهه بچائڻ لاءِ ڪيڏانهن ته ڪي ڪيڏانهن ڀڄي ويا.

اڳيان مهرشي درواسا ۽ پٺيان سدرشن چڪر. رشيءَ جو ساهه اچي مٺ ۾ ٿيو. مهرشي پنهنجي پراڻ بچائڻ لاءِ پاتال - آڪاس ۽ جبلن جي غفائن ۾ وڃي لڪو، پر چڪر ڀلا کيس ڪٿي ٿو ڇڏي. مهرشي درواسا ساهه بچائڻ لاءِ ديوتائن جي شرڻ ۾ ويو پر ڪنهن به کيس بچائڻ جي همت ڪانه ڏيکاري. آخر ۾ مهرشي پراڻ بچائڻ لاءِ شري برهما ۽ ڀڳوان شنڪر جي شرڻ ۾ ويو، پر انهن به کيس بچائڻ کان انڪار ڪيو ۽ کيس صلاح ڏني ته تون ڀڳوان وشنوءَ جي

شرط ۾ وڃو، اهي توهان جي ضرور رکيا ڪندا.
انهن جي صلاح مڃي، مهرشي ڀڳوان جي شرط ۾
ويو، ۽ ڀڳوان وشنوءَ به کيس ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو
۽ کيس چيو ته مان ڀڳتن جي وس ۾ آهيان. تنهن
ڪري توهين وري به راجا امبريش جي شرط ۾
وڃو. اهو توهان جي ضرور رکيا ڪندو.

ڀڳوان جي آگيا مڃي، مهرشي ڊوڙندو ڊوڙندو
راجا امبريش جي شرط ۾ ويو. راجا جا چرڻ پڪڙي
رکيا ڪرڻ لاءِ پڪارڻ لڳو. اهو حال ڏسي راجا من
۾ ڏاڍو دکي ٿيو، سدرشن چڪر کي پرارٿنا ڪري
مهرشيءَ جا پراڻ ٻچايا.

مهرشي دروواسا برابر هڪ سال ڊوڙندو رهيو،
مهرشيءَ جي دک جو ڪارڻ پاڻ کي سمجهي راجا
اُن جي دک ۾ سڄو سال ڀوڄن ڪين ڪيو، رڳو جل
پي سڄو سال گذاريو. جيتوڻيڪ مهرشي دروواسا،
راجا کي مارڻ لاءِ راڪسي پرگهٽ ڪئي هئي، پر
راجا جي من ۾ رشيءَ لاءِ ڪابه نفرت پيدا ڪين
ٿي. آخر ۾ مهرشي دروواسا، راجا جي شرط ۾ آيو،
ان هوندي به راجا جي من ۾ ڪو به اڀمان - اهنڪار
ڪين پيدا ٿيو، پر الٽو راجا دل ۾ ڏاڍو دکي ٿيو ۽
پڇتائڻ لڳو، ته مون جي ڪري ئي مهرشي دروواسا کي
ايتري مصيبت سهڻي پئي، اهو ويچار ڪري راجا،

مهرشيءَ جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ پڇتاءُ ظاهر ڪندي رشيءَ کان معافي وٺڻ لڳو. راجا جي نماڻي ۽ ڀلي سڀاءَ کي ڏسي رشيءَ جي اکين ۾ جل ڀرجي آيو ۽ چوڻ لڳو ته راجن! موکي پڌمن جي تپ جي ٻل جو ايمان هو، پر اڄ موکي ڀڳوان جي ڀڳتي جي ٻل جي ڄاڻ پئي.

هڪڙي دفعي جي ڳالهه آهي ته مهرشي درواسا، پڌمن جن چيلن سان گڏ سفر ڪندو هستناپور ۾ راجا دريوڌن وٽ وڃي پهتو، راجا دريوڌن مهرشيءَ درواسا جو تمام سٺو سواگت - ستڪار ۽ سيوا ڪئي. مهرشي راجا دريوڌن جي سيوا تي ڏاڍو گهڻو خوش ٿيو، اُن راجا دريوڌن کي وردان گهرڻ لاءِ چيو. راجا دريوڌن، مهرشيءَ کي پاڻ تي پرسن ڏسي، مهرشيءَ کان پانڊون کي سراپ ڏيارڻ جو سونهري موقعو ڏسي، راجا دريوڌن کين پانڊون جو الٽي ٻٽجڻ جو وردان گهريو. مهرشي درواسا خوش ٿي راجا دريوڌن کي وردان ڏيندي چيو ته، راجن! ائين ئي ٿيندو.

پانڊوَ ان وقت ڪاميڪ (काम्यक) بن ۾ رهيا پيا هئا. مهرشي درواسا پڌمن جن ڏهه هزار چيلن سان گڏ، پانڊون وٽ آيو. راجا دريوڌن ڄاڻي - ٻجهي مهرشيءَ کي اهڙي وقت تي موڪليو، جڏهن وقت

پانڊوَ ڀوڄن ڪري وشرام ڪري رهيا هئا.

راجا يڌشٽر کي ڀڳوان سورج ديوتا هڪ چمتڪاري برتڻ مليل هو، اُن ۾ ٺهيل ڀوڄن تورو نه اکٽ ٿي پوندو هو، پر اُن ۾ هڪ شرط اِهو هو ته جيستائين دروپديءَ ڀوڄن نه کاڌو آهي، تيستائين هن برتڻ مان ڀوڄن ڪڍڻ ۾ ڪين کٽندو. پر دروپديءَ جي ڀوڄن ڪرڻ بعد برتڻ مان ڀوڄن خلاص ٿي ويندو ۽ وري ٻئي ڏينهن ملندو.

مهرشي دُرواسا کي چيلن سوڌو آيل ڏسي راجا يڌشٽر سندس تمام گهڻي سِڪ شرڌا سان آدرستڪار ڪيو. کين ڀوڄن لاءِ پرارٿنا ڪئي، مهرشي دُرواسا ڀوڄن ڪرڻ سويڪار ڪيو، ڀوڄن جو چئي مهرشي چيلن سوڌو گنگا سنان ڪرڻ هليو ويو.

راجا يڌشٽر مهرشيءَ کي ڀوڄن لاءِ نوتو ته ڏنو، پر ڪنهن کي به اِن ڳالهه جو ڌيان ئي ڪين آيو ته دُروپدي ڀوڄن ڪري چڪي آهي، هاڻي سورج ديو جي ڏنل برتڻ مان ڀوڄن ڪين ملندو.

دُروپدي ته ڳڻتيءَ ۾ پئجي وئي، هاڻي الائجي ڇا ٿيندو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته جيڪڏهن مهرشيءَ کي وقت سر ڀوڄن نه مليو ته هُو سراپ ڏيندي به دير ڪين ڪندو. مهرشي دُرواسا جي ڪروڌي سڀاءَ مان سڀ واقف هئا.

دروپديءَ ٻيو ڪو به وسيلو نه ڏسي شري ڪرشڻ ڀڳوان کي ياد ڪيو.

श्लोक :– दु:शासनादहं पूर्वं सभायां मोचिता यथा ।
तैथव सङ्कटादस्मान्मामुहर्तुं मिहार्हसि ॥

جيئن راج سڀا ۾ ڏوهان، موکي اُگهاڙي ٿيڻ کان بچايو هو، تيئن هاڻي به هن آفت کان اسان کي اچي بچايو.

ڀڳوان ته هر هنڌ حاضر آهي جيڪو به من جي تار ملائيندو ته هو هڪدم اچي حاضر ٿيندو، بس! دروپديءَ جيئن ئي من جي تار ملائي ڀڳوان هڪدم اتي اچي پهتو، جتي پانڊو رهيل هئا.

ڀڳوان شري ڪرشڻ کي ڏسي دروپديءَ جي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڄڻ ته مڙدي ۾ ساهه پئجي ويو، ٻڏندڙ کي سهارو ملي ويو.

دروپديءَ ٿوري ۾ سڀ سماچار ڀڳوان کي ٻڌايو، دروپديءَ جي ڳالهه ٻڌي شري ڪرشڻ ڀڳوان چيو ته دروپدي! انهيءَ ڳالهه کي ته پوءِ ٿا ڏسون، پر پهرين ته ڪجهه کاڌو کڻي اچ ڇو ته موکي تمام گهڻي بک لڳي آهي، تون سمجهين ٿي، ته مان ڪيترو پري کان ڊوڙندو آيو آهيان، ٿڪجي-ٽٽجي پيو آهيان، بک به گهڻي لڳي آهي، ان ڪري جلدي ڪجهه نه ڪجهه کڻي اچ ته مان کائي ٿورو ساهه ته پٽيان.

ڀڳوان جي ڳالهه ٻڌي دروپدي مونجهي پئي ته هاڻي ڇا ڪريان، ڪجهه سوچي ڀڳوان کي چوڻ لڳي ته مان هاڻي ڀوڄن ڪري ٻرتڻ ملي صاف ڪري رکيو آهي، ان ۾ ڪجهه به ڪين آهي. تنهن تي ڀڳوان دروپديءَ کي چيو ته ڀلا، پنهنجو ٻرتڻ ته مونکي ڏيکار ته سهي، متان ڪجهه رهيل هجي. دروپدي ٻرتڻ کڻي آئي، ڀڳوان ٻرتڻ وٺي ڇتائي ڏٺو ته ان ۾ اندر پاسي کان هڪ ساڳ جو پن چنبڙيو پيو آهي. ڀڳوان اهو پن کڻي پنهنجي وات ۾ وجهي سنڪلپ ڪري چيو ته هن ساڳ جي پن سان سنسار جي سڀني جيون جو پيٽ ڀرجي وڃي.

ان بعد ڀڳوان سهديو کي چيو ته ڀائي! هاڻي توهان وڃي مهرشيءَ کي سڏ ڪري اچو ته ڀوڄن اچي ڪن. آڳيا پائي سهديو رشيءَ کي وٺي اچڻ لاءِ ويو.

هوڏانهن جنهن وقت ڀڳوان ساڳ جو پن وات ۾ وجهي سنڪلپ ڪيو، ان وقت مهرشي دروسا چيلن سوڌو اسنان ڪري رهيو هو. اسنان ڪندي اچانڪ انهن سڀني کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته اسان جو پيٽ ته ڳچيءَ تائين ڀريو پيو آهي، بک ته بلڪل ئي ڪانه آهي، سڀئي هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته اتي هلي ڇا ڪنداسون.

ٻڌهن جي سندي چيلن جي اها حالت ڏسي مهرشي درواسا چپ چاپ ٿي ويو ۽ ٺيڪ سمجهيو. ڇو ته ڪيس ڀڳوان جي ڀڳتن جا هٿ لڳل هئا. راجا انبريش جو قصو سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. پانڊوَ پڻ ڀڳوان جا ڀڳت هئا. ان ڪري ڀڳوان جي ڀڳتن کان تمام گهڻو ڊڄندو هو، سندي ڳالهين جو ويچار ڪري مهرشي درواسا چيلن سوڌو اتان ٽپي ويو. سڌو ئي اتي وڃي گهڻو ئي ڳوليو پر ڪيس مهرشيءَ جو ڪو به پتو ڪونه پيو ۽ واپس موٽي آيو.

اهڙين بابت عجيب - غريب ۽ راز ڀريل ڪٿائون ٻڌائيندي سوامي جن سڀني سنگت کي چوڻ لڳا ته هڪ دفعي جي ڳالهه آهي. ڪورون ۽ پانڊون جي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي چڪي هئي.

شميڪ نالي رشي پنهنجن چيلن سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، سو ڪروکيتر مان اچي لانگهائو ٿيا. واٽ ويندي هڪ وڏي گهنٽ هيٺان (آنڊ ران) پکين جي چوُن، چوُن ڪرڻ جو آواز ڪنن ٻڌڻ ۾ آيو. رشي شميڪ چيلن جي مدد سان ان گهنٽ کي مٿي کنيو ته ان هيٺان پکي جا چار ٻچڙا چوُن، چوُن ڪندا ٻاهر نڪتا. رشيءَ چيلن کي چيو ته هنن کي آشرم ۾ کڻي هلو، ۽ هنن کي اهڙي هنڌ حفاظت سان رکو، جتي ٻليءَ وغيره جو ڊپ

نه هجي. رشي شميڪ انهن ٻچڙن جي اَن جل وغيره سان ۽ تمام ڌيان ۽ خبرداريءَ سان پرورش ڪندو رهيو.

هڪ مهيني ۾ ئي هُوَ اُڏامڻ لڳا، ستن سمنڊن، جبلن ٽڪرين، جهنگن، شهرن سان ٽڪرايل ۽ رت جي ڦيٽي واڱر گول سج ڌرتي جي پرڪرما ڪري آشرم ۾ موٽي آيا. آشرم ۾ پهچي انهن پکين رشي شميڪ کي پرڻام ڪيو ۽ پرڪرما پڻ ڪئي. ان بعد اُهي پکي منش جي ٻوليءَ ۾ رشيءَ جي استتي ڪري ڪين چوڻ لڳا ته هي رشي راج! توهان اسان کي خوفناڪ موت کان بچايو آهي. توهين اسان جا گرو ۽ پتا آهيو.

جڏهن اسين ماءُ جي پيٽ ۾ هئاسون تڏهن اسان جي ماتا ارجن جي تير لڳڻ سان مري وئي ۽ پتا به اسان جي پالنا ڪري نه سگهيو. توهان ئي اسان کي نئين زندگي بخشي آهي. توهان ئي اسان کي هاٿيءَ جي تمام ڳري گهنڊ هيٺان ڪڍي اسان کي بچايو آهي ۽ پالي پوشي وڏو ڪيو آهي. اسان جي رکيا ڪئي آهي.

پکيءَ جي ٻچڙن جي اها ڳالهه ٻڌي رشيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو، انهن کان پڇيائين ته سچ سچ ٻڌايو، ته هيءَ منش جي ٻولي ڳالهائڻ توهان ڪٿان، ڪيئن

۽ ڪڍ هن سگهي. توهين اصل ۾ ڪير آهيو. ڪنهن جي سراپ سان توهان کي پکين جي جوڻ ملي آهي؟

رشي شميڪ جي پڇڻ تي هاڻي پکي پنهن جي آتم ڪٿا ٻڌائڻ لڳا. پکيءَ جي ٻچڙن چيو ته وپلسوان نالي هڪ رشي هو، ان کي ٻه پٽ هئا، هڪ جو نالو سڪرش ۽ ٻئي جو نالو تمبرو هو. اسين چار ئي ٻئي راج سڪرش جا پٽ آهيون. اسين جڏهن سمجهه لائق ٿياسون تڏهن اسين چار ئي پنهن جي پتا جي تن، من ۽ واڻيءَ سان سيوا ڪرڻ ۾ لڳي وياسون.

هڪ ڏينهن جا ٿيو جو، هڪ تمام وڏي قد-بت وارو پکي اتي آيو. ان جا ٻئي پر ڀڳل ٽٽل هئا، اکيون ٽامي وانگر هيون. تمام جهور-ٻڍڙو پئي لڳو، هلڻ-چلڻ ۾ هلاڪ پي لڳو، حقيقت ۾ اهو پکي ديوراج اندر هو. اسان جي پتا جي پرکيا وٺڻ لاءِ آيو هو. آشرم تي ان جو اچڻ ئي اسان جي سراپ جو ڪارڻ بڻيو.

ان پکيءَ اسان جي پتا کي چيو ته پوجيه براهمڻ ديوتا! مان ڏاڍو بکايل آهيان، مونکي کاڌ و کارائي منهن جا پراڻ بچايو.

مان وڏو ٻاچل پربت جي چوٽيءَ تي رهندو آهيان

الي وڏا وڏا پکي رهندا آهن. پکين جي زور زور سان اڏامڻ ڪري انهن جي پرن مان نڪرندڙ هوا جي زور سان مان هيٺ زمين تي ڪري پيس ۽ برابر ست ڏينهن بي هوش پيو هوس. انهن ڏينهن مونکي هوش آيو، ۽ مان بک ۽ اڃ محسوس ڪرڻ لڳس. بک جي ڪري وياڪل ٿي جيئن تيئن ڪري رڙهي سڙهي هت توهان جي شرڻ ۾ آيو آهيان. هي براهمڻ ديوتا! بک ۾ منهن جا پراڻ نڪري رهيا آهن، ڪرپا ڪري مونکي ڀوڄن ڪارايو ته منهن جا پراڻ بچن.

اهڙيءَ طرح پکيءَ جي پرارٿنا ڪرڻ تي اسان جي پتا سڪرش رشيءَ ان کان پڇيو ته پراڻ بچائڻ لاءِ توهان جي لاءِ ڪهڙي قسم جي ڀوڄن جو بندوبست ڪريان. تنهن تي اُن پکيءَ چيو ته منهن جي ڀوڄن لاءِ ماڻهوءَ جي ماس جو بندوبست ڪريو. ماس ئي منهن جو کاڌو آهي. اهو کائي مان خوش ٿيندس. پکيءَ جي ڳالهه ٻڌي رشيءَ کيس چيو ته هي پکي راج! تون پاڻ خود اچي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پهتو آهين، تڏهن به تنهن جون اهڙيون نوديون اڇائون ختم نه ٿيون آهن. جڏهن ڪ پڇاڙيءَ جي عمر ۾ اهڙي قسم جون اڇائون ختم ٿي وڃڻ گهرجن. پر تون ڪو اهڙو پٿر دل آهين، جو اڇا لاءِ جيب جي

سواد ۾ ڦاٿو پيو آهين. ڪٿي منش جو ماس، ڪٿي ڍڳهن جي مرڻينگ حالت! ڍڳهن جي ڳالهائڻ مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته نرڏي ماڻهن جي سياهه ۾ مرڻ گهڙيءَ ٽاءِ ۾ ڦيرو ڪيئن ايندو آهي. هي پڪي راڄ! يا ته توهان جو اهڙو نرڏي سياهه آهي يا ته منهن جو سمجهائڻ اجايو آهي. چاڪاڻ ته توهان مون وٽ اٿئي ٿي آيا آهيو، مون پڻ توهان کي پوڄن ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي، اهو ته مونکي ڏيڻو ئي آهي.

پکيءَ کي ماڻهوءَ جي ماس ڏيڻ جو پڪو ويچار ڪري اسان جي پتا، اسان ڇنڊي کي هڪدم سڏ ڪيو، پتا جو سڏ ٻڌي اسين هڪدم اُلي پهچي وياسون، هٿ جوڙي پتا جي اڳيان بيهي رهياسون. پتا، اسان کي سامهون بيٺل ڏسي چيو ته اڙي ٻارو! توهان سڀ آلم گيالي آهيو، توهان جا سڀ منورٿ پورا ٿي چڪا آهن، پر جهڙيءَ طرح مونتي اٿئي رڻ (قرض) آهي، تهڙيءَ طرح توهان تي ٻـه آهي. چاڪاڻ ته توهين منهن جا پٽ آهيو، جيڪڏهن توهان مونکي پنهن جو پتا سمجهو ٿا ته جيئن مان چوان تو ان مطابق ڪريو. پتا جا وچن ٻڌي اسان پتا کي چيو ته پتا صاحب! توهان جو جيڪو به حڪم هوندو، اسين ان جو پالن ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. صرف توهان جي حڪم جي دير آهي. حڪم جو

پالڻ ٿيل ٿي سمجهو.

اسان جي ڳالهه ٻڌي اسان جي پتا خوش ٿي اسان کي شاباس ڏني، ۽ چيو ته هي پکي، اٿي ٿي پنهنجي آشرم ۾ آيو آهي، ڏاڍو بکايل ۽ اڃايل آهي، ماس کائڻ ۽ رت پيئڻ سان هن جي بک اڄ لهي ويندي، تنهن ڪري توهان پنهنجو ماس ۽ رت ڏيڻ لاءِ هڪدم تيار ٿي وڃو. پتا جا وچن ٻڌي اسان کي ڏاڍو ڏک ٿيو. موت جي ڀؤ کان ڏڪڻ لڳاسون. پتا کي جواب ڏيندي اسان هڪدم چيو ته اهڙو ڪم اسان کان نه ٿي سگهندو. اسان جي جواب ٻڌڻ تي اسان جو پتا ڪاوڙ ۾ ٻاهر ٿي ويو. اسان کي چيائين ته مون کي وچن ڏيئي وري ڦري ويا، تنهن ڪري هاڻي منهن جي سراپ جي باهه ۾ جلي ڀسم ٿي وڃو ۽ وڃي پکين جو جنم وٺو، ائين چئي اسان کي سراپ ڏنائين.

اسان کي سراپ ڏيئي پوءِ اسان جي پتا ان پکيءَ کي چيو ته هاڻي ٿوري دير ترسو ته پڇاڙيءَ جا جيڪي به ڪرم آهن اهي شاستر وڌيءَ موجب ڪري وٺان، پوءِ توهان بي کٽڪي آرام سان مون کي کائجو. مون پنهنجو شرير توهان کي ڀوڄن ڏيڻ لاءِ فيصلو ڪيو آهي. رشيءَ جا وچن ٻڌي اهو پکي چوڻ لڳو ته توهان يوگ ٻل سان پنهنجي شرير جو

تياڳ ڪريو ته پوءِ کائيندس، ڇو ته مان ڄميري منش کي ڪين کائيندو آهيان. پکيءَ جا وچن ٻڌي اسان جو پتا يوگ ٻل سان شرير تياڳ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، پکيءَ جي روپ ۾ لڪل اندر، رشيءَ جي من جي ڳالهه ڄاڻي ورتي، سو هڪدم پکيءَ جو روپ ڇڏي اصلي اندر جي روپ ۾ ظاهر ٿي رشيءَ کي چيو ته هي براهمڻ ديوتا! مان اندر آهيان، توهان جي پريکيا وٺڻ لاءِ آيو هوس. توهان ان پريکيا ۾ پاس ٿيا. هاڻي توهان جا سڀئي ڪارج پورڻ ٿي ويا، ائين چئي اندر اتي جو اتي غائب ٿي ويو.

اندر جي انتردان ٿي وڃڻ کان پوءِ اسان پنهن جي پتا جي چرڻن ۾ سر جهڪائي پرارٿنا ڪئي؛ چيو ته پتا صاحب! اسان مرڻ جي ڊپ کان ڊڄي توهان جي حڪم جي انحرافي ڪئي. اسين توهان جي شرڻ ۾ آيا آهيون، هاڻي ڪرپا ڪري اسان کي معافي ڏيو. اسان جي پرارٿنا ٻڌي، پتا صاحب اسان کي چيو ته جيڪا ڳالهه منهن جي منهن مان نڪتي آهي، اها ڪوڙي نه ٿي سگهندي، پر توهان کي وردان ڏيان ٿو ته پکيءَ جي جوڻ ۾ به توهان کي پرم گيان پراپت ٿي ويندو؛ توهين منش جي ٻولي ڳالهائي سگهندا. پنهن جي آتما رشي شمڪ کي ٻڌائي کيس پرڻام ڪري چار ئي

ٻڪي وڻ ٽاچل پربت ڏانهن اڏامي هليا ويا.

اتٿيءَ جي وشيه ۾ سوامي جن سڀني سنگت کي سمجهائيندي چيو ته اتٿي کي عام رواجي ماڻهو ڪونه ڄيندو آهي. شاسترن ۾ اتٿيءَ کي ديوتا جو درجو ڏنو ويو آهي. وشڻو ڀڳوان، راجا ٻليءَ جو اتٿي بڻيو آهي. برهما، وشڻو ۽ شنڪر ٽنهي مهان ديوتا مهرشي اتري ۽ مها ستي انسويا جا اتٿي بڻيا آهن. نچڪيتا، يم راج جو اتٿي بڻيو آهي. شري ڪرشڻ ڀڳوان، مها داني ڪرڻ جو اتٿي بڻيو آهي.

اڪثر شري وشڻو ڀڳوان، ديوراج اندر ۽ ٻيا ديوتائون پنهن جا روپ بدلائي راجائن، مهاراجائن، تپسين، ڀڳتن، براهمڻن وٽ انهن جي پريکيا وٺڻ لاءِ اتٿي بڻجي ويا آهن. راوڻ پڻ سيتا وٽ اتٿي بڻجي ويو هو. شاسترن اتهاسن ۾ اتٿين بابت گهڻئي ڪٿائون لکيل آهن. ٻيو ڪوئي ڪاله آهي، پر اتهاسن موجب اهڙي قسم جا اتٿي اڄ ڪالهه هن گهور ڪلجڳ ۾ ملڻ مشڪل آهن. اتهاس - پراڻن جي پڙهڻ مان اها ڄاڻ ضرور پوي ٿي ته اتٿيءَ جي سيوا صرف پرش ئي (مرد ن) ڪئي آهي. اتٿيءَ جي سيوا ماتائن - ڀينرن ڪئي هجي، اهڙي قسم جو ورڻن (بيان) پراڻن شاسترن ۾ ڪونه ٿو اچي.

اتٿيءَ جي وشيه ۾ سنت سنگتن کي سمجهائيندي

سوامي جن چيو ته اٺين ۽ الهن جي شـــوا ڪند
راجائن - مهاراجائن ، ڀڳتي براهمڻن ، ڀڳتن جي گيان
شڪتي ۽ ٻين سڀني ڳالهين جي پوري جا
الهاسن، پراڻن جي پڙهڻ مان پوي ٿي .

شاسترن ، سڀني ڪرمن ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني
آهي . پر سوچي سمجهي ڪرم ڪرڻ لاءِ پڻ خبرد
ڪيو آهي . ان ڳالهه تي وڌيڪ روشني وجهند
سوامي جن چيو ته اهـــي سڀ ڳالهيون شاســترن
چڱيءَ طرح سمجهايل آهن . جيئن ته :-

त्र :- मत्वा कर्माणि सीव्यन्ति ।।

هر هڪ ڪرم نهايت ئي سوچ ويچار ڪرڻ بعد
ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به ڪرم ڪرڻ ۾ جلد بازي
ڪرڻ گهرجي. "دير پيا درست ٿيا."

ोक :- योगस्थ कुरु कर्माणि संगं त्यक्त्वा धनंजय ।
सिद्धयसिद्धयो: समो भूत्वा समत्वं योग उच्यते ।।

شري ڪرشڻ ڀڳوان پڻ ارجن کي چيو آهي
ڪرم ڪر ، پر يوگ ۾ ثابت قدم (پختو) ٿي ب
ڪر. ڪرم ۽ ان جو نتيجو، نتيجي مان پيدا ٿيند
خوشي ۽ غم، نفرت ۽ پيار، هار ۽ جيت وغيره
ڀاڱ کي الڳ رکي .

شعر :- آد قل ويچار ڪي ، ڪر ڪر پڇي سڀ ڪام ج
پي وچن من ماهه ڌاري، پاءِ سک آرام جو

ستگرو نيٺون رام مهراج جن پڻ ڪرم ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا، پر ساڳئي وقت اهو چتاءُ به ڏين ٿا، ته ڪرم جو ڦل ڪهڙو نڪرندو، ان جو ڀرپور ويچار ڪري پوءِ ڪرم ڪريو. تڏهن سک شانتي ملندي.

هر ڀيرو ائين ڪونه آهي ته خراب ڪرمن جوئي ڦل خراب نڪرندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن سٺي ڪرم جو ڦل به خراب نڪرندو آهي، اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي.

سنت - مهاتمائون پڻ انهن ڳالهين ڏانهن عام ماڻهن جو ڌيان ڇڪائيندا رهن ٿا. توهين پڻ انهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي اڳتي وک وڌائيندا رهجو. سنت، گرو ۽ ڀڳوان سدائين توهان سان گڏ آهن.

ايترو سمجهائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو.

سوامي جن جي ست سنگ ۽ آشيرواد کان پوءِ ڀائي ڌرمچند اٿي بيٺو ۽ سوامي جن جا احسان مڃيندي سڄي سنگت کي چيو ته پرم پوجنيہ سوامي سروانند مهراج جن جيڪا اسان سڀني تي ڪرپا ڪئي آهي، ان لاءِ اسين سڀ سندن ٿورائتا آهيون. سنگت طرفان اها وينتي پڻ ڪئي وئي ته جلدي جلدي اسان کي درشن ڏيئي نهال ڪندا رهجو. ان بعد سوچنا ڏيندي ڀائي ڌرمچند چيو ته پوج

سوامي جن سياڻي صبح جو اٽڪل اٺين ٻجي ڌاري شاهه جي ڪار ۾ هتان راولپنڊيءَ روانا ٿيندا. ٿوهين سڀئي پوڄ سوامي جن کي الوداعي ڪرڻ لاءِ سنڌالن منڊر ۾ اچڻ جي تڪليف وٺندا، ان کان پوءِ رام نام جي ڌني لڳائي پرساد ورهايو ويو، پرساد وٺي پريمي گهر ويا. پوڄ سوامي جن پڻ ڪٽيا ۾ اچي ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا. ٻئي ڏينهن ريل پروگرام موجب پوڄ سوامي جن سنڌالن منڊر ۾ آيا، موڪلائڻ لاءِ گهڻئي پريمي اچي گڏ ٿيا هئا، سڀني پريمين موڪلاڻيءَ جو پرڻام ڪري سوامي جن کان آسيس ورتي، سڀني کي آسيس ۽ آتت ڏيئي سوامي جن ڀائي ڪرپارام سان گڏ جي ڪار ۾ ويهي راولپنڊيءَ ڏانهن روانا ٿيا.

راولپنڊيءَ پهچي سوامي جن سنڌو لال ڪٽڙي سنڌالن منڊر ۾ ويا، ڀائي ڪرپارام سوامي جن جي رهڻ جو پورو بندوبست ڪري، کين ڀوڄن ڪرايو، ان کان پوءِ گهر وڃڻ لاءِ آگيا ورتي، وڃڻ وقت سوامي جن کيس چيو ته، گهر جي سار سنڀال لهي، سڄو ڪم ڪار لاهي سڀني پريمين کي ست سنگ جي سوچنا ڏيئي پوءِ شام جو هت پهچي وڃجو ته پوءِ گهمڻ هلنداسون، آگيا پائي ڀائي ڪرپارام پنهن جي گهر ويو، سوامي جن آرام ڪرڻ لڳا.

آگيا موجب ڀائي ڪرپارام سڀو ڪم ڪار لاهي شام جو ٻين برهمڻن کي به پاڻ سان گڏ وٺي پوري وقت تي سوامي جن وٽ پهچي ويو. سوامي جن ته اڳ تيار ويٺا هئا، پوءِ سڀني برهمڻن سان گڏجي شهر کان ٻاهر باغن ۾ گهمڻ ويا، سوامي جن اُتي گهمي ڦري سنڌ ڪري موٽي جاءِ تي آيا، ايتري ۾ ست سنگ جو وقت به اچي پورو هو، ان ڪري جل پان ڪري برهمڻن سان گڏجي سوامي جن ست سنگ ۾ آيا، سوامي جن کي پريان ايندو ڏسي ساري سنگت اُٿي بيٺي ۽ جئه جئه ڪار مچائي ۽ تاڙيون وڄائي سندن سواگت ڪيو. سوامي جن آسڻ تي براجمان ٿي سنگت کي وهڻ لاءِ آگيا ڪئي، آگيا پائي سڀئي پريمي ويهي رهيا.

پورا اَٿ لڳا. سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اُچارڻ ڪري ست سنگ شروع ڪيو، ديو گروهه جي وندنا ڪري ساري سنگت کي آسڻ لڳائي وهڻ ۽ هڪ چتو ٿي ٻڌڻ لاءِ آگيا ڪئي. ان بعد سناتن ڌرم جي وشيه تي وارتا هلائي سوامي جن چوڻ لڳا ته هر هڪ منش کي پنهن جو پنهن جو فرض پالڻ گهرجي. سچ ئي ڌرم آهي ۽ ڌرم ئي سچ آهي. پنهن جي ڪٽنب، متن-ماٽن، يارن-دوستن وغيره جي سکه ۽ واڌاري لاءِ، پاڻ پتوڙڻ گهرجي، پر سچ کان

ڪڏهن بہ منهن ڪين موڙڻ گهرجي. جڏهن ڪوڙ ڳالهائڻ سان ٻين جو نقصان ٿيندو هجي يا انياءُ ٿيندو هجي تہ اهو ڪوڙ ڪڏهن بہ ڪين ڳالهائڻ گهرجي. سدائين سچ ڳالهائجي، پر سچ ۽ ڪوڙ کي ٽوري تڪي پوءِ ڳالهائجي.

ان بابت هڪ ڪٿا ٻڌائيندي سوامي جن سنگت کي چوڻ لڳا تہ ڪندن پور نالي هڪ ڳوٺ هو. ڳوٺاڻا ماڻهو گهڻي ڀاڱي ڀالا ڀولا ٿيندا آهن، اُهي اڻ پڙهيل تہ هوندا آهن، پر منجهن سادگي، سچائي، وفاداري ۽ ايمانداري جهجهي انداز ۾ هوندي آهي. ان ڳوٺ ۾ هڪ ستيوادي نالي ماڻهو بہ رهندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪڙو ٽپسي گهمندو ڦرندو ان ڳوٺ ۾ وڃي پهتو، اتي جي ڳوٺاڻن جو پريم ۽ سڪ شرڌا ڏسي اتي ئي رهي پيو. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد اهو ٽپسي ڳوٺ کان ميل ڪن پنڌ تي نديءَ جي ڪناري تي بيٺل شيشم جي وڻ هيٺان ويهي ٽپسيا ڪرڻ لڳو.

رڳو پاڻي پي جهنگ جا ڦل ڦول کائي تپ ڪرڻ لڳو، برابر ٻارهن سال ان ٽپسيءَ ٽپسيا ڪئي. تپ جي پرتاپ سان ان کي رڌي سڌي پراپت ٿي وئي. رڌي سڌي پراپت ڪري ٽپسي ڏاڍو خوش ٿيو.

ڳوٺ جا ماڻهو تہ روز اتي ويندا هئا، پر ٽپسيءَ

کي تپسيا ڪندو ڏسي ٻري کان درشن ڪري واپس هليا ويندا هئا.

هاڻي جڏهن تپسيءَ جي تپسيا پوري ٿي ۽ ڳوٺ وارن کي خبر پئي، تڏهن پريمي درشن ڪرڻ لاءِ تپسيءَ وٽ وڃڻ لڳا. سڄو ڏينهن تپسيءَ وٽ ماڻهن جي ڀيڙ لڳي پئي هوندي هئي. تپسي پڻ پريمين کي رڌيون سڌيون ڏيکاري اچرج ۾ پيو وجهندو هو، "چمتڪار کي نمسڪار آهي." رڌين سڌين کي ڏسي سڀني ماڻهن جو ڀرم شردا وڌڻ لڳو.

هر هڪ ماڻهو رڌيون سڌيون ڏسي تپرس ۾ پئجي ويندو هو. ڳوٺ ۾ جتي ڪٿي تپسيءَ جي رڌين سڌين بابت ڳالهيون ٻوليون ٿيڻ لڳيون. رڌين سڌين ڪري تپسيءَ جو جس چئني طرفن ڦهلجڻ لڳو. آس پاس جا ماڻهو تپسيءَ جي درشن ڪرڻ ۽ رڌيون سڌيون ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. ائين ڪٿي چئجي ته سڄو ڳوٺ تپسيءَ ڏانهن مائل ٿي ويو هو.

ان ڳوٺ ۾ جيڪو سنيهوادي رهندو هو، اهو هو ته هڪ خسيس دوڪاندار، پر سندس ڳالهه-ٻولهه، ٽور-ٽڪ، ڏي-وٺ، وهنوار وٿي، واپار، اُٿڻي-ويهڻي وغيره هر هڪ ڪرم ۾ سچ تي ٻڌل هوندو هو، هو ڇرچي مشڪريءَ ۾ به ڪوڙ ڪين

ڳالهائيندو هو. سڀني جي وهنوار ڪرڻ ڪري ان جو
ڀالوڻي ستيوادي پئجي ويندو هو. هڪ ڏينهن ڪي
سڄڻ تلسيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا
ته رستي ۾ ستيواديءَ جي انهن سڄڻن سان ملاقات
ٿي وئي، ڳالهه ٻولهه ڪندي اهي ستيواديءَ کي
چوڻ لڳا ته اسين تلسيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃي
رهيا آهيون، توهين درشن ڪرڻ هلندا؟ ڇا توهان
تلسيءَ بابت ڪجهه ٻڌو آهي؟ هو هڪڙو سٺو پرش
آهي، ڇا ته رڌيون سڌيون ٿو ڏيکاري، اڻ مندائتا
ڦل ٿو ڪرائي. اهڙو ٻڌي ستيواديءَ چيو ته تلسيءَ
جي باري ۾ ٻڌو ته مون به آهي پر درشن نصيب
نه ٿيو آهي، اهو ٻڌي اهي چوڻ لڳا ته جيڪڏهن
توهان درشن نه ڪيو آهي ته اڄ اسان سان گڏجي
هلو ته درشن ڪري اچون. اڄ آرتوار آهي بزار ته
ائين ئي بند آهي. اهو ٻڌي ستوادي چوڻ لڳو ته
چڱو، هلو ته هلون. ائين چئي ستيوادي به انهن سان
گڏجي تلسيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ هليو، تلسيءَ
وٽ پهچي سڀني تلسيءَ کي پرڻام ڪيو؛ پوءِ سڀ
ويهي رهيا.

تلسيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪندي انهن سڄڻن
ستيواديءَ ڏانهن اشارو ڪندي تلسيءَ کي هٿ
جوڙي چيو ته هي ڀڳون! هيءُ سڄڻ اڄ پهريون ئي

پيرو توهان جي درشن ڪرڻ لاءِ آيو آهي، سو
ڪريا ڪري هن کي ڪجهه نورو چمتڪار ڏيکاريو.
تپسي ۽ اهي سڀئي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا
هئا ته اچانڪ ايشور جي اڇا سان، پنج ست ڪبوتر
مٿان آسمان ۾ اڏامندا پئي ويا. تپسيءَ کي ته چمتڪار
ڏيکارڻو ئي هو، سو ڳالهه ٻولهه بند ڪري تپسيءَ
اڏامندڙ پکين ڏانهن نهاري ۽ هٿ جو اشارو ڪيو،
اشاري ڪرڻ سان ئي سڀئي ڪبوتر تپسيءَ جي
اڳيان اچي ڪريا ۽ ڪرڻ سان ئي مري ويا. اهو
چمتڪار ڏسي سڀئي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا، ٽاڙيون
وڄائي تپسيءَ جي واه واه ڪرڻ لڳا. اهو سڀ رنگ
ڏسي ستيوادي تمام گهڻو دکي ٿيو ۽ ڏاڍو پڇتاءُ
ڪرڻ لڳو. درد ڀري ڏانهن ڪري چوڻ لڳو ته هاءِ
هاءِ! هي ڇا ٿي ويو. ايڏو وڏو پاپ! اهو پاپ
مون ئي ڪرايو آهي، جيڪڏهن مان نه اچان ها، ته
هنن گونگن گگدامن جا پراڻ ڪين وڃن ها. ستيوادي
جي نهايت ئي قياس جوڳي حالت ڏسي، جيڪي
ماڻهو پهريان تپسيءَ جي واه واه ڪري ۽ خوشي ظاهر
ڪري رهيا، اهي سڀئي شرم ۽ شوڪ جي سمنڊ ۾
ٻڏي ويا. تپسي پڻ ڏاڍو شرمسار ٿيو، سندس منهن
جو پنو ئي لهي ويو. سڀني ماڻهن کي اندر جي آتما
ڌڪارڻ لڳي. ستيوادي ٿڌو ساهه کڻي هٿ جوڙي

تپسيءَ کي چوڻ لڳو ته، توهين ته ستپرش آهيو
رڌيون سڌيون توهان جون داسيون آهن، هنن
ڪبوترن جي هتيا ڏسي منهن جي آتما تمام دکي
ٿي رهي آهي، توهين ديا جا ساگر آهيو، هنن
بي گناهه جيون تي ترس ڪريو، هنن کي جيئدان
ڏيو. ڪرپا ڪري هنن پکين کي اڏامڻ جي شڪتي
ڏيو، اها توهان جي مولتي وڏي ڪرپا ٿيندي،
ستيوادي جي ڳالهه ٻڌي ۽ سيني ماڻهن جي حالت
ڏسي تپسي تمام گهڻي مونجهاري ۾ پئجي ويو، هاڻي
ڇا ڪريان! تمام ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو، آخر
لاچار ٿي پيو ڪو، رستو نه ڏسي تپسي تمام شرمنده
ٿي ستيواديءَ کي چوڻ لڳو ته، منهن جا پرپتر!
ڪبوترن کي جيئري ڪرڻ لاءِ توهان چئي رهيا
آهيو، پر مان ڇا چوان، هنن ڪبوترن کي موت ماري
ته وڌو پر هنن کي جيئري ڪرڻ جي طاقت مون ۾
ڪانه آهي، جڏهن ڪبوترن کي جيئري ڪرڻ لاءِ
ستيوادي تمام گهڻي پرارٿنا ڪئي تڏهن افسوس ظاهر
ڪندي هٿ جوڙي تپسي چوڻ لڳو ته، هي ستيوادي!
جيڪڏهن مون ۾ اهڙي شڪتي هجي ها ته، مان
توهان جي چوڻ کان اڳواٽ ئي هنن پکين کي جيئرو
ڪري اڏائي ڇڏيان ها! مان پڻ پنهنجي ڪرتيءَ
تي شرمسار آهيان، تپسيءَ جي شڪل ڏسي ستيوادي

سمجهي ويو تہ برابر هو ٻي وس آهي، هاڻي تپسي
ڪبوترن کي جيئرو ڪري ڪين سگهندو، جنهي
طرف سندانو چالاڪي ويو، ستيوادي اکيون بند ڪري
پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو، ٿوري دير بعد
ستيوادي رام رام چئي اٿي کڙو ٿيو، ان کان پوءِ هو
پاڻيءَ سان لوٽو ڀري ڪبوترن جي اڳيان ويو، اتي
وڃي هن ڀريائين ڪبوترن جي پرڪرمان ڪئي،
پوءِ هٿ ۾ جل ڪڍي، ڀڳوان کي ياد ڪري چوڻ
لڳو هي انترجامي! هري پورڻ پرماتما! جيڪڏهن
مون جنم کان وٺي اڄ تائين سچ ڳالهايو ۽ سچ جو وهنوار
ڪيو آهي تہ هي ڪبوتر جيئرا ٿي اٿن، ائين چئي
جيئن ئي پاڻيءَ جا ڇنڊا پکين تي وڌائين تيئن ئي سڀ
ڪبوتر جيئرا ٿي آسمان ۾ اڏامندا هليا ويا، پکين
کي جيئرو ڏسي ۽ آسمان ۾ اڏامندو ڏسي، سڀئي
ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا. تپسي تہ حيرت ۾ پئجي ويو،
ڪيس جيڪو رڌين سڌين جو ايمان (ٻانور) هو اهو
سڀ ڪافور ٿي ويو، دل ۾ چوڻ لڳو تہ مون هيتري
تپسيا ڪئي پر مونکي رڳو مارڻ جي شڪتي پراپت
ٿي آهي، پر هن ستياديءَ خبر ناهي تہ ڪهڙي
تپسيا ڪئي آهي جو هن کي جيئارڻ جي بہ شڪتي
حاصل ٿي آهي.

تپسي ٻنهن جي ٻي وسيءَ تي ڏاڍو لڄي ٿيو؟

هڪ جوڙي ستيواديءَ کي چوڻ لڳو ته هي مٺن جا پيارا پريتم! اهو ته ٻڌايو ته هيءَ سڌي (طاقت) توهان کي ڪٿان ۽ ڪيئن پراپت ٿي؟ تپسيا ڪرڻ سان مونکي رڳو مارڻ جي شڪتي ملي آهي. توهان اهڙو ڪهڙو تپ ڪيو آهي، جنهن جي پرتاپ سان توهان کي جيئارڻ جي به شڪتي ملي آهي.

تپسيءَ جي ڳالهه ٻڌي ستيوادي نماڻي نوع ۾ چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان! مان ته گرهستي دوڪاندار آهيان، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبه جپ، تپ، ورت، دان، يوڳ يا يڳيه ڪونه ڪيو آهي. هڪ ڳالهه ضرور آهي ته مون اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به ڪوڙ ڪونه ڳالهايو آهي، هميشه سچ ڳالهائيندو آهيان. سچ جو وهنوار ڪندو آهيان. وڌيڪ مونکي ٻي ڪابه خبر ڪانه آهي، مان نٿو ڄاڻان ته اها شڪتي مون منجهه ڪٿان ۽ ڪيئن آئي.

ستيواديءَ جي ڳالهه ٻڌي تپسي سمجهي ويو، سندس مک مان هڪدم هي اکر نڪتا.

❀ سچ برابر تپ نهين، جهوٽ برابر پاپ،
جسڪي هردي سچ بسي، تس کي هردي آپ.

تپسيءَ چيو ته هي ستيوادي! مان توهان جي ڳالهه کي سمجهي ويس. اها سڀ شڪتي سچ منجهه آهي.

श्लोक:- सत्यमेव परं ब्रह्म सत्यरूपो जनार्दन:।
नहि सत्यात्परो धर्मो, नानृतात्पातकं महत् ।।

श्लोक:- सत्यमेव जयते नानृतं ।

سچ ئي پرٻرهم آهي. سچ سروپ شري ڪرشڻ ڀڳوان آهي. سچ کان مٿي ٻيو ڪوبه ڌرم ڪونهي آهي. ڪوڙ جهڙو ڪوبه پاپ ڪونه آهي. سچ جي ئي جيت ٿيندي آهي. ڪوڙ جي ئي هار ٿيندي آهي. جتي سچ آهي، اتي پاڻ ڀڳوان آهي. ڀڳوان ته سڀ ڪجهه ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي.

تپسيءَ، ستيواديءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان جي زندگي سڦل آهي. ستيواديءَ جي سنگ ۽ درشن سان تپسيءَ جو من بدلجي ويو. ان ڏينهن کان پوءِ اُن چمتڪار ڏيکارڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ سچ جو رستو وٺي وڃي موکيه حاصل ڪيو. سچ جي شڪتيءَ جو ورڻن ڪندي سوامي جن چيو ته:-

श्लोक:- सन्तो हि सत्येन नयन्ति सूर्यं, सन्तो भूमिं
तपसा धारयन्ति । सन्तो गतिर्भूत भव्यस्य
राजन सतां मध्ये नावसीदन्ति ।।

سچ جي شڪتيءَ سان سنت، سج کي هلائن ٿا، سچ جي شڪتيءَ سان ڌرتيءَ کي ڌارڻ ڪن ٿا، گذريل، هلندڙ ۽ ايندڙ وقت جو سنت ئي آڌار آهن. سنت پرشن جي ڇانوَ ۾ رهڻ وارو منش ڪڏهن

۽ ڏکي ڪونہ ٿيندو.

❀ ڀڄن راڳ آشا ❀

ٽُل:- سودو ڪر سچ جو سياڻا، سمجهي سنسار ۾.

١- سچ جو تون وڻج وهائج،
سچ جي تون ڪار ڪمائج،
هردم تون پريتي لائج، سچ جي وهنوار ۾.

٢- سچ جهڙو جاپ نہ ڪوئي،
سچ جهڙو تاپ نہ ڪوئي،
صاحب پڻ ٿئي تو راضي، سچ جي گفتار ۾.

٣- سچ جهڙو ڪرم نہ ڪوئي،
سچ جهڙو ڌرم نہ ڪوئي،
سچ سڀ جو ٻيڙو تاري، ساگر جي ڌار ۾.

٤- سچ ڪان تون منهن نا موڙج،
تن، من، ڌن سچ تان گهورج،
ڪهي ٽيئون سچ سان سونهندين، هر جي دربار ۾.

ڀڄن جو توري ۾ ارٿ ڪري سوامي جن چيو تہ سچ ڪيئن ڳالهائجي، ان بابت شاسترن جا وچن ٻڌائيندي سوامي جن چيو تہ:-

श्लोक:– सत्यं ब्रूयात्प्रियं ब्रूयान्न ब्रूयात्सत्यमप्रियम् ।
प्रियं च नानृतं ब्रूयादेष धर्मः सनातनः ॥

سچ ڳالهاءِ، جيڪو سچو، مٺو ۽ وڻندڙ هجي.
اهڙو سچ نہ ڳالهاءِ جيڪو سچ تہ آهي پر ڪڙو؛

اڻ وٺندڙ آهي، اهڙو وچن ته ته ڳالهه جيڪو ملو ۽
وٺندڙ نه آهي پر ڪوڙو آهي. اهــو آهي سدائين
ڌرم. "آد سچ، جڳاد سچ، هئي ڀي سچ، نانڪ
هوسهن ڀي سچ."

اهڙي ڪٿا ٻڌائي سوامي جن رام نام جي ڏلي
لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو، پرساد وٺي سڀ
پريمي ٻنهن جي گهر ويا، سوامي جن پوڄن ڪري
آرامي ٿيا.

اهڙيءَ طرح نيم سان ست سنگ جو سلسلو هلندو
رهيو. اڃا ست ڏينهن ڪن مس گذريا ته اوچتو
ننڍي آدم (سنڌ) مان سوامي جن جي ٽالي تار آئي.
لالا هرچند اها تار پڙهي سوامي جن کي ٻڌائي.
تار سوامي جن پوڄ پتا صاحب شري شيوڪرام جن
جي پرلوڪ پڌارڻ بابت هئي، ۽ ستگرو نيئولرام
مهراج جن موڪلي هئي.

ٻنهن جي پتا صاحب جي پرلوڪ پڌارڻ جو
دک ڀريو سماچار ٻڌي سوامي جن ننڍي آدم وڃڻ
جو پڪو خيال ڪيو.

رات جو ست سنگ شروع ڪندي سوامي جــن
ٻنهن جي پتا صاحب جي پرلوڪ پڌارڻ جي خبر
ٻڌي پريمن کي ٻڌائيندي چيو تــه اسين سڀاڻي
صبح واريءَ گاڏي پشاور ميل ۾ ننڍي آدم ويندا سون.

گرو مهراج جنهنکي ٻڌائي ٿو اهو سچو ٿي آهي. هر حالت ۾ منش کي سنتوش ڪرڻ گهرجي، ائين سنت شاستر ٻڌائين ٿا، دنيا ۾ هرهڪ منش کي دک سک ڀوڳڻو پوي ٿو.

श्लोक :– नाभुक्तं क्षीयते कर्मकल्पकोटिशतैरपि ।
अवश्यमेव भोक्तव्यं कृतं कर्म शुभाशुभम् ॥

ڪرمن بابت ورڻن ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ڪوئي ڀي ڪرم ڀوڳڻ کان سواءِ ناس نٿو ٿئي. چاهي سؤ ڪروڙ ڪلپ ڇو نه گذري وڃن پر شڀ يا اشڀ ڪرم ڀوڳڻ کان سواءِ ناس نه ٿيندو. وچاروان ماڻهو سک يا دک ۾ سنتوش رکندا آهن.

❀ شرير ڪا جو ڪرم ڀوڳ هئه،
نشچيه ڪر وَهه پانا هئه.
جيسي ديش ۾ وَهه چل جاوي،
وهين اَوَس ۾ آنا هئه.
پرارٻڌ کي پربلتا ڪو، مها مني جن مانا هئه،
ڪهي ٽينون تم نشچيه ڪرلي، تيرٿ گرنٿ پرانا هئه.

پرارٻڌ جي وشيه ۾ سوامي جن جا وچن ٻڌي ڪري لالا هري چند هٿ جوڙي شنڪا ڪئي ته ڀڳون! پرشارٿ ڪرڻ سان پرارٻڌ ختم ٿي سگهي ٿي يا نه؟ پرارٻڌ کي هٽائڻ لاءِ پرشارٿ ڪرڻ گهرجي يا نه؟ شنڪا جو سماڌان ڪندي سوامي جن فرمايو ته

پراربڌ، ڪرم مان ٿيندي آهي، مٿس جي ڪيل
ڪرمن کي ئي پراربڌ چئبو ٿو، هلندڙ وقت
(زمان حال) ۾ ڪيل پرشارٿ ئي ايندڙ وقت (مستقبل)
۾ پراربڌ بڻبو ٿو. مطلب ته پرشارٿ جو ٻيو
نالو پراربڌ آهي.

جيئن اڄ ڪنهن هزار رپيا ڪمايو. (اڄ جي
ڪمائي کي پرشارٿ چون ٿا.) ان مان پنج سو
خرچ ٿيا، باقي جيڪي بچيا، (جيڪي سياڻا سا
پر ڀنهن، ار ڀنهن خرچ ڪرڻا آهن) انهن کي ئي پراربڌ
چئبو ٿو، مطلب ته پراربڌ نالي سان ٻي ڪا به ڳالهه
ڪانه آهي. سڀ پرشارٿ ئي آهي.

پرشارٿ، جنهن کي پراربڌ چون ٿا، اها ٽن قسمن
جي شاسترن ۾ ٻڌائي وئي آهي، سنچت، ڪريمان
۽ آگامي. هلندڙ وقت ۾ ڪيل ڪرمن کي ڪريمان
چون ٿا، ايندڙ وقت ۾ جيڪي ڪرم ڪيا ويندا
انهن کي آگامي ڪرم چون ٿا، گذريل وقت ۾ ڪيل
ڪرمن کي سنچت ڪرم چون ٿا.

مطلب ته هلندڙ ۽ ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ ڪرم،
آتم گيان سان ڪٽجي سگهن ٿا، پر جيڪي سنچت
ڪرم آهن، جن کي پراربڌ چئبو ٿو، جن ڪرمن
جي ڪري شرير جي رچنا ٿي آهي، اهي پرشارٿ
سان ته لاهي، ڪٽجي سگهن ٿا لڪي مٽجي سگهن

ٽا. ڪرم جو رستو ئي اٽالڪو آهي، ڪرمن بابت فيصلو ڪرڻ ۾ وڏا وڏا عقل جا اڪابر (عاقل) به منجهي پوندا آهن. اهي وچن شري ڪرشڻ ڀڳوان جا گيتا ۾ چيل آهن.

❀ هووڻ هار تدان ئي هوئي، جن لڇمڻ رام کهايا.
هووڻ هار تدان ئي هوئي، جن يادوَ ونش چلايا،
هووڻ هار تدان ئي هوئي، جن سولي لنڪ بنايا،
سنتداس هوٽي نهين مٽندي، سب هوٽيءَ دي وچ آيا.

❀ تلسي نگه للات ڪا، ميٽ سڪي نه رام،
ميٽن ڪو سمرٿ آهئه، سمجهه ڪيا هئه ڪام.

❀ ڀڄن راڳ ڀهاڙي ❀

ٽڪ:- ڪب هوٽي مٽندي ناهين،
پل ڪتنا ڀي ڪر چاهين.

١- رام لکن سيءِ ڀٽڪي بن ۾،
سب ڪڇ جانت اپني من ۾،
تڏهن لي گئي مرگ پراهين.

٢- ڪرشن ڪا ڪل يادوَ سارا،
ٽالڪو شاپ ديا مني پارا،
هر، هٽا سڪي نهين ٽالهين.

٣- پانڇو پالڊوَ ڀوڏي پاري،
بن بن ڦرلي ڀئي دکاري،
ڪڇ چلي نه شڪتي ڪاهين.

٣- ڪهي ٽيڙون لا پاوي ڦرهڻ،
چاهي ڪوٽ ٻڻن ڪو ڪرهڻ،
پهه لکيا گرنٿون مانهڻ.

مٿين ڇند، دوهري ۾ پڻن جو مطلب سمجھائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ڏسو ته سهي، پراربڌ ڪهڙي نه عجب آهي، ڪٿي سنڌ ديش ته ڪٿي پنجاب، ڪٿي ٽنڊو آدم ته ڪٿي راولپنڊي. ڪٿي اسين ۽ ڪٿي تون هون، ڪيئن اچي ميل ملايو آهي، هي سڀ پراربڌ جو کيل آهي، پراربڌ جي ميلاپ ۾ وڇوڙو ڪرائيندي رهي ٿي. جنهن جو جتي داڻو پاڻي آهي، ان کي اتي پراربڌ ڇڪي کڻي وڃي ٿي. جنهن جو به جيترا ڏينهن هت داڻو پاڻي هو، اهو مون هت اچي کاڌو، هاڻي وري مون کي پراربڌ واپس وٺي وڃي ٿي، ايترو چئي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو. ان کان پوءِ لالا هرچند چيو ته پوڄيه سوامي جن جيڪي فرمايو اهو سچ آهي، پوڄيه سوامي جن اڄ ڏينهن تائين جيڪي چار وچن اسان کي ٻڌايا آهن، اهي سڀ سچا آهن، اسين سڀ پوڄ سوامي جن جا تهدل شڪرگذار آهيون. اڄين جنهن جي پڻن جي پرتاپ سان اسان سڀني کي پوڄ سوامي جن جا درشن ٿيا آهن.

وڌيڪ سوچيا ڏيندي لالا هرچند چيو ته سڀاڻي

پشاور ميل ۾ سوامي جن هتان نڪتي آدم روانا ٿيندا، توهان سڀئي پريمي سوامي جن کي الوداع (آماٽڻ) ڪرڻ لاءِ مندر ۾ پهتي ويچو. ان کان پوءِ رام نام جي ڌني لڳائي وئي، پرساد وٺي سڀئي پريمي پنهنجي گهر ويا، سوامي جن ڪٽيا ۾ اچي ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن سويري سوامي جن تياري ڪرڻ لڳا، پريمي به اچڻ لڳا، پوءِ سڀئي پريمي سوامي جن سان گڏجي سٽيشن تي آيا، سڀئي پريمين جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، سڀ تمام اداس هئا، پر دل من سان سڀئي پريمي سوامي جن کي عرض ڪري چوڻ لڳا ته هي ڀڳوان! جيڪو پريما ڀڳتيءَ جو ٻج پوکي وڃي رهيا آهيو، ان کي پاڻي ڏيارڻ لاءِ وري جلدي اچڻ لاءِ ڪرپا ڪجو، اهين نه ٿئي جو پاڻي نه ملڻ ڪري پوک ٿي سڪي وڃي، ٻي ته هڪ ڪرپا ڪجو جو توهان پنهنجي ستگروءَ جو، هڪ ڀيرو ته سهي، پر اسان کي انهن جو درشن ضرور ڪرائجو. جڏهن توهان جو آشيرواد ۽ آگيا پتر ايندو ته جڏهن اسين توهان جي شيوا ۾ اچي حاضر ٿيندا سون. پريمين جا پريم ڀريا وچن ٻڌي سوامي جن انهن کي آلت ڏيندي فرمايو ته توهان جو جيڪو پريم آهي، اهو ئي گرو مهراج جن کي هٿ وٺي ايندو.

❀ اس پریم سي لڑاکار ہي،
دیندا آن دکالي جي.
پریم پریو کو کهنچ لي آوي،
دیندا جدو اچالي جي.
مچي پریت پالي سي ائسي،
جندا کسي ٹکالي جي.
روپ شمع کا دیک پتنگا،
جان اپني جا لي جي.
قولون نال محو بت پئو را، قرلدا ڈالي ڈالي جي.
دیکي پریت پچھي والي،
ڈاہي عجب نرالي جي.
ساگر لند ہان چوڑ کي چاهت،
بولد سوانتي والي جي.
مور پاپلا پا پاٹکي، چيي جدو گهٹ کالي جي.
شبد ہن کا سن کر جبهن،
گهر چل آوي ویا لي جي.
چکوا چکوي پریت کي کارن،
اڈهن رٹن الالي جي.
پیا چکور آڈي دا کرندا،
چيهن راس دا والي جي.
چتر داس ڈک هم لس مانش،
جس لي پریت نہ پالي جي.

راولپنڊيءَ سٽيشن جو پليٽفارم برهمڻن سان ڀرجي ويو هو، مٿين پدن جو ٽوليءَ ۾ ارٿ ٻڌائي سوامي جن فرمايو ته جنهن برهم کي اسين ڏسي رهيا آهيون. ان پريم کي وڌائيندا رهجو. ايتري ۾ گاڏي به اچي وئي، شيواداريءَ سوامي جن جو ٿيلهو کڻي گاڏيءَ ۾ سيٽ تي رکيو، سوامي جن پڻ گاڏيءَ ۾ چڙهيا، دروازي تي اٿي چوڻ لڳا ته وقت جو قدر ڪجو، وقت تمام قيمتي آهي.

❀ سمي ڪا اس قدر ڪرنا، ڪوئيءَ نه ڪسنگ ۾،
جو ٻيتي وهنوار سي، سو سڦل ڪر ست سنگ ۾.

پنهن جي ٻنهن جي فرض جي پالنا ڪجو. جيڪا ڳالهه هٿن مان نڪري وڃي ان لاءِ شوڪ نه ڪجو، فرض ادائي سان حق حاصل ڪجو. حقن سان فرض جي رکيا ڪجو. ايتري ۾ گارڊ به گاڏيءَ چلڻ لاءِ جهنڊي ڏيکاري ۽ سيٽي وڄائي، سوامي جن پلئو پائي سڀني برهمڻن کي آشيرواد ڏني، سڀئي برهمڻ آشا ڀريل نگاهن سان نهاريندي سوامي جن کي پرڻام ڪيو. هاڻي گاڏيءَ به هلڻ شروع ڪيو، هري هري تيز رفتار ۾ هلڻ لڳي، جيستائين گاڏي ڏسڻ ۾ پئي آئي، تيستائين برهمي نهاريندا ۽ هٿ لوڏيندا رهيا، جڏهن گهر موٽڻ لڳا ته ائين پئي لڳو ته جيئن ڪا قيمتي شيءِ انهن جي هٿن مان ڪري پئي هجي.

هيڏانهن سوامي جن ياترا ڪندي سکر سان اچي ٽنڊي آدم پهتا، سٽيشن تي لهي پنڌ ڪري اچي امراپور دربار تي پهتا، دربار تي پهچي سامان رکي سوامي جن گرو مهراج جن وٽ ويا، پرڪرما ڪري کين ڏنڊوت پرڻام ڪيو. گرو مهراج جن سوامي جن کي آشيرواد ڏني ۽ وهڻ لاءِ آگيا ڪئي، سندن آگيا پائي سوامي جن پنهنجي ياترا جو سڀ سماچار کين ٻڌايو. خاص ڪري راولپنڊي ۽ جي پريمين طرفان چرن وندنا ڪري انهن جو ڏنل پرساد اڳيان رکيو ۽ عرض ڪري چيو ته راولپنڊي ۽ جي پريمين کي توهان جي درشن ڪرڻ جي تمام گهڻي پياس آهي، سو توهان ڪرپا ڪري انهن کي درشن ڪرايو، جڏهن، توهين آگيا ڪندا، تڏهن اهي پريمي توهان جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندا.

سڀ سماچار ٻڌي گرو مهراج جن سوامي جن کي آشيرواد ڏني ۽ شري شيوڪرام جن جي پرلوڪ سنڌڻي ڪريا ڪرم ڪرڻ لاءِ آگيا ڏني، آگيا پائي سوامي جن دربار جي سڀني سنتن ۽ شيوادارن سان ڀيٽيا ڀرگهه مليا ۽ سڀني کان حال احوال ورتائون ڏنائون. سوامي جن ماتا کي ۽ ڀيرن پڻ آشيرواد ورتي، ان کان پوءِ سوامي جن پنهنجي پتا صاحب جو پرلوڪ سندي سڀئي ڪريا ڪرم پورو ڪيو،

پوءِ هميشه موجب دربار جي شيوا ۾ لڳي ويا.

ساليانيءَ چيٽ جي ميلي کان پوءِ ميلي ۾ آيل
پريمين پنهنجي پنهنجي شهر هلڻ لاءِ گرو مهراج
جن کي عرض ڪيو. گرو مهراج جن پهرين ڪراچيءَ
وڃڻ جو ويچار ڪري پريمين کي پروگرام ٻڌايو.
موقع ڏسي سوامي جن اتر ڪاشي وڃڻ لاءِ گرومهراج
کي پرارٿنا ڪيائين، گرو مهراج ڪين ڪراچي هلڻ لاءِ
آگيا ڪري ڇڏيو ته حال ڪراچيءَ هلو پوءِ اتان
اتر ڪاشيءَ وڃجو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گرومهراج جن منڊليءَ سوڌو
ڪراچيءَ ڏانهن آسهيا. ڪراچيءَ جي پريمين اتي گرو
مهراج جن جي رهڻ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ لاءِ تمام
وڏو بندوبست ڪيو هو، ان وقت گرو مهراج جن
جي منڊليءَ ۾ ٽيهه چاليهه سنت شيواڌاري هئا. گرو
مهراج جن منڊليءَ سوڌو ڪراچيءَ پهتا، ڪراچيءَ
جي پريمين گرو مهراج جن جو سٺو آدرستڪار ڪيو،
اتي نيم موجب سنت سنگ چالو ٿيو. هڪ ڏينهن
سٺو موقعو ڏسي سوامي جن گرو مهراج جن کي
اتر ڪاشي وڃڻ لاءِ پرارٿنا ڪيائين، گرو مهراج جن ڪين
وڃڻ لاءِ آگيا ڏني، سوامي جن تياري ڪري گرو
مهراج جن جي پرڪرما ڪيائين ۽ پرڻام ڪري موڪلايو
پنهنجي سهڻي سنتن شيواڌارين سان به ملي موڪلائي

اتر ڪاشيءَ لاءِ روانا ٿيا.

هردوار ۾ پهچي، اتي ٿورو وشرام ڪري پوءِ اتر ڪاشيءَ روانا ٿيا. اتي پهچي هڪ آشرم ۾ وڃي لٿا، ٿورا ڏينهن اتي رهي پوءِ هڪ وڻ هيٺان ڪکن پنن جي ڪٽيا ٺاهي اتي رهڻ لڳا، انهن ڏينهن ۾ آتم گيان جي حاصل ڪرڻ جي اڀيا وارا ٿي اتر ڪاشيءَ ويندا هئا، اتي گاهه جون جهوپڙيون ٺاهي رهندا هئا، ڏينهن ۾ فقط هڪ ڀيرو ڀوڄن ڪندا هئا، ڪالي ڪملي ڇيتر مان ڀوڄن وٺي ايندا هئا. اتر ڪاشيءَ جي چئني طرفن ڪسان شانتي ئي شانتي لڳي پئي هوندي هئي. سڀ سنت مهاتما ڀڄن، ڌيان ۽ آتم چنتن ۾ لڳا پيا هوندا هئا. اتي سوامي آتمانند نالي هڪڙو سنت آتم پراڻ جي ڪٿا ڪندو هو، سوامي جن اتي ڪڏهن ڪٿا ٻڌڻ ويندا هئا.

اتي رهي سوامي جن گهڻئي آزمودا پرايا، سهڻ جي شڪتي جيڪا ڌرم جو مول آهي، سوامي جن گرو ڪرپا سان ان کي پراپت ڪيو، شري ڪرشڻ ڀڳوان پڻ ارجن کي سهڻ شڪتيءَ جو اپديش ڪندي چيو آهي ته جنهن ۾ سهڻ جي شڪتي آهي اهو ئي آتما گيان جو لائق آهي. چوڻ جو مطلب ته جنهن ۾ سهڻ جي طاقت آهي اهو ئي سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو، سهڻ جي طاقت ۾ هڪ ڳجهو راز سمايل

عقلمندن ڏانهن اشارو آهي. ستگرو ٽيئون رام
آهي.
مهراج جن پنهنجي زندگيءَ جو أملهه خزانو پنهنجي
پياري (شش) ڀڳت سوامي سروانند مهراج جن
کي عطا (بخشش) ڪري ڇڏيو. سوامي جن جي
زندگيءَ ۾ گهڻيئي لاهيون چاڙهيون آيون پر سوامي
جن کي جا سهڻ جي شڪتي مليل هئي ان جي پرتاپ
سان هُنَ پنهنجي من کي هر حال ۾ هڪ جهڙو
بڻائي رکيو.

اتر ڪاشيءَ ۾ رهندي سوامي جن کي ڪافي
وقت گذري ويو. ساليانې چيت جي ميلي تي به
ڪونه پهچي سگهيا. جڏهن سوامي جن ميلي تي نه
آيا تڏهن گرو مهراج جن سندن خبرچار لهڻ لاءِ
هردوار ۾ أوڌوت شري چيتن ديو جي ڪٽيا جي
مهنت شري سوامي پرمداس مهراج جن کي چٺي
لکائي موڪلي. سوامي ٽيئون رام مهراج جن جي چٺي
ڏسي سوامي پرمداس مهراج جن هڪدم ڪٽيا ۾
رهندڙن سنتن طرفان سوامي جن جو سماچار گهرائي
سوامي ٽيئون رام مهراج جن کي لکي موڪليو. ان بعد
گرو مهراج جن سوامي جن کي ٽنڊي آدم ۾ گهرائي ورتو.

اهڙيءَ طرح سوامي جن گرو مهراج جن کان آگيا
۽ آشيرواد وٺي هر سال اتر ڪاشيءَ يا رشي ڪيش
ويندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن گرو مهراج جن کين پاڻ

سان گڏ وٺي ويندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن گرو مهراج جي آگيا سان سنت گرمکداس جي، سنت اوڌوداس، سنت ڌرمداس، يا ٻين گرڀائن کي پاڻ سان وٺي ويندا هئا. ڪڏهن گرو مهراج جي آگيا سان دربار ٿي رهي سڀو ڪاروبار سنڀاليندا هئا.

سوامي جن جي گرڀڳتيءَ جي پرتاپ سان جو، لالا هرچند جي اماڻي گوري شنڪر جي لاعلاج بيماري کان ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پاڻ اچي ڇڏايو هو، ان ڳالهه راولپنڊيءَ جي پنجابي پريمين جي من ۾ گرو مهراج جن لاءِ قدر ٿي سڪ ۽ پريم پيدا ڪري ڇڏيو هو، درشن ته رڳو گوري شنڪر ڪيو هو، اهو ته سڀني ۾. پر سوامي جن جي گرڀڳتي ڏسي ڪري ۽ ست اپديش ٻڌي ڪري سڀني پريمين جي من ۾ گرو مهراج جن جي درشن جي پياس وڌڻ لڳي.

شش جو پهريون فرض آهي، عام ماڻهن ۾ ٻڌن جي لاءِ نه پر ٻڌن جي گروءَ لاءِ شرڌا پريم پيدا ڪري، اهو نه چال ول سان ئي، ۽ نه وري ڏوکي دولاب سان، پر سچائيءَ صفائي سان. اهڙي طرح ڌرم مريادا موجب هلڻ واري شش کي ڀڳت چئجي ٿو، جيڪو گرو ٻڌن جي شش جي من ۾ ٻڌن جي لاءِ نه پر ڀڳوان لاءِ پريم پيدا ڪري ٿو، سچو شش

کي ڀڳوان ڏانهن موڙي ٿو، ان کي ستگرو چئون ٿا.

श्लोक :– यतो भक्तिश्च न भवेत्, श्री कृष्णे परमात्मनि ।
स गुरुः परमो वैरी, करोति जन्म निष्फलम् ॥

جنهن جي اپديش ڪرڻ سان يا ڪٿا ڪرڻ سان شري ڪرشڻ ڀڳوان لاءِ ڀڳتي پيدا نه ٿئي ته اهو گرو، شش جو جاني دشمن آهي ۽ اهو شش جي جنم کي برباد ڪرڻ وارو آهي.

شش کي گرو ئي گرو ٻڌائيندو آهي، ڀڳت کي ڀڳوان ئي وڏائي بخشيندو آهي. ڀڳتن جي لڇڻن جو ورڻن شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا جي ٻارهين اڌياءِ ۾ ڪيو آهي.

شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي اهو ئي بار بار سمجهايو آهي ته تون ڀڳت بڻج، پر جهٽ پٽ ڀڳوان بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪر.

گيتا جي ان راز کي سوامي جن سمجهيو ۽ پريمين جي من ۾ گرو مهراج جن لاءِ سڪ ۽ پريم پيدا ڪيو.

ساليانو چيٽ جي ميلي تي راولپنڊيءَ جا پريمي پڻ ايندا هئا ۽ راولپنڊيءَ هلڻ لاءِ پرارٿنا ڪندا هئا.

انهن پريمين جي پريم کي ڏسي ستگرو مهراج جن راولپنڊيءَ هلڻ جو ويچار ڪيو. ميلي ۾ آيل پريمين کي راولپنڊيءَ هلڻ جو پروگرام ٻڌائي ڏنائون.

رٿيل پروگرام موجب ستگرو مهراج جن، سوامي

گوال لعل جي، سوامي سرواند جي، سنت گرمکداس
جي، سنت ڌرمداس جي، سنت اوڌوداس جي،
سنت مسرليڌر جي، سنت ماڌوداس جي، سنت
رامداس جي، شري ميگهن داس، شسري ٺاڪوررام
(ڏوڪڙي) ۽ ٻين شش سيوادارن کي راولپنڊيءَ
هلڻ لاءِ آگيا ڪئي.

ٽنڊي آدم کان راولپنڊيءَ تائين وچ ۾ جن جن
شهرن ۾ پريمي رهندا هئا، ستگرو مهراج جن انهن
کي پنهن جي پروگرام جي سوچنا اڳواٽ ئي موڪلي
ڇڏي هئي، ريل پروگرام مسوجب گرو مهراج جن
منڊليءَ سوڌو ٽنڊي آدم کان راولپنڊيءَ ڏانهن
روانا ٿيا. جڏهن گاڏي روهڙي سٽيشن تي پهتي
تڏهن سيٺ آوترام رستم واڙو ۽ اوسي - پاسي جا
گهڻئي پريمي گرو مهراج جن جي درشن ڪرڻ لاءِ
روهڙي سٽيشن تي اچي گڏ ٿيا هئا. جيئن ته سيٺ
آوترام جو پٽ ڪنيالال لاچاڪ هو، ان ڪري سيٺ
آوترام، گسرو مهراج جن کي پنهن جي پٽ جسي
لاچاڪائيءَ جو پڌائي کان لهڻ ۽ هڪ راس ڪرڻ لاءِ
تمام گهڻو زور ڀريو، گرو مهراج جن کيس سمجهائي
ڇڏيو ته اسان جو پروگرام ٺهل آهي. ان ڪري هسن
وقت اسسن کان ڪرسنداسون، ٻائي توهسان جو
ڇوڪرو ٺيڪ ٿئي تڏهن لاءِ هيءَ ٻڪ ٽون وڃي ان

کي لڳا، انهن ڇٽي گرو مهراج جن ٻنهن جي مکه مان ڦڪ ڪڍي آوترام جي مکه ۾ وڌي ۽ ڪيس چيو ته هاڻي وڃي اهــا ڇوڪري کي لڳائجانءِ، ڀڳــوان جي ڪرپا سان ڇوڪرو ٺيڪ ٿي ويندو. گــاڏي روالي ٿي وئي، سيٺ آوتــرام موٽي گهر آيو. گرو مهراج جن جي وچن تي وشواس رکــي سيٺ آوترام گرو مهراج جن جي آگيا پٽاندڙ ڦڪ ٻنهن جي ڀــت کي اچي لڳائي، ڦڪ ته اڪسير دوا هــئي، بس! ٻن ڏينهن ۾ ڇوڪرو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ ٿون ٻنو ٿي پيو. جيستائين سيٺ آوترام جيئرو هو تيستائين اها ڦڪ هر ڪنهن کي فيض (فائدو) پهچائيندي رهي.

هيڏانهن گرو مهــراج جن واٽ تــي پريمين کي درشن ڪرائيندا پاڌرا ڪندا هليا، هوڏانهن راولپنڊيءَ ۾ ستــگرو ٽيئون رام مهــراج جن جي پــدارڻ جي سوچنا سيٺن کي ڏني وئي هئي. جتي ستگرو مهراج جن جي آچيان ۽ ست سنگ ڪيرتــن ڪرڻ لاءِ تمام وڏو بندوبست ڪيو ويو هو.

سوچنا مطابق سڀ پريمي راولپنڊي سٽيشن تي گڏ ٿيڻ لــڳا، سٽيشن تي ڀڻ پورو بندوبست رکيو ويــو هو.

هيڏانهن گرو مهراج مدبليءَ سوڙو سفر ڪندي اچي راولپنڊي سٽيشن تــي پهتا، مدبليءَ سوڙو

گرو مهراج جن جيئن ئي گاڏيءَ مان لٿا، تيئن سڀ پريمي درشن ڪرڻ لاءِ گرو مهراج ڏانهن ڊوڙون پائڻ لڳا، سڀني جي هٿن ۾ گلن جون مالهائون ۽ پرساد هو، گرو مهراج جن جي تمام سٺي آجيان ٿي، هڪ ملٽري آفيسر جو سوامي جن جو شش هو ۽ پنهنجي عملي سان گرو مهراج جي سواگت لاءِ آيو هو، اُن ايڪويهه بندوقن سان گرو مهراج جن جو سواگت ڪيو. ان بعد هڪ شاندار سينگاريل گهوڙا گاڏيءَ ۾ گرو مهراج براجمان ٿيا. منڊليءَ جا سڀ سنت پڻ گاڏين ۾ چڙهيا. اڳيان پٺيان هزارن جي تعداد ۾ پريمي مرد، مايون ٻچڙن باجن سان ڳائيندا وڄائيندا هليا، سٽيشن کان لال ڪڙتي (جتي گرو مهراج جن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪيو ويو هو.) اٽڪل چار پنج ميل پري هئي، ان ڪري جلوس کي اُتي پهچڻ ۾ ٻه اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا، لال ڪڙتي پهچي بندوبست ٿيل جڳهه تي اُچي پريمين گرو مهراج کي هڪ سندر سجايل آسڻ تي براجمان ٿيڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي، پڻ گرو مهراج جي منڊليءَ جي سنتن کي پڻ باعزت آسڻن تي وهاريو ويو، پريمي ڪيرتن ڪرڻ ۽ ڇينڇون هڻڻ لڳا، گلن ڦلن جي هارن ۽ پرسادن جا ڍير لڳي ويا، ٿوري دير بعد ڪيرتن بند ٿيو، ستگرو مهراج جن سڀني پريمين کان خبرون چارون ورتي ڏٺي

شيوادارن کي پرساد ورهائڻ لاءِ آگيا ڪئي، پرساد وٺي ۽ ست سنگ جي سوچنا ٻڌي سڀ پريمي خوش ٿيندا ڄڻ ڄڻ ڪار ڪندا پنهنجي گهر ويا.

سوامي سروانند مهراج راولپنڊيءَ جي پنجابي پريمين جي رڳ رڳ ۾ گرو مهراج لاءِ پريم ڀريل ڇڏيو هو، تنهن ڪري گرو مهراج کي ڏسندي ئي اهو پريم ڦٽي پيو. جيئن برسات جو پاڻي نديون ڏانهن ۽ نديون جو پاڻي سمنڊ ڏانهن ڦٽي پوندو آهي، تيئن راولپنڊيءَ جي گهرن گهٽين رستن تان پريمي گرو مهراج جي ست سنگ، ڪيرتن روپي سمنڊ ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. ڏينهون ڏينهن ڀيڙ وڌڻ لڳي، جيتوڻيڪ ست سنگ منڊپ کي چوڻو وڌايو ويو، تنهن هوندي به پريمين جو تعداد وڌندو ويو، آخر ۾ منڊپ جون ڪناتون کوليون ويون.

ست سنگ شروع ٿيندي ئي، ساريءَ سنگت ۾ شانتي ڇانئجي ويندي هئي.

ستگرو مهراج ٻهرون ڀيرو راولپنڊيءَ ۾ پڌاريا هئا. آهن پريمين جو پريم شردا ڏسي گرو مهراج تمام گهڻو خوش ٿيا.

هڪ ڏينهن ستگرو مهراج جن ويدانت جي وشيه تي ڳالهائيندي هيءُ شبد اچاريو.

❀ ڀڄن راڳ ڪلياڻ ❀

ٽُڪ :- عجب تماشا لايا هرني، عجب تماشا لايا.

١- ڦرلي ڪا ٻهه ٻڌا پسارا، نا ڪڇ آيا جايا.

٢- جو ڪڇ ڏيکت سو ڪڇ ناهين، سپني جيون درشايا.

٣- گياني ڏ ٻالي کوجت هاري، نيت نيت ڪر گايا.

٤- ڪهتا نيئون ڪهت نه آوي، اڏيت ڪيل ڪلايا.

ڀڄن جو اَرٿ سمجهائيندي گرو مهراج سنگت کي چوڻ لڳا ته پرماتما جيڪو هيءُ جڳت رچيو آهي، اهو ڪهڙو نه عجيب غريب آهي. اُن کي ڏسي مان ته حيرت ۾ پئجي ويو آهيان.

اُن وشيه کي وڌيڪ سمجهائيندي ستگرو مهراج جن ٻوڳه وششٽ جو پرسنگه هلائيندي چوڻ لڳا ته مهرشي وششٽ جن ڀڳوان رام کي چيو ته رام! هيءُ سڄو سنسار جيڪو ڏسڻ، ٻڌڻ، محسوس ڪرڻ ۾ پوڳڻ ۾ اچي ٿو، حقيقت ۾ اهو آهي ئي ڪونه. ڪي ٻڌيو آهي، ڪي ٻگڙاٺو ٿي، ڪي ڪڇ نهو آهي، ڪي ٻ هندو ٿي.

هي رام! جيڪڏهن تون چوين ته هيءُ جڳت ٻڌيو آهي ته جيئن ٻج، وڻ جي صورت وٺي ٿو، سون، ڳهڻن جي صورت وٺي ٿو، ڪپهه، ڪپڙي جي صورت وٺي ٿي، ائين پرماتما جڳت جي صورت وٺي ٿو، ٻرهم ۽ جڳت ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه

آهي. پر رام! حقيقت ۾ جڳت ٻيو ڪي ڪين آهي. هيءُ سڄو سنسار تنهنجي خيال ۾ رچيو آهي.

جيئن سپني ۾ سڀ شيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جاڳڻ کان پوءِ انهن جو نالو نشان به ڪين رهندو آهي. تهڙيءَ طرح جڏهن توهين به اگيان جي ننڊ مان جاڳندا ته هيءُ سڄو جڳت سپني وانگر گم ٿي ويندو.

هي رام! اڃا به هيئن سمجهه، جاڳرت، سپنو شُشوپت، (سکپت) اهي ٽيئي حالتون نه هجن، فقط گهري ننڊ هجي، اُن گهري ننڊ جي حالت ۾ ڇا هوندو آهي، ڪجھ ٻڌائي سگهندين؟ گروءَ جا وچن ٻڌي ڀڳوان رام چوڻ لڳو ته ڀڳوان! جاڳرت، سپني ۽ شُشوپت جي حالتن جي ته ڄاڻ اٿم، مگر گهري ننڊ منجهه ڪهڙي حالت هوندي آهي اها ڄاڻ ڪين اٿم. ڀڳوان! ٿوري گهڻي اها ڄاڻ اٿم ته گهري ننڊ جي حالت ۾ مان خود پاڻ ئي ڪين هوندو آهيان نه پوءِ ڇا ٻڌايان. رام جا وچن سڻي وشِشٽ منيءَ چوڻ لڳا ته رام! اُن حالت کي "اگيان" چئجي ٿو. جيستائين اگيان جو گيان نه ٿيو آهي، تيستائين سڀئي پدارٿ، دک، سک، ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڀوڳڻ ۾ ايندا، پر جڏهن وقت اگيان (اوديا) جو پورو پورو گيان پراپت ٿيو، تڏهن وقت هيءُ سڄو سنسار هڪدم

گم ٿي ويندو. گروءَ جا وچن ٻڌي رام پڇيو ته
ڀڳوَن! هيڏو وڏو سنسار ڪيڏانهن هليو ويندو ۽
ڇا ۾ گم ٿي ويندو. رام جا وچن ٻڌي گرو وشسٽ
جن چوڻ لڳا ته رام! بس ان ڳالهه کي ٿي سمجهڻو
آهي. رام! اهو اشارو توهان لاءِ ڪافي آهي.

ويدانت جي وشيه کي وڌيڪ کولڻ واجب نه
سمجهي ستگرو مهراج جن ڳوڙهي ڳجهه، روحاني
راز ۽ اَزغيبي اسرار جي وڏائيءَ جي واکاڻ ڪندي
فرمايو ته ان ڳالهه جي کوجنا ڪندي ڪندي وڏا
وڏا گياني ڏهائي ڏئي هار کائي ويا، آخر ۾ چوڻ لڳا
ته ”بي اَنت، بي اَنت.“

ايتري ڪٿا ٻڌائي ستگرو مهراج جن پنهنجي
مستيءَ ۾ محو ٿي ويا ۽ هيءُ شبد اُچارڻ ڪيو:-

❁ ڀڄن راڳ حسيني ❁

ٽل:- ساڌو چپ کا ڀيد سنسارا،

ڪيا ڪهون ڪڇ ڪهه نه سڪت هون،

اَد ڀيت هئي اسرارا.

١- ڌرتي چپ هئي گگنا چپ هئي، چپ هئي ساگر پارا.

پوَنا پاوڪ سور ڀيا چپ هئي، چپ هئي چندر تارا.

٢- برهما چپ هئي شنڪر چپ هئي، چپ هئي هر اوتارا.

آگم چپ هئي نگما چپ هئي، چپ هئي پراڻ اُتارا.

٣- اَنتر چپ هئي باهر چپ هئي، چپ هئي جگ جنسارا.

ٻاهي چپ هجي ٻاهڙي چپ هجي،

چپ هجي سڪل پسارا.

مَن تن ڄي چپ هجن هر ڄاءِ چپ هجن،

چپ هجي سر جهارا.

ڪهتا نانڪ چپ ۾ چپ هو، چپ ڪا ديکه نظارا.

ايترو چئي گرو مهراج جن چپ ٿي ويا، ساري سڀا پڻ چپ ٿي وئي، حالانڪ سڀا ۾ هزارين ماڻهو ويٺل هئا، پر گرو مهراج جن جي چپ ڪرڻ لئي ساري سڀا ۾ اهڙي نه شانتي ڇانئجي وئي جو ڄڻ نه ڪا خالي جڳهه هجي. سئي ڪرڻ جو آواز به چٽو صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ٿوري دير بعد گرو مهراج جن اکيون کولي ساري سنگت ڏانهن نهاريو. ان ڪانپوءِ رهٽيا، رهٽيا جي ڌُني لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت ڀاءُ پرساد وٺي گهر وئي. ستگرو مهراج جن ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

هڪ ڏينهن شام جو ڪن ٻراهمڻن ستگرو مهراج جن کان سوال پڇيو ته سائين! ڀڳوان کي ڪيئن خوش ڪجي؟ اهو سوال پڇي انهن عرض ڪيو ته سائين! اسان کي سوال جو جواب صرف هڪ اکر ۾ ڏيو. ڪتاٻون اسان گهڻيئي پڙهيون آهن. ٻراهمڻن جي شنڪا جو سماڌان ڪندي گرو مهراج جن کين چيو ته توهين ڇا ۾ خوش ٿيندا آهيو؟ جيئن توهين خوش

ٿيندا آهيو، تيئن ڀڳوان بہ خوش ٿيندو آهي. گرو
مهراج جن جا وچن انهن کي پورا سمجھہ ۾ ڪين آيا،
تنهن ڪري انهن وري پڇيو تہ ذرا کولي سمجھايو.
گرو مهراج جن فرمايو تہ جيئن هر هڪ منش، دل
گھريءَ شيءِ ملڻ تي راضي ٿيندو آهي، تيئن ڀڳوان
بہ دل گھريءَ شيءِ ملڻ تي راضي ٿيندو آهي. انهن
پر ٻنهين وري عرض ڪيو تہ ڀڳوان کي ڪهڙي شيءِ
وڻندي آهي؟ گرو مهراج جن فرمايو تہ ڀڳوان کي
سچو پريم وڻندو آهي.

اهڙيءَ طرح روز نيم سان ست سنگ ٿيندو
رهندو هو ۽ گرو مهراج جن شنڪائن جو سماڌان بہ ڪندا
رهندا هئا. هڪ ڏينهن پريم جي وشيہ تي ست سنگ
ڪندي گرو مهراج جن هيءُ ڀڄن اچاريو:-

❀ भजन राग विहाग ❀

प्रेम प्याला सत्‌गुरु वाला,
राम रसाला पीया जी भरके ॥ टेक ॥
तन मन भेट धरा गुरु आगे, दुविधा दूर भेद सब भागे।
विषय वासना विष रस त्यागे,
भया उजाला जीया जी मरके ॥ १ ॥
पीवत पंगु भया मन मेरा, भूल गया सब मेरा तेरा।
मिट गया सब काल का फेरा,
खुल गया ताला पीया जी घरके ॥ २ ॥

जीव ईश की गयी उपाधी, हट गयथी सब वाद विवादी।
लाई पूर्ण ब्रह्म समाधी,
भया सुखाला सोऽहम् सुमरके ॥ ३ ॥

कहे टेऊं इस काया भीतर, लागी वृत्ती आत्म अन्तर।
ज्ञान नशे गुम हो मस्ती तर,
भया निहाला नियाज़ करके ॥ ४ ॥

مٿين ٻچن جو ٿوري ۾ ارٿ سمجھائيندي گرو مهراج چوڻ لڳا تہ جنھن کي بہ ستگرو سچي پريم جو پيالو ڀري پياري ٿو، ان جي هردي مان ڀيائي بلڪل نڪري وڃي ٿي. جتي ڀيائي آهي اُتي اوندھہ آهي. سمسن - ڀرمن، ڀيائي روپي اوندھہ ۽ وشيہ واسنائن روپي واچوڙي جو بلڪل ناس ٿي وڃڻ، سچي پريم جي پرڪاش ٿيڻ جا اُهڃاڻ آهن.

پريم ۾ ڪنھن بہ قسم جي چاھہ آهي تہ اُن کي نقلي پريم سمجھڻ گھرجي. جنھن پريم ۾ ملڻ ۽ وڇڙڻ محسوس ٿئي تہ ان کي بہ نقلي پريم سمجھڻ گھرجي. جنھن پريم مان "رس" اچي تہ اُن کي بہ نقلي پريم سمجھڻ گھرجي. ڇوڪي اهي جڙ پدارٿ آهن، انهن سڀني کي پنھن جو پنھن جو روپ رنگ ۽ رس آهي. ڇوڪي بہ چيتن جيو-جنت ۽ پراڻي آهن انهن کي بہ پنھن جو پنھن جو رنگ روپ ۽ رس آهي. "رس" کي ٿي پريم سمجھڻ نہ گھرجي. هن

لوڪ ۽ پرلوڪ جي جڙ پدارٿن ۽ چئني پراڻين جي
پريم مان جيڪو رس اچي ٿو، ان کي ڀلي پريم
سمجهڻ گهرجي .

لوهه جي ٽلوار هڪ کي ٻه ٽڪر ڪندي آهي،
۽ پريم جي ٽلوار ٻن کي هڪ ڪندي آهي. جيڪڏهن
اهو سچ آهي ته ٻوءِ ملڻ ۽ وڇڙڻ جو دک سک ڇو
محسوس ٿيڻ گهرجي. پريم ٿي ڀڳوان آهي. جيڪڏهن
اهو سچ آهي ته پوءِ ان پريم کي پراپت ڪرڻ کان
پوءِ ڪير ڪنهنجي اڇا ڪري، ڪير ڪنهن کان
وڇڙي ڪير ڪنهن سان ملي. اهڙي سچي پريم
جي پراپت ٿيڻ کان پوءِ سڀئي سوال سماپت ٿي
وڃن ٿا .

छन्दः– प्रीतिकि रीति कछू नहिं राखत,
ज़ाति न पांति नहि गुलगारो ।
प्रेम को नेम कहूं नहिं दीसत,
लाज न कान लग्यो सब खारो ।
लीन भयो हरिसूं अभिअन्तर,
आठहूं जाम रहै मतवारो ।
सुन्दर कोऊक जानि सकै यह,
गोकुल गांव को पैंडोहि न्यारो ॥

छन्द :– द्वन्द्व बिना विचरे वसुधा पर ।
जा घट आत्म ज्ञान अपारो ।

काम न क्रोध न लोभ न मोह न,
राग न द्वेष न मारो न थारो।
योग न भोग न त्याग न संग्रह,
न देह दशा न ढक्यो न उघारो।
सुन्दर कोऊ न जान सकै यह
गोकुल गांव को पैंडो ही न्यारो ॥

مٿين پدن جو أرٿ ٻوري ۽ سمجهائيندي گرو مهراج جن فرمايو ته سچي پريم جو رس ئي نرالو ۽ عجيب آهي. اُن پريم جو ورتن ڪرڻ وارا به عجيب آهن. ان پريم کي ڏيڻ-وٺڻ وارا به عجيب آهن. ايترو چئي رام نام جي ڌني لڳائي گرو مهراج جن ست سنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي. گرو مهراج جن ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

گرو مهراج جن برابر هڪ مهنو آئي رهي سچ ڌرم جو پرچار ڪيو، اُن بعد ننڍي آدم اچڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا، گرو مهراج جن جي واپس ورڻ جو ٻڌي پريمي اداس ٿي ويا. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي سڀئي پريمي گرو مهراج جن جو رستو روڪي بيهي رهيا.

بعد ۾ ان گوڪل ڇڏي مٿرا ويندي وقت ۽ أيوڌيا ڇڏي ان ڏاهن ويندي وقت، جيئن اڄ-واسين ڀڳوان شري ڪرشڻ جو ۽ أيوڌيا واسين ڀڳوان

شري رام جو رستو روڪي رکيو هو، تنهن راولپنڊيءَ
کان ٽنڊي آدم ويندي وقت، راولپنڊيءَ جي
پريمين ته گرو مهراج جو رستو روڪي ڇڏيو. پريمين
جي اهڙي سڪ ۽ صدق کي ڏسي گرو مهراج جن
مشڪي سيڻي کي آلت ڏيندي فرمايو ته توهين
اسان کي خوشيءَ سان موڪل ڏيو، اسين توهان کان
اصل پري ڪونه آهيون. توهانجي سڪ شردا ۽ پريم
کي ڪڏهن به ڪونه ڀلجي سگهنداسون، توهانجو
پريم ڏسي اسين تمام خوش ٿيا آهيون. جڏهن
پريمين رستو ته ڇڏيو تڏهن گرو مهراج جن پنهنجي
موهڻي مايا جو پڙدو اُنهن مٿان وجهي ٿورو مشڪي
فرمائڻ لڳا ته هيترا ڏينهن توهان کي اسان جيڪو
ست سنگ ٻڌايو ۽ توهان پڻ شردا سان ٻڌو، ڇا اهو
وساري ويٺا؟ اسان توهان کي ڇا ڇا ٻڌايو هو؟
اُنهن وچنن کي ياد ڪريو. گرو مهراج جا وچن ٻڌي
پريمين کي ڌرج آيو. سڀئي پريمي چپ ٿي ويا،
پريمين کي چپ ۾ ڏسي انترجامي گرو مهراج سندن
دل جي ڳالهه سمجهي ويا، سڀئي ڏانهن نهاريندي
گرو مهراج جن چوڻ لڳا ته توهان اسان جي وچنن
کي ياد ڪري ماٺ ڇو ته ڪئي آهي پر ان ماٺ
۾ توهان جي جيڪا لڪل اِڇا پاتل آهي ان کي پورو
ڪرڻ لاءِ اسين اٺن ڏهن ڏينهن لاءِ سروالند،

گرمکداس ۽ ڌرمداس کي اٿي ھلڻي ٿا وڃون. گرو مھراج جن جي نڪار واند مان اھي وڃن سٺي سھڻي ٻرسمي ڏاڍو خوش ٿيا. لالا ھرٻھدد ڇوڻ لڳو ته ٻچون! توھين سڀ ٻچ آنترٻامي آھيو، اسان سڀني جي دل ۾ اھائي اڇا ھئي جا توھان ٻوري ڪئي، ھاڻي اسان کي ٻورڻ وشواس ٿيو ته توھين ساکياس ايشور جا اوتار آھيو. ان ٻعد سڀئي ٻرسمي گرو مھراج جن سان گڏجي سٽيشن تي آيا، گرو مھراج جن سروانند، گرمکداس ۽ ڌرمداس کي اٿي رھڻ لاء آگيا ڏني، سڀئي ٻرسمين گرو مھراج جن کي موکلائي جو ٻرڻام ڪيو، گرو مھراج جن سڀني کي آشيرواد ڏئي سڀني کان موکلائي گاڏيءَ ۾ چڙھي سفر ڪندا مدٻ ٻيءَ سوڌو ٿندٻي آدم امراٻور دربار تي آيا، ڏھن ڏينھن ٻعد، سوامي سروانند مھراج، سنت گرمکداس مھراج ۽ سنت ڌرمداس مھراج جن به موٽي امراٻور دربار تي آيا.

امراٻور دربار تي ٻارھن تي مھما شھوا جو ڪم ھلندو رھندو ھو. گرو مھراج جن جي آگيا سان سوامي جن ٻڻ شھوا ۾ لڳي ويا.

ڪجھ وقت کان ٻوءِ سوامي جن کي موڪن جي تڪليف ٿي ٻئي. گرو مھراج جن کيس علاج ڪرائڻ لاء حيدرآباد ڊاڪٽر مگھن مل وٽ موڪليو، سنت س

شهوا ۽ سنت ڏيارامداس کي موڪليو ويو.

آپريشن ڪرڻ مهل ڊاڪٽر منگهن مل سوامي جن کان پڇيو ته دوا سنگهائي پوءِ آپريشن ڪريان يا سڌي هٿي پوءِ ڪريان؟ يا جيئن اوهان چئو. سوامي جن چيو ته دوا سنگهائڻ کان سواءِ آپريشن ڪريو. هاڻي ڊاڪٽر منگهن مل ماس کي لستي ڪرڻ جي سڌي هٿي آپريشن ڪرڻ لڳو. چندر پرڪاش پڻ اتي هو. آپريشن ڪندي ڊاڪٽر سوامي جن کان پڇيو ته سائين! ڪيئن سور ته ڪونه ٿو ٿئي؟ سوامي جن چيو ته ڊاڪٽر! سور پور ڇا جو! مان ته پرم آهيان. سوامي جن جا اهي اکر ٻڌي ڊاڪٽر ۽ سڀ کلڻ لڳا. آپريشن سک سان ٿي ويو. نشي جي سٽيءَ جي اثر لهڻ سان سوامي جن سور محسوس ڪرڻ لڳا.

شام جو پنجين بجي ڌاري سوامي گوالانند مهراج، سوامي شانتي پرڪاش مهراج، چندر پرڪاش ۽ پنڊت سيتلداس سيٺي گڏجي سوامي جن کي پڇڻ ويا. سوامي گوالانند مهراج جن سوامي جن کان پڇيو ته بابا! ڪيئن سور - تڪليف ته ڪانه آهي؟ توهان ته ڀلا پرم آهيو. توکي سور ته ڪين ٿيندو هوندو. تنهن تي سوامي جن سوامي گوالانند مهراج جن کي چيو ته سائين! هاڻي مان شرير سان پاڻوار ٿيو آهيان، ان ڪري سور محسوس ٿي رهيو آهي. تنهن تي

سڀني کلڻ لڳا. ڪجهه ڏينهن بعد سوامي جن بلڪل چاق چڱا ڀلا ٿي موٽي امرپور دربار تي آيا. اهڙيءَ طرح سوامي جن جو جيون گذرندو رهيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گرو مهراج جن امرپور دربار جي سيوا-سنڀال لاءِ سنت چندن پرڪاش، سنت مادوداس، سنت شانتي پرڪاش، سنت ڪرشنداس ۽ ٻين سنتن ۽ سيوادارن کي ڇڏي سوامي گوالانند مهراج، سوامي سروانند، سنت گرمکداس، سنت بسنترام، سنت مرليڌر، سنت پريمانند، سنت سنتداس، سنت ڌرمداس، سنت ارجن ديو، شري ڪيولرام سورداس، شري مينگهن داس ۽ ٻين کي پاڻ سان وٺي پريمين جي ڪوٺ تي ڪنڊ ڪوٽ روانا ٿيا. گرو مهراج جن اتي پهچي ست سنگ جو ديوان لڳايو، هڪ ڏينهن ست سنگ هلندي اوچتو سوامي جن جي طبيعت خراب ٿي پئي، گرو مهراج جن ۽ سڀ سنت ست سنگ ۾ براجمان هئا، ان ڏينهن ٺل ڳوٺ جو ٺڪر ايسرلال صاحب پڻ ستگرو مهراج جن سان ملڻ لاءِ آيو هو، ان سان گڏ هڪ سنياسي ساڌو به آيو هو، اهي به ست سنگ ۾ اچي ويٺا، سوامي جن جي طبيعت خراب ٿيڻ جي خبر هڪ سيواداريءَ ستسنگ ۾ اچي سنتن کي ٻڌائي، خبر ٻڌي ڪي سنت اٿي

سوامي جن وٽ ويا، سنتن ۾ چرپر ۽ ڪين گهرايل
ڏسي ٺڪر صاحب ايسر لال سان گڏ آيل ساڌو ۽
سنتن کان پڇيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي، هڪ شيواداريءَ
ڪيس ٻڌايو ته هڪ سنت جي اوچتو طبيعت خراب
ٿي پئي آهي، اها ڳالهه ٻڌي، اهو ساڌو به جلدي
اُٿي سوامي جن وٽ ويو، سوامي جن جي طبيعت
ڏسي چيو ته جلدي ڪري ٿورو مکڻ گهرائي وٺو.
شيواداري جلدي مکڻ کڻي آيو، اُن ساڌو ۽ مکڻ
وٺي اُن ۾ دوا ملائي سوامي جن کي کارائي، دوا
اَمرت جو ڪم ڪيو، خبر نه آهي ته بيماري ڪيڏانهن
گم ٿي وئي، بس! اَڌ ڪلاڪ ۾ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ
ٿي سوامي جن اَچي ست سنگ ۾ ويٺا، اها ڳالهه
جڏهن گرو مهراج جن کي ٻڌائي وئي، تڏهن سوامي
جن گرو مهراج جن کان هٿ جوڙي پڇيو ته اهو سنياسي
ساڌو ڪير هو؟ گرو مهراج جن مشڪي فرمايو ته
ابا! ڳجهه کي ڳولڻ نه گهرجي.

گرو مهراج جن ڪنڊ ڪوٽ کان پوءِ ڪشمور ويا، اُتان
ٻيڙين رستي سنڌو درياهه پار ڪري قادرپور ڳوٺ ويا،
ان کان پوءِ ڀڳت صاحب ڪنور رام صاحب جن جي
ڳوٺ جروار ۾ ويا، اُتان ٿي پوءِ خانپور ڪٽورا کان
ٿيندا ملتان ويا، اُتي به گلا ٻداسين جي حضوري باغ
۾ رهيا، اُتان کان پوءِ لاهور کان ٿيندا هردوار پهتا،

اِهي هردوار ۾ اَوڌوت شري چيتن ديو جي ڪٽيا ۾
رهيا، ان وقت ڪٽيا جا مهنت شري سوامي
پريمداس مهراج جن هئا، اهي گرو مهراج جن جو چڱي طرح
آدر ستڪار ڪيو، ستگرو مهراج جن ٻه ٽي ساعتون ماءِ
ڏاڍو خوش ٿيا، ڪجهه ڏينهن هردوار ۾ رهي، پوءِ
رشي ڪيش ويا. اهڙيءَ طرح تيرٿ ياترا ڪري
گرو مهراج جن موٽي امرپور دربار ٽنڊي آدم ۾ آيا.

ان ريت سوامي جن گرو مهراج جن سان گڏ ياترا ڪندا هئا
ڪڏهن ڪڏهن سوامي جن گرو مهراج جن کان آڪيا
وٺي حيدرآباد پوڄ يوگيراج سوامي گوالانند مهراج جن
وٽ وڃي رهندا هئا، جڏهن گرو مهراج جن
ڪنڀ جي ميلي يا تيرٿ ياترا تي ويندا هئا.
يوگيراج سوامي گوالانند مهراج ۽ سوامي سروانند مهراج
جن کي حيدرآباد مان گهرائي وٺندا هئا، سوامي
گرمکداس مهراج جن ته گهڻو ڪري گرو مهراج جن سان
گڏ ئي رهندا هئا.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پنهنجي زندگيءَ ۾
ٻه پورڻ ڪنڀ ميلا هردوار ۾ ۽ ٻه پورڻ ڪنڀ ميلا
پرياگ راج (الله آباد) ۾ لڳايا هئا، هردوار ۾ اڌ ڪنڀ
ميلا ٻه لڳايا هئا، سڀني ڪنڀ ميلن تي ٻه ٻه پرڪاش
چانوڻي، اَن ڇتر ٽنڊي آدم (سنڌ) جي نالي سان
چانوڻي لڳائي ويندي هئي. هر هڪ ڪنڀ ميلي

تي پرم پرڪاش ڇانوڻي جي بندوبست ڪرڻ لاءِ سوامي جن ويندا هئا، تنهن کان سواءِ سنت چندن پرڪاش، سنت ماڌوداس، سنت ڪرشڻ داس، سنت بسنترام، سنت پرڀداس، سنت ڌرمداس، سنت پريتمداس، سنت ڪنولرام، سنت هنسارام، سنت ڪيشارام، سنت ويڪنٺورام، سنت ستيه پرڪاش، وغيره جن، جن کي گرو مهراج جن آگيا ڪندا هئا آهي پڻ سوامي جن سان گڏجي ويندا هئا، ڪنڀ ميلي جي بندوبست جي پوري جوابداري سوامي جن جي مٿان هوندي هئي.

گرو مهراج امراپور دربار تي هر سال چيٽ جو ميلو ملهائيندا هئا، جڏهن ڪنڀ جو ميلو لڳندو هو، تڏهن چيٽ جو ميلو نه آئي ملهائيندا هئا، پوءِ ڪنڀ جي ميلي تان واپس اچي امراپور دربار تي جهنڊو چاڙهي رکيو هڪ ڏينهن ميلو ملهائيندا هئا.

چيٽ جي ميلي کان پوءِ گرو مهراج جن پريمين جا سوال پورا ڪرڻ لاءِ انهن جي ڳوٺن شهرن ۾ ويندا هئا.

گرو مهراج جن سنڌ، پنجاب، اتر پرديش، مڌيه پرديش، راجستان، گجرات ۽ مهاراشٽر وغيره پرانت جي شهرن ۾ وڃي سچ ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا هئا.

سوامي سروانند مهاراج جن ٻئي ٻاجهولي وانگر گرو مهاراج-
جن پٺيان پٺيان ڦرندا رهندا هئا.

سوامي جن کي ايڪانت (هيڪڙائي) تمام گهڻي وڻندي هئي. ان ڪري چيٽ جي مهلي کان ٻوءِ جيئن جيئن کين موقعو ملندو هو، تيئن گرو مهاراج- جن کان آگيا وٺي اُتر ڪاشي يا رشي ڪيش هليا ويندا هئا.

گرو مهاراج جن سوامي جن جي لڳڙس، نهٺائي، سچائيءَ، سادگيءَ، شرڌا، آگيا پالڻ ۽ ٻين چڱن سڀائن ڪري سوامي جن تي گهڻو راضي رهندا هئا. ان ڪري گرو مهاراج جن سوامي جن کي خوشيءَ سان آگيا ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح سوامي جن جي زندگيءَ جا ڏينهن گذرڻ لڳا.

وقت جي گاڏي ته پنهنجي تکي رفتار سان هلندي رهي ٿي ۽ هلندي رهندي. وقت پائي ڪري جيئَو، گاڏيءَ مان لهن ٿا ۽ وري وقت پائي ڪري ساڳي گاڏيءَ ۾ روانا ٿي وڃن ٿا. ايندڙ وقت ۾ ڇا لکيل آهي، تنهن کي آتم گياني ئي ڄاڻي سگهن ٿا.

سڀني شين ۾ رفتار آهي. ڪي شيون هري هري هلن ٿيون، ڪي تکڙو ۽ وڏن ٿيون. ڪي شيون هري هري هلندي به وڏو آواز ڪنديون آهن، ڪي تکو

هلندي ٻه آواز ڪين ڪندا يون آهن. پر جتي رفتار آهي اتي آواز ضرور هوندو آهي، ڪي مڇش ننڍي ۾ ننڍي آواز کي به ٻڌي سگهن ٿا، ڪي وڏي ۾ وڏي آواز کي به ننا ٻڌي سگهن.

ڪال جي چال تمام ڍلي آهي ۽ آواز تمام وڏو آهي. ان هوندي به ان کي سڀ ننا ٻڌي سگهن.

ڪال جو نغارو تمام زور سان وڄندو رهي ٿو، جنهن پنهنجي پاڻ کي پروڙيو آهي، پاڻ ۾ جهاتي پاتي آهي، اهوئي ڪال جو نغارو ٻڌي سگهي ٿو.

* ٻچن راڳ ٻهاڙي *

ٽل:- من ڳالهه نه ٻڌ تون ڏيان ڌري،
جو ڄائو آهه سو اوس مري.

١- ڀل پير هجي يا فقير هجي،
۽ ملڪ سڀي جو مير هجي.
رڻڌير هجي يا گنڀير هجي،
پر ڪال نه ڪنهن تي قياس ڪري.

٢- ڀل ڀاري ڪوٽ اڏائي ڪٽي،
۽ سور هيه ڪو نه سڏائي ڪٽي.
۽ ڪيڏو پاڻ پڏائي ڪٽي،
نه به آگه ازل جي ليک ٽري.

٣- هتان ڪيتي خاوند خان لڏي،
ويا ماڙيون مڪلا ٻاغ ڇڏي.

چڙ يا موت سيني خاڪ گڏ ي،
تو ڪال ڪنهين ٽان ڪين ٽري.

۴- جو جيئري من کي ماري ٿو، ۽ گيان گروءَ جو ڌاري ٿو،
سو ڀاڻ ٽري جڳ تاري ٿو،
ٽئي 'نيڻون' ڪنهنڪان ڪال ڀري.

* ڀڄن راڳ ڪنسو *

ٽل :- ڀسي ڀيڪال جڳ سارو، وهايا نيڻ ٽارا مون،
نکي مائٽ سنگي ڀيلي، ڏٺا خاڪي نظارا مون.

- رهي راجا نکي پرجا، رهي ڌرتي نکي خواجا،
وڃائي ڀغل ۽ باجا، هليا ويا پران پيارا مون.

۲- ويا جهنگم جتي جوڳي، ويا تپسي گرهي يوڳي،
ٽيا جي رس ۾ روڳي، ڏٺا نرڪين دکارا مون.

۳- آخر سيئي هلڻ وارا، رهي سورج نه چنڊ تارا،
ملن کي سنت هر پيارا، ڏين ڀگتي ڀنڊارا مون.

۴- ڪهي 'نيڻون' گرو داتا، ڏيو گڻ گيان ۽ گياتا،
واري جم ڪال جا ڪاتا، ڪٽيو دک درد سارا مون.

اڻ ڳڻين برهماڻڊن جي ٺاهڻ ڊاهڻ، وس ۾ رکڻ ۽ هلائڻ واري پرم ديو پرماتما جي قدرت جي نيمن (اصولن) کي نکو ڪوئي بدلي سگهي ٿو، نه کو ڦيرائي سگهي ٿو نکو ڪوئي اورانگهي سگهي ٿو.

ٺهڻ - ڊهڻ، جنم - مرڻ، ملڻ - وڇڙڻ، جس - اپجس، هار - جيت، نفعي - نقصان وغيره سيني جو

مکيه ڪارڻ ڪال (وقت) آهي.

گيتا ۾ چيل آهي ته سنسار جيڪو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ يا پڙهڻ ۾ اچي ٿو، اهو سڀ ظاهر ٿيڻ کان اڳ لڪل هو، وقت ان کي ظاهر ڪيو ۽ وري سڀ ڪجهه وقت ۾ سمائجي وڃي ٿو، رڳو وچ وارو وقت ڏسڻ ۾ اچي ٿو، "ٻهراڻ ۾ اَڻ، ٻوءِ ۾ اَڻ، ڪالو ۽ ٻڻ، وچان ويندو نه ڪري."

श्लोक :- न ह्येव ब्रह्मचर्येण न वेदाध्ययनेन च ।
न क्रियाभिर्न चास्त्रेण मृत्युः कैश्चिन्निवार्यते ॥

مهاڀارت ۾ چيل آهي ته اُٺن اُڱن سوڌي ٻرهم-چريه پالڻ ڪرڻ سان، ڇهن اُڱن سوڌي ويدن پڙهڻ سان، هٿيارن هلائڻ جي پوري ڄاڻ هئڻ سان يا ڪنهن ٻئي اُپاءَ سان ڪال ڀڳوان کي هٽائي يا اورانگهي نٿو سگهجي.

ڪال ڀڳوان، هٿيارن، زهريلي شين، جهڙي جهڳڙي، باهه، طوفان، ٻوڏ، بيماري، زلزلي، ڏڪار، نانگ، وڇون وغيره زهريلي جيون، شينهن، رڇ، چيتي، هاٿي وغيره جهنگلي جانورن، سمنڊ، ندي، تلاءَ وغيره گهڻيئي روپ ڌاري سڀني جيون کي ماريندو رهي ٿو. آڪاس پاتال ۾ ڪٿي به ڪو ڇوله وڃي لڪي ويهي، پر ڪال ڀڳوان ڪنهن کي به ڪين ڇڏڻ وارو آهي. ڪال ڀڳوان اڻ ٽر آهي.

ڪنگال هجي يا شاهوڪار، پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل، سياڻو هجي يا مورک، گياني هجي يا اگياني، بيمار هجي يا چاڪ چڱو ڀلو، براهمڻ هجي يا شودر، اوچ هجي يا نيچ، هيڻو هجي يا ڏاڍو، سلڇڻو هجي يا ڪلڇڻو، ناستڪ هجي يا آستڪ، شريف هجي يا بدمعاش، ڏٺڪو هجي يا نڌڻڪو، پوڙهو هجي يا جوان، صدورو هجي يا نڌورو، هشيارن سان هجي يا بنا هشيارن، موکو هجي يا چالاڪ، گرو هجي يا چيلو، جوڳي هجي يا ڀوڳي، ساڌ هجي يا چور، وغيره، مطلب ته ڪير به هجي، ڪال ڀڳوان جي سڀني تي هڪ جهڙي نظر آهي. هن کي مارجي يا هن کي مارجي، ڪال ڀڳوان اڳيان اهڙو ڪو به مسئلو ڪونه آهي. ڪال ڀڳوان لاءِ نه ڪو دوست آهي نه ڪو دشمن آهي. ان لاءِ نه ڪو پنهنجو آهي نه ڪو پرائو آهي.

راڪشن، ديوتن، ديوتائن، انسان مان جنهن ڪنهن به ڪال ڀڳوان کي للڪاريو، ڪال ڀڳوان اُن جون ٻانهون ئي ڀڃي ڇڏيون، خبر نه آهي ته ڪهڙي غار ۾ غرق ٿي ويا. هن قهري ڪال کي سڀني ڏٺو آهي، شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي چيو آهي ته مان ڪال آهيان. ڪال جو به ڪال مهاڪال تي ڪري شري ڪرشڻ ڀڳوان ڪال کي نه اورانگهي

قدرت جي نيمن کي ڇڏيو ۽ باقاعدي انهن جو پالن ڪيو آهي.

هيءُ مرت لوڪ آهي، هن لوڪ ۾ سڀني جيون جو جنم ۽ مرڻ ڌرم آهي. سنت مهاتمائون ڪال جي بارڪين کي ڄاڻن ٿا، ان ڪري اهي پهرين تياري ڪري ڇڏين ٿا. خود ديودوت پڪل روپ ۾ اچي ڪري انهن مهاپرشن، پوک پڪت آتمائن کي برهم لوڪ هلڻ لاءِ ديوتائن جو پيغام پهچائن ٿا. ستگرو مهراج جن پڻ ڪال جو اشارو ڏٺو ۽ هلڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا.

هاڻي پرياگ راج ۾ ڪنڀ جي ميلي جو سونهري موقعو هو. هن ميلي ۾ سڀني دنيا جا ماڻهو ته ايندائي آهن، پر سرڳ وغيره لوڪن کان به ديوي - ديوتا، رشي، مني سڀ پرش به ايندا آهن.

گرو مهراج جن پهرين به ڪنڀ جي ميلي ۾ اَن ڇيتر کوليو هو ۽ ڇانوڻي لڳائي هئي. هن ڀيري به آئينده جو وچار رکندي اڳ ئي اَن ڇيتر کولڻ جو وچار ڪيو. سوامي گوالانند مهراج ۽ سڀني سنتن سان ميلي جي بابت ۾ صلاح مصلحت ڪري گرو مهراج- جن سوامي سروانند مهراج کي ميلي ۾ ڇانوڻي لڳائڻ لاءِ موڪليو. سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت ڌرمداس مهراج، سنت ڪرشنداس مهراج ۽ سنت

گنگارام مهراج جن پڻ ساڻن گڏ ويا. اتي پهچي سوامي
جن گنگا گرڀ (گنگا جي پيٽ) ۾ ڇاوڻي لڳائڻ جو
ڪاريه شروع ڪيو، پوري تياري ڪري سوامي جن
گرو مهراج جن کي تار رستي سڀ سماچار ڏنو.

جيئن ته گرو مهراج جن جو هي ڪنڀ جو ميلو
پهاڙي جو هو، ان ڪري سڀئي سنتن شيوادارن
کي وٺي پرياگ راج ڪنڀ ميلي ۾ پنهن جي پرم
پرڪاش ڇاوڻي ۾ پڌاريا، سنڌ، پنجاب، گجرات،
اتر پرديش، مڌيه پرديش، ڀارت جي ڀنن شهرن
مان گهڻائي پريمي ميلي تي آيا هئا، پرم پرڪاش ڇاوڻي
سنتن ۽ پريمين سان ڪچا ڪچ ڀرجي وئي.

اتي ميلي ۾ پهچي ڪري گرو مهراج جن پنهنجي
ڪرڪملن سان جهنڊو چاڙهي اُن ڇيتر کوليو، ڀوڄن
ڀنڊارو ۽ ست سنگ پڻ چالو ڪيو.

ڪنڀ جي ميلي ۾ ڀارت جي سڀني طرفن کان
سنت مهاتمائون آيا هئا، جن پنهن جا پنهن جا اَن
ڇيتر کوليا هئا، سڀني ڇاوڻين ۾ ڀڄن - ڪيرتن ۽
ست سنگ جي ڌوم لڳي پئي هئي.

ڪنڀ ميلي ۾ لڳايل پرم پرڪاش ڇاوڻي ۾ پڻ
پرم پرڪاشي سنت ڀڳتن جو ڀڄن ڪيرتن ۽ ستسنگ
زور شور سان ٿيندو رهندو هو، ڇاوڻي ۾ رهيل
سڀني ياتري ڀنڊاري ۾ تيار ٿيل ڀوڄن، سڀني سنتن

سان گڏ جي پنگت ۾ ويهي کائيندا هئا، سڀني پنٿن جا سنت جن کي اوڏو ڏنو ويندو هو، اهي پڻ پنگت ۾ گڏ ويهي ڀوڄن کائيندا هئا، مگر ٽيڪن (سڌان) جي ڏينهن تي ته خاص ڪري ڀڳو ڀنڊارو ڪيو ويندو هو، هونءَ ته روزانو ڪجهه نه ڪجهه مٺاڻ تيار ڪيو ويندو هو، ڪنهن نه ياتريءَ کي پنهنجو الڳ ڀوڄن ڪونه ٺاهڻو پوندو هو، گرو مهراج جن ڀڄن ۽ ڀوڄن جو اکنڊ ۽ اکٽ ڀنڊارو کولي ڇڏيو هو.

ست سنگ منڊپ جو نه عجيب نظارو هو، ست-سنگ جي ٿلهي تي هڪ پاسي يوگ وششٽ (مها-رامائڻ) ۽ شري مد ڀڳوت گيتا جا پاٺ رکيل هئا، ٻئي طرف ٻرهم پرڪاشي سنتن کان سواءِ ٻين پنٿن جا سنت مهاتمائون به اچي وهندا هئا، سنت منڊل جي وچ ۾ ستگرو ٽيئون رام مهراج ۽ يوگيراج سوامي گوالانند مهراج رام لڇمڻ وانگر ۽ سوامي سروانند مهراج ۽ سوامي گرمکداس مهراج ڀرت شترگهن وانگر سوڀيا پائيندا هئا.

ستگرو مهراج جن روزانو سنتن ۽ سيوادارن سان گڏ جي ترويڻي سنگم جي پــرم پوتر جل ۾ ٽيئون لڳائڻ ويندا هئا. ٽيئون لڳائڻ کان پوءِ مندرن ۽ پوتر جاين جو درشن ڪرڻ ويندا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته گرو مهراج جن سنگم

۾ ٽٻي لڳائڻ ويا، سنت ۽ شيواداري ٻه پڻ ساڻن گڏ
هئا، سيئي ٽٻيون هڻڻ لڳا.

گرو مهراج جن جيئن ئي ٽٻي لڳائي ته اٿي کين
پدهن جي لدي پڻ جي گهري مٿ ڀڳوان شري ورڻ ديو
۽ سنگم جي ديوتا شري پرياگ راج جن جا ساکيات
درشن ٿيا. هڪ ٻئي سان ملي ڪري گرو مهراج جن
ڏاڍو خوش ٿيا، خبرون چارون ڏيڻ وٺڻ بعد ڀڳوان
ورڻ ديو، گرو مهراج جن کي ديوتائن جو پيغام ڏنو،
پيغام ٻڌي گرو مهراج جن ڏاڍو خوش ٿيا. چوڻ لڳا
ته اسين پڻ اهوئي وچار ڪري رهيا هئاسون. انتر و
وارتالاپ ڪري ڀڳوان ورڻ ديو ۽ شري پرياگ راج جن
غائب ٿي ويا.

اڄ ٽٻي هڻي ٻاهر نڪرڻ ۾ گرو مهراج جن کي
ٿوري وڌيڪ دير لڳي، اهو ڏسي سڀئي گهٻرائجي
ويا. ان راز کي ڪوبه سمجهي ڪين سگهيو، ٿوري
دير بعد گرو مهراج جن ٽٻي هڻي ٻاهر نڪتا. سوامي
گرمکداس مهراج هٿ جوڙي گرو مهراج جن کي عرض
ڪيو ته سائين! توهان ٽٻي ۾ دير لڳائي، اسين ته
سڀ گهٻرائجي وياسون. جيڪڏهن ٻڌائڻ جهڙي
ڳالهه آهي ته اسان جو سنسو مٽايو. گرو مهراج جن
فرمايو ته الله ر، اوچتو اسان کي لدي پڻ جي مٿ ڀڳوان
ورڻ ديو جن جا درشن ٿيا، ان ڪري ٿوري دير

لڳي. ان بعد سيٺ گرو مهراج جن سان گڏ جي
چانوڻيءَ ۾ آيا.

ڪنڀ جو ميلو سک سان سماپت ٿيو، سيٺ ٻاري
پنهن جي ملڪ روانا ٿي ويا، ستگرو مهراج جن
سوامي جن کي چانوڻي سميت لاءِ آگيا ڏني. پاڻ
منڊليءَ سوڌو پرياگ راج کان چترڪوٽ روانا ٿيا.
اتي شري سوامي اکنڊانند مهراج جن جي آشرم ۾
وڃي لٿا.

اتي چترڪوٽ ۾ سوامي اکنڊانند مهراج جن
ستگرو مهراج جن جو تمام گهڻو آدر ستڪار ڪيو، پاڻ ۾
ملي ڏاڍو خوش ٿيا.

ستگرو مهراج جن اتي ڪامدگر، اتري آشرم،
رام گهاٽ، اسڦٽڪ شلا، رام چرڻ ۽ گپت گوداوري
وغيره پوتر تيرٿ استان (جڳهين) جا درشن ڪيا،
منداڪنيءَ گنگا جي پوتر ڌارا ۾ اشنان ڪيا، پنج
ڏينهن اتي رهي ستگرو مهراج جن ڪاشيءَ روانا ٿيا،
ڪاشيءَ پهچي وشوناٿ، انپورڻا، ڪال ڀيرو، سنڪٽ
موچن، سارناٿ، گيان واپي، ڪٻير چورا وغيره
اتي جي پوتر استانن جا درشن ۽ دشاشومير گهاٽ
تي ماتا گنگا جي پوتر جل ۾ اشنان ڪيا، ان کانپوءِ
ايوڌيا ويا، اتي پهچي ڀڳوان رام جي جنم ڀومي،
ڪنڪ ڀون، هنومان ڳڙهي ۽ ٻين پوتر استانن جا درشن

ڪيا ۽ پوتر سريو نديءَ جي جل ۾ اشنان ڪيا، ڪپتار
گهاٽ تي پڻ ٽٻيون لڳايون. ايودهيا پريءَ جا درشن
ڪري ستگرو مهاراج جن لکنوءَ ۾ آيا، اتي سيٺ
رامچند چيتانند گرناڻيءَ وٽ رهيا، هوڏانهن سوامي-
جن ۽ ستگرو مهاراج جن جي آگيا موجب ڇانوڻيءَ جو
ڪم سنڀالي لکنوءَ ۾ اچي گرو مهاراج جن سان مليا،
ستگرو مهاراج جن چار ڏينهن لکنوءَ ۾ نواس ڪيو،
ان وچ ۾ نيمشارڻيه تيرٿ جا درشن پڻ ڪري آيا.
سوامي جن ۽ ساڻن گڏ هئا، لکنوءَ کان پوءِ ستگرو مهراج جن
ڪانپور ويا، ڪانپور جي پرسان بٺور جتي مهرشي
والميڪ جو آشرم آهي ۽ ماتا سيتا بنواس جو وقت
اتي گذاريو هو، گنگا ماتا جي پوتر ڪناري تي اهو آشرم
آهي، ستگرو مهراج جن اتي جي پوتر استان جو درشن ڪري
آيا. ڪانپور کان پوءِ دهلي، ڄيپور ۽ اجمير کان
سڌو احمدآباد (گجرات) ۾ آيا، اتي سيٺ جڳجيون لال
وٽ رهيا، هفتو کن اتي رهي ستگرو مهراج جن
منڊليءَ سوڌو حيدرآباد (سنڌ) ۾ ڀڳتن جي پريم-
پرڪاش آشرم ۾ آيا، هفتو کن اتي رهي ٽنڊي آدم
امراپور دربار تي آيا، ان کان پوءِ ڀڳتن جي جنم
ڀومي ڪنڊوءَ وڃي هوليءَ جو اتسو ڌام ڌوم سان
ملهائي واپس امراپور دربار تي آيا.
چيٽ جو ميلو ۽ ڪنڀ ميلي سان گڏ پرياگ راج

۾ ملهائي آيا هئا. باقي امراپور دربار لئي جهنڊو چاڙهڻو هو، سو ٽاريخ ٻارهين چيٽ جي ستگرو مهراج جن پنهنجن پوتر هٿن سان جهنڊو چاڙهيو، ڀنڊارو ڪري اهو ڏينهن ملهايو ويو.

امراپور دربار لئي سيوا جو ڪاربار ٻارهين ئي مهينا هلندو رهندو هو، ستگرو مهراج جن پاڻ سڀني ڪم-ڪارن جي سار سنڀال رکندا هئا.

ست سنگ ۽ صبح شام جو نيم سان ٿيندو رهندو هو، اهڙيءَ طرح لڳ ڀڳ هڪ مهينو گذري ويو، سوامي جن دربار جي سيوا ۽ نيم جو پالن ڪندي وقت گذارڻ لڳا. سوامي جن روز صبوح جو گرو-مهراج جن وٽ چرڻ وندنا ڪرڻ ويندا هئا، ان کان پوءِ صبح وارو ست سنگ شروع ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن سوامي جن رشي ڪيش وڃڻ جو ويچار ڪيو، اهو ويچار ڪري روز مره وانگر وندنا ڪرڻ لاءِ گرو مهراج جن وٽ ويا، ان وقت گرو-مهراج جن ڌيان ۾ ويٺا هئا، سوامي جن من ۾ پرڻام ڪري اچي ويهي رهيا، ٿوري دير کان پوءِ گرو-مهراج جن سماڌيءَ مان اٿيا ۽ اکيون کوليون، سوامي-جن اڳتي وڌي چرڻن ۾ پرڻام ڪيو، گرو مهراج جن کيس آسيس ڏيندي پڇيو ته آيا سروانندا! هن وقت ڪيئن آيو آهين؟ اهو ٻڌي سوامي جن عجب ۾

پڇي ويا، دل ۾ سوچڻ لڳا ته جيئن ته مان روز
ولدنا ڪرڻ ايندو آهيان پر گرو مهراج جن اهڙو
سوال ڪڏهن به ڪين پڇيو، اڄ خبر نه آهي ته ڇو
پڇي رهيا آهن، ضرور ڪا خاص ڳالهه هوندي،
سوامي جن هٿ جوڙي ڪري اماڻي لوع ۾ چوڻ
لڳا ته هي ڀڳوان! هيءَ داس ته روز ولدنا ڪرڻ
ايندو آهي، سائين! توهين انتر يامي آهيو، گهٽ-
گهٽ واسي آهيو، سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا، تنهن هوندي به
جيڪڏهن هن داس تي ڪرپا ڪرڻ چاهيو ٿا ته هي
ڀڳوان! مهن جو ديهه اڌ پاس، (شرڌ جو موهه ۽
ايمان) مٽي وڃي ۽ آتم گيان جي پراپتي ٿئي، بس!
سائين! ايهو دان ڏيو! اهو ئي گهران ٿو، ڪجهه ڏينهن
رشي ڪيش وڃڻ جي پڻ آگيا ڏيو، سوامي جن جي
ڳالهه ٻڌي گرو مهراج جن تمام خوش ٿيا، سوامي جن
کي رشي ڪيش وڃڻ جي آگيا ڏيندي گرو مهراج-
جن فرمايو ته آيا! وڃ پلي پر جلدي واپس موٽڻ جي
ڪجهه. سوامي جن اڃا اتي ويٺا ئي هئا ته قدرت
سان اتي هڪ پريمي آيو، اُن گرو مهراج جن کي
هڪ گلن جو هار پاتو، پهرين پٽي پرساد اڳيان رکيو،
گرو مهراج جن اهو هار پنهنجي ڳلي مان لاهي
پنهنجي هٿن سان سوامي جن جي ڳچيءَ ۾ پاتو ۽
ٿورو پرساد پڻ ڪيس ڏيئي تاڪيد ڪندي فرمايو

۽ دربار جي شيوا جو خيال رکي جلدي موٽڻ جي ڪج.

گرو مهراج جن جي هنن راز ڀريل وچنن کي سوامي جن ڪوشش ڪندي ۽ سمجهي نه سگهيا، آشيرواد ۽ آگيا پائي گرو مهراج جن جي پرڪرما ڪئي، پرڻام ڪري ٻاهر آيا، دربار جي سڀني سنتن، شيوادارن کان موڪلائي سوامي جن رشي ڪيش ڏانهن روانا ٿيا.

اُن سال ۾ چيٽ جا مهينا ٿيا هئا، ٻهريون چيٽ، پرشوتم هو، سنت ماڌوداس مهراج ۽ حيدرآباد جا چار پنج پريمي ٽنڊي آدم امرپور دربار تي آيا، سڀني گرو مهراج جي چرڻن ۾ پرڻام ڪيو ۽ آسيسا ورتي، گرو مهراج جن جي آگيا پائي سنت ماڌوداس مهراج عرض ڪيو ته سائين! پرشوتم جو اُتم مهينو آهي، سو ڪرپا ڪري حيدرآباد هلي ملهايو، سڀني پريمين جي اڇا پوري ڪريو، سنت ماڌوداس مهراج جو عرض اولائي گرو مهراج جن حيدرآباد هلڻ سويڪار ڪيو، امرپور دربار تي پورو بندوبست رکي، سنت منڊل کي پاڻ سان گڏ وٺي حيدرآباد پهتا. اتي گرو مهراج جن جي آجيان لاءِ پورو بندوبست ڪيو ويو هو، سنت ماڌوداس مهراج جن سان گڏ جي گرو مهراج جن حيدرآباد ۾ پريم پرڪاش آشرم

۾ پهتا، ست سنگ لاءِ سنڌو ٻند واسطي رکيو ويو هو،
صبح شام ٻئي وقت ست سنگ چالو ٿيو، حيدرآباد
پهچي ڪري گرو مهراج جن سنت اوڌوداس کي
آگيا ڏني ته سروانند کي تار ڪري چئه ته جلدي
حيدرآباد پهچي وڃي، آگيا پائي سنت اوڌوداس
مهراج سوامي جن کي رشي ڪيش تار ڪئي. هوڏانهن
سوامي جي رشي ڪيش پهچي اتي ڪجهن ڏينن جي
جهوپڙي ٺاهي رهڻ لڳا، گرو مهراج جن جي سمجهاڻي
جيمن موجب ساڌنا ڪرڻ لڳا، پنجن ستن ڏينهن کان
پوءِ سوامي جن جي من ۾ گهڻن ئي قسمن جا خيال
اُٿڻ لڳا، رات جو به عجيب غريب سپنا اچڻ لڳا،
من ۾ وياڪلتا وڌندي وئي، ڪافي سوچ ويچار
ڪرڻ بعد به ڪارڻ جو پتو لڳائي نه سگهيا. آخر جي
ڪوچ بدران سوامي جن جو وقت چنتائن ۾ گذرڻ لڳو.

هوڏانهن گرو مهراج جن پنهنجي اِڇا سان پنهنجي
جي ليلا سماپت ڪري، هر هر پرڪاش آشرم حيدرآباد
(سنڌ) ۾ پنهنجي پنجن تتن جي شرير کان الڳ ٿي
ستيه لوڪ هليا ويا.

ان وچ ۾ يوگيراج سوامي گوالانند مهراج جن جي
سخت بيمار ٿيڻ جي خبر ٻڌندي ئي گرو مهراج جن
ٽنڊي آدم کان حيدرآباد ويا، اتي پهچي ڊاڪٽر
مگهن مل کان سوامي گوالانند مهراج جن جي طبيعت

جو پڇيائون، ڊاڪٽر عرض ڪري چيو تہ سائين! هيءَ لڳري بيماري آهي، چاڙهو ڪين آهي. ڊاڪٽر جا اهي اکر ٻڌي گرو مهراج جن جو چهرو لال ٿي ويو ۽ جوش ۾ اچي چوڻ لڳا تہ ڊاڪٽر! ڇا ٿو چوين؟ اسين اهو ڏينهن ئي ڪين ڏسنداسون جو گوال ساڌ جو وار ونگو ٿيندو.

هيڏانهن گرو مهراج جن هيءَ رنگ رچايو هوڏانهن سوامي جن کي رشي ڪيش موڪلي ڇڏيو.

جيئن شري رام ڀڳوان بن ۾ وڃڻ کان اڳواٽ ڀرت لال کي ناناڻي موڪلي ڇڏيو هو ۽ شري ڪرشن ڀڳوان، پرم ڌام پڌارڻ کان اڳواٽ پنهنجي پياري ڀڳت ارجن کي پاڻ کان پري رکيو هو، تيئن گرو مهراج جن پڻ پنهنجن پيارن کي پاڻ کان پري رکيو هو.

گرو مهراج جن جي پرم ڌام پڌارڻ جي ٽا بروقت سوامي سروانند مهراج جن کي رشي ڪيش موڪلي ويئي.

گرو مهراج جن جي پرم ڌام وڃڻ بعد آسي جو نظارو ئي بدلجي ويو، سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت ماڌوداس مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت اوڌوداس مهراج سميت سنت جيڪي ان وقت آسي حاضر هئا ۽ پريمي ڏاڍو وياڪل ٿي پيا، ڪير ڪنهن

کان ڇا ٻڌي ۽ ڇا ٻڌائي، ڇنڊي ٻاسي روح راڙو
مچي ويو، جنهن ٻاڻيءَ ٻڌان مهنجن جي حالت ٿيندي
آهي، اهڙي حالت هئي سيني سنتن ۽ ٻرهمڻن جي.

آخر جنهن ٻڌن ڪري دل کي ڏڍ ڏني سنت
گرمکداس مهراج، سنت ٻسنترام مهراج، سنت ماڌوداس
مهراج ۽ سنت چندن پرڪاش مهراج اهي چارئي گرو
مهراج جن جي ٻڌڻن ٻون جي شهر کي هڪ ڪليل
موٽر ڪار ۾ وهاري، امراپور دربار ننڍي آدم
وٺي آيا، ٻيا سنت ۽ ٻرهمي گاڏيءَ ۾ چڙهي ننڍي
آدم پهتا. رستي ۾ اڌ ٻري لال وٽ موٽرڪار خراب
ٿي پئي، سرائي ٻڌي پئي، جاڪاڻ ته لال سائين
(ٻڳوان ورڻ ديو مهراج) جن گرو مهراج جن جا
ننڍپڻ جا گهرا متر هئا، آخر ان ملاقات ڪرڻ لاءِ
گرو مهراج جن اها ليلا رچائي، حالانڪ ٻهرين سيني
سنتن ۽ ٻرهمڻن گرو مهراج جن کي ريل گاڏيءَ ۾
ننڍي آدم وٺي هلڻ جو ٻڪو فيصلو ڪيو هو. موٽر
ڪار جي خراب ٿيڻ ڪري امراپر دربار ٽان لکڙ ۾
ڏولي تيار ڪرائي آندي وئي، گرو مهراج جن کي
ان ڏوليءَ ۾ ٻراجمان ڪري امراپر دربار ٽي
وٺي آيا.

جنهن ته امراپر دربار تي ٻڳوان ٽارائڻ ۽ ماتا
لڪشميءَ جرڻ گهمايا هئا، گرو مهراج جن جي ماتا

ڪرشما ٿيئي پڻ اچي رهي هئي ۽ گرو مهراج جن جا
پوڄيه گرو ديو سوامي آسورام مهراج جن به اچي رهيا
هئا، تنهن ڪري پهاڙي ۾ جو گرو مهراج جن امراپر
دربار ۾ موٽر ڪار ۾ چڙهي هلڻ مٿان واجب نه
سمجهو هجي، ٻيا به ڪي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. سڪر.
گرو مهراج جن پنهنجي ليلا پاڻ ڄاڻن.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي چولي ڇڏڻ پرم
ڌام پڌارڻ جي دل ڏاريندڙ، وار ڪانڀاريندڙ خبر
بجليءَ وانگر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي وئي.

جيءَ جهوريندڙ، من منجهائيندڙ ۽ ساهه
سڪائيندڙ خبر جنهن جتي ۽ جيڏي مهل ٻڌي
تنهن تيڏي مهل ٿي ڊوڙ پائي، ڪيڏانهن؟ ٽنڊي
آدم - امراپر دربار! بس هر ڪنهن جي وات مان
صرف اهي اکر ٿي نڪتا، پنهنجي پنهنجي گهر
اطلاع ڏيڻ لاءِ، ٿيو پر انهن جو کائڻ پيئڻ به وسري
ويو، جنهن کي جيڪا سواري ٿي ملي اُهو اُن ۾
چڙهي ٿي پيو.

بس! ٿوري دير ۾ امراپر دربار ۾ ماڻهن جا
هجوم (حشام) اچي گڏ ٿيا. ڪي ڳوڙها ڳاڙي رهيا
هئا، ڪي اوڇنگارون ڏيئي سڏڪا ڀري روئي رهيا
هئا، ڪي دل جو دل ۾ روئي رهيا هئا، ڪي هاءِ
هاءِ ڪري گرو مهراج کي سڏ ڪري رهيا هئا، سڀئي

امرا پر دربار جيڪا ٽرانديءَ پئي هئي سا اڄ زار زار روئي رهي هئي، جنهن پاسي ماتام ۽ روڄ راڙو هو، ڪٿ ڪنهن کي پرچائي، ڪٿ آٿت ڏي، ڪٿ دلداري ڏئي، ڪٿ ڳوڙها اگهي. سڀئي موڪا، وڳاڻا ۽ وائڙا نظر اچي رهيا هئا.

گرو مهراج جن کي هڪ اپيءَ سينگاريل ڏوليءَ ۾ براجمان ڪيو ويو، اها ڏولي پهرين اُن ڪنڌيءَ جي ونڻ هيٺان رکي وئي جتي شروع ۾ گرو-مهراج جن اچي ويٺا هئا ۽ لوڪ پڇايو هو. پوءِ اُن ڏوليءَ کي ست سنگ منڊپ ۾ براجمان ڪيو ويو، اُن لاءِ ته سڀئي سنت ۽ پريمي پنهنجي مرشد ملاح پياري گرو ديو جا سولائيءَ سان درشن ڪري سگهن ۽ آسيس وٺي سگهن.

اُن وقت جيڪا حالت هئي اُن جو بيان ڪرڻ ڪان باهر آهي، جانورن - جگهيون، پنيون - چتيون، ونڻ - ٽڻ، پٿر - ٺڪر جڻ ڪائڻ پئي آيا.

مان لکڻ نٿو چاهيان، ليڪن ٿورو اشارو ضرور ڏيندس، پرم پوجيه ستگرو سروانند مهراج جن جي پرم ڌام پڌارڻ وقت جيڪي ماڻهو جئپور ۾ حاضر هئا يا هردوار هليا هئا، آهي اُن وقت جي حالت جو تمام ٿورو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

حالانڪ ديوراج اندر جي آگيا پائي، ستگرو مهراج

جن جو اندر پڻ جهڙو گهرو مٿر ڀڳوان ورڻ ديو بادل ٻڌي خوب مينهن وسائڻ لڳو، پر هاڻي وري گرو-مهراج جن جو درشن ڪين ٿيندو، اها ورهه-وڇوڙي جي ٻاهه ڀڙڪا ڏيئن، پر مينهن ۾ جگياسن جي جان جگر کي اندر ٻاهر جلائي رهي هئي ان کي ڪوشش ڪندي به وسائي نه سگهيو.

يوگيراج شري سوامي گوالانند مهراج جن تندرستي ٺيڪ نه هئڻ سبب نه پهچي سگهيا ۽ سوامي سروانند مهراج جن رشيڪيش هئا. انهن ٻنهي کان سواءِ سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي-پرڪاش مهراج، سنت ماڌوداس مهراج، سنت چندن-پرڪاش مهراج، سنت اوڌوداس مهراج، سنت آتمانند مهراج، سنت گڻيشانند مهراج، سنت پرمانند مهراج، سنت ڪرشن داس مهراج، سنت جيون مڪت مهراج، سنت جڳت پرڪاش مهراج، ڪويراج شري پهلاج رام مهراج، سنت مرليڌر مهراج، سنت گنگارام مهراج، سنت سيم پرڪاش مهراج، سنت هرنام جي (ڀنڊاري) سنت ارجن ديو مهراج، سنت ڌرمداس مهراج، سنت وچاترام مهراج، سنت هري پرڪاش مهراج، سنت ڪيٽارام مهراج، سنت نرملداس مهراج، سنت ستيه پرڪاش مهراج، سنت ڪرپانند مهراج، سنت رام ڪرشن مهراج، سنت نامديو مهراج، سنت ٽهلن داس مهراج، پنڊت

سيتلداس، چندرپرڪاش سوامي بسنترام مهاراج (سجاول)، سوامي ڪرشن گر مهراج، (جيڪب آباد) لالا وسندارام وغيره پريم پرڪاش منڊل جا سڀئي سنت شش، شيوڪ، پريمي جگياسو، شهر ۽ ٻاهر جا ساڌو سنت، براهمڻ سڀئي اچي گڏ ٿيا، هڪ پاسي روئڻ - اوڇنگارن جو آواز، ٻئي پاسي سنت نام ساکي - ساکي شووهم ۽ رام نام جي ڌُن جو آواز، ٽئين طرف گيتا جي گنجڪار چڻ نه آپ ٿي ڦانو. آڪي ٻاڦي مارو راڳي نه هٽي پٿرن کي به پاڻي ڪري ڇڏيو، جن کڏهن به ڪين رنو هو، جن پنهن جن اين ڏاڏن ۽ نوجوان سڪيلڌن پٽن جي سرڳواس ٿيڻ تي به ڳوڙها ڪين ڳاڙيا هئا، اڄ انهن پٿر دل ماڻهن به لڙڪن جون مالائون پئي پنهن جي ڳچيءَ ۾ پاتيون. هي قلم پڻ روئڻ کان رهي ڪين سگهيو ۽ لڙڪن سان ليکا پائي رهيو آهي. درد وارن جي دل جو داستان ظاهر ڪري رهيو آهي.

هاڻي سٽگرو مهراج جن جي پچاڙيءَ جي ياترا جي تياريون ٿيڻ لڳيون، ٻئنبن - باجن، دهلن - شرنايون وارا به پهچي ويا. پڇن منڊليون نه اڳوامت ٿي پهچي ويون هيون.

ڌن گرو ٽيئون رام، سٽگرو ٽيئون رام مهراج جي جئه، سدائين ڌرم جي جئه، سپاور رامچندر جي جئه،

شري ڪرشڻ ڀڳوان جي جئه، شنڪر ڀڳوان جي جئه، پون سُت هنومان جي جئه. جئه جئه جي آواز سان آسمان گونجڻ لڳو. آواز ۾ غم ۽ درد ڀريل هو. درد ڀري آواز، هڪواري ته ديوتائن جي دل کي به ڏهلائي ڇڏيو.

ديولوڪ ۾ خوشين جا ٻاجا وڄڻ لڳا، ۽ امراپر ۾ ننڍن - ٻاجن ۽ شرنائين سان دل ڏاريندڙ مارو راڳ وڄڻ لڳو. ديولوڪ ۾ ديوتائن جي اکين مان خوشين جا ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا، ته امراپر جي برهمڻن جي اکين مان دک - درد ورهه - وڇوڙي جا لڙڪ وهي رهيا هئا.

برهمڻن جي برهه جي باهه، سورج ديوتا ۽ پون ديوتا ڏانهن وڃي پهتي. ان ڪري سورج ديوتا وڏيڪ گرمي وسائڻ لڳو، ۽ پون ديوتا جهولي(لڪ) جو روپ ڌارڻ ڪري گرميءَ کي وڌيڪ وڌائڻ لڳو، اها گرمي برهمڻن جي بدن مان پگهر جو روپ ڌارڻ ڪري نڪرڻ لڳي. جنهن پاسي روڄ راڙو هو، اتي ائين پئي لڳو ڄڻ ته ڪرڻ رس (لوڻ رسن مان هڪ) ساڪيات روپ ڌاري امراپر ۾ اچي پرگهٽ ٿيو آهي.

ستگرو مهراج جن جي ڏوليءَ کي سنت گرمکداس مهراج، سنت ٻسنترام مهراج، سنت چندن پرڪاش

مهراج، سنت ساڌو داس مهراج الهن چئي جڻ
ٻنهن جن ڪلهن تي کنيو. ان کان پوءِ واري
سان سيٺي سنت ۽ ٻرهمي ستگرو مهراج جن کي ڪلهو
ڏيندا آيا.

اڳيان ٻئنڊ باجا ۽ شهنايون وڄنديون هليون،
پٺيان گرو مهراج جن جي ڏولي، ان کان پوءِ سيٺي
ساڌو سنت، براهمڻ، ٻرهمي، پنڊت منڊليون مارو
راڳ ڳائينديون وڄائينديون ۽ ڳوڙها ڳاڙينديون
امراپر کان هيٺ لهي شهر ڏانهن هليون.

ٽنڊي آدم شهر ۾ هٽ ٽاڙ ٿي وئي، سڄو شهر
برابر ٽي ڏينهن بند رهيو.

جتان جتان گرو مهراج جن جي ڏولي لنگهي ٿي
ان رستي جي ٻنهي طرفن کان هزارن جي تعداد ۾
نر نارين گلن جون مالهائون، پڪرون ۽ ناريل هٿن ۾
کنيو بيٺا هئا، ان کان سواءِ پٽين، ڇٽين ۽ ماڙين تي
مائٽهن جا هجوم گرو مهراج جن جي پڇاڙيءَ جي
درشن ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا، ڪي وڃهو ڪي
ٻريان گرو مهراج جن کي گلن جون مالهائون، پڪرون
۽ ناريل آرپڻ ڪري پرڻام ڪري آسيس وٺي رهيا
هئا. گرو مهراج جن جي ڏولي سڄي شهر مان گهمندي
ٿرلدي اچي امراپر درٻار تي پهتي.

چندن جي چکيا تيار ڪئي وئي، ان ۾ خوشبوءِدار

شيون ۽ اهڙيون ضروري شيون وٺيون ويون ، گرو-مهراج جن جي ڏولي جهڪاءَ تي رکي وئي ، گرومهراج جن جي پٺيان ٽن جي ڏيهه اڳيان ديوتا کي سواءِ وئي ، اڳيان ڏيو ٻرس گرو مهراج جي ڏيهه کي پنهن کي روپ ۾ لين ڪري ڇڏيو. ان وقت گرو-مهراج جن جو پرم متر ڀڳوان شري ورڻ ديو پڻ بادل ڦاٽي پوندو ون وسائڻ لڳو، ائين ئي لڳو جڻ ته امراپر واسين جي هيڻي حال تي ديوتائون پڻ ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا.

هيڏانهن هيءَ حالت هئي ته هوڏانهن گرو مهراج جن حيدرآباد پهچي جيڪا تار سوامي جن کي موڪلي هئي، اها سوامي جن کي ڪانه ملي، ڇو ته سوامي جن جو پورو پتو ڪنهن کي به ڪونه هو ته ڪٿي آهن، ان بعد ورئي ٻي تار گرو مهراج جن جي پرم ڌام پڌارڻ جي موڪلي وئي، اها تار به ڪالي ڪملي ڇتر جي مئنيجر کي ملي ، ڇو ته تار ڪالي ڪملي ڇتر جي معرفت ڪيل هئي، ڪالي ڪملي ڇتر جي مئنيجر کي به سوامي جن جو پورو پتو ڪونه هو، نڪي ڪين سڃاڻندو هو ، پر مئنيجر هڪ نيڪ دل انسان هو، ان هڪدم ڇتر وارن سنتن کي ٻڌايو ته هڪ تار سوامي سروانند مهراج سنڌي ساڌوءَ لاءِ ٽنڊي آدم (سنڌ) مان آيل آهي، تار ۾ لکيل آهي تہ ستگرو

ٽيئون رام مهراج جن چولو ڇڏي پرم ڌام پڌارجي
ويا، سيني سنتن کي منيجر عرض ۽ تاڪيد ڪيو ته
جڏهن به سنت کي سوامي سروانند مهراج جن جي خبر
پڇي ته هيءُ نياپو هڪدم اُن کي پهچائي، قدرت
سان اُن ڏينهن سوامي جن چيتر وٽ ڪين ويا هئا،
انهن سنتن ۾ هڪ سوامي وشوا متر نالي ساڌو به
رهندو هو، جيڪو سوامي جن کي چڱي طرح سڃاڻندو
هو ۽ سوامي جن جو متر پڻ هو، اُن هڪدم تار جو
سماچار سوامي جن کي وڃي ٻڌايو، دک ڀريل سماچار
ٻڌي سوامي جن وائڙا ٿي ويا، هڪدم ڪالي ڪملي
چيتر جي منيجر وٽ ويا، اُن کي پنهن جو نالو
ٻڌائي چيو ته مان سروانند آهيان، تار وٺڻ آيو آهيان.
منيجر تار سوامي جن کي ڏيندي چيو ته وٺو، هيءَ
آهي توهان جي تار! سوامي جن تار وٺي وري منيجر
کي ڏيئي چيو ته مهرباني ڪري پڙهي ٻڌايو! منيجر
تار پڙهي چيو ته تار ٽنڊي آدم (سنڌ) کان آيل آهي
۽ موڪلڻ واري جو نالو اوڌوداس آهي، تار ۾ لکيل
آهي ته ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پرم ڌام پڌارجي
ويا، تار ٻڌندي ئي سوامي جن جي پيرن هيٺان
زمين کسڪي وئي ۽ ڪرڻ وارا هئا ته منيجر
کين سنڀالي ورتو، سوامي جن بي هوش ٿي ويا،
ٿوري دير کان پوءِ سوامي جن سڄاڳ ٿيا ۽ اُٿي ويٺا،

سوامي جن جي ان وقت جهڙي حالت هئي ان جو ذڪر هيءَ قلم بيجان هوندي به نٿو ڪري سگهي.

هاڻي سوامي جن کي ٽنڊي آدم جلدي پهچڻ جي چنتا لڳي، پر ڪيئن پهچن؟ ان گهڙيءَ ڪيس منجهائي وڌو، ڇو ته سوامي جن وٽ پئسو ڪونه هو، پو رشي ڪيش کان هردوار پهچڻ واري گاڏي نڪري چڪي هئي، ٽيون هردوار کان وڃڻ واري گاڏيءَ جو وقت به اچي پورو هو، سوامي جن کي اداس نراس ۽ خيالن ۾ ڏسي مئنيجر سمجهي ويو، ان سوامي جن کي دلداري ڏيندي چيو ته توهين چنتا نه ڪريو، اسين توهان کي ٽنڊي آدم پهچائڻ جو بندوبست ڪريون ٿا، ائين چئي ڪري مئنيجر هڪدم سوامي جن کي ڪار ۾ وهاري هردوار پهچايو ۽ ٽنڊي آدم جي ٽڪيٽ وٺي ڪين گاڏيءَ ۾ وهاري روانو ڪيو، سوامي جن سفر ڪندا اچي ٽنڊي آدم پهتا، امراپر دربار تي پهچي اچي ڏسن ته سڀ ئي سڀ لڳي پئي آهي، ماڻهو ته تمام گهڻا اچي گڏ ٿيا هئا، پر مالڪ بدان ملڪ سڌو. سوامي جن در سان پهتا. پڇتاءُ گرو مهراج جن جي ديهه کي ڀڳوان اگني ديو بدن جي ڀاڱ ۾ سمائي ڇڏيو هو، ڀڳوان اگني ديو ته اڃا به لاٽون ڪڍي رهيو هو، بدقسمتيءَ سبب سوامي جن بدن جي سرؤ سمرٿ گروديو جن

جا پهاڙيءَ جا درشن نه ڪري سگهيا. سوامي جن پنهنجو سڀ ڪجهه گرو مهراج جن کي ارپڻ ڪري چڪو هو، هاڻي صرف ڪين لڙڪن جون مالهائون هيون، جيڪي بار بار پنهنجي پوڄيه گرديو جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪيون ۽ اگني ديو جي گود ۾ براجمان گروديو جي پرڪرما ڪئي ۽ پوتر ڀسم مستڪ تي ڌارڻ ڪئي.

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين پريمي، پنجاب گجرات، يو. پي ۽ ٻين پاسن جا پريمي، ننڍي آدم شهر جا پريمي، پريم پرڪاشي سيڻي سنت شيوادارِي، شهر ۽ ٻاهر جا سادو سنت ۽ براهمڻ سڀ اچي گڏ ٿيا هئا.

ان وقت جو نظارو ائين لڳي رهيو هو، جيئن ياترين سان ڪچا ڪچ ڀريل ڪو تمام وڏو جهاز ڪناري کان تمام پري تمام اونهي، وچ سمنڊ ۾ ۽ خطرناڪ طوفان ۾ ڦاسي ويو هجي، جنهن جهاز جو ملاح ان کي ڇڏي هليو ويو هجي. اهڙيءَ مصيبت ۾ ڦاٿل جهاز ۾ سوار ياترين جي ڪهڙي حالت هوندي، اها نه آهي ياتري ئي ڄاڻن يا ڀڳوان ڄاڻي.

دک جي اٿاهه ساگر کي پار ڪرڻ نه مشڪل ٿي لڳو، پر جيئن تيئن ڪري پنهنجي من کي ڏڍ ڏئي ڏيئي آئينده جي ڪار ڀار کي نظر ۾ رکندي پريم- پرڪاشي سيڻي سنتن پاڻ ۾ ملي صلاح مصلحت ڪري

پريم پرڪاش منڊل جو سڄو بوجو سوامي سروانند مهراج جن جي ڪلهن تي رکڻ جو فيصلو ڪيو، سوامي جن اهڙي وڏي بوجي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ عرض ڪيو ته مان ايڏو وڏو ڪار نه سنڀالي نه سگهندس، پر سڀني سنتن جي زور ڀار پوڻ تي ۽ يوگيراج سوامي گوالا نند مهراج جن جي اهڙي قسم جي آگيا ملڻ تي مرضي نه هوندي به سوامي جن اهو بوجو کڻڻ منظور ڪيو.

برابر ٻارهن ڏينهن ست سنگ ۽ اکنڊ ڌني هلندي رهي، تيرهين ڏينهن ڀڪو ڀنڊارو تيار ٿيو. سڀني سنتن گرو مهراج جن جي جيون تي روشني وڌي، ڀڳتن ۽ ڪوين ڀڄن جا ڀڄن ۽ ڪويتائون ڳائي گرو مهراج جن جي مهما جو بيان ڪيو، ۽ ستگر مهراج جن جي مختصر جيوني ۽ آرتي ڇپائي ورهائي وئي.

❁ ڀڄن راڳ ڀيروي ❁

ٽل:- پل پل ياد پوي ٿو مونکي، ستگر ٽيئونرام اُدا.

۱- اَٽي ڀير اکير گرن جي، تن ۾ طلب تمام اُدا.
راتيان ڏينهان ننڊڙي ناهي، ڦٽي ڀنو آرام اُدا.

۲- اَکين اَکيان اوتار ڦري ٿو، ستگر سندر شيام اُدا.
ليڪن منجهه نواس ڪري ويو، تن ورتي نشڪام اُدا.

۳- پريم جو پيالو ڀري ڏنائين، ڀر ڪري ڀنم جام اُدا.
نشو چڙهيو آ نام جو هردم، مستون مست مدام اُدا.

٤- غمن ۾ هر روز گذاري، 'گرمکداس' غـلام آدا.
دردن دل ۾ ڏھون ڏکايو، ڪين وٺي ڪو ڪام آدا.

❀ ٻيڻ راڳ ڀيروي ❀

ٽل :- واريون وساڻون ٿو سڀڻ واريون وساڻون.

١- جڏهن ٿو ٻن مٿان واريءَ سندا ڍير ٿي ڏٺا،
چؤطرف ڪنڊا ڪري ٻير ٻير ٿي ڏٺا،
آس پاس گدڙ ٻگهڙ سوئر شينهن ٿي ڏٺا،
تڏهن جهنگل ۾ ٿو جوڳي اڇي جايون ٻڌايون.

٢- ڪنڊيءَ هيٺان ڪوئلڙ رويهي راس رچائي،
موهن واري مرلي ڪٿي مـوج مچائي،
ڏٺ ۽ ڏونرا ڀيرون ڪاڻي پاڻ پچائي،
صبر شڪر جون هيون ٿو واسڻ ۾ وايون.

٣- سور سٺا سخت مـگر سون نه ڪڍي ٿو،
هند سندن ۾ ڏهندي هاڪ مگر هون نه ڪڍي ٿو،
ان ڪي ڏڻي ڦيٽ مگر ٿون نه ڪڍي ٿو،
ساري عمر سڀڻ ٿو هيون ليڪون لياڻون.

٤- چاري ورڻ هاڻ ڏهندا چرڻ چمن ٿا،
شاهه چـيا گداهه ٿوکي نـوڙي نمن ٿا،
'ڀلاڄ' جهڙا ڪيئي ٿو در مهر مگن ٿا،
ڪهڙيون لکي ڪهڙيون لکان ڏهنجيون ڪمايون.

ستسنگ ڪان پوءِ سڀئي گرو مهراج جن کي شرڌانجلي
۽ پشپانجلي ارپڻ ڪئي، ان بعد پرام پرڪاشي ستسنگ،

شهر جي ۽ ٻاهر جي ساڌو سماج، شهر جي ۽ ٻاهر جي مکيه مکيه وڏن ماڻهن، پنڊتن، ٻرهمڻن ۽ شرڌالن سيٺين، شوڪ ۾ وياڪل سوامي سروانند مهراج جن کي گلن جون مالهائون، ٻڪرون، پرساد ۽ ڀيٽائون ارپڻ ڪيون. سوامي جن اهي مالهائون، ٻڪرون وغيره پاڻ نه پائي ڪري پاسي ۾ رکيل گرو مهراج جن جي مورتي اڳيان رکندا ويا. اندري ٻوجها هوندي به سوامي جن جي ڪومايل ۽ مرجهايل چهري تي ڪا به خوشيءَ جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ڪين آئي، ان جي ٻدران سندن اکين مان دک درد ۽ ورهه وڇوڙي جا ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا، گهڻن ئي سنتن سوامي-جن کي دلداري ڏني پر سندن خالي دل کي ڪو به ڀري نه سگهيو.

ساراهه، مان، وڏائي، ڌن-دولت، عزت آبروءَ ۽ عهدي جي ٻکايلن جو پيٽ ته گدي، پوڄا ۽ پيسا ڀري ٿا سگهن پر هڪ گرو ڀڳت جي دل ته گروءَ کان سواءِ ٻيو ڪير ڀري سگهندو!

ڀرت لال جو خالي هردو شري رام کان سواءِ ٻيو ٻيو ڪير ڀري سگهندو؟ راڄائي، راڄ گدي ۽ راڄ ڀوڳ ڀرت لال جي خالي هردي کي ڀري نه سگهيا. ٻراٻر چوڏهن سال ڀرت لال روئندو رهيو.

ٻرج واسي گوالن-ٻالن، گوپين-گوپن جو خالي

هردم، شري ڪرشڻ ڀڳوان کان سواءِ ٻيو ڪير ڀري سگهندو؟ ارجن، گوڪل جا سڀ ڀوڳ، جيڪي اندر پريءَ ۽ سرڳ پريءَ کان هزار ڀيرا وڌيڪ هئا، پر برج واسين جي خالي هرديءَ کي ڀري نه سگهيا، اهي زندگيءَ ڀر روئندا ئي رهيا.

اهائي ساڳي حالت هئي سوامي جن جي، جيڪا پڇاڙيءَ تائين رهي. سوامي جن پنهنجو من ۽ بدّي گرو مهراج کي ارپڻ ڪري ڇڏي هئي.

جيڪو گرو ڀڳت آهي يا ڀڳوان جو ڀڳت آهي، ان جي نظر گروءَ يا ڀڳوان جي حقن - واسطن تي ڪين هوندي آهي، پر گروءُ يا ڀڳوان جي آگيائن تي نظر هوندي آهي.

ڪوبه گرو ڀڳت، گرو گديءَ يا گروءَ جي مال ملڪيت تي پنهنجو قبضو ڪين ڄمائيندو آهي، نڪي قبضي ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، نڪي ڪي شرط شروط رکندو آهي ۽ نڪي وقت جو اُلٽو فائدو وٺندو آهي، پر سڀ ڪجهه گروءَ جو سمجهي پوري سنڀال رکندو آهي، ڪوبه فضول خرچ يا اڻ سهائيندڙ خرچ يا ڪاربه ڪين ڪندو آهي.

श्लोक : कर्मण्येवाधिकारस्ते मा फलेषु कदाचन ।
मा कर्मफलहेतुर्भूर्मा ते सङ्गोऽस्त्वकर्मणि ॥

شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو، مان توکي

ڪرم ڪرڻ جو حق ڏيان ٿو، مطلب ته شيوا ڪرڻ
جو حق ڏيان ٿو، مالڪپڻي جو حق ڪين ٿو ڏيان،
پر توکي شيواداري بخشيان ٿو.

ڀلي هزارين شري رام ٺهي ڇونه وڃن، پر شري رام
جي خالي جڳهه کي ته شري رام ئي ڀري سگهي ٿو،
ڀلي هزارين شري ڪرشڻ ٺهي ڇونه وڃن، پر شري ڪرشڻ
جي خالي جڳهه کي ته شري ڪرشڻ ئي ڀري سگهي
ٿو، ڀلي هزارين سوامي ٽيئون رام ٺهي ڇونه وڃن، پر
سوامي ٽيئون رام جي خالي جڳهه کي ته سوامي ٽيئون رام
ئي ڀري سگهي ٿو.

شوڪ سڀا سماپت ٿي، ٽيرهين جو ڀنڊارو سک
سان سماپت ٿيو، پرساد لاءِ لڏون ورهايا ويا، سڀئي
پريمي پرساد وٺي سوامي جن کان موڪلائي خالي
دل کڻي پنهنجي پنهنجي گهر موٽيا.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي هوندي، امراپر
دربار، جيڪا هري ڀري رهندي هئي ۽ هميشه
ٽهڪندي رهندي هئي، اها هاڻي ويران بيابان
محسوس ٿيڻ لڳي، ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي
هوندي ماڻهن جي ته کڙي ڳالهه ڪجي، پر جانور ۽
پکي به مشڪندا رهندا هئا، نه رڳو ايترو پر امراپر
دربار جا وڻ ٽڻ - ٻوٽا، گل ڦل وليون، اگر - بتر
وغيره سڀئي مشڪندا رهندا هئا، هاڻي رڳو هڪڙي

گرو مهاراج جن جي هلي وڃڻ کري، جهڙاالهن
ٻهار ڏهڪاالهن سڀ ئي سڀ ٻڌي واڪا ڪري، جهڙن
ڳالهه جو ڪير گرو مهاراج جن ٻڌندا هئا، گرو مهاراج جن
جي وڃڻ بعد اها ڳالهه به سڀني ئي ٻڌهن جي شرار
جو ڏيکاري ڪري گهڻو لوڪ هلي ويو. بعد مهل جو
وڃ به سگهي ويو.

❀ هيٺ ٻه ٻه پران هر لکهن، ماسابڪ دارطرڪ دهڻن.

هاڻي سوامي جن جهڙن ڏهڻن ڪري دل ئي ٻڌر
رکي گرو مهاراج جن جي شهوا ۾ لڳي ويا. سڀ ڳالهه
ٻهر ان سنگرو مهاراج جن جي ڪٿا کي صفا ڪري
سنگاري آئي گرو مهاراج جن جون ٻوٽر نشانيون،
جهڙن ته:- چاکڙيون - چهي، لٺ، چولو، ٽوپ،
ڪتار، وغيره ٺاهي جوڙي گرو مهاراج جن جي ڪٿا ۾
رکيا، گرو مهاراج جن جو فوٽو ٻڻ سنگاري ٺاهي رکيو. ان
ڳالهه سواءِ سنت سنگت ۾ ٻڻ جهڙي گرو مهاراج جن وهندا
هئا اتي سندن فوٽو سنگاري ٺاهي براجمان ڪيو،
سنت سنگت ٻڻ ساڳي ريت انهي موجب چالو ڏيو.

هاڻي اڳتي چا ڏيندو، اهو ته وقت ئي ٻڌائيندو،
سوامي جن جي اڳيان گهڻيئي ڳالهيون هيون جن جي
سوامي جن کي بلڪل چاڻ ڪانه هئي، جهڙن ته دربار
جو ليکو چوکو ڪهڙو آهي، چا ڏيڻو - وٺڻو آهي،
روزانو ڪيترو خرچ ڏيندڙ آهي، ٻيا ڪيترا اچن

ٽا، وغيره. ان کان سواءِ پنٿ جا مسئلا پڻ هئا، گرو مهراج جن پڻ پنج - ست هزار ٻزار جو قرض ڇڏي ويا هئا، اهو به لاهڻو هئو.

گرو مهراج جن ٻزار جو قرض ڇڏي ويا، ان جو مطلب اهو نه سمجھڻ گھرجي ته ڪين پئسا ڪونه هئا، اهڙي ڳالهه ڪين آهي.

امراپر دربار ۾ سڀ سنت واري واري سان ڪوٺار جي ڊيوٽي سنڀاليندا هئا، انهن مان سوامي- جن، سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت پرمانند مهراج، سنت ڪرشنداس مهراج، سنت ستيهپرڪاش مهراج وغيره وغيره. دربار جي واسطي سيڌو سامان ۽ ٻيون گھربل شيون وٺي اچڻ، حساب ڪتاب رکڻ، وغيره سڀو ڪاروبار ڪوٺاري سنڀاليندا هئا، (اڄ تائين به اهو ساڳيو نيم هلندو اچي ٿو.)

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن کي جيڪي ڪجھ ملندو هو، اهو سڀ سنت اوڌوداس مهراج يا سنت چندن پرڪاش مهراج کي ڏيندا هئا، پاڻ وٽ هڪ ڪاري ڪوڏي به ڪين رکندا هئا، ستگرو مهراج- جن وٽ نه هٽي پيٽي، نه هٽو ڪپت، نه هٽي ٻجوڙي، شرير کي ڍڪڻ لاءِ صرف ٻه چولا سندن ٿيلهي ۾ ٻڌل هوندا هئا.

ايتري ٽياڳ هوندي به دربار جي هر ڪارڻ لئي

پوري پوري نظر رکندا هئا. مثال آهي، جو ڪهڙا جا پو
اٿو خرچ ڪري يا اڻ لڳو ڇڙواڳ هلي.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سنت پرمانند مهراج
ڪوٺار جي ڀ ڀوٽيءَ ٿي هو، سنت چندن پرڪاش
مهراج ۽ سنت اوڌوداس مهراج جن ٻاهرويل هئا، ڪوٺار
جي خرچ واسطي ڪوٺاريءَ کي سنت چندن پرڪاش مهراج
يا سنت اوڌوداس مهراج پئسا ڏيندا هئا. انهن
ڏينهن جي ٻاهر هئڻ سبب هڪ ڏينهن سنت پرمانند
مهراج کي پئسن جي سخت ضرورت پئي، سو اُن
وقت گرو مهراج جن کان پئسا گهريا، گرو مهراج جن
پنهن جي وهاڻي هيٺان پئسا ڪڍي سنت پرمانند
کي ڏنا، چار پنج ڏينهن سنت پرمانند گرو مهراج جن
کان پئسا وٺندو رهيو، گرو مهراج جن به ڪيس وهاڻي
هيٺان ڪڍي ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن سنت پرمانند پئسا وٺڻ ويو ته گرو-
مهراج جن آلي ڪين هئا، شايد ڪيڏانهن هليا ويا
هئا. سنت پرمانند مهراج کي اُن وقت پئسن جي
سخت ضرورت هئي، سو گرو مهراج جن جي اچڻ
جو انتظار ڪرڻ لڳو. گرو مهراج جن الائجي ڪيڏي
مهل اچن، مون کي دير پئجي ٿي، ڇو نه گرو مهراج-
جن جي وهاڻي هيٺان پئسا ڪڍي، ڳڻي ڪڍي وڃان،
حال ته ڪم ٿي پايان، پوءِ گرو مهراج جن کي ڪٿي

ٻڌائيندس، ڪيس ڪ هٽي ۾ پيسا وهاڻي هيٺان
رکيا هوندا آهن، اهو دل ۾ ويچار ڪري پيسن ڪڍڻ
جي خيال کان پريمانند مهراج وهاڻو مٿي کنيو پر اُتي
ته ڪجهه به ڪين هو، سڄو بسترو هيٺ مٿي ڪري
ڳوليائين آخر ۾ وهاڻي جون چوٺون به لاٿائين، پر هڪ
پائي به ڪيس ڏسڻ ۾ ڪين آئي. دل ۾ ڏاڍو حيران
۽ پريشان ٿيو، پيسا ته ضرور ۽ هاڻي جو هاڻي گهرجن،
ڇا ڪريان، سنت پريمانند منجهي پيو، آخري ۾
گرو مهراج جن به اچي پهتا.

گرو مهراج جن آسڻ تي ويٺا، سنت پريمانند مٿو
ٽيڪي پيسا گهريا، گرو مهراج جن وهاڻو مٿي ڪري
جيترا پيسا سنت گهريا، اوترا پيسا ڪڍي ڏنا، سنت
پريمانند مهراج پيسا وٺي ويو، جنهن کي ڏيڻو وٺڻو
هو، اهو سڄو ڪم ڪار لاهي شام جو گرو مهراج جن
کي پيسن بابت سڄو سماچار ٻڌايو، سچي ڳالهه ٻڌي
گرو مهراج جن سنت پريمانند کي چيو ته ابا! ڳجهه
کي ڪين ڳول، وڃي شيوا ڪر. يوگ درشن:-

सूत्र :- अस्तेयप्रतिष्ठायां सर्वरत्नोपस्थानम् ॥

چوري نه ڪرڻ جي پالنا (استيا) جڏهن بلڪل
پڪي ٿي ويندي آهي، تڏهن سڀني قسمن جا رتن
(مائڪ، موتي، هيرا، جواهر) ظاهر ٿي پوندا آهن.
ڌوڙ مان ڌن ٿي پوندو آهي. چوري ڪرڻ جا تمام

گهڻا قسم آهن، جنهي ليکي ته ايدان موڪلائي ڪنهن جو به رڳو هڪ ڪک ڪٽڻ، به چوري آهي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، ميلي جا ڏينهن ويجها هئا، تنهن ڪري ميلي جون شيوائون شروع ڪيون ويون هيون. ميلي ۾ ڪکن جون ڪچيون ڪٽيائون ۽ لاهيون وينديون هيون، اهي ڪٽيائون سنت ۽ شيوادار ئي لاهيندا هئا. صبح جي ست سنگ کان پوءِ سڀئي شيوا ۾ لڳي ويندا هئا. سوامي سروانند مهراج، سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج سنت ماڌوداس مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج سنت ڪرشنداس مهراج، اهي سنت ڇپر ٻڌي رهيا هئا، پاڻ ۾ ڳالهيون ٻــه ڪري رهيا هئا. ڳالهين ڪندي سنت مــاڌوداس چيو ته ڇپر لاهڻ ۾ هٿ وڍجي ٿا پون، ڇاڪاڻ ته سرن (گاهه) جا تيلا تمام تکا آهن. چوڻ هي ڇپر مزورن کــان لهرائجن. گرو مهراج جن کي پاڻ سڀئي ڏهه ـ ڏهه رپيا ڏيون ۽ کين عرض ڪريون ته ڇپر لهرائڻ لاءِ پيسا اسان ٿا ڏيون، توهان مزورن کان ڇپر لهرائــو. اڃا اهي ڳالهيون پــاڻ ۾ ڪري رهيا هئــا ته گرو مهراج جن اوچتو اچي ويا، گرو مهراج جن کي اوچتو آيــل ڏسي سڀئي سنت ڏڪي ويا ۽ اٿي بيٺا. گرو مهراج جن ڪانئن پڇيو ته شيوا ٿا ڪريو يا ڳالهيون ٿا ڪريو؟

گرو مهراج جن جا وچن ٻڌي سيٺي سنتن ۾ چندي
هيڪندي ٻنهن جا هٿ ڏيکاري عرض ڪيو ته
سائين! ڇپرن ناهڻ ۾ اسان جا هٿ ڦٽجي ٿا پون،
چاڪاڻ ته سرن (گاهه) جا تيلا تمام تکا آهن. تنهن
ڪري اسين پاڻ ۾ اها صلاح ڪري رهيا هئاسون
ته، جيئن اسين سيٺي ڏهه ڏهه رپيا گڏ ڪري
گرو مهراج جن کي ڏيون ته مزورن کان ڇپر ٺهرائن.
سنتن جي اها ڳالهه ٻڌي گرو مهراج جن کين دڙڪو
ڏيئي چيو ته توهين سيوا ڪرڻ لاءِ آيا آهيو يا سيوا
ڪرائڻ لاءِ آيا آهيو؟ سيوا ڪندي توهان جا هٿ
ٿا ڦٽجن ته پوءِ هت ڇو آيا آهيو؟ وڃي گهر وهو،
توهين مونکي پيسا ڏيندا! ڇا، مون وٽ پيسا ڪونه
آهن، جو توهين پيسا ڏيندا! آيا آهيو سيوا ڪرڻ
يا سيٺيون بڻجڻ. اٿو! وڃو پنهن جي گهر! مونکي
توهان جي سيوا جي ضرورت ڪانهي. گرو مهراج-
جن جي اڳيان ڪوبه ڪجهه پڇي نه سگهيو، سڀئي
اٺين چپ ٿي ويا جهڙي پت. گرو مهراج جن تمام
سخت هوندا هئا، ساڳئي وقت دَيا ۽ پريم جا به
سمنڊ هوندا هئا. هڪدم راضي ٿي پوندا هئا.
سندن دڙڪي ۽ ڪاوڙ ۾ به رس ڀريل هوندو هو.
گرو مهراج جن دڙڪو ڏيئي پاسي هليا ويا.
سيٺي سنتن ٻنهن جي ڀل محسوس ڪئي، گرومهراج

کي اُتر ڀاڱي جاٽي شيوا ۾ جنبي ويا.

ستگرو مهراج جن، رات جو سڀني سنتن ۽ شيوادارن کي گهرائي پيار سان سمجهائي چيو ته ابا! اسان کي توهان جي ڀينس جي گهرج ڪانه آهي، نڪا توهان جي شيوا جي ضرورت آهي، اسين توهان جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ٿا ڪريون. فقير جي در تي آيا آهيو ته ڪجهه پراپت ڪري وڃو. شيوا ڪندا ته توهان جو تن-من پوتر ٿيندو.

ان مان ثابت آهي ته گرو مهراج جن کي ڪنهن به شيءِ جي کوٽ يا ڪمي ڪين هئي، هو ڇمندي جام هئا.

श्लोक :- क्रियासिद्धि: सत्वे वसति महतां नोपकरणे ॥

شاستر چون ٿا ته ست پرش، مهاتمائن کي پنهن جون شڪتيون تي ڪافي هونديون آهن. انهن کي ٻين جي مدد يا سهائتا جي ڪا به ضرورت ڪانه پوندي آهن. ٻين جي مدد رڳو ٽالي ماتر هوندي آهي. جيئن مهرشي اگستجن، اڪيلي سر ٻڌا ڪنهن جي مدد جي، سڄو سمنڊ هڪ تي ڍڪ ۾ پي ويا. مهرشي ڪپلد يو مني جن، مهاراجا سگر جي سٺ هزار پٽن کي رڳو اهارڻ سان جلائي رک ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح جون ڪٿائون شاسترن ۾ گهڻيئي لکيل آهن. يوگين ۾ تمام گهڻيون شڪتيون هونديون آهن.

انهن لاءِ دنيا ۾ ڪابه مشڪل ڳالهه ڪين هوندي آهي. اهي سڀ ڪجهه ڪرڻ ۾ سمرٿ هوندا آهن. جيڪي يوڳي ڀڳوان جا ڀڳت هوندا آهن، اهي پنهنجي شڪتي اصل ظاهر ڪين ڪندا آهن. پر جي ظاهر ڪندا آهن ته صرف ٻين جي سڌاري، ڀلي ۽ رکيا لاءِ ڪندا آهن. دنيا کي ڏيکارڻ، يا عام رواجي ماڻهن کي ڊيڄارڻ، يا ڀرم ۾ وجهڻ لاءِ يا عام ماڻهن ۾ رعب جمائڻ يا انهن کي غلام يا شش بڻائڻ لاءِ يا انهن کي عجب ۾ وجهڻ لاءِ يا انهن کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ سچا يوڳي پنهنجي شڪتي اصل ظاهر ڪين ڪندا آهن. گرو مهراج جن پڻ سمرٿ هوندي به پاڻ کي سدائين قرضي رکندا هئا. هميشه عام رواجي ماڻهن وانگر رهندا هيا.

گرو مهراج جن جي شري مکاروند جا هي وچن آهن. "ساڌ و قرضي ڀلو" ساڌوءَ جو قرضي هجڻ ان جي واداري جي نشاني آهي، ان جو اهو مطلب به ڪين آهي ته قرض کڻي عيش عشرت ۾ پيسو اڏائيندو رهي. ॥ ऋणं कृत्वा घृतं पिबेत् ॥ مطلب ته قرض کڻي عيش عشرت ڪريو. قرض کڻي عيش عشرت ڪرڻ، يا فضول خرچ ڪرڻ انسان جي اگيانتا آهي. ستگرو مهراج جن قرض ڇو چڙهي ويا؟ گرو مهراج جن خود سمرٿ هئا ۽ سندن وچن ٻڌڻ راز

سان ڀريل آهن. جنهن قرض بابت ستگرو مهراج جن
فرمايو آهي، اهو اشارو سڀني مهاتمائن ڀڳتن لاءِ آهي.
گرهستين لاءِ ڪين آهي، ڇو ته سنڌيءَ ۾ خاص
گرهستين لاءِ چوڻي آهي ته "قرض آهي مرض"
|| ऋणकर्ता पिता शत्रुः || ٻيءُ، جيڪو قرضي آهي اهو
پٽن ۽ ڪٽنب لاءِ دشمن آهي. "ساڌو قرضي ڀلو"
آهي وچن گرو مهراج جن ڀڳتن جي پاڻ لاءِ چيا آهن،
جيڪي پدم پراڻ ۽ ٻين پراڻن ۾ چيل آهي.

श्लोकः- अनर्थो ब्राह्मणस्यैष यदर्थनिचयो महान् ।
अर्थैश्वर्यविमूढो हि श्रेयसो भ्रश्यते द्विजः ।।

جيڪڏهن ساڌو، سنت مهاتما وٽ گهڻو ڌن گڏ
ٿي وڃي ته اهو ان لاءِ نقصانڪار آهي. ڌن مال
ملڪيت ۽ وڏائيءَ جي نشي ۾ چور منش ڌرم جي
رستي تان ڪري پوي ٿو ۽ ڀرشٽ ٿي وڃي ٿو.

श्लोकः- अर्थसम्पद्विमोहाय विमोहो नरकाय च ।
तस्मादर्थमनर्थाय श्रेयोऽर्थी दूरतस्त्यजेत् ।।

ڌن، مال- ملڪيت ۽ وڏائي، منش کي موهه
طرف ڇڪي وڃي ٿي، موهه، نرڪ ۾ ڪيرائي ٿو.
تنهن ڪري سک شانتيءَ جي اڇا ڪرڻ واري منش
کي گهرجي ته سڀني دکن جي جڙ "ڌن" کي پري
کان ئي تياڳي ڇڏي.

श्लोकः- यस्य धर्मार्थमर्थेहा तस्यानीहा गरीयसी ।

प्रक्षालनाद्धि पङ्कस्य दूरादस्पर्शनं वरम् ॥

جهڙي ڪچهڙ کي پوءِ ڌوئي ڪرڻ - ڪارڻ ان لاءِ
ڇنڊي ڇڏي ڌوئڻ (وسيلي) پهرين (ڌڪ) گڏ
ڪرڻ جي اِڇا (چاهنا) نٿي، ته اُن لاءِ اهڙي اِڇا
جو تياڳ ڪرڻ ئي ڀلو آهي. جو ڌن، گپ چڪ ۾
هٿ پري وري ڌوئڻ مان ڪهڙو فائدو. ان کان ته
سٺو آهي ته گپ چڪ کي هٿ ئي نه لائجي.

दोहा:- सौ पापन का मूल है, एक रूपैया रोक ।
साधु होय संग्रह करे, मिटै न संशय शोक ॥

दोहा:- साधु होय संग्रह करे, दूजे दिन को नीर ।
तरै न तारै और को, यों कथ कहै कबीर ॥

मन्त्र:- शतहस्तात् समाहर, सहस्र हस्त संकिर ॥

ويد واڻيءَ ۾ پڻ چيل آهي ته، سؤ هٿن سان گڏ
ڪر ۽ هزار هٿن سان خرچ ڪر.

❀ پاڻي باڙهي ناؤ ۾، گهر ۾ باڙهي دام،
دونو هاٿ اُليچئي، يهي سيانو ڪام.

جيئن، ٻيڙيءَ ۾ پاڻي ڀرجي ويندو آهي ته ملاح
ٻنهي هٿن سان اهو پاڻي ٻڪ ڀري ٻاهر ڪڍندو
آهي. جيڪڏهن، ملاح ائين نه ڪري ته ٻيڙي ٻڏي
ويندي. ائين جيڪڏهن، گهر ۾ ناڻو گهڻو گڏ ٿي وڃي
ته ٻڪ ڀري ٻاهر ڪڍڻ گهرجي، نه ته گهر ٻڏي
ويندو. ٻيڙيءَ مان وڌيل پاڻي ڪڍڻ ۽ گهر مان

وڏي ڀل ٿا ڪن، اهو سياڻن ماڻهن جو ڪم آهي.

سڀني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي گرو مهراج جن ڌن کي سهائيندڙ ۽ سڄاڻن خرچڻ ۾ سڦلو ڪندا هئا.

سياڻن ۽ سالڪن سوچي سمجهي آزمودو ڪري راز ڀري ڳالهيون لکيون آهن. گرو مهراج جن پاڻ به انهن ڳالهين تي هليا، ۽ ششن جگياسن کي پڻ ساڳيو اپديش ڪيو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي، ميلي جا ڏينهن هئا. ميلي ۾، چاٽو وهي واپري ان ڪري گرو مهراج جن لٽ ڪٺي ميلي ۾ گهمندا هئا، ميلي ۾ گهمندي گرو-مهراج جن اچي سيڌي سامان جي ڪوٺيءَ وٽ پهتا. عمر ڀٽي جي شري وسٽي مل ٽلر ڀڄا کي ميلي ۾ پوڄن لاءِ سيڌي سامان ڏيڻ وٺڻ جي شيوا لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، گرو مهراج جن ان کي سڏ ڪري پڇيو ته ٽانهريءَ جي هڪ ديگ لاءِ ڪڻڪ ۽ گيهه گهڻو ڏيندا آهيو؟ وسٽو مل هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين! ڀنڊاري جيڪي گهرندا آهن اهو ڏيندو آهيان. اهو ٻڌي گرو مهراج جن کيس حڪم ڪيو ته هن کان پوءِ هر هڪ ديگ لاءِ ٻيڻو سامان ڏيندا ڪجو.

اهڙو حڪم ڏئي گرو مهراج جن ٻئي پاسي هليا ويا. جڏهن ڀنڊاري پوڄن لاءِ سيڌو سامان وٺڻ ڪوٺاريءَ (ڪوٺيدار) وٽ آيا، ته هن ڪوٺاريءَ گرو مهراج

جن جي حڪم موجب ڪين بيٺو سامان ڏنو. اهو ڏسي ڀنڊاري ڪيس چوڻ لڳو ته، تنهن جو دماغ ته خراب ڪونه ٿيو آهي، جو بيٺو سڀڪو سامان ڏيئي رهيو آهين؟ ان تي ڪوٺاريءَ عرض ڪري چيو ته گرو مهراج جن جو اهڙو حڪم آهي. اهڙيءَ طرح گرو مهراج جن ڌن لٽائيندا هئا. وري به ياد ڏيارجي ٿو ته هي ڳالهيون سنتن - سادن، ڀڳتن سان لاڳاپو رکندڙ آهن. ڌن گڏ ڪرڻ مان نڪرندڙ نقصان ۽ فائدي کي نظر ۾ رکندي گرو مهراج جن ڪڏهن به ڌن گڏ ڪري ڪين رکيو، هميشه ئي پاڻ کي قرضي رکندا آيا.

هڪ طرف سوامي جن کي دربار جو قرض لاهڻو هو، ٻي طرف گئو شالا جو خرچ هو، ان کان سواءِ دربار تي روزانو ٿيندي وقت سؤ سوا سؤ سنتن، شيوادارن ۽ مهمانن لاءِ ڀوڄن تيار ٿيندو هو. تنهن کان سواءِ دربار تي ٻيا به گهڻائي ڪم هلندڙ هئا. دربار جي سڀني ڳالهين جو ويچار ڪري سوامي جن گهٻرائجي ويا، ۽ سوچڻ لڳا ته اهي سڀ ڪم مان ڪيئن سنڀالي سگهندس. گرو مهراج جن جا حڪم به ڪين ياد هئا انهن مان هڪ ڳالهه هيءَ به سوامي جن کي ياد هئي ته ڪنهن کان به پائي پيسو گهري ڪين وٺڻو آهي، گهرڻ ته پري رهيو پر گهرڻ جي اڇا به ڪانه رکڻي

آهي. اڪي ڪڏهن ڪي سڏو يا اڻ سڏو دان ڪرڻ لاءِ چوڻو يا چوائڻو آهي، ڇو ته سڀني ڌرم پنڻ ٿو سيکاري.

❁ مانگڻ مرڻ سمان هئه، مت ڪوئي مانگي ڀيکه.
مانگڻ سي مرنا ڀلا، يهه ستگر ڪي سيکه.

❁ رحمن وي نر مر چڪي، جي ڪڏهن مانگڻ جانهه.
اُن تي پهلي وي مئي، جن مک نڪست ناٽهه.

❁ تلسي ڪر پر ڪر ڪرو، ڪر پر ڪر نه ڪرو.
جا دن ڪر پر ڪر ڪرو، تا دن مرن ڪرو.

مگر ٻاهت سنتن - مهاتمائن گهڻو ڪجهه چيو آهي.

مگر پنڻ يا گهرڻ کي ڀلي ڪوئي ٻيهه ڌرم ٻڌائي ۽ پنڻ جا دليل ڏيئي پشڀرائي ڪري، پر سنت مهاتمائون الڳ ڌرم پٺيان نه هلندا آهن. اهي ته سڀني ڌرم پٺيان هلندا آهن.

دربار جي ٻاري ۾ سوچيندي سوامي جن سمهي پيا ۽ ڪين ننڊ اچي وئي، آڌي رات جو اُٿيا، ڪٽيا کان ٻاهر نڪري، هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري وري ڪٽيا ۾ وڃڻ لڳا، ته پٺيان ڪنهن آواز ڪيو سرواڻند! آواز ٻڌي سوامي جن اُن طرف وڌيا جتان آواز آيو هو، ڪنڊي ۾ جو وڻ، جنهن هيٺان گرو مهراج جن ٻاهران اچي ويٺا هئا، الي ٻهچي، عجب ۾ پئجي ويا، ڇا ٿا ڏسن! گرو مهراج جن ڪنڊي ۾ هيٺان ٻيٺا

آهن، سندن هٿ ۾ لٺ آهي ۽ مشڪي رهيا آهن، اهو اچرج ڏسي سواميءَ جن ٻاهران نه ڀڄي ويا، پر پوءِ همت رکي اڳتي وڌي چرڻن ۾ پرڻام ڪيو، پرڻام ڪري جيئن اٿيا ته پاڻ کي ڪٽيا ۾ سمهيل محسوس ڪيائون. وري ساڳيو آواز آيو، سروانند! ڇا سوچي رهيو آهين، چيتائون ڇڏي شيوا ۾ لڳي وڃ. آواز ٻڌي سواميءَ جن ڇرڪ ڀري هڪدم جاڳي پيا، اٿي بتي ٻاريائون، ڏٺائون ته ڪٽيا جو دروازو ته اندران بند آهي، پر مان هاڻي جو ٻاهر نڪتس، ڇا جيڪو ڏٺم يا ٻڌم، اهو سڀ سپنو هو يا سچ هو، اهڙيءَ طرح سواميءَ جن کي گهڻائي ڀيرا گرو مهراج جن درشن ڏنو، ان ڪري ئي سواميءَ جن وقت بوقت اها ڳالهه چوندا رهندا هئا ته، گرو مهراج جن لٺ کڻي گهمي رهيا آهن، سار سنڀار لهي رهيا آهن. اهڙن نظارن ڏسڻ بعد سواميءَ جن جو شوق، موهه، ڀپ ۽ سنسو ڀرم سڀ لهي ويو ۽ ارسنسي اڃ ڪڙڪي ئي شيوا ۾ لڳي ويا.

جيتوڻيڪ سواميءَ جن گهڻئي ڀيرا گرو مهراج جن جا درشن ڪيا هئا، پر تڏهن به هو اداس ۽ منجهيل رهندا هئا، سندن سنت ۽ شيواداري پڻ اداس رهندا هئا، ”دل جا سور دل ۾“ ڪير ڪڍهن سان دل جو حال اوري. دل جا درد ڪي ورهائي سگهجن

ٿا، اڪي ڏيئي سگهجن ٿا.

سک. وقت نه گذرندو رهي ٿو، ۽ گذرندو رهندو. اڳتي جو ذڪر هـــن رهت آهي ته هـڪ ڏينهن سوامي جن کي خيال آيو ته گرو مهراج جن جي پوتر جنم ڀومي ڪنڊوءِ ۾ گرو مهراج جن جو جـنم ڏينهن ملهائجي، سندن جڳهه کي برهم پرڪاش آشرم جو روپ ڏجي، سندن نمت ڀنڊارو ڪجي ۽ انهي آشرم جي سار سنڀال لاءِ سنت بسنترام مهراج کي مقرر ڪجي.

اهو ويچار ڪري سوامـي جن سڀني سنتن کي گهرائي ٻنهن جي رائي کان واقف ڪيو. ڪن چيو ته اهو منهن جو رايو آهي. وڌيڪ جيئن توهان سڀني جو رايو هوندو اُن مـوجب ڪيو ويندو. سوامي جن جي ڳالهه سڀني سنتن کي وڻي، سڀني سنتن پاڻ ۾ ملي صلاح ڪري سوامي جن جي رائي جي پٺڀرائي ڪئي، اهي سڀ شيءِ ڪارڻ، گرو مهراج جن جي جنم ڏينهن لاءِ ڪيا ويون، اهو فيصلو پڻ ٺهراءِ بحال ڪيو ويو.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پنهن جي جنـتري پنهن جو جنم ڏينهن ڪڏهن بـه، ڪين ملهايـو هو، اڪي شش - جڳياسن ۽ شردالن کي ملهائـڻ لاءِ آگيا ڏني هئي. گرو مهراج جن انهن ڇو ڪيو؟ اهو سوال

ڪير ٻه ٻڌي سگهي ٿو. ڇا، گرو مهراج جن کي جنم
ڏينهن ملهائڻ بابت خبر ڪانه هئي؟ يا سند ششن
جگياسن کي خبر ڪانه هئي، يا انهن ۾ گروءَ لاءِ سڪ
شرڌا ڪانه هئي، يا انهن وٽ پيسا ڪونه هئا؟ ان
سوال جي جواب کي شاسترن ۾ ڳولڻو پوندو، اهو
ويدن پراڻن جو لڪل راز آهي. گرو مهراج جن ان
راز مان چڱيءَ طرح واقف هئا. رواجي ماڻهن لاءِ ان
راز کي ڄاڻڻ سمجهڻ بلڪل ڏکيو آهي. سڪ. ڳجهه
کي ڳجهو رکڻ ئي سٺو آهي. ١٩٤٣ع مهيني آکاڙ ۾
گرو مهراج جن جو هيءُ پهريون جنم ڏينهن هو. اهو
ملهائڻ لاءِ ڪجهه شيواڌارين کي امراپر دربار جي شيوا
سنڀال لاءِ ڇڏي باقي سنت گرمکداس مهراج، سنت
بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت
چندن پرڪاش مهراج، سنت ماڌوداس مهراج، سنت
اوڌوداس مهراج، سنت پرمانند مهراج، سنت
آتمانند مهراج، سنت گڻيشانند مهراج، سنت ڌرمداس
مهراج، سنت جيون مڪت مهراج، سنت جڳ پرڪاش
مهراج ۽ سازندن کي پاڻ سان گڏ وٺي سوامي جن
پنج ٻومي ڪڏب و ندگريءَ ۾ پڌاريا، شيواڌارين کي
اڳواٽ ئي ڪڏب وڃ موڪليو ويو هو، جن ڪڏب وڃ نواسين
سان ملي ڪري سوامي جن ۽ سنگي سنتن جي رهڻ
لاءِ ۽ سنت سنگت لاءِ پورو بندوبست ڪيو.

سوامي جن ۽ سڀني سنتن ملي ڪري گرو مهراج-
جن جي جنم ڀومي، جنهن کي پرم پرڪاش آشرم
ڏنو ويو هو، تنهن جو اُدگهاٽن ڪيو ۽ ان پوتر ڏينهن
تي گرو مهراج جن جي مورتي پڻ استاپن ڪئي وئي،
پوڄا آرتي ۽ کان پوءِ ست سنگ شروع ڪيو ويو،
برابر پنج ڏينهن جنم اُتسو ملهايو ويو، گهڻو لڳو
سيڌو سامان هزار مان اوڌر تي آندو ويو، سڀني
شهر واسين کي ڀوڄن ڪرايو ويو ۽ شهر جي سنتن
براهمڻن ۽ تياڳين کي پڻ ڀوڄن ڪرايو ويو ۽ ڏکڻا به
ڏني وئي، ان ڏينهن ڪنڀ و۽ جي پرم پرڪاش آشرم
جي سار سنڀال لاءِ ست بسنترام مهراج کي مقرر
ڪيو ويو. اهي جو سمورو ڪار وهنوار کيس سونپيو ويو،
جنم اُتسو گذرڻ بعد سوامي جن موٽي امرپور دربار
ٽنڊي آدم آيا.

چئن پنجن ڏينهن کان پوءِ ست چندن پرڪاش
مهراج، سوامي جن کي ٻڌايو ته ڪنڀ و۽ ۾ جنم اُتسو
جي ڀنڊاري وغيره تي جملي هڪ هزار ۽ ٻه سؤ
رپيا خرچ آيو آهي، جنهن مان پنج سؤ رپيا ڏنا
ويا آهن، باقي پيسا ڏيڻا آهن. خرچ بابت ڳالهه ٻڌي
سوامي جن گهٻرائجي ويا، ست چندن پرڪاش مهراج
کي ڪوبه جواب ڪونه ڏنائون ۽ چپ ۾ رهيا.

شام جو نيم موجب ست سنگ شروع ٿيو، شهر

جا ٻه ڪافي برهمڻ آيا، برهمڻ پرساد وغيره کڻي
پيا آيا ۽ گرو مهراج جن جي مورتيءَ اڳيان پئي
رکيائون، رپيا پيسا ۽ ڪجهه مورتيءَ اڳيان ته ڪجهه
سوامي جن اڳيان ٻه پئي رکيائون، ڪن برهمڻن وري
سوامي جن جي ڪيسي ۾ پئي وڌا، ستسنگ سماپت
ٿيڻ کان پوءِ سڀئي برهمڻ پرساد وٺي گهر ويا، مورتي
اڳيان پيل پيسا کڻي شيواداريءَ سوامي جن کي ڏنا،
سوامي جن وري سڀ پيسا سنت چندن پرڪاش
مهراج کي ڏنا ۽ پنهنجي ڪيسي مان ٻه ڪڍي اهي
ٻه کيس ڏنا، ڪيسي مان جيڪي پيسا ڪڍيائون انهن
۾ هڪ ڪاغذ جو ٽڪر پيل هو، سوامي جن ڪاغذ
ٽڪر ڏٺو ته سهي، پر هي ڇا آهي؟ ڪين اهو
سمجهه ۾ ڪين آيو، هو ڪاغذ ٽڪر ٻه سنت چندن
پرڪاش مهراج کي ڏيئي پڇيو ته هيءُ الائي ڇا
آهي، سنت چندن پرڪاش مهراج ڪاغذ ڏسي چيو
ته سائين! هيءُ ته بئنڪ جو ڊرافٽ آهي، توهان
جي نالي آهي، ٻن هزارن جو ڊرافٽ آهي، بئنڪ
۾ ڏيڻ سان هن جا ٻه هزار رپيا ملندا، اها ڳالهه ٻڌي
سوامي جن ٽرس ۾ پئجي ويا، سوچڻ لڳا ته ستسنگ
۾ ته سڀئي ساڳيا ماڻهو آيا هئا، ڪو ٻه نئون ماڻهو نه
آيو ئي ڪين هو، جيڪي ماڻهو منهن جي ڪيسي ۾
پيسا وجهي رهيا هئا، اهي ٻه ته ساڳيا ئي ماڻهو هئا،

پر آخر هيترا پيسا ڪٿان آيا؟ پڪ ٿي پڪ گرو مهراج جن، ڪنهن غريب جو روپ ڌاري آيا هوندا، ۽ اهو ڪاغذ منهن جي ڪيسي ۾ وجهي ويا هوندا، اهو پڪو ويچار ڪري سوامي جن سيٺي سڌڻ کي گرو مهراج-جن جي شڪتيءَ جي باري ۾ ٻڌايو. ڪنڊوءَ ۾ جيڪو ڀنڊارو ڪيو ويو هو، ان تي جيڪو خرچ آيو هو، اهو ڏيئي وٺي باقي بچيل رپيا پنج سؤ، سوامي جن، سنت سنترام مهراج کي ڪنڊوءَ جي پرم پرڪاش آشرم جي خرچ پکي لاءِ موڪلي ڏنا.

ٽنڊي آدم شهر ۾ هيءَ ڳالهه پکڙجي وئي ته ستگرو ٽيئون رام مهراج جن کان پوءِ امراپر دربار جي سنڀال لاءِ هڪ وئراڳي گيانوان سنت کي مقرر ڪيو ويو آهي. اهو ان ڪري جو سوامي جن گهڻو ڪري رشي ڪيش ۽ اتر ڪاشيءَ ۾ رهندا هئا، ٽنڊي آدم ايندا هئا ته به گهڻو ڪري دربار تي ئي رهندا هئا، ڪنهن خاص ڪم کان سواءِ شهر ۾ به ڪين ويندا هئا، ڪنهن سان به گهڻي واقفيت نه گهرو رستو ڪين رکندا هئا، بنان ڪم جي ڪنهن سان ڪين ڳالهائيندا هئا، ان ڪري شهر جا ماڻهو سوامي جن کي تمام گهٽ سڃاڻندا هئا. ” اهڙي وئراڳي سنت جا درشن ڪرڻ ڀج جو ڪم آهي، “ ان خيال کان روزانو گهڻا پريمي دربار تي اچڻ لڳا، سوامي جن جو درشن ڪري

گهڻو خوش ٿيندا هئا، امراپر دربار ۾ ڀيڙ لڳي رهندي هئي. هر هڪ ماڻهوءَ ۾ پنهن جي پنهن جي خوبي ۽ خاصيت ٿيندي آهي، جيڪو مٿس گروءَ جي لڳش قدمن ۾ هلندو رهندو آهي، ان جون خاصيتون ڪجهه عاجدبون ٿينديون آهن، ان مٿس جو ديوتا ۽ سالڪ آدر ڪندا آهن.

دوهو:- ساڌو ساڌو سڀ ڪهي، اپني اپني ٺور.
شبد وويڪي پارکي، تي ماٿي کي مور.

پنهن جي پنهن جي جڳهه تي سڀئي سنت مهاتما وڏا آهن، پر جن کي شبد (آواز) کي پرکڻ جي ڪلا آهي انهن جو سياڻا ۽ سالڪ قدر ڪندا آهن.

گرو مهاراج جن جي پرم ڌام پڌارڻ کان پوءِ شهر جا ماڻهو پڻ پاڻ کي خالي محسوس ڪندا هئا، چوندا هئا ته اسان وٽ ڪو هيرو هو جو اسان جي هٿن مان نڪري ويو، اسان اڻ ڄاڻائيءَ سبب ان کي سڃاڻي نه سگهياسون. امراپر دربار هاڻي هڪ تيرٿ بڻجي پئي.

سوامي جن ڪجهه ڏينهن دربار ۾ رهڻ جو ويچار ڪيو، دربار ۾ جيڪي شيوا جا ڪم هلندا هئا انهن ۾ ڪا ڪمي بيشي نه رهجي وڃي، ان ڳالهه جو پورو پورو ڌيان رکندا هئا، امراپر دربار جي مکيه دروازي جو ڪم جيڪو گرو مهاراج جن شروع ڪرايو

هو، اهو سوامي جن وري شروع ڪيو، سنت گرمکداس مهراج جن سنت سنگت جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳا، سنت چندن پرڪاش مهراج ڪولار جو ڪم سنڀالڻ لڳا، سيٺي سنت پنهن جو پنهن جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳا، سيٺي ڪم ڪار ٻون سهڻي سٺي طريقي سان هلنديون هيون، دربار ڏي اچڻ وڃڻ وارا پانڌري، مهمان، مسافر ۽ شهر جا پريمي خوش ٿي ويندا هئا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوامي جن ۽ سيٺي سنتن پاڻ ۾ ملي صلاح ڪري ستگرو مهراج جن جي مندر ٺاهڻ جو ويچار ڪيو، برسالي موسم گذرڻ بعد شب ڏينهن ۾ شب گهڙي ۾ سوامي جن پنهن جي ڪرڪملن سان وڏي موجب مندر جو بنيادي پٿر رکيو، پرساد ورهائي مندر جو ڪم شروع ڪرايو، گرو مهراج جن جو مندر تهي رهيو آهي، اهڙي خبر پڌري ڪري ڪندو، حيدرآباد، ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻي، شڪارپر، ڪنڌڪوٽ، چڪ، کاهي وغيره شهرن ۽ ڳوٺن مان پريمي سيوا لاءِ هڪڙا پيا ايندا هئا پيا پيا ويندا هئا، سوامي جن ۽ سيٺي سنت پڻ مندر جي سيوا ۾ لڳا پيا هوندا هئا، مندر جو ڪارج زور شور سان هلڻ لڳو، بسنت پنچمي ۽ دربار تي ملهايائون، ان وچ ۾ سوامي جن يوگراج سوامي گوالانند مهراج کي سندن طبيعت ناساز ٿيڻ لاءِ چار پنج دفعا

حيدرآباد ۾ ويا.

هيءَ دنيا فاني آهي، هر هڪ شيءِ ناس ٿيندڙ آهي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ١٩٤٢ع تاريخ ٢٦ اسو مهيني ۾ يوگيراج سوامي گوالانند مهراج جن هن پنهنجي پنج ڀوتڪ جي شرير کي تياڳي پرم ڌام هليا ويا، سوامي جن سيني سنتن سان گڏ جي حيدرآباد ويا، اتي انڪل ويهه ڏينهن کن رهي واپس ٽنڊي آدم آيا.

مهاشوراتري جو ميلو دربار تي ملهايائون، شو جي ميلي تي ڪنڌڪوٽ مان سنت بسنترام مهراج جن پڻ آيا هئا، جن سوامي جن کي ڪنڌڪوٽ ۾ هولي ملهائڻ لاءِ نوتو ڏنو، ٻه ڏينهن دربار تي رهي سنت بسنترام مهراج ڪنڌڪوٽ ويا.

هفتي کن کان پوءِ سوامي جن، سنت گرمکداس مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت اوڌوداس مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج ۽ ڪن ٻين سنتن ۽ شيوادارين کي پاڻ سان گڏ وٺي، گرو مهراج جن جي جنم ڀوميءَ ڪنڌڪوٽ ۾ هولي ملهائڻ لاءِ روانا ٿيا. ڪنڌڪوٽ پهچڻ تي سوامي جن گرو مهراج جن جي جنم ڀوميءَ کي پرڻام ڪيو، شهر جي ٻاهران ڀائي ٽلوڪچند جي باغ ۾ منڊليءَ سوڌو سوامي جن وڃي لٿا، سنت بسنترام مهراج، مکي صاحب پرسن مل، سڀئي پنچايت ۽ شهر جا پريمي ساٿي ڀائي، سوامي جن جي سواگت سٽڪار

لاءِ اچي باغ ۾ آيا، سوامي جن ۽ سڀئي سنت پاڻ ۾
هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. ڀوڄن وغيره جو
سڀ پورو بندوبست اڳي ڪيو ويو هو، ڀوڄن کان پوءِ
سوامي جن سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج
۽ سڀني سنتن سان ملي ڪري هولي ملهائڻ جو
پروگرام ٺاهيو. پروگرام موجب ڀائي ٽلوڪچند جي
باغ مان جلوس شروع ٿيو، جلوس ۾ ستگرو ٽيئونرام
مهراج جن جي آدم قد مورتي هڪ سينگاريل بيل-
گاڏيءَ ۾ براجمان ڪئي وئي، اڳيان بئنڊ باجا ۽
شرنايون، ان کان پوءِ گرو مهراج جن جي سواري، ان
کان پوءِ سنت ۽ نگرواسي ڳائيندا وڄائيندا ڇوهون
هڻندا کنڊوءَ جي نعرن وڏين گهٽين بزارن مان
گهمندا ڦرندا پنچائتي آکاڙي ۾ آيا. اتي سنت سنگ
جي ٽلهي تي سينگاريل آسڻ تي گرو مهراج جن جي
مورتي براجمان ڪئي وئي. آرتي پوڄا پرارٿنا ڪري
سڀني گرو مهراج جن کي پرڻام ڪيو، ان کان پوءِ
سڀني سنگت کي هوليءَ جو پروگرام ٻڌايو ويو، پروگرام
بعد پرساد وٺي سڀئي پنهنجي گهر ويا. سوامي جن ۽
سڀئي سنت ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوامي جن اٿي ڪري
درياه شاهه تي ويا، جتي گرو مهراج جن وهندا هئا
ان جڳهه کي پرڻام ڪيائون، ٿوري وقت اتي گهمي

ڦري باغ مان ٿي آشرم ڏي آيا، ايتري ۾ ڏن سر (ٻٽ شاهه) کان سنت ڪرشنداس مهراج، ڀڳت چيتارام، ڀڳت ڏيون داس ۽ ٻيا پريمي ڪنڊ وٽ آيا، سڀئي سوامي جن ۽ سنتن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. ايتري ۾ ڀوڄن به تيار ٿيو، سڀني ملي ڪري ڀوڄن ڪيو، ٿورو آرام ڪري پوءِ جيئن گرو مهراج جن هولي ملهائيندا هئا، ٺيڪ ان ريت سڀئي سنت شيواداري ڪارڄ ۾ لڳي ويا.

رات جو اٺين بجي ست سنگ شروع ٿيو، پهرين سنت ڪرشنداس مهراج، ڀڳت چيتارام، ڀڳت ڏيون داس جن ست سنگ ڪيو، ان بعد سنت بسنترام مهراج جن ست سنگ ڪندي ساري سنگت کي چيو ته جيئن گرو مهراج جن هولي ملهائيندا هئا، ان ريت هولي ملهائي ويندي، هوليءَ جي ڏينهن ۾ شراب پيئڻ نه گهرجي، ماس مڇي بيدا وغيره به نه کائڻ گهرجن، اسين سڀئي ملي ڪري گرو مهراج جن جي آگيائن جو پالن ڪنداسون ته اسين، اسان جو سماج ۽ اسان جو ديش شاد آباد رهندو. مان مکي صاحب ٻرٻن مل ۽ ساري سنگت کي عرض ڪندس ته هوليءَ جي ڏينهن ۾ ڪوبه شراب ماس نه ورتائي، ان لاءِ ڪنڊ وٽ ۽ سالاري ۾ به اهڙو ٻڙو هو گهمايو وڃي. ڇا اها ڳالهه توهان سڀني کي پسند آهي؟

اها ڳالهه ٻڌي مکي صاحب اٿي ڪڙو ٿيو ۽ هٿ
جوڙي چوڻ لڳو، ته گرو مهراج جن هر سال هٿ هولي
ملهائڻ ايندا هئا، ان ڪري اُنهن جي سيڏي لهڻ
جي اسان کي پوري پوري چاهڻ آهي. سو اسان
سڀني پاڻ ۾ ملي ڪري ان ڳالهه جو اڳ ۾ ئي ويچار
ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻنهي شهرن ۾ اڳواٽ ئي سوچنا
پڻ ڏني وئي آهي، ته هن هولي تي، توهان جي
آگيا موجب وري به ڪنڀ وڌ سالاري ٻنهي شهرن
۾ پڙهو گهمايون ٿا ته جيئن هوليءَ جا ڏينهن ڪو به
ماس شراب نه ورتائي. سنت ٻسنترام مهراج ۽ مکي
صاحب جي رائي جي سڀني ٻـر پٽين ساري سنگت
تاڙيون وڄائي پنيرائي ڪئي. "ستگرو ٽيئون رام
مهراج جي جئه" "سناتن ڌرم جي جئه" "رام ڪرشڻ
ڀڳوان جي جئه" "نرسنگهه ڀڳوان جي جئه" "ڀڳت
پهلاج جي جئه" الهيءَ جئه جئه ڪار جي گرجنا سان
سڄو ست سنگهه منڊپ گونجڻ لڳو. سنت ٻسنترام
مهراج جن ڪرمن جي ٻاري ۾ ست سنگهه ڪيو.

ان بعد سوامي جن ست سنگهه آرنڀ ڪيو، منش
ڌرم جي وشيه تي ڳالهائيندي چيو ته سڀ جو وهنوار
ڪرڻ، پوتر ۽ شڌ آهار (ڀوڄن) ڪرڻ ۽ ڀڳوان جو
ڀڄن ڪرڻ، اهو هر هڪ منش جو مکيه فرض آهي،
"جهڙو ان تهڙو من"، تني گهٽي ڀوڄن کائڻ سان

تمو گڻ وڌي ٿو، ان جو نتيجو آهي، "ڪروڌ" (غصو). ڪروڌ جو ڦل آهي "دک". رجي گڻي ڀوڄن کائڻ سان رجو گڻ وڌندو آهي، ان جو نتيجو آهي چنچلتا، چنچلتا جو ڦل آهي "اشانتي". ستي گڻي ڀوڄن کائڻ سان ستو گڻ وڌندو آهي. ان جو نتيجو آهي، انتهه ڪرڻ جي پويترتا، انتهه ڪرڻ معنيٰ "خيال"، "ڦرنو" انتهه ڪرڻ جي پويترتا جو ڦل آهي آتم گيان جي پراپتي! آتم گيان معنيٰ "پنهن جي پاڻ جو گيان"! دائمي سک جو ڪارڻ آهي، آتم گيان! آتم گيان جو ڦل آهي "شانتي" معنيٰ (ڪيول مڪتي). ٽنهي گڻن (ٽنهي سڀائن = خيالن) کان الڳ جيڪو سڀاءُ (خيال) آهي، ان کي شانتي چئجي ٿو.

هيءُ جيو جڏهن قدرتي نيمن کي اورانگهي ٿو، تڏهن انهي مٿان دکن مٿان دک اچن ٿا، ڏٺو وڃي ته پسون پکي به پنهن جي پنهن جي ڌرم ۾ رهن ٿا. جيئن ته:-

چند:- گئو نه ڇهي ماس، سنگهه نه گهاس گراسي،
هنس مينا سي مکتا، آل نه گري آڪاسي،
آل بن ڪمل، اور گند کهي نه پاوي،
ساس نکسي ٿو نکس جاءِ سنتي آن انگ نه لاوي،
چاترڪ سيپ سواتي جل بن نه رهي نراسا،
ٽئسي گوالا چکياسو، جڳ سي رهي اداسا.

ڳانءِ، ماس ڪين کائيندي آهي، شينهن وري گاهه ڪين کائيندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڳانءِ جو کاڌو گاهه آهي ۽ شينهن جو کاڌو ماس آهي.

دوهو:- ٻيل اَشوَ وانر ڳڌا، ماس نه، کاوت گهاس.
ٿيئون مانش هوءِ ڪي، ڪيون نہ کاوت ماس.

ماس جي باري ۾ سمجهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته گهوڙو، ڳانءِ، ٻڪري، ٻاندر وغيره جانو ماس ڪين کائيندا آهن. ٻيا جانور ته ٺهيو پر ڳڏهه به ماس ڪين کائيندو آهي. جڏهن جانور به ماس ڪين کائيندا آهن، تڏهن منش کي ڇو کائڻ گهرجي.

❀ دور نگر سي ڪرت سڀ، ٿيئون ڳور مسان.
ماس اَهاري پيٽ گهر، ڪرت ڳور شمشان.

مساڻ يا قبرستان، جتي مڙدو جلايو يا پوريو ويندو آهي، اهو شهر کان ٻاهر ٿي ٺاهيو ويندو آهي. پر جيڪو ماڻهو ماس کائيندڙ آهي، اُن جي گهر کي مساڻ ۽ پيٽ کي قبرستان سمجهڻ گهرجي.

श्लोक :- न हि मांसं तृणात्काष्ठादुपलाद्वाऽपि जायते ।
हत्वा जन्तुं ततो मांसं, तस्माद्दोषस्तु भक्षणे ।।

श्लोक :- नाकृत्वा प्राणिनां हिंसा, मांसमुत्पद्यते क्वचित् ।
न च प्राणिवधः स्वर्ग्यस्तस्मान्मांसं विवर्जयेत् ।।

اَناج يا ميوَن وانگر ماس، ڪو ٻوٽن ٻارن يا وڻن ٽڻن مان پيدا ڪين ٿيندو آهي، پر جيوَن (جانورن) کي

مارڻ مان ئي ماس پيدا ٿيندو آهي. انهن ڪري ماس ورتائڻ ۾ وڏو پاپ لڳندو آهي. ڀل چاڙهڻ مان سرڳ نه ڪين ملندو آهي پر اُلندو نرڪ ملندو آهي.

श्लोक :- अनुमन्ता विशसिता निहन्ता क्रयविक्रयी।
संस्कर्ता चोपहर्ता च, खादश्चेति घातकाः॥

شاسترن جو ثبوت ڏيندي سوامي جن سڀئي سنگت کي چوڻ لڳا ته تتر، ٻڪر، ڪڪڙ، ٻدڪ وغيره جانورن کي مارڻ جو حڪم ڏيڻ وارو، ڪهڻ وارو، ماس کي ٽڪر ٽڪر (ويڙهڻ) ڪرڻ وارو، خريد ڪرڻ وارو، وڪڻڻ وارو، رڌڻ- پچائڻ وارو، ورهائڻ وارو، کائڻ ۽ کارائڻ وارو، اهي سڀئي هڪ جهڙا پاپي آهن، سڀني کي هڪ جهڙو پاپ لڳندو آهي.

श्लोक :- कुम्भीपाके च पच्यन्ते तां तां योनिमुपागताः।
आक्रम्य मार्यमाणाश्च भ्राम्यन्ते वै पुनः पुनः॥

مها ڀارت جو حوالو ڏيندي سوامي جن چيو ته ماس کائڻ وارو ڪتي، ٻلي، ٻاندر، سوئر وغيره جون گهڻيئي جوڻيون ڀوڳي وٺي ڪنڀي پاڪ نرڪ ۾ پوندو آهي، گولڪن - گگدامن جانورن کي ماري اُهن جي ماس کائڻ واري کي وري اُهي ڪيئن زوردستي پڪڙي ماري کائيندا آهن، اهڙي طرح اهو وار وار اُنهن جوڻين ۾ ڦرندو رهي ٿو.

श्लोक :- सर्वेषामेव मांसानां महान् दोषस्तु भक्षणे ।
निवर्तने महत्पुण्यमिति प्राह प्रजापतिः ॥

ماس کائڻ وارو جن جن جوڻين ۾ جنم وٺندو آهي ته تن تن جوڻين ۾ اهو پنهنجي سڄي زندگي ڏکي گذاريندو آهي، هر قسم جي ماس کائڻ ۾ تمام گهڻو نقصان آهي ۽ نه کائڻ ۾ تمام گهڻو پنُ آهي. اهي منو سمرتي ۾ پرجاپتي برهما جا وچن.

श्लोक :- वर्षे वर्षेऽश्वमेधेन यो यजते शतं समाः ।
मांसानि च न खादेद्यस्तयोः पुण्यफलं समम् ॥

منو سمرتيءَ ۾ منو مهراج جا وچن آهن ته جيڪو منش هر سال اشومیڌ يگيه ڪري ٿو، ۽ برابر سؤ سال ڪري ٿو، جيڪو منش ڪنهن به قسم جو ماس نٿو کائي ته انهن ٻنهي کي ساڳيو ئي ڦل ملي ٿو.

ايشور پرماتما هر هڪ جيوَ لاءِ الڳ الڳ کاڌو ٺاهيو آهي، شينهن، چيتي، ڪتي، ٻلي، گدڙ، ٻگهڙ وغيره جانورن جو کاڌو ماس آهي، هنس جو کاڌو موتي آهي، ڀؤنر جو کاڌو خوشبوءِ آهي، ماکيءَ جي مک جو کاڌو گلن جي رس آهي، چڪور جو کاڌو انگارا (ٻرندل ٽانڊو) آهن، طوطي جو کاڌو ميوو آهي، منش جو کاڌو اناج ۽ ميوو آهي. چاترڪ پکيءَ ۽ سمنڊ ۾ رهڻ واريءَ سپيءَ جو کاڌو سواتي نڪشتر ۾ وسڻ واريون برساتي بوندون آهن، الو نالي پکيءَ

جو جنم ۽ جيئرو رهڻ، ڪاٺڻ - پيٽڻ ۽ مرڻ سڀ ڪجهه آسمان ۾ ٿيندو آهي. هو زمين تي ڪڏهن به پير نه رکندو آهي، سيئي پئون پکي ڌرتي تي پوڄن تي رهندا آهن، ان ڪري اهي هميشه تندرست ۽ طاقتور رهندا آهن.

ستي اکر جي معنيٰ تمام لڪل آهي. ”ستي چڙهي ڏاگهه، موٽي نه ڪتن آب.“ سنڌيءَ ۾ اهو پهاڪو مشهور آهي. عام ماڻهن جي دماغ ۾ به اها ڳالهه ويٺل آهي ته مڙس جي مڙهه (لاش) سان گڏ سڙي مرڻ واريءَ استريءَ کي ستي چئبو آهي. جيتوڻيڪ جيتري باهه ۾ جلي مرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر جيتري جلي مرڻ واري استري ايتري بهادر آهي ۽ پوڄا جي لائق آهي. پر ان جو اهو مطلب ڪين آهي ته جيڪا استري مڙس جي لاش سان گڏ سڙي مري ۽ اها ”ستي“ آهي ٻي ستي ڪانه آهي. ائين چوڻ يا سمجهڻ بلڪل بي انصافي آهي. پوءِ ته جيئن اڄ ڪالهه گهڻيئي زالون گهر و ڪٽ - پٽ کان تنگ ٿي پنهن جو پاڻ کي باهه ۾ جلائي ماري ڇڏين، ۽ مرد به ڏيتي ليتيءَ يا ٻين ڪارڻن ڪري زبردستي پنهن جي زالن کي باهه لڳائي ساڙي ماري ڇڏين، ته پوءِ انهن کي ڇا چئبو؟ ستي چئبي، آپ گهات چئبو، يا ڇا چئبو؟

راجستان جي چتورڳڙهه جو اتهاس اسان جي اڳيان
آهي ۽ مشهور آهي. بهادر راجپوتن جي استرين،
مهاراڻي پدمڻي ۽ ٻين استرين پنهنجي مڙسن جي
جيئري هوندي، هزار سينگار ڪري، هڪ وڏو
باهه جو مچ ٻاري پنهنجو پاڻ کي پتنگن وانگر باهه
۾ جلائي رک ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ سندن مڙس
جيئرا هئا، جيڪي دشمن (آتتائين) سان لڙندي
ديش ڌرم مٿان قربان ٿي ويا. مڙس جي جيئري
باهه ۾ جلي مرڻ واريءَ استريءَ کي ئي "ستي" چيو
آهي ڇا؟ سنڌ جي مهاراجا ڏاهرسين جي ٻن ڌيئرن
سورياءِ ۽ پرمل، ٻنهي ڀينرن بغداد ۾ پنهنجي ڌرم
بچائڻ لاءِ زهر پي ڪٽارين سان هڪ ٻئي کي ماري
ڇڏيو هو. ان کي ڌرم رکيا چئبي يا آپ گهات؟
انهن ٻنهي ڀينرن پنهنجي "ست" جي رکيا ڪرڻ
لاءِ پنهنجي پراڻن جي آهوتي ڏني. پرڻيل هجي،
وڌوا هجي يا ڪنواري هجي جيڪا به پنهنجي
"ست" جي رکيا ڪري ٿي، ان کي "ستي" چئجي
ٿو. ڀڳوان شو شنڪر جي ڌرم پتني ستيءَ ڀڳوان
شنڪر جي جيئري هوندي پنهنجي پتا دڪش
پرجاپتي جي گهر، يگيه اگنيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي
جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو هو. ڪوشليا، ڪيڪئي ۽
سمترا، مهاراجا دسرٿ جون ٽئي رائيون، پتنيءَ

سان گڏ ستي ڪرڻ ٺيون هيون. اهڙيون گهڻي ئي ڪٿائون اٿهاسن - پراڻن ۾ لکيل آهن. جيڪڏهن ستي ٿيڻ جي معنيٰ مڙس جي مرڻ سان گڏ جلي سڙي مرڻ جي هجي ها ته اهو رواج هجي ها ته جيڪر سڀ ستيون ٿي وڃن ها. پر ائين نه آهي. پر حقيقت ڪجهه ٻي آهي. شاسترن موجب پتورتا استريءَ کي ئي ستي چيو ويو آهي. جيئن ستي سيتا، ستي ساوتري، ستي انسويا، ستي پاروتي. دروپتي، تارا، ڪنتي، مندودري، اهليا وغيره کي ته مها ستيءَ جو درجو ڏنو ويو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته پتورتا استريءَ کي ئي "ستي" چئجي ٿو.

مهاڀارت ۾ ون پرو جا وچن آهن ته استرين (ماتائن پيئرن) کي گهرجي ته اهي "ستي" استرين جو سنگ ڪن، ۽ انهن کي ئي پنهنجون سهيليون بڻائن. ڪوڙي سڀاءَ وارين، دوکو ڏيڻ وارين، گهڻو کاڌ و کائڻ وارين - چغلخوريڻ، چوري ڪرڻ وارين، چنچل سڀاءَ وارين استرين کان سدائين پري رهن. انهن جو سنگ نه ڪن. ان مان ثابت آهي ته رڳو مڙس سان گڏ جلي مرڻ واريءَ استريءَ کي نه پر سهاڳڻ استريءَ کي به "ستي" چئي سگهجي ٿو. جيڪا استري جيتري ستي نه ٿي سگهي آهي، اها مئي کان پوءِ ستي ڪيئن ٿي سگهندي.

شهري پهلٽيءَ شادي ڪئي هئي، ان ۾ پاڻ کي جيئري ئي باهه جي حوالي ڪيو هو، پنهنجي جي "ست" ئي قائم رکڻ ڪري اڄ ٿائين سندس نالو پيو ڳائجي. اهڙا واقعا ۾ گهڻيئي ملندا.

پتوورتا (ستيءَ) استريءَ لاءِ شاستر چون ٿا ته:-

श्लोक :- क्रीड़ांशरीरसंस्कारं समाजोत्सवदर्शनम् ।
हास्यं परगृहे यानं त्यजेत प्रोषितभर्तृका ।।

جنهن سهاڳڻ استريءَ جو مڙس پرديش ويل هجي، ان سهاڳڻ استريءَ کي ڪا به راند روند ۽ هار سينگار ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. جتي ڀيڙ ڀاڙ گهڻي هجي اتي به نه وڃڻ گهرجي. سماجڪ ميلن-اتسون وغيره ۾ به نه وڃڻ گهرجي، ٺهڪ ڏيئي کلڻ، چرچو مسخري ڪرڻ به نه گهرجي. ٻئن جي گهرن ۾ به نه وڃڻ گهرجي. گهٽو به نه ڳالهائڻ گهرجي.

جڏهن سهاڳڻ استريءَ (جنهن جو پتي رڳو ٿورن ڏينهن لاءِ پرديش ويو آهي) لاءِ ايترو بندش آهي ته وڌوا استري ۽ ڪنواري ڪنيا لاءِ ڪيترو بندش هوندو، سو ٿا - سمجهو ماڻهو ان جو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

श्लोक:- भ्रमन् सम्पूज्यते राजा, भ्रमन् सम्पूज्यते धनी ।
भ्रम् सम्पूज्यते विद्वान, स्त्री भ्रमन्ती विनश्यति।।
"राजा पण्डित गज तुरी, ये सब चंचल भले पर

नारी है चंचल बुरी ॥"

راجا، پنڊت ۽ شاهوڪار اهي ٽيئي جيترو گهمندا ڦرندا، اوترو انهن کي ڌن، جس ۽ پوڄا جي پراپتي ٿيندي. پر جيڪڏهن استري ڇڙواڳ گهمندي ڦرندي ته ان جو سڀ ڪجهه ناس ٿي ويندو. راجا، پنڊت، هاٿي ۽ گهوڙو، انهن چئني جي چنچل هئڻ مان تمام گهڻا فائدا آهن. پر استريءَ جي چنچل هئڻ مان نقصان ئي نقصان آهي. اهو آزمود ڪارن جو آزمودو آهي. عقلمندن جو اشارو آهي.

ٻيهر هن استري اکر جي معنيٰ سمجهڻ گهرجي، پوءِ ستي ۽ پتورتا اکرن جو ويچار ڪرڻ گهرجي. شاسترن موجب ستيءَ ۽ پتورتا ۾ ڪو به تفاوت ڪين آهي. شاسترن ۾ جيڪي نيم ڄايا ويا آهن، جيڪا ناري انهن کي ڌارڻ (پالن) ڪري ٿي ان کي ستي چئجي ٿو. پوءِ هوءَ سهاڳڻ هجي، ودوا هجي يا ڪنواري هجي.

جيتوڻيڪ لڇمڻ جي شادي ڪئل هئي پر ان کي لڇمڻ "جتي" (يتي) چوندا آهن. پرش لاءِ "جتي" اکر ڪم آندل آهي ۽ استريءَ لاءِ "ستي" اکر ڪم آندل آهي. ڪي خاص ڪارڻ ٿي سگهن ٿا جن ڪارڻن ڪري استري "ستي" ٿيندي هجي. "ستي" ٿيڻ جا به نيم آهن. نارد پراڻ ۾ مهرشي اوروَ جا وچن:-

श्लोक:- बालापत्याश्चगर्भिण्यो ह्यदृष्टऋतवस्तथा ।
रजस्वला राजसुते नारोहन्ति चितां शुभे ॥

جنهن استريءَ جا ٻار بلڪل ننڍڙا هجن، جيڪا
گرڀڻي هجي، جيڪا رجسولا هجي، جنهن ماهواريءَ
جو درشن نه ڪيو هجي، اهڙن استرين کي چکيا
تي چڙهڻ نه گهرجي. ”ستيءَ“ جو ارٿ سمجهائيندي
شاستر لکن ٿا ته:-

श्लोक :- भर्ता देवो गुरुर्भर्ता, धर्मतीर्थ व्रतानि च ।
तस्मात्सर्वं परित्यज्य, पतिमेकं भजेत्सती ॥

”ستي“ استريءَ لاءِ پتيءَ کان سواءِ نه ڪو ٻيو
ديوتا آهي، نه ڪو ٻيو گرو آهي، نه ڪو ٻيو ڌرم
آهي، نه ڪو ٻيو تيرٿ، ورت، دان، تپ يا يوگ
آهي. تنهن ڪري سڀني کي ڇڏي، ستي استري
کي پنهنجي پتيءَ جي ئي سيوا، پوڄا ڪرڻ گهرجي!

श्लोक :- पुरुषाणां सहस्रं हि सती स्त्री च समुद्धरेत् ।
पतिः पतिव्रतानां च मुच्यते सर्वं पातकात् ॥

श्लोक :- पृथिव्यां यानि तीर्थानि सती पादेषु तान्यपि ।
तेजश्च सर्वदेवानां मुनीनां च सतीषु तत् ॥

श्लोक :- तपस्विनां तपः सर्वं, व्रतिनां यत् फलं व्रते ।
दाने फलं च दातृणां, तत् सर्वं तासु संततम् ॥

جيڪا ”ستي“ استري آهي، اها هزارن پرشن

(مڙهن) کي ٽاري سگهي ٿي. ستي استريءَ جو پتي (مڙس) سندس پاپن کان آسانيءَ سان ڇٽي وڃي ٿو. ڌرتيءَ تي جيترا به تيرٿ آهن، اهي سڀئي ستي استريءَ جي چرڻن ۾ رهن ٿا. ديوتائن، رشين، منين جو سڀئي تيج، تنهنڪري ستي استريءَ ۾ رهندو آهي. تپسين کي تپ ڪرڻ سان جيڪو ڦل ملندو آهي، ورت رکڻ وارن کي ورتن رکڻ سان جيڪو ڦل ملندو آهي، دانين (دان ڪرڻ وارن) کي دان ڪرڻ سان جيڪو ڦل ملندو آهي، اهي سڀئي ڦل ستي استريءَ کي رڳو پنهنجي پتيءَ جي شيوا-پوڄا ڪرڻ سان تنهنڪري پراپت ٿي وڃن ٿا. شو پراڻ.

شاسترن جي وچنن موجب ستي استريون جيتريون آهن ۽ سندن پتي به جيترا آهن. ان مان صاف ظاهر آهي ته سرڳواسي پتيءَ جي مڙهه (لاش) سان گڏ جلي سڙي وڃڻ واريءَ استريءَ کي ستي ڪين چئبو آهي. پر پتيورتا استريءَ کي ستي چئبو آهي. جيڪا استري پنهنجي "ست" تي قائم رهي ان کي ستي چئبي ٿو، "ست" اکر مان ستي ٺهيو آهي.

श्लोक :- पुरुषं सेवते नान्यं, मनोवाक्कायकर्मभि :।

लोभितापि परेणार्थैः सा सती लोक भूषणम् ॥

جنهن استريءَ جو من، وچن، ڪرم ۽ شرير پنهنجي پتيءَ لاءِ آهي، ڪنهن به لوڀ يا لالچ

ڏيڻ ٿي ۽ جيڪا استري پنهن جي "ست" تي قائم رهي ٿي، اُها استري سڄي سنسار جو ڏيئو آهي. پرهم وَڏي ورت پراڻ جا وچن آهن ته ستي استرين پنهن جي پتيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن ۽ منش يا ديوتا جي شيوا پوڄا ڪين ڪنديون آهن.

تلڪ ڏيڻ، مالها پائڻ، آرتي ڪرڻ، استتي ڪرڻ، پرڻام ڪرڻ، چرڻ ڌوئڻ، چرنا مرت پيئڻ، چرڻن جو جل مستڪ تي لڳائڻ، چرڻن جي جل سان سنان ڪرڻ، ڀوڳ لڳائڻ، وغيره اهي سڀ پوڄا ۽ شيوا جا انگ آهن.

پنهن جي مٿُس کي تلڪ ڏيڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ کي مالها (هار) پائڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ کي پيرن (پرڻام) ڀوڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ جي آرتي ڪرڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ جي استتي ڪرڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ جا چرڻ ڌوئڻ واريءَ، پنهن جي پتيءَ جي چرڻن جو جل پيئڻ واريءَ، پتيءَ جي چرڻن جي خاڪ مستڪ تي لڳائڻ واريءَ، پنهن-جي پتيءَ کي ڀوڳ لڳائڻ واريءَ، اهڙي طرح پتيءَ جي شيوا- پوڄا ڪرڻ واريءَ استريءَ کي ستي-پتورتا چئبو آهي.

ڪپڙا ڌوئڻ، ڀوڄن تيار ڪرڻ، ٻهاري ڪڍڻ، ٻاسڻ ملڻ يا ٻيو گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ، اهو ته نوڪرياڻيون به ڪري سگهن ٿيون.

جيڪا استري سڀ کان پهرين پنهنجي مڙس جي پوڄا - شيوا ڪري ٿي، ٻئي ڪنهن ڏانهن نه، اک کڻي لئي نهاري، اُن کي "ستي" چئجي ٿو. ديوتائن يا منشن جي پوڄا شيوا ڪرڻ جو ڦرنو (خيال) جنهن استريءَ جي من ۾ پيدا ٿي نه ٿو ٿئي، ان کي "ستي، پتوريتا" چئجي ٿو. پر جيڪڏهن سندس پتي کيس ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ آگيا ڪري ٿو ته پتيءَ کي راضي رکڻ لاءِ اُن کي پتيءَ جي آگيا ضرور مڃڻ گهرجي.

ايترو سمجهائي سوامي جن سڀني سنگت کي چوڻ لڳا ته "ستي" استري موت قبول ڪندي آهي پر پنهنجو ست (ڌرم) ڪڏهن ڪين ڇڏيندي آهي. پراڻ اتهاس - مها ڀارت پڙهڻ سان سنسا ڀرم سڀ شنڪائون ناس ٿي وڃن ٿيون.

ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن چوڻ لڳا ته پسون - پکي به پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ قائم رهن ٿا، منش کي ته هر حالت ۾ پنهنجو ڌرم پالڻ گهرجي.

श्लोक :- सुरा मत्स्या: पशोर्मांसं द्विजातीनां बलिस्तथा।
धूर्तै: प्रवर्तितं यज्ञे नैतद्वेदेषुकथ्यते ।।

ماس بابت، مهاڀارت جو حوالو ڏيندي سوامي جن سڀني سنگت کي چيو ته ماس-مڇي کائڻ، شراب پيئڻ يگين ۾ بل چاڙهڻ وغيره انهن اشڀ ۽ پاپ ڪرم ڪرڻ

لاءِ ويدن شاسترن ۾ سخت منع ڪيل آهي. جوئا، شراب، ماس جي وشيه لي ست سنگ ڪري سوامي-جن ست نام ساڪي، ساڪي شووهم، جي ڏلي لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي، سوامي جن ۽ سيڙهي سنت شيواداري پوڄن ڪري آرامي ٿيا، اهڙي طرح هوليءَ جو اُتسوَ ڌوم-ڌام سان ملهايو ويو، ستگرو ٽيئون رام مهراج جن کان پوءِ هيءُ پهريون هوليءَ جو ميلو هو، جو سوامي سروانند مهراج جن ملهايو هو، هوليءَ کان پوءِ سوامي جن منڊليءَ سوڌو پريم پرڪاش آشرم ۾ آيا، ٽي ڏينهن اتي رهي ڀڄن-ڪيرتن جي موڄ مچائي.

ان وچ ۾ شهر ڀيراليءَ کان سوامي مينگهورام مهراج-جن جي ميلي جي چٺي، سوامي آلورام مهراج جن هڪ شيواداريءَ هٿ موڪلي هئي، سوامي جن اها چٺي پڙهائي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ جي پڪ جي چٺي لکارائي شيواداريءَ کي ڏيئي ڪيس باعزت روانو ڪيو.

پڇاڙيءَ جو ست سنگ سماپت ڪندي سوامي جن ساري سنگت کي چيت جي ميلي جو لولو ڏيندي چيو ته پهرين والڪر، جيئن ستگرو مهراج جن جي ڏينهن ۾ ايندا هئا، تيئن سيڙهي ڪنڊ وءِ واسي خاص ڪري سيڙهي شيواداري ميلي ۾ اچجو، ۽ پنهنجي پنهنجي شيوا اچي ڪجو، شيوا جي سونهري موقعي جو فائدو

حاصل ڪيو. ان کان پوءِ رام نام جي ڌني لڳائي
وئي ساري سنگت ڀاءُ پرساد وٺي گهر وئي، اهڙي
طرح ڏهه ڏينهن کن ڪڇ ۾ رهي ڪري سوامي جن
منڊليءَ سوڌو پرڀات جو ڪڇ مان روانا ٿي ڀڄن
جو نئدي آدم امراپر درٻار ۾ آيا.

ڀڄن جو پوڄن آئي ڪري ٿورو آرام ڪري شام
جو منڊليءَ سوڌو نئدي آدم کان پيدل روانا ٿيا،
ميرائي پهچي ڪري سوامي منگهورام مهراج جن جي
ٽڪاڻي ۾ ويا، اتي ستسنگ اڳ ۾ئي ٿي رهيو هو،
ميلي لاءِ جن جن کي لوٺو موڪليو ويو هو، اهي سنت
مهمان اچي رهيا هئا. سوامي جن کي منڊليءَ سوڌو
آيل ڏسي، سوامي آلورام مهراج جن اڳيان وڌي
سوامي جن ۽ سيني سنتن جو آدرستڪار ڪيو سڀئي
پاڻ ۾ ملي تمام گهڻو خوش ٿيا، سوامي جن ۽ سيني
سنتن جي رهائش ۽ پوڄن واسطي سٺو بندوبست رکيو
ويو هو. سوامي جن جي ست سنگ جو پروگرام رات جو
اٺين ٻجي کان ڏهين ٻجي تائين رکيو ويو هو، جلپان
ڪري سوامي جن منڊليءَ سوڌو ست سنگ ۾ آيا،
پهرين سنت گرمکداس مهراج، سنت شانتي پرڪاش
مهراج، سنت اوڌوداس مهراج ۽ ٻين سنتن ملي ڪري
سنتن جي مهما جا ڀڄن ڳايا، ان بعد سوامي جن
ستسنگ چالو ڪيو، سنتن جي مهما جو ورڻن ڪندي

سوامي جن چوڻ لڳا تہ:-

❁ وڌ هر هر ڪوي ڪوود ٻـاني ،
ڪهت ساڌ و مهما سڪچاني .
❁ سو مو سن ڪهہ جات نہ ڪئسي،
ساڪ ٻنڪ مني گن گن جئسي.
❁ ست سنگت مـد منگل مـولا،
سوئي ڦل سڌ سب ساڌن ڦولا .

گوسوامي تلسي داس مهراج جن جو چوڻ آهي تہ برهما، وشڻو، مهيش اهي ٽيئي مکيہ ديوتا آهن، سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارا آهن. ان هوندي بہ اهي سنتن جي مهما جو ورڻن ڪندي حجاب ڪن ٿا. جتي ڪو بہ ۽ ٻندڌن جي واڻي بہ سنتن جي مهما جو ٺيڪ ٺيڪ بيان ڪرڻ ۾ ٿڪتي آهي، اتي ڀلا مون جهڙو رواجي انسان ڪهڙي ليکي ۾ آهي. ڀلا ساڳ ڀاڄي وڪڻڻ وارو ماڻهو هيرن- جواهرن، مڻين ۽ ماڻڪن جي قيمت ۽ گڻ ڪيئن ٿو ٻڌائي سگهي . ڇو تہ ان کي رڳو ساڳ ڀاڄيءَ جي ڄاڻ آهي، اهو تہ رڳو ساڳ ڀاڄيءَ جي ئي قيمت ٻڌائي سگهي ٿو، ان کي ڀلا مڻين ماڻڪن جي قيمت ۽ گڻن (لڇڻن) جي ڪهڙي خبر! گوسوامي تلسي داس مهراج جن چون ٿا تہ ساڳ ڀاڄي وڪڻڻ وارن وانگر مان بہ سنتن - مهاتمائن جي مهما کي ڪٿو ڄاڻي سگهان . سنت کي سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ،

جنهنجي لڇڻن-ڳڻن جي ڄاڻ ڪي ڪانه آهي اهڙي مهما ڪيئن ڳائي سگهجي ٿي.

ڳيڙو ڪپڙا پاتل هجن، جٽائون رکيل هجن، ڏاڙهي وار رکيل هجن، ڀڀوت رمايل هجي، تلڪ مالهائون پاتل هجن، ڪٿا - ڪيرتن، ستسنگ ڪندڙ هجي، اهي سڀ ٻاهريان لڇڻ آهن. انهن کي ڏسي هر هڪ ماڻهو ته ٻچا ٻر ٻار به ان کي سنت - ساڌو چوندو. ليڪن، تماشن ۽ فلمن ۾ اڪثر ٻيا سنتن - رشين - منين جا پارٽ ڪندا آهن، جهانگين ۾ ٻيا ساڌن - سنتن جا سانگ پائيندا آهن، پوءِ ته جيڪر انهن کي به سنت چئجي! پر اها ڪا سنت جي سڃاڻپ ڪين آهي.

ان ٻاري ۾ ديوَرشي نارد ٻن ۾، ۽ شري ڀرت لال ايوڌيا ۾، ڀڳوان شري رام کان پڇيو آهي، ڀڳوان شري رام انهن کي سنتن جا لڇڻ ۽ ڳڻ ٻڌايا آهن، اهو سڀ رامايڻ جي آرڻيه ۽ اتر ڪانڊ ۾ ورڻن ٿيل آهي.

ڏسو وڃي ته نارد مني ۽ ڀرت لال ٻئي گياني ۽ ڀڳت هئا، سڀئي وديائون ڄاڻندي هوندي به جنهن وديا سان سنت کي سڃاڻجي، اها وديا انهن وٽ ڪانه هئي، يا ته انهن، عام ماڻهن کي سڃاڻڻ ڪرڻ ۽ انهنجي ڀلي لاءِ ڀڳوان شري رام کان پڇيو آهي. يا ٻيو به ڪو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. شري سيتا ماتا به راوڻ کي ڪين سڃاڻي سگهي ڇاڪاڻ ته هو ساڌو جي ويس ۾ هو.

ٻالڪ ۽ پُتر پارٿ ڀڳت شري ڪرشن ڀڳوان کان سنتن
کي سڃاڻڻ جي وديا پڙهي هئي، مطلب ته جنهن وديا
سان سنت - سادوءَ کي سڃاڻجي، اها وديا ڀڳوان شري
رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ
ڪين آهي. انهن جن جن کي اها وديا سيکاري آهي تي
سنتن کي سڃاڻي سگهن ٿا.

”سوءِ جاڻهه جيهه ديهه جڻائي“

دوهو:- سنت رام ۾ ڀيد لکهه، سنت رام سوروپ،
ڪهه نيڻون رٽ رام ڪو، ٻئي رام کي روپ.

سنت ۽ رام ۾ ڪوئي ڀيد ڪين آهي. جنهن وٽ
رام آهي اهوئي سنت آهي، جيئن رام جي مهما اپار
آهي، تيئن سنتن جي مهما به اپار آهي. اِها ڪا لڪاءَ
ڪاله آهي. اهڙا سنت جن وٽ رام آهي، انهن جي
سنگ کي ست سنگ چئجي ٿو، رام ڪنهن وٽ آهي؟

ان ٻاري ۾ ڀڳوان شري رام، مهرشي والميڪ کان
پڇيو هو. ڀڳوان رام ٻن ۾ گهمندي ڦرندي مهرشي
والميڪ جي آشرم ۾ پهتو، ان کان پڇائين ته مهرشي
جي، ڪرپا ڪري ٻڌايو ته مان ڪٿي رهان؟ تڏهن
مهرشيءَ مشڪي چيو ته هي رام! توهين ڪٿي ڪين
آهيو! منهن جي وچار ۾ ته هن ڌرتي آسمان ۾ ڪاهه
اهڙي جڳهه ڪين آهي جتي توهين نه هجو. سڀ
ڪجهه چاهيندي هوندي به مون تي ٻڌهن جي ڪرپا

ڪري موٽڪان ڇڏڻ چاهيو ٿا، ته ٻڌو، مهرشي رام
کي رهڻ جا گهر ٻڌائيندو ويو ٿو؛ رام ٻڌندو
ويو ٿو.

* جاهه نه چاهه ڪبهون ڪڇ، تمهه سن سهج سنيهه،
بسهه نرنتر تاس من، سو راؤر نج گيهه.

ڀڄاڙيءَ ۾ مهرشي چوڻ لڳو ته هي رام! ڪڏهن
به ڪٿي به، ڪهڙي به حالت ۾، جو ماڻهو ڪنهن
کان به ڪجھ نٿو گهري، پنهنجي واسطي يا ٻين واسطي
جيڪو ڪنهن کان به ڪجھ نٿو گهري، توهان ۾ جنهنجو
قدرتي سنيهه آهي، سنيهه (پريم) جا به گهڻيئي قسم
آهن، جيئن ته، قدرتي، ٻڌل - ٻڌايل، پڙهيل-پڙهايل،
ڏنل، ڏيکاريل، سکيل - سيکاريل، مطلبي، ٻناوٽي،
ڪپٽي پريم وغيره وغيره، انهن سڀني ۾ سهج
(قدرتي) پريم تمام اُتم آهي. قدرتي پريم ٻارن ۾
ڏٺو ويندو آهي، ننڍن ٻارن کي نه بک لڳندي آهي
نه اُڃ لڳندي آهي، نڪي دک سک محسوس ڪندا
آهن، نڪي گهڻي ٿوري جو خيال ڪندا آهن، اُلٽي
رسندا آهن ته الٽي جو الٽي پرچي پوندا آهن، انهن لاءِ
نڪي پنهنجو آهي نڪي پرائو آهي، نڪي خوشي
نڪي غم. پنهنجي ماءُ جي ٿڃان ٿڃان ٻيا ڦرندا
آهن، اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو سڀ ڪجھ چاهيندي
هوندي به سڀني طاقت رکندي به ٻارن وانگر توهان

جو ڀلوُ ٿيا چڱا ڀن، اهڙن مهشن جو مـــن، هي رام!
ٿوهان جو خاص گهر آهي، ٿوهان هميشه ان گهر ۾
نواس ڪريو، ڀڳوان خود پاڻ ۾ فرمائين ٿا ته سنت
مهن جي دل آهن، مان سنتن جي دل آهيان. جب
ٽب ڪري مهش ڀڳوان کي ته ڏسي سگهي ٿو، ڀر
ڀڳوان جي دل کي ٿو ڏسي سگهي. سنتن جي مهما
۽ لڇڻن جو ورڻن ڪندي سوامي جن ڀڄن ڳايو:-

❀ ڀڄن ❀

ٽُڪ:- ساڌ سنگت ڪي ٽين لوڪ ۾، جانو ٻڙي ٻڙائي.
شرڌا سي جن ستسنگ ڪيتا، پورن پد وي پائي.
١- والميڪ مارگ ڪا ڌاڪو، راهه مسافر ماري،
اڪ دن سپت رشي ونهه آئي،
ٽانڪي ٽڪت سڌاري،
ڪسي ليئي ٽم پاپ ڪرت هو، سنتن وچن اچاري،
اسي پاپ ۾ مات پتا سڀ، ساٿي ٻتر لڳائي.
٢- پوڇ ڪٽمب سي جلدي آئو، اب ٽو هم نا گهٽنا،
والميڪ ٽب هنس ڪر ٻولا، ٽم ٽو چاهت ڇٽنا،
ٻانڌ ٻرڇ سي هم ڪو جائو، پوڇي آڪر لٽنا،
آپ پڌا ڪر ڪرت ڀلا، ٽن سنتن ٻر ٻل جائي.
٣- سپت رشي ڪو ٻانڌ ٻرڇ سي، والميڪ گهر چليا،
پاپ ڪرم ۾ هم سي شامل، هويا نا ٽم ٻهليا،
ڪس ونڌ ٻي ٽم هم ڪو پالو، پاپ سنگي نا چهليا.

السا سن گهر ٻـار ڏهاڙي، آءُ ٻـڙا شر لـائي.

٣- کهي ٽهڙون ٻـٽي سنت د يالو، اپڻي شرڻي لايا،
مران مران دي منتر ڏس کو، ايک ڄڳهه ٻنلايا،
رام رام رٽ ٽهن کال کا، ڪهان آسي لـي پايا،
سنت سماگم ايک گهڙي ڀي، ورٿا ڪڀهون نه جائي.

دوهو:- ايک گهڙي آڌي گهڙي، آڌي کا ڀن آڌ،
ٽلسي سنگت ساڌ کي، ڪٽي ڪوٽ اپراڌ.

مٿين ٻچن جو ارٿ ڪندي سوامي جن چيو ته ٻالميڪ نالي هڪ تمام خطرناڪ ڌاڪو هوندو هو، جنهن گهڻن ئي ماڻهن کي ماري ختم ڪري ڇڏيو هو، ان گهڻائي ظلم ڪيا هئا، هو هڪ وڏو هچارو هو، راهگيرن کي ماري انهن جو مال ملڪيت ڦري کڻي هليو ويندو هو. ان جي دل ۾ نالي ماتر به ديا ڪانه هوندي هئي، ٻالميڪ ڌاڪوءَ جي ظلمن ڪري ان رستي تان ماڻهن جو اچڻ وڃڻ ئي بند ٿي ويو هو، جيڪڏهن ڪو ڀل مان اتي وڃي نڪرندو هو ته ٻالميڪ ڌاڪو ان کي ماري ختم ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي سپت رشي ياترا ڪندا ان رستي تان وڃي رهيا هئا، جنهن تي ٻالميڪ انهن کي ويندو ڏٺو، تنهن تي ٻري کان هڪل ڪري ڪڙڪي آواز ۾ چيو ته مهراج! مٿان ويندا آهيو، اتي بيهو! اتي بيهو! مٿان اڳتي پير وڌايو اٿو! سڀ هٿ ۾ اگهاڙي

تلوار هٿي، ائين چوندو ۽ ڊوڙندو وڃي سنتن وٽ پهتو، سنتن کي ڊيڄاري، ڌمڪائي چوڻ لڳو ته مهراج! توهان وٽ جيڪو به مال ملڪيت هجي، اهو سڀ ڪڍي ٻاهر ڪريو ۽ توهين چپ چاپ هتان هليا وڃو. ٿلهي - متاري ۽ خوفناڪ رنگ روپ واري ماڻهوءَ کي ڏسي رشين ان کان پڇيو، توهين ڪير آهيو؟ اهو ٻڌي ٻالميڪ جون اکيون اهڙيون ته ڳاڙهيون لعل ٿي ويون، ڄڻ ته انهن مان رت ڇٽي رهيو آهي، ان تمام ڪاوڙ ۾ ٻرجي چيو ته مهراج! توهان ٻالميڪ ڊاڪوءَ جو نالو ٻڌو آهي؟ جيڪڏهن نه ٻڌو اٿو ته روبرو ڏسو، اهو ڊاڪو مان ئي آهيان. هاڻي جلدي ڪريو، گهڻو نه ڳالهايو، جيڪي ڪجهه توهان وٽ آهي، اهو سڀ ڪڍي هيٺ رکو ۽ جلدي هتان ڀڄي وڃو، نه ته هن تلوار کي ڏسو ٿا، هڪدم توهان جا سر لاهي ڇڏيندس. توهين ڏسڻ ۾ سنت ساڌو اچو ٿا، ان ڪري اهڙي ڍب ۾ توهان سان ڳالهه ٻوله ڪئي اٿم، نه ته، ته مان ڳالهائيندو به ڪين آهيان. جيڪو به هتان لنگهندو آهي ان کي ڏسندي ئي پڪڙي ماري ختم ڪري مال اسباب لٽي ڪٽي ويندو آهيان.

ڊاڪوءَ جي ڳالهه ٻڌي سنت ان کي چوڻ لڳا ته چڱو! اهڙي ڳالهه آهي، ته ٿورو هيٺ ويهه ته توکي

مال سنڀالي ڏيون. ڊاڪوءَ چيو ته مان ڪين وهندس، آخر مان ڇو وهان؟ سنڌن چيو ته جيڪي سامان اسين توکي ڏينداسون، اهو وري پرلوڪ ۾ توکان سنڀالي وٺنداسون. اهو ٻڌي ڊاڪوءَ چيو ته آخر توهان جو ڪهڙو مطلب آهي؟ توهان جي لوڪ پرلوڪ کي مان ڇا سمجهان، جڏهن وري ٻيو ڀيرو سنڌن ڊاڪوءَ کي وهڻ لاءِ چيو، تڏهن هو چوڻ لڳو ته ٺيڪ! واهه واهه! هاڻي مون توهان جو مطلب سمجهو.

توهان جي چالبازيءَ کي مان سمجهي ويس. مونکي منهن مٺين ڳالهين ۾ ڦاسائي توهين پنهنجي وهڻ چاهيو ٿا. اهو ٻڌي سنڌن چيو ته اڙي پيارا آدمي! اسين پنهنجو ڇا چاهيون، ڏس ته اسين ڪيترا نه ڪمزور ؟ ڏٻرا آهيون، توکان پلل، ڪيئن پنهنجي سگهنداسون.

ڪهڙي نه عجب جي ڳالهه آهي. سنڌن جو درشن ۽ انهن سان وارتالاپ ڪرڻ ڪهڙو نه اُڻ گس آهي. هڪڙي مها هتياري جي دل بدلجي وئي، جيئن جيئن سنڌن، ڊاڪوءَ سان ڳالهائيندا پئي ويا تيئن تيئن ان جو من نرمل ڪومل ٿيندو پئي ويو، آخر ۾ سنڌن جي ڳالهه مڃي ڪري ڊاڪو ويهي رهيو، ويهي ڪري ڊاڪوءَ چيو ته چڱو، اچو، مان ويٺس، هاڻي ٻڌايو ته توهان ڇا ٿا چوڻ چاهيو.

ڊاڪوءَ جي سڀاءَ ۽ صورت ۾ ڦيرو آيل ڏسي

سنت منڊيءَ ٻوليءَ ۾ اُن کي چوڻ لڳا ته اي اسان جا پيارا پريتم! هيءَ جيڪا تون لٽ مار ڪرين ٿو ۽ بي گناهن جو خون وهائي انهن جو مال ملڪيت ڪٺي وٺين ٿو، اُن جو ڇا ڪندو آهين؟ اهو سڀئي تون اڪيلو کائيندو آهين، يا ٻين کي به کارائيندو آهين؟ ڌاڪوءَ چيو ته مان اڪيلو ڇو کائيندس. مونکي ماءُ-پيءُ آهي، زال آهي ٻار ٻچا آهن، سڀو ڪٽنب آهي، انهن سڀني کي مان پاليندو آهيان. اسين سڀئي گڏجي کائيندا آهيون، اهي سڀئي مون منجهان ڏاڍو خوش آهن، ڌاڪوءَ جي ڳالهه ٻڌي سنتن چيو اڙي ڀلا آدمي! پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪرڻ ته تنهنجو فرض آهي، پر هي جو تون ڦرلٽ ۽ خون ڪرين ٿو، توکي خبر آهي ته اهو ڪيترو پاپ آهي، ان بابت تو ڪڏهن خيال ڪيو آهي؟ هاڻي گهر وڃي پڇي اچ، ته هيءُ جو مان ڦرلٽ ڪري مال ملڪيت ڪٺي ٿو اچان، ۽ توهين سڀئي تمام خوش ٿي مزي سان کائو ٿا، پر اهو ته ٻڌايو ته منهنجي هن پاپ ڪرڻ ۾ توهين به ٻڌل آهيو يا نه؟ پاپ ڪرڻ ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ساٿي آهيو يا نه؟ سنتن جي ڳالهه ٻڌي ڌاڪو ڪلي چوڻ لڳو ته هاڻي مان سمجهي ويس، توهين مونکي دوکو ڏيڻ چاهيو ٿا، ليڪن مان توهان جي هن مٺين مٺين ڳالهين ۾ ڦاسڻ وارو ڪين آهيان. توهان جو اهو

ارادو آهي ته، ته هن کي ڪنهن نه ڪنهن اموليءَ گهر موڪلي، اسين ٻچي وڃون. ان تي سنتن چيو ته هي ڀائي! اسين ڇل ڪپٽ ڪين ڄاڻون، لڪي دوکيباري ڪرڻ ايندي آهي، پر تنهن هوندي به جيڪڏهن توکي اعتبار نٿو اچي ته اسان کي وڻن سان ڪٺي ٻڌ، پوءِ وڃ ۽ وڃي ٻچي اچ. سنتن جي سنگهه ۾ ٻچن جي پرتاپ سان بالميڪ ٿورو ٿڌو ٿيو ۽ سنتن جي ڳالهه مڃي ڪري سڀني سنتن کي الڳ الڳ وڻن سان تمام ڇڪي ڪشي ڪٺي ٻڌو، سنتن کي ٻـڌي ڪري ڊاڪو ورِي به سنتن کي چتاءُ ڏنو ته جيستاءِ مان واپس موٽي اچان تيستاءِ توهان مان ڪو به ڇٽڻ جي ڪوشش نه ڪري. اهي حالت ۾ سڀني کي ماري ڇڏيندس. ائين چئي ڊاڪو پنهنجي گهر ويو.

سنتن - مهاتمائن جي جيتري واکاڻ ڪجي اها ٿوري آهي، اهي پنهنجو پاڻ کي ٻڌائي تڪليفون ڏيئي به ٻين جو ڀلو ڪندا آهن. اهي تن، من ۽ وچن سان سڀني جيون کي سک پهچائيندا آهن.

سنتن کي ٻڌي، بالميڪ گهر ويو سڀني گهر جي ڀاتين کي گڏ ڪري ويهاري بالميڪ انهن کان پڇيو ته اڄ مان توهان کان ڪجهه پڇڻ چاهيان ٿو. توهين مونکي سچ سچ ٻڌائجو، منڍ کان وٺي آخر تائين سنتن جي سڄي ڳالهه ٻڌائي ڊاڪو گهر جي ڀاتين کي چوڻ

لڳو ته ڇا، توهين منهنجي پاپ ڪرم ۾ ڀائيوار آهيو؟ ٻالميڪ جي ڳالهه ٻڌي سڀئي گهر جي ڀاتين ساڳيو جواب ڏنو ته، اسين تنهن جي پاپ ڪرمن سان ٻڌل ڪين آهيون. اسان جي پالنا ڪرڻ تنهنجو فرض آهي، اسين توکي ائين ٿورو ئي ٿا چئون ته تون پاپ ڪرم ڪري اسان کي کاراءِ، توهين پاپ ڪرم ڇو ٿا ڪريو، محنت مزوري ڪري ڪمايو، ڦرلٽ ڪري ڇو ٿا پيسا آڻيو. اسين ته پاڻ پنهن جي پاپن کان ئي ٻچي رهيا آهيون، خبر نه آهي ته پرلوڪ ۾ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو. گهر جي ڀاتين جو اهو ڪتو جواب ٻڌي ٻالميڪ جي منهن جو پنو ئي لهي ويو، هراس ئي ويو، سندس من ڀرجي آيو اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، گلو گهٽجي ويو، ٻپ کان ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو، روئندو پڇتاءُ ڪندو سنتن وٽ آيو، سڀئي سنتن کي وٽن مان ڇوڙي ٻالميڪ انهن جي چرڻن ۾ ڪري پيو، سڏڪا ڀريندي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان! مان گهر وارن کان پڇي آيو آهيان، منهنجي هن پاپن ڪرمن ۾ مون سان ڪوئي به ڀائيوار ڪين آهي، پرلوڪ ۾ ڪوبه مدد ڪرڻ وارو ڪونه آهي، ائين چئي هر هر سنتن جي چرڻن ۾ ڪري ورلاپ ڪرڻ لڳو.

جڏهن من نرمل ٿيندو آهي، دل صاف ٿيندي آهي تڏهن پنهن جا ڪيل ڪرم تصويرون اٿجي

ساموهون اچي بيهندا آهن، اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن منش پڇتاءُ ڪري ٿو، ته اهو سنتن جي درشن جو ڦل آهي. سنتن درشن جو ڪڏهن به ضايع (اجايو) نه ويندو آهي، اهو منش جي سڀني بندن کي ڪٽي ڇڏيندو آهي. بالميڪ ڪافي دير تائين روئندو رهيو. پڇتاءُ ڪندو رهيو.

هاڻي بالميڪ کي گهرو صدمو پهچي چڪو هو، دک درد مان دانهن ڪري بالميڪ سنتن کي چوڻ لڳو ته هي پڀون! مان وڏو پاپي آهيان، مون تمام گهڻا پاپ ۽ ظلم ڪيا آهن، هاڻي انهن پاپن جو ڇا ٿيندو! ڇا مون اڪيلي کي ئي انهن پاپن جو ڦل ڀوڳڻو پوندو؟ هي ديالو سنتو! مان توهان جي شرڻ ۾ آيو آهيان، مونکي بچايو! منهنجا ڏوهه معاف ڪريو! رکيا ڪريو! رکيا ڪريو!! ائين چئي بالميڪ وري به سنتن جي چرڻن ۾ ڪري پيو، بالميڪ جي اهڙي قياس جوڳي حالت ڏسي ۽ کيس ڏريءَ ٿي پيل ۽ پڇتاءُ ڪندو ڏسي، سنتن کيس کڻي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ کيس دلداري ڏيئي چوڻ لڳا ته بالميڪ! ٻچ ته! ٻچ ته!! اسين سڀئي دکين جا ساٿي آهيون، دکين جا سڀئي بند خلاص ڪري دکين جو بيڙو پار ڪنداسون، تون نه گهبراءِ! سنتن جي امرت ڀري واڻي ٻڌي بالميڪ کي تمام گهڻي خوشي ۽ خاطري ٿي، سندس من جي مونجهه لهي وئي. هاڻي اڳتي

موڪلي ڇا ڪرڻو آهي، اهڙي آشا پر ٻل لڳاهه سان
بالميڪ، ست رشين ڏانهن هڪ ٽڪ نهارڻ لڳو. ٻه
گهڙيون ويچار ڪري ست رشي بالميڪ کي چوڻ لڳا
ته هي بالميڪ! هاڻي ڪن ڏيئي ٻڌ! هاڻي ڦرلٽ
ڪرڻ، چوري ڪرڻ، خون ڪرڻ، ظلم ڪرڻ سڀ
پاپ ڪرم ۽ غليظ عادتون بلڪل ڇڏي ڏي، ڪڏهن
به جيوڪي پيڙا نه پهچائج. هي ڳالهه ته مرا - مرا، ان
منتر جو هميشه جپ ڪندو رهجانءِ، جيستائين اسين
موٽي نه اچون تيستائين هن جڳهه تي رهجانءِ ۽ جپ
ڪندو رهجانءِ، اسان جيڪو توکي منتر ٻڌايو آهي
اهو ۽ جيڪا اسان صلاح ڏني آهي، ان کي ڪڏهن
به نه ڀلائجانءِ، هميشه ياد رکجانءِ، اهڙو حڪم ڏيئي
ست رشي برهم لوڪ روانا ٿي ويا.

بالميڪ، جنهن جا سڀئي بند خلاص ٿي ويا هئا،
سڀ طرفن کان من اداس ٿي چڪو هو، اهو بالميڪ
ست رشين جي حڪم موجب انهي جو انهي زمين تي
ويهي رهيو، مرا - مرا، منتر جپڻ لڳو، مرا - مرا جي
جپ ۾ بالميڪ اهڙو ته مدو (مگهن) ٿي ويو جو بک -
اُڃ وغيره دنيا جون سڀ ڳالهيون ڀلجي ويو، مرا -
مرا، جو آواز ڪافي پري تائين ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو، ڪجھ ڏينهن
کان پوءِ اهو آواز بند ٿي ويو، هاڻي بالميڪ جي
روم روم مان مرا - مرا، جو آواز نڪرڻ لڳو، ڪجھ

ڏينهن کان پوءِ اهو آواز نه ٻڌڻ ۾ آيو، ٻالميڪ جي شرير تي مٽي چڙهندي وئي، هاڻي هو هڪ مٽيءَ جو ڍير ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو.

ڏينهن پٺيان ڏينهن، مهينن پٺيان مهينا، ۽ سالن پٺيان سال، گذرڻ لڳا. چوڻ ٿا ته پورا ٻارهن سالن کان پوءِ ست رشي واپس ان رستي تان لنگهيا، ان رستي تان لنگهندي انهن کي پراڻي ڳالهه ياد اچڻ لڳي، پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته اسان مان ڪنهن کي ياد آهي؟ اڄ کان ٻارهن سال پهرين پاڻ هن رستي تان لنگهيا هئاسون، هڪڙو ڌاڪو پاڻ کي مليو هو، جنهن کي مرا - مرا، منتر پڙهايو هوسون، ٿوري دير ۾ سڀني کي پراڻي ڳالهه جي ياد ڳيري اچي وئي، ست رشي پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته ها! ياد اچي وئي، ها، پورا هيءَ ساڳي جڳهه آهي، هتي ئي پاڻ کي ڌاڪو مليو هو، پراڻي ڳالهه ياد ڪري سڀئي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا، ڳولهيندي ٿورو اڳيان وڌيا ته ڪين هڪ مٽيءَ جو ڍيڳ ڏسڻ ۾ آيو، ويجهو وڃي ڏٺائون ته مٽيءَ جي ڍيڳ ۾ ڍڪيل ڪو ماڻهو ويٺو آهي، اهو ڏسي سڀني چيو ته پڪ ئي هيءُ اهو ئي ڌاڪو آهي، پر مري ويو آهي يا جيئرو آهي. ها ڪنهن خبر پوي، ست رشين مان هڪڙي رشيءَ مٽيءَ جي ڍيڳ ۾ ڪن لڳائي ڏٺو ته اندران رام سڏهڙي ۽ مٺڙي

آواز ۾ ڪيس رام - رام، جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، آواز ٻڌي سنتن هري هري ڪري مٽيءَ کي هٽايو، ٻالميڪ کي پنهنجي اصل سروپ جي ڌيان ۾ لين ڏسي رشي تمام گهڻو خوش ٿيا.

رشين پنهنجي ڪمنڊل جو جل جيئن ئي ٻالميڪ تي ڇٽڪيو، تيئن، جيئن ڪو گهري ننڊ مان جاڳي اٿي تيئن ٻالميڪ اٿي کڙو ٿيو، سنتن کي سڃاڻي ٻالميڪ انهن جي چرڻن ۾ ڏنڊوت پرڻام ڪيو، رشين کيس اُٿاري ڪُٺي گلي سان لڳايو، پوءِ رشي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ٿي ويٺا ۽ ٻالميڪ کي پڻ ويهڻ لاءِ آگيا ڪيائون، جڏهن سڀئي ويٺا تڏهن رشين ٻالميڪ کي چيو ٻالميڪ! ڪيئن، ڪهڙو حال آهي؟ وقت ڪيئن گذريو؟ شانتي ملي يا نه؟ من جي ڀٽڪڻا ختم ٿي يا نه؟ ٺيڪ ٺيڪ سماچار ٻڌاءِ. رشين جي مٺي ۽ پريم ڀريل واڻي ٻڌي ڪري ٻالميڪ جو من ڀرجي آيو ۽ هٿ جوڙي نماڻي نوع ۾ چوڻ لڳو ته هي پرڀو! جيئن توهين آگيا ڪري ويا هئا تيئن ئي مون ڪيو. توهان جي ڪرپا سان منهنجا سڀ بند خلاص ٿي ويا آهن، توهان جيڪا مون سان ڀلائي ڪئي آهي، ان جو بدلو ته مان چڪائي نٿو سگهان، توهان جي مهما اپار آهي، هن زبان کي اهڙي طاقت ڪٿي آهي جو توهان جي وڏائيءَ جو ورڻن ڪري سگهي. ٻالميڪ

وڌيڪ چوڻ لڳو ته هيءُ داس توهان جي شرڻ ۾ آهي، هن کان پوءِ موڪلي ڇا ڪرڻو آهي، ان لاءِ توهان جي ڪهڙي آگيا آهي، ڪرپا ڪري موڪلي پار پهچايو.

بالميڪ جي صورت ۽ سيرت ڏسي، رشي تمام خوش ٿيا، بالميڪ جو هرد و صاف ٿي ويو آهي، ائين سمجهي ڪري رشين بالميڪ کي برهم تتو جو اُپديش ڪيو، اُپديش ٻڌندي ئي بالميڪ برهم روپ بڻجي پيو، ڪيس ٽنهي وقتن (ڪالن) جي ڄاڻ پئجي وئي.

✽ اُلٽا نام جپت جگ جانا، بالميڪ ڀئي برهم سمانا.

هاڻي رشين وڃڻ جو خيال ظاهر ڪيو ۽ اُٿي کڙا ٿيا، بالميڪ رشين جي پرڪرما ڪئي ۽ ڏنڊوت پرڻام ڪيو، رشين بالميڪ کي آشيرواد ڏني ۽ پنهن- جي ياترا لاءِ روانا ٿي ويا.

اهڙي ڪٿا ٻڌائي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪيو، سڀئي سنگت پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي.

جيئن ته ميلو هو ان ڪري سوامي جن جي ست- سنگ کان پوءِ سنت ڪرشنداس مهراج ڀڳت چيتارام ۽ ٻين ملي ڪري ڀڄن- ڪيرتن چالو ڪيو، ان طرح پروگرام موجب سڄ سنگ هلندو رهيو، سوامي جن ۽ سنت ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا، ٻاهر ٽي ڏينهن ميلو

هليو. جيئن ته مٿان ڇمت جو ميلو هـــو، ان ڪري
سوامي جن اڳي ميلي ۾ آيل سڀني سنتن ۽ سوامي
آلورام مهراج جن ۽ ساري سنگت کي ڇمت جي ميلي ۾
اچڻ لاءِ نينهن ڀريو نوتو ڏنو، ميلي کان پوءِ سوامي جن
سنت آلورام مهراج جن کان موڪلائي منڊلي سميت
امراپر دربار ۾ آيا.

امراپر دربار ۾ پهچي ڪري سوامي جن ۽ سڀني
سنتن پاڻ ۾ ملي ڪري ساليانې ڇمت جي ميلي جون
تياريون ڪرڻ شروع ڪيون. ستگرو ٽيئون رام مهراج
جن کان پوءِ هيءُ پهريون ميلو هو، ميلي جي شيوا
۾ ڪا ڪمي پيش نه رهجي وڃي يا ياترين کي ڪا
تڪليف نه ٿئي، ڪو اڻ وڻندڙ واقعو نه ٿئي، ان ڪري
پورو بندوبست رکڻ لڳا. ميلي ۾ اچڻ لاءِ سنتن،
ڀڳتن ۽ پريمين کي چٺيون موڪليون ويون. دربار
۾ ياترين جي رهائش لاءِ پڪيون جڳهيون ته هيون
پر ڪچيون ڪٽيائون به ٺاهيون وينديون هيون،
سوامي جن ۽ سڀني سنتن ميلي جي شيوا جو ڪم
ورهائي ڪيو.

جيئن ته ٻاهران آيل سنتن - ڀڳتن جي شيوا ۾
سنت آتمانند مهراج ۽ سنت جيون مڪت مهراج.
ڪوٺاري جي شيوا ۾ سنت ستيه پرڪاش مهراج ۽
شري وسٽارام. ڪهڙو ۽ ڪيترو ڀوڄن تيار ڪرائجي

ان شيوا ۾ سنت چندن پرڪاش مهراج. پوڄن تيار ڪرائڻ جي شيوا ۾ ڀڳت مدکهن رام ۽ ڪنب وغيره جي مدد لي. ٻاهران آيل ياترين کي جڳهه ڏيڻ جي شيوا ۾ سنت گنگارام مهراج. ياترين کي پوڄن ڪرائڻ جي شيوا ۾ سنت ڪرشڻداس مهراج ۽ سنت سيم پرڪاش مهراج. سنت سنگهه منڊپ جي شيوا ۾ سنت گرمکداس مهراج، سنت پرمانند مهراج، سنت ماڌوداس مهراج، سنت شانتي پرڪاس مهراج ۽ سنت ڌرمداس مهراج، سنت سنگهه لاءِ کڌهن کي کيترو وقت ڏجي، اهو پروگرام ٺاهڻ لاءِ سنت مرليڌر مهراج ۽ پنڊت سيتلداس. ٻيا ڳاڇا جي شيوا ۾ سنت ڪنول داس مهراج، چندر پرڪاش ۽ شري هنسارام. واليٽيئرن جي شيوا ۾ سنت اوڌوداس مهراج. سڄي ميلي ۾ صفائي رکڻ جي شيوا ۾ سنت جڳم پرڪاش مهراج ۽ سنت جيون مڪت مهراج. سڄي ميلي جي سنڀال جي شيوا ۾ سوامي سروانند مهراج. اهڙي طرح سڄي ميلي جون مکيه شيوائون ورهائي، مٿان سنت مقرر ڪيا ويا. هوليءَ کان پوءِ شيواڌاري ۽ ياتري اچڻ لڳا، سنت ۽ شيواڌاري پاڻ ۾ ملي شيوا ۾ لڳي ويا. ميلي جي شروع ٿيڻ ۾ ٻائي هفتا و ڏينهن هو، ليسٽ سڀني پرم پرڪاشي سنت، شيواڌاري، ياتري، پريمي امراپر دربار ۾ پهچي ويا.

رٿيل پروگرام موجب ميلي جي ڏينهن صبح جي ست سنگ کان پوءِ هوَن ڪيو ويو ۽ جهنڊو چاڙهيو ويو، ستگرو مهاراج جن جي مورتيءَ جي پوڄا ۽ آرتي ڪئي وئي. ان کان پوءِ ڀوڄن ڪرايو ويو، ڀوڄن کان پوءِ سيئي شيواداري پنهنجي شيوا ۾ لڳي ويا.

شام جو شاهي جلوس جون تياريون ٿيڻ لڳيون، ستگرو ٽيئون رام مهاراج جن جي آدم قد تصوير هڪ سندر، سجايل ۽ سينگاريل ڇهن ڦيٿن واريءَ گهوڙي-گاڏيءَ ۾ براجمان ڪئي وئي.

شام جو امراپر دربار تان هڪ شاهي جلوس روانو ٿيو. جلوس ۾ ٻهراڻ ٻهراڻ ٽرهي، شنک ۽ ڀيري وڄائڻ وارا، اُن جي پٺيان ڀڄن ن ٻاجن وارا، ان کان پوءِ سوامي جن ۽ سيئي سنت، ان کان پوءِ ستگرو مهاراج جن جي سواري ۽ دهل شرناين وارا، تنهن کان پوءِ ٻاٻري ۽ نڳرواسي، قطارون ٺاهي هلڻ لڳا. جلوس جي اڳيان، پٺيان ۽ وچ ۾ ڀڄن منڊليون هيون، جيڪي رام نام، ست نام ساکي، ساکي شوهم جون ڌنيون لڳائينديون ۽ ڀڄن ڳائينديون هليون. شاهي جلوس هاٿيءَ جي چال وانگر ڌيري ڌيري اڳتي شهر ڏانهن وڌڻ لڳو.

شهر جي مکين بزارن، چونڪن تي سواگت دوار (دروازا) ٺاهيا ويا هئا، شهر وارن پريمين، ٿڌي آدم

شهر جي مکيه چوڪن ۽ بازارن، گهٽين ۽ گهرن اڳيان
جتي، ڪٿي، ڳڙ ۽ پاڻي، ٿادل، شربت، چٺا مگ،
ڪوسا ڪوهر، وغيره جلوس وارن لاءِ تيار ڪري رکيا
هئا. جلوس وارا ڪوسا ڪوهر کائيندا، شربت،
ٿادل ۽ ٿڌا پاڻي پيئندا، ڳائيندا وڄائيندا هليا.
مکيه بازارن ۽ چوڪن ۾ جتي جلوس پهتو ٿي، اتي ڇڄ
وارن ڇڄن هيٺون ٿي، ميلي ۾ شامل ٿيڻ، پوڄن
ڪاڻ ۽ پڄن پڌڻ لاءِ پڻ سوچيائون ڏنيون پئي ويون.
مکيه مکيه هنڌن تي، وڏن ماڻهن جلوس جو
سنو سواگت پڻ ڪيو، مٿان ماڙين تان جلوس تي گلن
جي ورکا پئي ٿي، اهڙيءَ طرح سڄي شهر مان جلوس
گهمندو ڦرندو سج لٿي اچي امراپور دربار تي پهتو.
گرو مهراج جن جي مورتيءَ کي ڪلهن تي کڻي سوامي-
جن ۽ سڀ سنت پريمي پنڊتن باجن سان گڏ ڳائيندا
وڄائيندا سنت سنگت منڊپ ۾ آيا، اتي سينگاريل آسڻ
تي گرو مهراج جن جي مورتيءَ کي براجمان ڪيو
ويو، آرتي تيار ڪري سوامي جن ۽ سڀني سنتن گرو
مهراج جن جي پوڄا ۽ آرتي ڪئي، ان کان پوءِ پيارا اوم
جو اچارڻ ۽ ديو گروءَ جي وندنا ڪري سوامي جن
پلو پائي ميلي جو شبد آرنڀ ڪيو.

ميلي جي باري ۾ ڳالهائيندي سوامي جن چوڻ
لڳا ته جيئن ته ميلا گهڻن ئي قسمن جا ٿيندا آهن،

پر مکيه ان پرڪارن جا ڇپا ويا آهن. ميلي جو مطلب آهي ميلاپ. هڪ ٻاهر جو ٻيو اندر جو ميلاپ. اندر جو ۽ ٻاهر جو ٻئي ميلاپ هئڻ گهرجن. ميلاپ ڪيئن ڪجي ان وشيه ۾ ٿي جان شين جو مثال ڏيندي سوامي جن چيو ته :-

دوهو:- پريم رکن جو تم ڇهو، تمهين ٻتائون ريت،
ديکو من ۾ سوچڪي، ڪيئر نير ڪي پريت.

❀ اَئسي پريتم پريم ڪرو تم، جئسي دوڌ س پاڻي ڪا،
جبي دوڌ سي پاڻي ملتا، پيار ڪرت مهماڻي ڪا.
جلدي اس سي رل مل ٻئنت، اَپنا پريتم مانت هئه،
پاڻي ٻي تب ديکه دوڌ ڪو، ساچا متر پڇانت هئه،
آپس ۾ ٻُون مل ڪر دونون، ڦير اگن پر آئي هئن،
پهلي پاڻي جلتا هئه تب، دوڌ ديکه گهبرائي هئن.

دوهو:- پريتم ميري ٻنون ۾، رهسا دوکه ڪو پاء،
دکي متر ڪو ديکه ڪي، مجهه سي سها نه جاء.

❀ ميرا پريتم ميري ڪارڻ، بهت دوکه ڪو سهتا هئه،
اَگڏي ني اَسي شور مچايا، پريتم اب نا رهتا هئه.
جب هيين دوڌ ني اَئسا ديکا، رها نه پيارا پاڻي هئه،
اَئسي پريتم اوپر ميرا، سيس سدا قرباني هئه.
اَئسا متر مهاور جگه ۾، ورلا ڪوئي هوتا هئه،
اَپنا پريتم ديکه دکاري، سوکه ڪٻي نا سوتا هئه.

دوهو:- پريتم ميري سي اَپي، ڪتنا ڪيتا پيار،

اِتنا مَن ۾ سوچڪي، دوُڌ ھوُئا تيار.

چند:- تبھن دوڌ اُس ڪروڌت ھوڪر،
اگني طرف ٻڙھ آئي ھئن،
اُت ڪر اُنسي ڪرت گرجدا،
تجھڪو آپي بجھا ٿي ھئن.
پاس ۾ ڪوئي پيارا ھئنا، چلوُ ڀر جل پائي ھئن،
دوڌ ٿي ديکا مل گيا پيارا،
جلدي تان ھٽ جائي ھئن.
ڪھتا ٿيئون سنو پياري،
اُنسي سب سي پريت ڪرو،
جيوت سک سنسار ۾ پائو،
اَنت ڪال ڪا دوک ھرو.

کير ۽ نير جي مثال سان سمجھائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته جڏھن وقت، پاڻي کير سان ملندو آھي ته کير ان کي ھڪدم پاڻ سان ملائي پاڻ جھڙو بڻائي ڇڏيندو آھي، جڏھن کير اھڙي دوستي ڏيکاريندو آھي ته تڏھن پاڻي پڻ نيھن نڀائيندو آھي. جڏھن کير کي ڪاڙھيو ويندو آھي ته پھريائين پاڻي پاڻ کي جلائيندو آھي، پاڻيءَ کي جلندو ڏسي ڪري کير کان نه رھيو نه ويندو آھي، اھو باھه کي وسائڻ لاءِ وٺي اُٿامندو آھي. کير کي اُٿامندو ڏسي ڪو پريوءَ جو پيارو ان ۾ پاڻيءَ جو ڇنڊو وجھندو آھي ته کير

جو اُپامڻ بند ٿي ويندو آهي. کير ۽ پاڻي، ٻنهي ۾ دوستي ڳنڍڻ کان پوءِ هڪ ٻئي لاءِ جان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. کير جڏهن بازار ۾ وڪامڻ ويندو آهي ته وڪڻڻ وارو "پاڻيءَ وارو آهي" اِئين نه پر "کير وارو آهي" اِئين هوڪو ڏيندو آهي. پاڻي به کير جي اگهه ۾ وڪامندو آهي، کير، پاڻيءَ جو ملهه وڌائي ڇڏيندو آهي. کير به جڏهن ڪاڙهيو ويندو آهي، تڏهن پاڻي پڻ کير جي رکيا ڪندو آهي.

اهڙو ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا ته پاڻيءَ ۽ کير وانگر هر هڪ منش کي پاڻ ۾ ميلاپ ڪرڻ گهرجي. پر ٻنهي جي صفع هستي مٽائڻ کان سواءِ ميلاپ ڪڏهن به ڪين ٿي سگهندو.

ٻيو اندر جو ميلاپ ڇهو ويو آهي. ڪرم اندرين جو گيان اندرين سان، گيان اندرين جو من سان، من جو ٻڌيءَ سان، ٻڌيءَ جو چت سان، چت جو اهنڪار سان ۽ اهنڪار جو آتما سان. اهڙي قسم جي ميلاپ کي اندر جو ميلاپ چون ٿا، اهي ٻئي ميلاپ گيان بنان ڪين ٿي سگهندا.

❀ اِن جالي لهه هوءِ پر ٽيتي، اِن پرٽهمت هوءِ لهه پرلتي.

گيان بنان وشواس ڪين ٿي سگهندو، وشواس بنان ميلاپ ٿي ڪين سگهندو. اهو گيان گروءَ کان سواءِ ڪين ٿي سگهندو، گرو وري وويڪ (سمجهه)

کان سواءِ ڪنهن ملي سگهندو، وويڪ وري ستسنگ،
کان سواءِ ڪنهن ملي سگهندو. ست سنگ وري ”رام
ڪرپا“ کان سواءِ ڪنهن ملي سگهندو.

چوپائي:- جان پر ڪرپا رام ڪي هوئي،
تان پر ڪرپا ڪري سڀ ڪوئي.

رام ڪرپا ان کي ملندي آهي جيڪو پنهنجو
پاڻ تي ڪرپا ڪندو آهي. پنهنجي ڪرپا پاڻ تي
ڪرڻ جو راز کوليندي سوامي جن چوڻ لڳا ته،
”مڃڻ تي مدار آهي“، مطلب ته پٽ، پيءُ جي آگيا
مڃي ٿو ته، هو پنهنجو پاڻ تي ڪرپا ڪري رهيو
آهي. استري، پتيءَ جي آگيا مڃي ٿي ته، هوءَ پنهنجي
پاڻ تي ڪرپا ڪري رهي آهي. چيلو، گروءَ جي آگيا
مڃي ٿو ته، هو پنهنجي پاڻ تي ڪرپا ڪري رهيو
آهي، گيان وان گرو ويدن شاسترن جي آگيائن کي
مڃي ٿو ته، هو پنهنجي پاڻ تي ڪرپا ڪري رهيو
آهي. جيڪڏهن پٽ، پنهنجي پيءُ جي آگيا نٿو
مڃي، زال، پنهنجي مڙس جي آگيا نٿي مڃي،
چيلو، پنهنجي گروءَ جي آگيا نٿو مڃي ۽ گرو، ويدن
شاسترن جي آگيائن کي نٿو مڃي ته، اهي سڀ پنهنجي
پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻن ٿا، پنهنجو پاڻ کي ٺڳين
ٿا، پنهنجو پاڻ سان دغا ۽ انياءُ ڪن ٿا. اهڙي ڪٿا
ٻڌائي سوامي جن چيو ته هن چيت جي مڃي جي

شروعات گرو مهراج جن ان ڪري ڪئي آهي ته
ويدن شاسترن پراڻن، اتهاسن جو لکل ۽ ڳوڙهو گيان
هر هڪ ماڻهو ٿورن سولائي سان پڙهي سگهي. سنڌ
۽ سڄي هندستان جي هر حصي مان سنت مهاتما هن
ميلي ۾ آيل آهن، اهي توهان کي اهو گيان ٻڌائيندا
جيڪو توهان ڪڏهن ڪين ٻڌو آهي. هيءَ ستسنگ
رات ڏينهن اکنڊ هلندو رهندو، توهين سڀ هن
سونهري موقعي جو پورو پورو فائدو وٺجو. هاڻي هن
کان پوءِ سڀئي سنت واري سان توهان کي گيان
جو امرت پياريندا، ايترو چئي سوامي جن ست سنگ
سماپت ڪيو، ان کان پوءِ ٻين سنتن ست سنگ
چالو ڪيو.

ست سنگ سماپت ڪري سوامي جن ٻنهي جي
ڪٽيا ۾ آيا، ٿورو جل پان ڪري لٺ کڻي ٻاهر نڪتا،
سڄي ميلي جي سنڀال جو، سيوا ڪارڻ جيڪو سوامي-
جن ڪيو هو، اهو پورو پورو سنڀالڻ لڳا. ڪيڏي مهل
ڏس ته ڪوٺار تي پهتا آهن، ڪيڏي مهل ڀنڊاري
۾، ڪيڏي مهل پهائو، کوهه تي، ڪيڏي مهل گئو
شالا ۾، ڪيڏي مهل ڀوڄن کائڻ جي جڳهه تي،
ڪيڏي مهل باغ ۾، ڪيڏي مهل سنتن جي ڪٽيائن
۾، ڪيڏي مهل مکيه دروازي تي، ڪيڏي مهل
مندر ۾، ڪيڏي مهل ساگر ان وقت، ڪيڏي مهل

شيواڌارين وٽ، ڪيڏي مهل ڪٿي ته ڪيڏي مهل ڪٿي. جٿي ڪٿي سوامي جن سڄي ميلي ۾ چوڌاري گهمندا ڦرندا نظر ايندا رهندا هئا. شڪايتون ٻڌندا ۽ انهن جو نبيرو ڪندا رهندا هئا. اهڙيءَ طرح ٿورو آرام ڪري وري شيوا ۾ لڳي ويندا هئا. پهريدارن ۽ مکيه شيواڌارين سان ملندا رهندا هئا ۽ ميلي ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي اهو سماچار انهن کان وٺندا رهندا هئا. ميلي جو سڄو ڪاربار سٺي نموني هلي رهيو هو.

ميلي جا ٻه ڏينهن سک سان گذريا، ٽئين ڏينهن جي ڳالهه آهي، جيڪا هن ريت آهي.

ڪراچيءَ کان شري پرڀداس هنگوراڻي سڄي ڪٽنب سميت هن ميلي ۾ آيو هو، رتن، اندر، جسوتا، موهني، وشني، چترا ۽ مدو سيٺي ٻارن کي ٻڌ وٺي آيو هو. پوڄن جي بندوبست لاءِ سنت چندن پرڪاش مهراج هو، ان شري پرڀداس کي ٻه ڏينهن جي شيوا ۾ رکيو. شري پرڀداس ۽ سندس ٻار پهرين لاءِ سڀئي سنتن، خاص ڪري سنت چندن- پرڪاش مهراج سان وڌيڪ هريل مريل هئا، ٻار سڀئي سنتن کي ۽ سنت ٻه، سڀئي ٻارن کي چڱي طرح سڃاڻندا هئا. ٻار پهريون ڀيرو ميلي ۾ آيا هئا، ٻارن جي سڀاءَ کي سڀ ڄاڻن ٿا، راند روند ڪرڻ، ڊوڙڻ

ٽپڻ، ٻه وڙهڻ ٻه ڪون پائڻ، ڏسڻ وائسڻ ۽ پڇڻ ڳاڇڻ
گهڻو ڪري ٻارن جو اهو سڀاءُ ٿيندو آهي، در ٻار
ڏي ته وڏو کليل ميدان هو، ٻارن کي جو ايڏو وڏو
ميدان ملي ويو، سو هيڏانهن هوڏانهن راند روند
ڪرڻ لڳا. راند ڪندي ڪندي ٻار اتي وڃي پهتا
جتي ڪوٺار هو، اتي سنت چندن پرڪاش مهراج
کي ڏسي سڀ ٻار کيس، چئني طرفن کان وکوڙي
ويا، ڪنهن ڪجهه پڇيو، ڪنهن ڪجهه پڇيو، هڪ ٻار
پڇڻ لڳو ته بابا! هيترا ماڻهو جو ميلي ۾ آيا آهن،
انهن لاءِ سيڌو پاڻو به ايترو آيو هوندو نه؟ اهو ڪٿي
آهي؟ هڪ ٻار چيو مونکي ڏيکاريو، ته سڀني ٻارن
چيو ته اسان کي به ڏيکاريو، انهن تي سڀئي ٻار گوڙ
ڪرڻ لڳا، سنت چندن پرڪاش مهراج سڀني ٻارن
کي وٺي اتي آيو، جتي سيڌو پاڻو رکيل هو. ٻارن کي
ڏيکاري سنت چندن پرڪاش مهراج چوڻ لڳو ته هي
چانور آهن، هي اَٽو آهي، هي پٽاٽا آهن، هي
ٻصر آهن، هي داليون آهن. سيڌو پاڻو ڏسي ٻار
چوڻ لڳا ته بس! ايترو ته اسان جي گهر
۾ به آهي، پر ميلي ۾ جو هيترا ماڻهو آيا آهن، ته ڇا
اهو سيڌو پاڻو ٿورو ڪين ٿيندو؟ گهڻا ماڻهو ڏسي
ٻار پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته، هي ماڻهو ته سڀ کاڌو کائي
ويندا، اسين ڇا کائينداسون. انهن تي ٻار وري

وڃي راند ڪرڻ لڳا، راند ڪندي وڃي ٻنهن جي ٻيءَ وٽ پهتا، اهڙي ۾ هڪڙو شهواڌاري الي آيو ۽ ٻر ٻيداس کي چوڻ لڳو ته اڄ راس جي ڀوڄن جو بندوبست ته ٿي ويو آهي، صبح جو ٻارن لاءِ جيڪا کيٽي رڌ اي آهي، اهڙا چانور ۽ دال ته آهي، ٻاقي ماڻهن لاءِ جلدي سيڌي پاڌي جو بندوبست ڪريو.

ڀوڄن ٻابت سوچنا ٻڌي ٻر ٻيداس سڌ و سمت چندن ٻرڪاش مهراج جن وٽ ويا، ڪين ڀوڄن جي ٻاري ۾ ٻڌايو. ان ٿي سمت چندن ٻرڪاش مهراج ڪيس چيو ته سيڌو پاڌو اهڙو ڪين آهي، جو سڀاڻي لاءِ ڀوڄن تيار ٿي سگهي. ان ٻابت ٿوهين وڃي سوامي جن کي ٻڌايو، پوءِ جيئن سندن آگيا هوندي ان موجب ڪيو ويندو، مان ٻڻ سوامي جن وٽ اچان ٿو.

آگيا پائي ڪري ٻر ٻيداس سوامي جن وٽ ويو، ان وقت شهر جا سيٺيون الي سوامي جن وٽ ويٺا هئا، ميلي لاءِ سيڌي پاڌي ٻئسي ڏوڪڙ وغيره جي شهوا ڪرڻ لاءِ عرض ڪري رهيا هئا، جيڪا ۾ شهوا هڪڙي اسين حاضر ويٺا آهيون، ٿوهان جي رڳو حڪم جي دير آهي. سوامي جن انهن جي دل رکڻ لاءِ ڪين چئي رهيا هئا، ته ٿوهان کي ٻڻ شهوا جو موقعو ڏنو ويندو، سيٺين جي وڃڻ کان پوءِ ٻرٻيداس سوامي-جن کي ڀوڄن جي ٻاري ۾ ٻڌايو. اهڙي ۾ سمت

چندن پرڪاش مهراج جن پڻ اُتي اچي پهتا، پرڀداس، سوامي جن کي چيو ته سائين! هي شهر جا سيٺيون، جيڪي هت ويٺا هئا، ۽ شيوا لاءِ عرض ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن توهان جو حڪم هجي ته انهن کي واپس سڏ ڪري اچان، هو اڃان هت آهن، جل پان ڪري رهيا آهن. جيئن توهان ٺيڪ سمجهو ان موجب ڪريون. سنت چندن پرڪاش مهراج جن پڻ زور ڀرڻ لڳا، پر سوامي جن جو ته هڪڙو ئي جواب هو. اهو هيءُ ته، گرو مهراج کان سواءِ ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪين ڦهلائيندس. سوامي جن جو اٽل ارادو ڏسي سنت چندن پرڪاش مهراج جن به وڌيڪ زور ڀرڻ واجب نه سمجهو ۽ پنهنجي ڪار ۾ لڳي ويا. هيڏانهن سوامي جن پرڀداس کي چيو ته سيٺين کي چوڻ جي ضرورت ڪانه آهي. مان هاڻي وڃي پنهنجي گرو مهراج کي (جيڪو سيٺين جو به سيٺ آهي) سيڌي پاڌي جي باري ۾ عرض ڪريان ٿو. جيڪڏهن گرو مهراج جن سڀني ميلي واسطي راس جو رات ۾ سيڌي سامان جو بندوبست ڪري ڏنو ته ٺيڪ آهي. نه ته پاڻ ٻئي جڻا هتان ڀڄي هلنداسون. ان باري ۾ صبح جو ڀڄڻ ڀڄي کان اڳواٽ مولڪي سوچيندا ڏجو. سوامي جن جي ڳالهه ٻڌي پرڀداس ڪجهه سمجهي نه سگهيو ۽ چپ ٿي ويو. پرڀداس

ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪجهه سوچ ويچار ڪندو وڃي پنهنجي شيوا ۾ لڳو.

سج ته لهي چڪو هو، پر رات چانڊوڪي هئي. چنڊ پنهنجي ٿڌي روشني ڦهلائي سج جي گرميءَ کي ڀڄائي رهيو هو. پون ديوتا پڻ چنڊ جي مدد لاءِ اچي پهتو. ٿڌي هوا جون ٿڌيون ٿڌيون هيرون لڳي رهيون هيون.

سوامي جن پڻ ڪٽيا کان ٻاهر نڪري ميلي جو واءُ سواءُ لهندا، مندر وٽ وڃي پهتا، ميلي جي ڪري مندر ٿهڻ جو ڪارڻ روڪيو ويو هو، سوامي جن اندر مندر ۾ ويا. گرو مهراج جن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري هٿ ٻڌي اڳيان ويهي رهيا، ٿوري دير چپ ڪري پوءِ من جي ٻوليءَ ۾ کين ميلي جو سڄو سماچار ٻڌائي کين عرض ڪيو ۽ چيو ته هن داس جي ڏوري توهان جي هٿ ۾ آهي. سوامي جن وڌيڪ ڪين ڪڇي سگهيا ۽ اتي ئي ويهي رهيا.

هوڏانهن پريداس جا ٻار جيڪي ساڻس گڏ هئا، انهن اوڏي مهل ته ڪين ڪڇيو، پر پوءِ جڏهن ٻاهر آيا ته پنهنجي پيءُ کان پڇڻ لڳا ته بابا! توهين ڪيڏانهن پئي ويندا. ٻارن جي هر گهڙيءَ پڇڻ تي پريداس کين دڙڪو ڏئي چپ ڪرائي. ٻارن ماٺ ته ڪئي پر هاڻي کين اهو اچي ڏپ لڳو ته بابا صبح

جو ٻڌي ويندو. پوءِ اسين ڪيئن ڪنداسون.
ڪراچيءَ ڪيئن وينداسون. پر ويچارا منجھي پيا.
ائين ڪان زالد رواد ڪرڻ ۽ وسري وئي پر ڪاڳر-
پٽڻ ۽ وسري ويو. ڪٿي ٻابا ٻڌي ۽ وڃي، ان ڏس
ڪان سمجھي پر جب جاب ڏيءَ ٻڌان ڦرندا رھيا، پرھداس
پڻ وڏي مونجھاري ۾ اچي ويو.

راس جو ٻاھر ڪن گذري چڪو ھو. سوامي جن مدد
مان الي ٻڌڻ جي ڪمرا ۾ آيا، اچي آسڻ تي ليٽي پيا،
پر ڪنھن ادب ڪين آلي، ان ڪري الي ونھي رھيا.

ھوڏانھن پرھداس پڻ مکيه وڏي دروازي جي
پاسي ۾ ھڪ ڪرسيءَ تي ونھي رھيو. پر پڻ ھيٺ
وڇايل ٽڏن تي ونھي رھيا.

سوامي جن ڇا ڪندو؟ ان ڳالھ تي پرھداس ويچار
ڪرڻ لڳو، گرو مھراج جن سڀڪو سامان موڪليو ته
واھ ۽ ته ٻيءَ حالت ۾ ٻئي ٻڌي ھلنداسون. پر
سوامي جن ڪيڏانھن ٻڌي ھلندا! پر مولڪي ٻاڻ سان
ڇو وڃي ھلندا!! پرھداس وڌي وڌي گھڻوئي دماغ
ڊوڙايو پر ڪنھن ڪڇ ۽ سمجھه ۾ ڪين آيو. ائين
سوچ ويچار ۾ ڪنھن ادب جو جھوٽو اچي ويو، اتي ئي
ٽڏي تي سمھي پيو.

اٽڪل اڌ ي راس گذري چڪي ھئي. اوچتو
ھڪ ٽرڪ ۽ سيٽ اچل ڳاڏيون سڀڪي سامان سان ٻڌل

اچي دروازي جي سامهون هيٺ بيٺيون. ٽرڪ ۾ گاڏيءَ وارن وڏي آواز سان ڀڳت ٽيئون رام، ڀڳت ٽيئون رام، ڳالهه وٺي سڏ ڪرڻ لڳا. هوڏانهن مٿي ست سنگ ٿي رهيو هو، ڪي ماڻهو ٻڌي رهيا هئا، ڪي ننڊ ۾ جهوٽا کائي رهيا هئا، ڪي گهري ننڊ ۾ سمهيا پيا هئا. جيئن ته رات ڪافي گذري چڪي هئي. هيٺ رڳو پهريدار پهرو ڏيئي رهيا هئا. دوڪاندار به سمهي پيا هئا. تنهن کان سواءِ سيڌي سامان اچڻ جي باري ۾ ڪابه سوچنا اڳواٽ ڪانه ملي هئي، ان ڪري گاڏيءَ ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪين ويو، ڪي ڀڳوان جي مايا به اهڙي هئي. پهريدار جا ٻار به جهوٽا کائي رهيا هئا. سڏ ٻڌي ڪري ٻار هوشيار ٿي ويا، هڪدم ڊوڙي هيٺ ويا، گاڏيءَ وارن کان پڇڻ لڳا ته ڪهڙي ڳالهه آهي؟ انهن چيو ته ڀڳت ٽيئون رام کي سڏ ڪري اچو ته سيڌو سامان سنڀالي وٺي. جلدي ان کي سڏ ڪري اچو ڇو ته اسان کي دير ٿي وئي آهي. اهو ٻڌي ڪري ٻار ڊوڙندا پيءُ وٽ ويا. کيس ننڊ مان اٿاري آڻي وٺي آيا.

پهريدار گاڏيءَ وارن کان پڇيو ته هيءُ سيڌ سامان ڪنهن موڪليو آهي؟ انهن چيو ته ڀڳت ٽيئون رام موڪليو آهي. پهريدار سڀو سامان ڪڍائي ڪوٺار ۾

رکيو، گاڏين وارن کي چيائين ته ٿورو ترسو ته مان سوامي جن کي سڏ ڪري ٿو اچان. انهن چيو ته هاڻي ته اسان کي تمام گهڻي دير ٿي وئي آهي. وري ڪڏهن ايندا سون. ائين چئي اهي هليا ويا. جڏهن اهي هليا ويا تڏهن پريداس کي ڌيان آيو، اڙي! گاڏيءَ وارو ته سوامي ٽيئون رام مهراج هو.

ميلي ۾ ٻيا هوٽن ته جيڪو سيڌو سامان دربار تي ايندو هو ته اهو گهڻو ڪري، موڪليندڙ جي سوامي ٽيئون رام جو ته وٺندڙ جي سوامي ٽيئون رام. ان ريت ايندو هو. تنهن ڪري پريداس، سامان آڻيندڙن ڏانهن خاص ڌيان ڪونه ڏنو. پريداس کي اها ڳالهه خواب - خيال ۾ به ڪين هئي ته ڪو سوامي ٽيئونرام مهراج جن خود پاڻ گاڏيءَ واري جو روپ ڌارڻ ڪري آيا هوندا. پريداس پوءِ ڀي گهڻو ئي گاڏين وارن پٺيان ڊوڙيو، پر اهي سڀئي خبر ناهي ته ڪيڏانهن غائب ٿي ويا.

پرڀات ٿيندي ئي وقت کان اڳواٽ پريداس سوامي جن وٽ پهچي ويو، سندن چرڻن ۾ پرڻام ڪري سارو قصو سوامي جن کي ڪري ٻڌايو. چوڻ لڳو ته سائين! مونکي ڏاڍو افسوس آهي، اهڙو سونهري موقعو مون پنهنجي هٿن مان وڃائي ڇڏيو، اوڏي مهل مڌهڪا حوصلا ٿي عطا ٿي ويا، اها سمڪ ٿي

ڪالهہ پڻ تہ ڪو گرو مهراج جن پاڻ آهن.

سائين! توهان جي تعريف ڪهڙي ڪري ڪهڙي ڪريان. توهان ڌن ڌن آهيو، ڌن ڌن آهي توهان جي گرڀڳتي.

پريداس جي سموري ڳالهہ ٻڌي ڪري سوامي- جن کي تمام گهڻي خوشي ٿي، پر ساڳئي وقت سندن اکين ۾ جل ڀرجي آيو، گد گد ٿي ڪري پريداس کي چيائون تہ گرو مهراج جن ايتري تڪليف ڪري خود پاڻ هت آيا، ليڪن ڀاڳہ جي ڳالهہ آهي، مونکي انهن جو درشن ڪين ٿي سگهيو. پر پريداس تون وڏو خوش نصيب آهين، جو توکي گرو مهراج جن جو درشن نصيب ٿيو ۽ ساڻن ڳالهہ- ٻولهہ ڪرڻ جو سهڻو موقعو مليو. گرو مهراج جن اسان سان گڏ آهن. اهڙي قسم جو وشواس سوامي جن جو پڪو ٿيندو ويو.

اهڙيءَ طرح ميلي ۾ اکنڊ پاٺ ۽ ڀوڄن باقاعدي هلندو رهيو. پنجين ڏينهن پرڀات جو چئين بجي کان سنت ماڌوداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج جن واري سان ست سنگہ ڪيو. سنت ماڌوداس مهراج ۽ سنت بسنترام مهراج جن حيدرآباد ۽ ڪنڊيوءَ ۾ ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي ورسيءَ ۽ جنم اتسو ملهائڻ جو پروگرام ٻڌائي ميلي ۾ آيل سڀني سنتن ۽ پريمين

ڪي ٻر ٻر ٻو لوڏو ڏنو. تنهن کان پوءِ سنت گرمکداس
مهراج جن سنت سنگ ڪيو. ان بعد سوامي جن اوم
جو اُچارڻ ڪري ديو گرو وندنا ڪري سنت سنگ
شروع ڪيو، ساڻن گڏ سنت گرمکداس مهراج، سنت
ڏرمداس مهراج، سنت اوڏوداس مهراج، وائلن
وڄائيندڙ شري لالڪرام، شري ٽيڪورام ڏوڪڙي ۽
ٻيا سازيندڙ پڻ ويٺا.

سنت سنگ جي پڄاڻيءَ ۽ پلؤ کان اڳواٽ سوامي-
جن سڀني شيوادارن جا ٿالا ڪٽي ڪين ڌنيواد ڏيندي
فرمايو ته جيئن توهان گرو مهراج جن جي وقت کان
وٺي ميلي ۾ شيوا ڪندا آيا آهيو، تيئن ئي توهان
هن ميلي ۾ به گرو مهراج جن جي شيوا ڪري پنهنجو
پاڻ موڪيو آهي. اڳتي پڻ گرو مهراج جن سان نڀائيندا
اچجو، گرو ڀڳتيءَ کي وڌائيندا رهجو.

گرو مهراج جن اسان سڀني سان گڏ آهن، ۽ ميلي
۾ لٽ ڪٽي گهمي رهيا آهن، سار سنڀار لهي رهيا آهن.
انهن جي مهما اپار آهي.

هاڻي پلؤ پائڻ جو وقت اچي ويو هو. سنت سنگ
منڊپ سنت سنگتين پرميين سان ڪچا ڪچ ڀريل هو.
چئني پاسي شانتي ئي شانتي لڳي پئي هئي، فقط
سوامي جن جو آواز گونجي رهيو هو.

سوامي جن گرو مهراج جن جي سڀني نشانين

جهڙوڪ:- اٽ، چولو، ڇڙي، ٽوپي، يڪتارو وغيره
جو درشن، سڀني سنگت کي ڪرايو. گرو مهاراج جن جي
ٻاڻين جو درشن ڪري سڀ سنگت خوش ٿي ئي
پر ساڳئي وقت گرو مهاراج جن کي لــــ ڏسي سڀ
سنگت مايوس ٿي وئي. سنت گرمکداس مهاراج جون
اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون.

سواميءَ جن جي اکين ۾ پڻ پاڻي ڀرجي آيو. پر همت
ڪري پنهنجي دل کي ڏڍ ڏئي سڀني سنگت کي
چيو ته هاڻي سڀئي ملي ڪري پلوَ پايو، ائين چئي،
سواميءَ جن پلوَ پاتي "آس وندي گر تو در آئي."
پرارٿنا ڪري ميلي جي سماپتي ڪئي. ميلي جي
سک سان ۽ نروگهن سماپت ٿيڻ جون واڌايون پڻ
ڏنيون ويون. سڀئي پريمي سواميءَ جن کان پرساد ۽
آشيرواد وٺي پرڻام ڪري موڪلائي پنهنجي پنهنجي
ملڪ ويا، ميلي ۾ آيل پريمين سواميءَ جن کي پنهنجي
پنهنجي شهر ۾ اچڻ لاءِ نوتا ڏنا. راولپنڊي (پنجاب)
جي لالا هرچند، لالا رتن لال جن ۽ راولپنڊيءَ اچڻ
لاءِ سواميءَ جن کي عرض ڪيو. سنت ماڌوداس مهراج
ستگرو مهاراج جن جي ورسي حيدرآباد ۾ هلي ملهائڻ
لاءِ نوتو ڏنو ۽ سنت بسنترام مهاراج جن پڻ ستگرو
مهراج جن جو جنم اُتسو ڪنڊياري ۾ هلي ملهائڻ لاءِ
سواميءَ جن کي نوتو ڏنو. سواميءَ جن ۽ سنتن ۽ پريمين

جا سوال پڇيا. پوءِ ۾ آيل سڀني سنتن ۽ پريمين جي وچ ۾ بعد انڪل هڪ مهينو ڪن امراپر دربار تي رهيا، مندر جي سيوا ۽ ٻين سيوائون وري شروع ڪيون ويون.

پروگرام موجب سوامي جن ڪجهه سنت ۽ سيوادارن ڪي دربار جي سيوا ۽ بندوبست لاءِ ڇڏي، سنت گرمکداس مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت اوڌوداس مهراج، شري مينگهن داس ۽ ٻيا سيواداري ساڻ وٺي منڊليءَ سوڌو حيدرآباد آيا، سنت بسنترام مهراج جن بـــ ڪنڊوءَ ڪان حيدرآباد پهچي ويا، سنت ماڌوداس مهراج جن سوامي جن ۽ سنتن لاءِ سٺو بندوبست رکيو هو. پرم پرڪاش آشرم حيدرآباد ۾ گرو مهراج جن جي ورسي ڌوم ڌام سان ملهائي وئي. ڪجهه ڏينهن اتي رهي سوامي جن، گرو مهراج جن جي جنم ڀومي ڪنڊوءَ ۾ آيا، اتي سنت بسنترام مهراج پڻ سٺو بندوبست رکيو هو، اتي پرم پرڪاش آشرم ۾ پڻ گرو مهراج جن جو جنم اتسو ڌوم ڌام سان ملهايو ويو. ڪجهه ڏينهن اتي رهي سوامي جن منڊليءَ سوڌو موٽي ٽنڊي آدم آيا.

ڪجهه ڏينهن امراپر دربار ۾ رهي پوءِ ڪراچيءَ وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا، پروگرام موجب ڪراچيءَ

ڪان ڀائي ڏيارام جن ٽنڊي آدم سوامي جن کي وٺڻ
لاءِ آيا، مقرر ٿيل تاريخ تي سوامي جن منڊليءَ
سوڌو ڀائي ڏيارام سان گڏجي ٽنڊي آدم کان
ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا، ڪراچي اسٽيشن تي ڀائي
ٽيجورام، ڀائي پرڀداس هنگوراڻي، ڀائي تاراچند،
ڀائي گرنارام، شري ٽيرٿداس، ۽ ٻيا گهڻيئي پريمي
سوامي جن ۽ سنتن جي آجيان لاءِ اسٽيشن تي آيا
هئا، تمام سنئي آدر ڀاءَ سان سوامي جن کي پريمي
شهر ۾ وٺي آيا. اتي سوامي جن جي رهڻ ۽ ستسنگ
لاءِ تمام سٺو بندوبست رکيو ويو هو. رات جو اتين
ئي ست سنگ شروع ٿيو، پهرين سنت گرمکداس-
مهراج، سنت بسنترام مهراج ۽ ٻين سنتن واري
سان ست سنگ ڪيو.

ٽنهن کان پوءِ سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو آچارڻ
ڪري ڏيو گروءَ جي وندنا ڪئي. سڀني پريمين کي
آسڻ ٻڌي وهڻ ۽ هڪ چتو ٿي ٻڌڻ لاءِ چيو. ان
بعد سوامي جن موه جي وشيه تي ڳالهائيندي چوڻ
لڳا ته هن جيو کي جنم مرڻ جي چڪر ۾ آڻڻ وارو
موه ئي آهي.

دوهو:- موه ممتا دک روپ هئي، تاڪا ڪرو تياڳ،
اپشم هردي ڌارڪي، آنندا ڪولو ڀاڳ.

سڀني دکن جي جڙ موه آهي، ان جو تياڳ ڪري

وراڳ، ورتي ڌارڻ ڪرڻ سان هيءُ جيو جنم مرڻ جي
چڪر کان هميشه لاءِ ڇٽي وڃي ٿو.

ان باري ۾ جڙ ڀرت جي زندگيءَ جو حوالو ڏيندي
سوامي جن چوڻ لڳا ته مهاراجا ڀرت سڄي دنيا جو
راجا هو، وقت اچڻ تي راڄ جو سڄو ڪاروبار پٽن
جي حوالي ڪري پاڻ بن ۾ هليو ويو، اتي وڃي
ڪري تپسيا ڪرڻ لڳو، ڀڳوان جي ليلا عجب آهي،
مهاراجا ڀرت هاڻي راڄ رشي سڏجڻ لڳو، راڄ رشي
ڀرت اتي ٻڌهن جو سڄو وقت تپسيا، سنڌيا ۽ پوڄا
۾ گذارڻ لڳو. تپسيا ڪندي ڪيس گهڻيئي ڏينهن
گذري ويا. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، راڄ رشي
ڀرت نديءَ تي سنان سنڌيا ڪرڻ ويو، قدرت
سان، ان وقت هڪ هرڻي اتي پاڻي پيئڻ لاءِ آئي،
جا گرڀوتي هئي، هوءَ تمام اڃايل هئي ۽ ان ڪري
ٽڪ ٽڪ پاڻي پيئڻ لڳي. هوءَ اڃا پاڻي پي رهي
هئي ته مٿان اچانڪ اتي پاسي ۾ شينهن خطرناڪ
گجگوڙ ڪئي، شينهن جي گرجنا ٻڌي هرڻيءَ جو ته
ساهه ئي سڪي ويو، ڊپ کان ڏڪڻ لڳي، ۽ تمام
زور سان ٽپا لڳائي ماري وٺي ڀڄي. ڊپ وچان زور
سان ٽپا ڏئي مارڻ ڪري سندس پيٽ جو ٻچو اتي ئي
ڪري پيو، ٻچي کي اتي ڇڏي هرڻي ڀڄي وئي،
ٻچو ته ساهه سڀني کي پيارو لڳندو آهي.

श्लोक :- वित्तात्पुत्रः प्रियः पुत्रात्पिण्डः पिण्डात्तथेन्द्रियम् ।
इन्द्रियेभ्यः प्रियः प्राणः, प्राणादात्मा परः प्रियः॥

شاستر جا وچن آهن ته :-

هونئن دولت پياري ٿيندي آهي، ان لاءِ ماڻهو پنهنجن ٻارن ٻچن کي ڇڏي ولايتن ۾ ويندا آهن، دولت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڪپت ۾ لڳي ڪندا آهن، پر دولت کان وڌيڪ عزت پياري ٿيندي آهي، ماڻهو پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ ڌن جي قرباني ڪندا آهن، عزت کان وڌيڪ پٽ پيارو ٿيندو آهي، پٽ کان وڌيڪ پنهنجو شرير پيارو ٿيندو آهي، ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو شرير جي رکيا لاءِ ماڻهو ٻار ٻچا وڪڻي ڇڏيندا آهن، شرير کان وڌيڪ حواس (اندريون) پيارا ٿيندا آهن، جهڙيءَ جهٽي ۾ متان اک ـ کن، اک ٻيا مٿي ۾ ڌڪ لـ لڳي وڃي ان لاءِ هٿن کي ٻيا پٽ کي آڏو آنـدو ويندو آهي، ٻيا سزا ملڻ تي ڏوهاريءَ کان پڇيو وڃي ته تنهنجي اک ڪڍجي، ڪن ڪٽجي يا هٿ پير وڍجن؟ ٻيا چابڪ ڦٽڪا لڳائجن؟ تڏهن هو اهو ئي چوندو ته مونکي ڦٽڪا لڳايو، ٻر هٿ پير وغيره ڪين ڪاٽيو. موت جي سزا ملڻ تي جيڪڏهن ڏوهاريءَ کان پڇيو وڃي ته توکي ڦاسي ڏجي يا تنهنجا هٿ پير ڪاٽجن؟ تڏهن اهو ائين ٿي چوندو

۽ منهن جا هٿ پير ٻڌي ڪاٺيءَ تي ڦاسي نه ڏيو. اندرين کان وڌيڪ پراڻ پيارا آهن، ساهه کان وڌيڪ آتما پياري آهي، آتما کان به وڌيڪ پرماتما پيارو آهي، ٻڍاپي ۾ (پيريءَ) ۽ لاعلاج خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا (قائل) ٿي وڃڻ ڪري بيمار ماڻهو سور سهي سهي ڪِڪ ٿي پوندو آهي، پوءِ هو موت کي سڏ ڪندو آهي، ڀڳوان ۽ سنتن گرن کي پرارٿنا ڪندو آهي ته اهڙي ڪا آسيس ڪريو جيئن منهنجو جلدي ساهه نڪري ۽ مان وڃي سکي ٿيان. مطلب ته شرير ۽ ساهه کان به وڌيڪ پياري پنهن جي آتما آهي،

ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن چوڻ لڳا ته هرڻيءَ جي ٻچي وڃڻ بعد ان جو ٻچو نديءَ ۾ ڪري پيو ۽ نڪي وهڪري ۾ اچي ويو، راج رشي ڀرت اهو سڀ ڏسي رهيو هو، اي سهاري ۽ موت جي منهن ۾ پيل هرڻيءَ جي ٻچي جي اهڙي حالت ڏسي، ان کي دَيا اچي وئي، هو هڪدم نديءَ ۾ گهڙي پيو ۽ ٻچي کي وهڪري مان ٻاهر ڪڍي ان کي ڪنڌيا ۾ ڪٺي آيو، حالانڪ ٻچو مرڻ ڪنڌي تي وڃي پهتو هو، پر ڀرت جيئن تيئن ڪري ڪيس هوش ۾ آندو. سڀني جيون تي دَيا ڪرڻ هر هڪ منش جو فرض آهي. ڪنهن دکي جيو تي دَيا ڪرڻ، ان جي رکيا ڪرڻ ڪو پاپ ڪين آهي. پر وڏو پُن آهي.

هاڻي راڄ رشي ڀرت هرڻيءَ جي ٻچڙي جي پالڻ
پوشڻ ۾ لڳي ويو، وٽن ۽ گاهه جا تازا تازا ۽ نرم
نرم پن گڏ ڪري ڪٺي ايندو هو ۽ پاڻي وغيره ڀري
ايندو هو، لاڏ پيار سان ان کي کارائيندو ۽ پياريندو
هو، ٻار ته هونئن ئي سهڻا ۽ من موهيندڙ ٿيندا
آهن، پوءِ اهي چاهي ماڻهن جا هجن يا پسن - پکين
جا، پر ٻار سڀني کي پيارا لڳندا آهن، راڄ رشي ڀرت
جو هاڻي هرڻ جي ٻچڙي ۾ موهه ٿيڻ لڳو، ان جي
ممتا اهڙي ته وڌي وئي جو ڀڄن، پوڄن - ڌيان،
سنڌيا وغيره سڀئي وسري ويا. رات ڏينهن ان سان
گڏ رهڻ لڳو، هرڻ جو ٻچڙو به رشيءَ جي پٺيان پٺيان
ڦرندو رهندو هو، سڏ ڪرڻ تي هڪدم ڊوڙي اچي
رشيءَ جي گود ۾ ويهندو هو، ڊڄندو هو ته به هڪدم
رشيءَ وٽ ڊوڙي ايندو هو، ڀرت به ان کي پٽ
وانگر پاليندو ۽ پيار ڪندو هو، موهه ڪهڙو نه ٻلوان
آهي، راڄ رشي ڀرت پنهنجو سڄو راڄ پاٽ، سڀئي
سک - ڀوڳ، راڻيون ٻار ٻچا، ڀائر ڀائٽيا وغيره سڀئي
ڇڏي، موهه ممتا جا ٻنڌن ٽوڙي، دنيا کان منهن
موڙي بن ۾ تپسيا ڪرڻ آيو هو، ليڪن اچرج ته
ڏسو! راڄ رشي ڀرت ڪو راڄي ماڻهو ڪين هو،
وڏو ودوان هو، پر موهه وڏو ٻلوان آهي، سڀ ڪجهه
تياڳڻ کان پوءِ به ان جو موهه هڪ هرڻ جي ٻچڙي

۾ ٻڌجي ويو، هرڻ جو ٻچو هاڻي ڪافي وڏو ٿي ويو هو، تمام ٿلهو متارو ٿي ويو هو، راڄ رشي ڀرت هرڻ جي ٻچي کي پالي لپائي وڏو ڪري ڪيس پنهنجي پٽرن ٿي ڀاري پنهن جو فرض پورو ڪيو هو، هاڻي ڪيس گهربو هو ته ان کي ٻن ۾ ڇڏي ڏي هان! پر موه جي ڪري ائين نه ڪري سگهيو. دنيا جو سهارو وٺي پيا دنيا ۾ لڪي ڪري ڪام - ڪروڌ - لوڀ - موه ۽ اهنڪار اهي پنج وڏا دشمن هن جيو جي اندر گهڙي ٿا وڃن.

هڪ ڏينهن رشي ڀرت گاهه ڪاٽيون، گل ڦل وغيره ڪٽڻ لاءِ ٻن ۾ ويو، قدرت سان پٺيان هرڻن جو هڪ ٽولو نديءَ تي پاڻي پيئڻ آيو رشي ڀرت واري هرڻ جو پنهن جي ذات ڀائرن کي ڏٺو سو هڪدم لوڙهو ٽپي وڃي انهن سان مليو، پوءِ ان ٽولي سان گڏ ڇلانگون ماريندو هليو ويو. ڪٽيا کان تمام پري جهنگ ڏانهن هليو ويو. هيڏانهن جڏهن رشي ڀرت موٽي ڪٽيا تي آيو تڏهن هرڻ کي اتي نه ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو، سڀئي ڪم ڇڏي هرڻ کي ڳولهڻ لڳو، ڪٽيا جي آس پاس، نديءَ جا ڪنارا ۽ جهنگل ۾ هيڏانهن هوڏانهن سڀ ڏينهن ڳولهيندو رهيو. پر هرڻ جو ڪٿي به پتو ڪونه پيو، تڏهن لاچار نراس ٿي موٽي ڪٽيا تي آيو، ڪائڻ

پيئڻ لڳڻ ڪرڻ سنئي ڇڏائجي ويس روز صبح جو
اُن ۾ هرڻ کي ڳولڻ ويندو هو، اُتي وڃي ٻهار سان
هرڻ کي سڏ ڪندو هو، ۽ ملڻ لئي رات جو واپس
موٽي ايندو هو، اهڙيءَ طرح هرڻ جي چنتا ۾ ڪيترو
ڪافي ڏينهن گذري ويا، موت به سندس مٿان سوار
آهي. اُن کي ڪنهن به طريقي سان ٽاري نٿو سگهجي،
اهو ته اٽل آهي، راج رشي ڀرت جي موت جون
گهڙيون ۽ وڃڻ اچي پهتيون هيون، هرڻ کي
ياد ڪندي ڪندي اُن پنهن جا پراڻ تياڳيا، منش
شرير کي ڇڏي وڃي هرڻ جو جنم پاتائين.

ڀڳوان جو پيڙ ڪڏهن به اجايو ڪونه ويندو آهي،
رشي ڀرت کي به هرڻ جي جوڻ ۾ اڳئين جنم جي
يادگيري جيئن جو تيئن قائم رهي، هاڻي هرڻ جي
جوڻ ۾ پنهن جي ڪرتب ۽ ذات وارن کان الڳ رهڻ
لڳو، ڪاڻ ۽ پيئو سڀئي ڇڏي ڏنائين، ڪجهه ڏينهن
کان پوءِ هرڻ جي جوڻ تياڳي هڪ براهمڻ جي گهر
۾ جنم ورتائين، اتي به سندس نالو ڀرت ئي رکيو
ويو، اڳئين جنمن جي ڄاڻ سبب ڀرت هاڻي تمام
هوشياريءَ سان رهڻ لڳو، هاڻي ڪٿي ڪنهن سان
وري موه ۾ ٿي وڃي ان ڊپ کان ڀرت چرين وانگر
رهڻ لڳو، اُن ڪري سندس نالو ئي جڙ ڀرت
پئجي ويو.

❀ ايڪ مرڪ ڪي ڪارلي، پرت ڏري لهن ڏ لها،
ٻالڪا ڪوُن حوال هئا، جالڪا ٻهت سنبها.

ڪٿا جو مطلب سمجهائيندي سوامي جن چوڻ
لڳا ته راج رشي پرت جهڙي تياڳي ويراڳي ڀڳوان
جي ڀڳت ڪي به موه ڪين ڇڏيو. هرڻ جي موه
ڪري ان کي هرڻ جا ٽي جنم وٺڻا پيا.

ياد رکڻ گهرجي! ديا ڪريو، پريم ڪريو، ڀلائي
ڪريو، پراپڪار ڪريو، پر ان ۾ ممتا موه نه رکو،
ڇو ته موه ممتا جنا ڏاڍا تمام سنهڙا ۽ پڪا ٿيندا
آهن، جيڪڏهن اهي ڪنهن جي گچيءَ ۾ پئجي
ويا ته اهي ڦاسيءَ جو ڪم ڪندا آهن، هن موه
ڦاسيءَ ۾ جيو کي بار بار لٽڪڻو پوي ٿو، انترو ڇٽي
رام نام، ست نام ساکي، ساکي شو وهم جي ڏني
لڳائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪيو، ساري
سنگت پرساد وٺي پنهن جي گهر وئي. سوامي جن ۽
سڀ سنت ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا، اهڙيءَ طرح
اٽڪل هڪ مهنو سوامي جن ڪراچيءَ ۾ رهيا، سنائن
ڏرم جو پرچار ڪيائون، ان بعد ڪراچيءَ جي پولسن
ڪان موڪلائي سوامي جن ٽنڊي آدم امراپر دربار ٿي
آيا، ڪچ ڏنهن اتي رهيا، ٻيو هردوار وڃڻ جون
تياريون ڪرڻ لڳا.
ڪچ ڏنهن ڪان پوءِ سوامي جن ٽنڊي آدم ڪان

هردوار ڏانهن روانا ٿيا، اتي پهچي اوڌوس شري
چيتن ديو جي ڪٽيا ۾ لٿا، سنت گرمکداس مهراج،
سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج،
سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت ڏرمداس مهراج،
سنت اوڌوداس مهراج، شري منگهن داس، شري
نانڪرام ۽ ٻه چار شهواداري سوامي جن سان گڏ هئا،
سوامي جن پنهن جي پروگرام جي سوچنا راولپنڊيءَ
جي برهمڻن کي ڇٺيءَ رستي اڳواٽ ئي موڪلي ڇڏي
هئي، ان ڪري اهي پريمي راولپنڊيءَ کان هردوار
سوامي جن وٽ پهچي ويا، سنت ٻچن داس مهراج
جيڪو پنڊ راڻ جي ٻاڙا ۾ ويو هو، اهو ٻه گهمند و
ڦرند و هردوار وڃي پهتو. ڪجھ ڏينهن هردوار ۾
رهي سوامي جن منڊليءَ سوڌو لالا هرچند سان
گڏ جي راولپنڊيءَ ويا، اتي سوامي جن ۽ سنتن جي
رهڻ ۽ سنگ جو سٺو پند و بست ڪيو ويو هو،
انڪل پند رهن ڏينهن کن اتي رهي سوامي جن منڊليءَ
سوڌو موني نندي آدم آيا.

اڃا پند رهن ڏينهن کن مس گذريا ته ڪنڊڪوٽ
جو ڀائي باشارام نندي آدم ۾ سوامي جن وٽ آيو.
هيرون چاروڻ ڏنٽي ولي ڀائي باشارام، سوامي
کي عرض ڪري چيو ته لکوڙ ۾ منهن جي ٻوٽي جي
شادي آهي، انهن ڪري توهان کي اتي هلڻ لاءِ

ملڻ آيو آهيان. توهان مٺ لاءِ سوڌو اٿي هلي گهوٽ ڪنوار کي آشيرواد ڏيڻ جي ڪرپا ڪريو. سوامي جن سندس سوال ٻڌو ۽ ڪيس چيو ته ستن ڏينهن کان پوءِ هلنداسون.

ستن ڏينهن گذرڻ بعد دربار جي شيوا ۽ سنڀال لاءِ سنت ڪرشنداس مهراج ۽ ٻين شيوادارن کي اتي ڇڏي سوامي جن مٺ لاءِ سوڌو ڀائي ٻاشارام سان گڏ جي ٽنڊي آدم کان ڪنڊڪوٽ روانا ٿيا. اتي ڪنڊڪوٽ ۾ ڀائي ٻاشارام، سوامي جن جي رهائش ۽ سنت سنگت لاءِ سٺو بندوبست ڪيو هو. سوامي جن مٺ لاءِ سوڌو ڪنڊڪوٽ پهتا. شاديءَ جو شڀ ڪارج سک سان پورو ٿيو. سوامي جن پنهنجي سنت سنگت ۾ گرهست ڌرم جو ورڻن ڪندي فرمايو ته پتيءَ جو فرض آهي ته هر حالت ۾ پنهنجي استريءَ جي رکيا ڪري، ڇو ته زال، مڙس جي شرڻ ۾ اچي ٿي. شرڻ ۾ آيل جيو جي رکيا ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. ڇو ته مها ڀارت، منوسمرتي ۽ ٻين شاسترن جا وچن آهن ته:-

श्लोक :- पूजनीया महाभागा: पुण्याश्च गृहदीप्तय : ।
स्त्रिय: श्रियो गृहस्योक्तास्माद्रक्ष्या: विशेषत: ।।

زالون گهر جي لڇمي آهن. پوڄڻ جوڳ آهن، تمام ڀاڳن وارون آهن. پن ڏيڻ وارون آهن. گهر جي

سوڀيا وڌائڻ واريون آهن. تنهن ڪري انهن جي خاص طرح سان رکيا ڪرڻ گهرجي. (مهاڀارت)

श्लोक : पितृभिर्भ्रातृभिश्चैताः पतिभिर्देवरैस्तथा।
पूज्या भूषयितव्याश्च बहुकल्याणमीप्सुभि:।।

سک، شانتي ۽ ڌن چاهڻ واري پيءُ، ڀاءُ، مڙس، ڏيرن ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي گهرجي ته پنهنجي گهر جي زالن جي عزت ۽ آدر ڀاءُ ڪن، انهن کي سندر ڪپڙا ڳهڻا ڏيندا رهن، جيئن اهي سدائين خوش رهن. چيو ته:-

श्लोक:- शोचन्ति जामयो यत्र विनश्यत्याशु तत्कुलम्।
न शोचन्ति तु यत्रैता वर्द्धते तद्धि सर्वदा।।

جنهن گهر ۾ زالون چنتائن، ڏکڻين ۽ شوڪ ۾ رهن ٿيون، اهو گهر ڪل برباد ٿي وڃي ٿو، جنهن گهر ۾ زالون خوش رهن ٿيون اهو گهر سدائين آباد رهي ٿو. (منوسمرتي)

جيئن استريءَ لاءِ بندڻ (پابنديون) آهن، تيئن پرش لاءِ به بندڻ آهن. مڙس کي گهرجي ته هر حالت ۾ پنهنجي زال کي خوش رکي، ان جي سار سنڀال لهي ۽ ان جي پوري حفاظت ڪري، ڪڏهن به ان کي رنج ڏيڻ جو موقعو نه ڏئي، ڪڏهن به، ان جو نرادر نه ڪري، نڪي عزت لاهي. جيڪو منش ٿي ڪري هڪ طرف پنهنجي زال جي رکيا پالن ۽

عزت نٿو ڪري، ٻئي طرف وري اُن کي ماري ڪٽي ٿو، ان جي عزت لاهي ٿو، ان کي ڏٻائي، ڌمڪائي ۽ هيسائي ٿو، ڏيتي ليتيءَ بابت مجبور ڪري ٿو، پنهنجي بيگناهه زال کي باهه ۾ ساڙي يا ڪنهن طرح به ان کي ماري ٿو، يا طلاق ڏئي ٿو، شاسترن جي وچن موجب اهو منش مرڻ کان پوءِ گهور نرڪن ۾ وڃي پوي ٿو، اُتي وڃي نرڪن جي ڀيانڪ باهه ۾ سڙي ٿو.

श्लोकः- यः स्वनारी परित्यज्य निर्दोषां कुलसम्भवाम् ।
पर दार रतो वा स्यादन्यं वा कुरुते स्त्रियम् ॥
सोऽन्य जन्मनि देवेशि स्त्री भूत्वा विधवा भवेत् ॥

نرڪن جا ڏک ڀوڳي اهو منش وري استري ٿئي ٿو ۽ جوانيءَ ۾ ئي ودوا ٿي وڃي ٿو.

جنهن گهر ۾ نارين (استرين) جي عزت ڪئي ويندي آهي، انهن جو سنمان، آدر ستڪار ڪيو ويندو آهي، اُن گهر ۾ سڀ ديوي ديوتائون اچي واسو ڪندا آهن. اهو گهر سرڳ سمان آهي.

श्लोकः- यत्र नार्यो न पूज्यन्ते श्मशानं तन्नवै गृहम् ।

جنهن گهر ۾ استرين جو اپمان ڪيو ويندو آهي. انهن جو انادر ڪيو ويندو آهي، انهن جي اڻ عزتي ڪئي ويندي آهي، انهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي، اهو گهر هڪ مسان وانگر آهي،

اِلي جن پوت اچي واسو ڪندا آهن.

استريءَ جو هيءُ فرض آهي تہ هر حالت ۾ پنهنجي پتيءَ کي خوش رکي، مڙس سان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائي، اُن کان ڪجھ بہ لڪائي نہ رکي، پتيءَ جي آگيا کان سواءِ ڪو بہ ڪم نہ ڪري، ڪوئي بہ شُڀ ڪرم پتيءَ کان الڳ ٿي نہ ڪري. پتيءَ کان پڇڻ کان سواءِ ڪوبہ شُڀ ڪرم نہ ڪري. منوسمرتيءَ جا وچن آهن تہ:-

श्लोक:- अपृष्ट्वा चैव भर्तारं या नारी कुरुते व्रतम् ।
सर्वं तद्राक्षसान्गच्छेदित्येवं मनुरब्रवीत् ।।

श्लोक:- या नारी भर्तुः शुश्रूषां विहाय व्रततत्परा ।
सा नारी नरकं याति नात्र कार्यविचारणा ।।

جيڪا استري پنهنجي پتيءَ کان پڇڻ کان سواءِ لڪ ڇپ ۾ دان - پُن، ورت وغيره ڪو بہ شُڀ ڪرم ڪري ٿي تہ ان جو ڦل راڪشسن کي ملي ٿو.

جيئن ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شري ڪرشڻ، ڀڳوان شنڪر، ڀڳوان گڻيش وغيره ديوتائن ۽ سنتن - مهاتمائن يا گرن جي سيوا - پوڄا ڪئي ويندي آهي. ان موجب جيڪا استري پنهنجي پتيءَ جي سيوا پوڄا لاءِ ڪري، مڙس جي سيوا پوڄا ڇڏي ڪري جيڪا استري ٻيو ڪو بہ شُڀ ڪرم ڪري ٿي تہ اها استري نرڪ ۾ وڃي پوي ٿي، ان

۽ ڪو به شڪ ڪونه آهي.

श्लोक:- पतिसेवा व्रतंस्त्रीणां पतिसेवा परं तप:।
पतिसेवा परो धर्म: पतिसेवा सुरार्चनम् ॥

برهم وئي ورت پراڻ جا وچن آهن ته:- پنهنجي مڙس جي سيوا - پوڄا ئي استرين لاءِ وڏي ۾ وڏو تپ آهي، وڏي ۾ وڏو ورت آهي، وڏي ۾ وڏو ڌرم آهي ۽ وڏي ۾ وڏو ديوتائن جو پوڄن آهي.

श्लोक :- न दानै: शुध्यते नारी, नोपवास शतैरपि ।
न तीर्थ सेवया तद्वद्भर्तु: पादोदकैर्यथा ॥

مهرشي چاڻڪيه جا وچن آهن ته:- دان - پن ڪرڻ سان، ورت اپواس رکڻ سان، تيرٿن ۾ اسنان ڪرڻ سان استري (ناري) ايترو پوتر نٿي ٿئي جيترو ڪ پنهنجي مڙس جي سيوا - پوڄا ۽ ان جي چرڻن جي جل سان اسنان ڪرڻ سان ٿئي ٿي.

ستي سيتا ۽ ستي دروپدي جي زندگي جي ڪهاڻي ڪنهن کان به لڪل نا ڄاڻي ڪانه آهي. آهي جن ان ۾ پنهنجون تڪليفون ۽ مصيبتون سٺيون پر انهن ڪڏهن به اُف ڪانه ڪئي. مصيبتن ۽ تڪليفن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ انهن نڪي پنهنجي ماتا - پتا يا پاڳرن کي دانهن ڏني نڪي سهائتا ڪرڻ لاءِ چيو. ڏکن کان ڇٽڻ لاءِ ستي سيتا ۽ ستي دروپدي نڪي ڪنهن براهمڻ کان پاٺ - پوڄا يا جپ ڪرايو.

لکي گره - گوچر ٿيندا. لکي ڪٽنبن ساڌو - سنت،
ٻاڙي ٻالڪن کان آزاد ٿيندو، لکي ڪٽنبن جو اهڙي ڪي
هٿ جوڙ ڇڏائون ڏ ڇڏائيندو. لکي انهن ٻڌن جي
مڙسن کي ٻڌا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ ڪٽنبن ساڌو سنت،
رشي، مني وٽ موڪليندو. اهي لکي ساهرن ۾
مڙس کي ڇڏي پنهنجي گهر وڃي رهندا.

ستي سيتا ۽ ستي دروپدي، ڪي غريب گهر
جون ڇوڪريون ڪين هيون، پر راڄ گهراڻي جون
راڄڪماريون هيون. سندن پنهنجا راڄ ائون هئا.
جيڪڏهن اهي چاهين ها ته پنهنجي مڙسن کي
ٻڌن جي پنهنجي گهر وڃي رهن ها.

श्लोक:- स्वभर्तरि च कृष्णे च भेदबुद्धि करोति या ।
कटूक्त्वा ताडयेत्कान्तं सा गोहत्यां लभेद् ध्रुवम्

ٻرهم وئي ورت پراڻ جا وچن آهن ته جيڪا
استري پنهنجي پتي ۽ شري ڪرشڻ ۾ ڀيد ٻڌي
(تفاوت) رکي ٿي ۽ پتي سان ڪڙو ڳالهائي ٿي
يا ان کي ڌمڪائي ٿي، ته اها گئو هتيا جهڙو پاپ
ڪري ٿي.

ان ڪري ستي سيتا ۽ ستي دروپدي لکي
آشرم ڪولي ويندو، لکي ڪو مندر ٺاهي ويندو.
چاڪاڻ ته انهن ٻڌن جي دل (هردي) جي مندر ۾
پنهنجي پتي ديوتا کي براجمان ڪيو هو، انهن

کري انهن ٻنهي ڪنهن مدد رکڻ يا آشرم لاهڻ جي
ضرورت ڪانه سمجهي. تنهن کان سواءِ انهن کي
پريم جي ڄاڻ نه هئي، پر ڌرم جي به ڄاڻ هئي. پريم
نه رواجي ڳالهه آهي، پر جنهن پريم ۾ ڌرم سمايل
آهي، اها ڄاڻ رکڻ ڪا رواجي ڳالهه ڪانه آهي.
ستي سيتا ۽ ستي دروپديءَ کي پريم ۽ ڌرم جي
پوري ڄاڻ هئي. تنهن ڪري انهن ٻنهي سک دک
پتيءَ سان گڏ ڀوڳيو.

جيتوڻيڪ ڀڳوان رام کي بنواس مليو هو، ورڌان
موجب ڀڳوان رام کي پرڻي گهر مان هڪ پائي ڪين
ڪڍڻي هئي، پر تنهن هوندي به ڀڳوان رام پنهن جي
سهري مهاراجا جنڪ وٽ دانهين ٿي ڪين ويو هو،
نڪي ان کان ڪجهه گهريو هئائين، نڪي ساهري گهر
وڃي رهيو هو، نڪا گروءَ کي ئي دانهن ڏني هئائين،
نڪي گروءَ وٽ آشرم ۾ وڃي رهيو هو، نڪي سيتا
کي پيڪن مان ڪجهه مال ملڪيت ڪٽي اچڻ لاءِ چيو
هئائين، نڪي سهري کان ڏيتي ليتيءَ جي گهر ڪئي
هئائين، نڪي سيتا کي طلاق ڏنو هئائين. ستي
سيتا ۽ ستي دروپديءَ جي لڳ ڀڳ هڪ جهڙي
ڪهاڻي آهي.

گرهست ڌرم لئي وڌيڪ روشني وجهندي
سوامي جن چوڻ لڳا ته پکي، ان پرن سان اڏامندو

آهي، ڳاڏي ٻن ڦيٿن سان هلندي آهي، ماڻهو ٻن
پيرن سان هلندو آهي. هڪ پير سان پکي ڪڏهن
به ڪين اڏامي سگهندو آهي. هڪ ڦيٿي سان ڳاڏي
هلي ڪين سگهندي آهي. هڪ پير سان ماڻهو هلي
ڪين سگهندو آهي.

زال ۽ مڙس ٻئي گهر روپي ڳاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا
آهن، ٻئي ڦيٿا ٺيڪ ٺاڪ هوندا ته گهر روپي ڳاڏي
سٺي نموني هلندي ۽ آخر وڃي منزل مقصد
تي پهچندي.

گرهست آشرم کي سڀني آشرمن کان وڌيڪ اُتم
ليکيو ويو آهي.

श्लोक:- देवैश्चैव मनुष्यैश्च तिर्यग्भिश्चोपजीव्यते ।
गृहस्थ: प्रत्यहं यस्मात्तस्माज्ज्येष्ठाश्रमोगृही ।।

ديوتا، منش، پسون، پکي وغيره سڀئي جيو
روزانو گرهست آشرم جو سهارو وٺن ٿا، تنهن ڪري
گرهست آشرم سڀني کان اُتم آهي. دکش سمرتي.

श्लोक:- गृहस्थस्त्वेष धर्माणां सर्वेषां मूलमुच्यते ।।
श्लोक:- चतुर्णामाश्रमाणां हि गार्हस्थ्यं श्रेष्ठमुत्तमम् ।।
श्लोक:- कलौ तु केवलं वच्मि गर्हस्थ्नं ह्युत्तमोत्तमम् ।।
श्लोक:- न गार्हस्थ्यात्परो धर्म: ।।

مهاڀارت، والميڪ رامائڻ، مارڪنڊي سمرتي،
برهم ويورت پراڻ، دکش سمرتي وغيره شاسترن

جا وچن آهن ته گرهست آشرم، سڀني ڌرمن جي
جڙ آهي. چئني آشرمن ۾ گرهست آشرم اتم آهي.
ڪلجڳ ۾ ته رڳو گرهست آشرم کي ئي سڀ کان اتم
چيو ويو آهي. گرهست آشرم کان مٿي ٻيو ڪو به
ڌرم ڪين آهي.

نه رڳو زال نه رڳو مڙس، پر ٻنهي تي هڪ ٻئي
کان وڌيڪ جوابداريون آهن. ٻئي پنهنجون جوابداريون
نڀائيندا ايندا، ته سڀ مشڪلاتون آسان ٿي پونديون
۽ گرهست جي گاڏي ٺار وهي پوندي. گرهست
آشرم بابت اهڙي ڪٿا ٻڌائي سوامي جن رام نام
جي ڌني لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو، ساري
سنگت پاڻ پرساد وٺي گهر وئي، سوامي جن ڀوجن
ڪري آرامي ٿيا.

سوامي جن جي اچڻ جو ٻڌي آس پاس جي ڳوٺن
جيئن:- غوثپور کان ڀائي مدارام، ڀائي ڪنئيالال،
ٻڌاڻي کان ڀائي اڌارام، ڀائي گوبند رام، خشاپور
کان مکي ٻڌل مل، لوڻ مل ۽ منگهر مل، ڪشمور
کان ڀائي مدورام، ڀائي هولورام ۽ ڀائي وهرورام،
عمر ڀٽي کان ڀائي وسٽارام، ڀائي گوبند رام، شهوالي
کان ماتا چتري ٻائي، رکمڻي ٻائي، جسوتا ٻائي ۽
ڪنئيالال وغيره سڀئي پريمي ڪٺا ڪوٺ آيا،
سوامي جن سان ملي سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪيترن

چارون ڏينهن ولي ڪري سنڌي سوامي جن کي ٻڌندي
ٻڌڻ جي ڳوٺ هلڻ لاءِ سوال وڌو، الهن جو پرام ڏسي
سوامي جن سنڌي جا سوال مڃيا. پروگرام ٺاهي سنڌي
پريمي ٻڌڻ جي ڳوٺ ويا، اُت ڏينهن
ڪنڊ ڪوٽ ۾ رهي پوءِ سنڌي پريمين کان موڪلائي
پائي مدارام سان گڏجي ڳوٺپور ويا، اُتان ٿي ٻيو
پڊاڻي، لکشاپور، ڪشمور ڪان ٿيندا سوامي جن
شهواليءَ آيا، اتي ماٿا چتري ٻائي سوامي جن جي
رهائش ۽ ست سنگ جو پورو بندوبست رکيو هو،
اتي، ڳوٺ روجهاڻ مان مکي منورٿارام سوامي جن
کي مدائڻ لاءِ آيو، گڏوگڏ ماٿا چتري ٻائي ۽ کنئيالال
کي ٻه ٽو ڏينهن ٿائين، ٻه ڏينهن شهواليءَ ۾ رهي ڪري
سوامي جن مکي منورٿارام، ماٿا چتري ٻائي، کنئيالال
۽ ٻين پريمين سان گڏجي گهوڙن ۽ ٻئي ڳاڏين ۾
چڙهي روجهاڻ ڏانهن هليا، روجهاڻ ٿالي ٻه ڳوٺ هئا،
هڪ وڏو هڪ ننڍو. سوامي جن ٻهران ننڍي روجهاڻ
۾ ويا، اتي لالا وسندارام، (جيڪو هري ڀڳت، گياني
۽ سنت سڀاءِ هو) شري لوچارام، شري هوتورام،
شري هرچند، ٻين ڀڳتن ۽ دهل شرنائين وارن کي
ٻاڻ سان وٺي سوامي جن جي آجيان - مرحبا لاءِ ڳوٺ
جي ٻاهران ٻهراڻ ٿي انتظار ڪري رهيو هو، ٻري
کان جيئن سوامي جن ڪي ايندو ڏٺائين تيئن لالا -

وسندارام جن پٽ آچمان لاءِ اڳتي سوامي جن ڏانهن
ويا، ڳوٺ جي پنچايت کي لالا وسندارام سان گڏ
پيدل ايندو ڏسي سوامي جن پڻ سواريءَ تان لهي
پيدل هليا، سواگت ستڪار کان پوءِ سڀئي پيدل هليا،
ڳائيندا وڄائيندا سڄي ڳوٺ مان ڦرندا لالا وسندارام
جي اوطاق تي آيا، لالا وسندارام جن سوامي جن جي
رهائش ۽ ست سنگ جو سٺو بندوبست ڪيو هو،
سوامي جن منڊليءَ سوڌو آسڻ تي ويٺا، لالا وسندارام
۽ سڀئي پنچ پرهمي سوامي جن جي اڳيان ٿي ويٺا،
ڪنهن مالها پاتي، ڪنهن پرساد رکيو، سوامي جن
اڳيان مالهائن ۽ پرساد جو ڍير لڳي ويو، لالا وسندارام
۽ پنچ هٿ جوڙي سوامي جن کي چوڻ لڳا ته
سائين! اسان جي ڳوٺ جو رواج آهي ته جيڪو به
نئون مهمان هتي ايندو آهي ته اسين ان کان خبرون
چارون وٺندا ۽ ڏيندا آهيون، جيئن ته توهين اسان
جا خاص مهمان آهيو، تنهن ڪري توهين اسان کي
پنهن جون خبرون چارون ٻڌايو.

پنچن جي اها ڳالهه ٻڌي سوامي جن تمام خوش
ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته توهان جو اهو رواج تہ، تمام سٺو
آهي، پر ته ڳالهه ٻوله ڪرڻ خبرن چارن ڏيڻ وٺڻ
سان مهمان جي حالن جي خبر پوندي آهي ۽ پوءِ
ان جي سيوا ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي ۽ سيوا ۾

خاص ڪمي ڪين رهندي آهي.

چڱو! هاڻي ٻڌو! خبرون چارون هن ريت آهن، توهين ۽ اسين سڀئي ٻهراڻ امرلوڪ آپنداسي گهر ۾ هئاسون، پوءِ وقت پائي ڪري توهان پنهنجي خيال ۽ پرارٻڌ موجب هيٺ آيا، اسين حيدرآباد ضلع، ڳوٺ ڏنن سر (پٽ شاه) ۾ آياسون، پوءِ اسان کي ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جو سنگ مليو، گرو مهراج جن ٽيئي آدم ۾ امراپر دربار ٺاهي، هن وقت اسين سڀئي اتي رهندا آهيون، گرو مهراج جن اسان کي سڄي سنڌ جو سفر ڪرايو، ڪڇ جي ميلن ۽ ڀارت جي گهڻن تيرٿن جو پڻ درشن ڪرايو، گرو مهراج جن جي پرم ڌام پڌارڻ کان پوءِ اسين انهن جي (حڪم جي پيروي) آگيا جو پالن ڪندي سفر ڪندا رهندا آهيون، شهوالي ٽاءِ گرو مهراج جن سان گڏجي آيا هئاسون، پر هيٺ ٻهراڻون ٻيرو آيا آهيون، ڪيچ ڏينهن ٿيا ته ڀائي باشارام پنهن جي پوٽي جي شادي ۾ ٿي اسان کي ڪنڌ ڪوٺ گهرايو هو، ان کان پوءِ اسان غوثپور، ٻداڻي، بخشاپور ۽ شهوالي ۾ کان ٿيندا هيٺ توهان جي ڳوٺ ۾ آيا آهيون، توسان سڀني سان ملي ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. هاڻي توهان پنهن جون خبرون چارون ٻڌايو، توهان سڀ هتي ٺي رهندا يا امرلوڪ هلندا؟

سوامي جن جا وچن ٻڌي سڀئي کلڻ لڳا، لالا ـ وسنداارام جن انهيءَ راز مان واقف هئا، اهي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين! اڄ توهان جي مکاروند مان جيڪي خبرون چارون ٻڌيون اٿئون، سي ٺهران ڪڏهن ڪين ٻڌيون هيوسون.

هاڻي اسان جون خبرون چارون ٻڌو! توهان سنتن ـ مهاتمائن جي آسيس سان اسان بلڪل خوش آهيون، هن ڳوٺ جو ٻالو روجهاڻ آهي، اسين هن ڳوٺ ۾ رهندا آهيون، کائڻ، پيئڻ، پهرڻ ـ پائڻ، ڳالهائڻ ـ ٻولهائڻ سڀ سادو آهي، ڳوٺاڻا ماڻهو آهيون اسان جي زندگي سنئي سولي گذرندي رهي ٿي، ننڍي وڏائيءَ کي خيال ۾ رکندي بزرگن جو حڪم مڃيندا ۽ انهن جو آدر ڀاءُ ڪندا آهيون. اسان سڀني جو پاڻ ۾ سٺو ميل ميلاپ آهي، هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهيون، ننڍا وڏا سڀئي پنهنجو فرض پاليندا آهن، جيتري چاڙ ۽ پهچ آهي اوتري مهمان مسافر جي سيوا ڪندا آهيون، توهان سنت پرشن جي اچڻ جو شڀ سماچار ماتا جتري ٻائيءَ موڪليو هو، سماچار ٻڌي اسين ڏاڍو خوش ٿياسون، اسان کي ته توهان جي درشن جي چاهنا ٿي، توهان دلين جا مالڪ آهيو، توهان خود پاڻ هتي اسان جي ڳوٺ ۾ اچي درشن ڏيئي اسان کي نهال ڪيو، ان لاءِ

اسين سڀئي وڏ ڀاڳي آهيون، توهان جا درشن ڪري ساري سنگت تمام خوش ٿي آهي، اسين سڀئي توهان جا ٿوراڻتا آهيون، لائق ڪين هئاسون پر توهان ڪٿي لائق بڻايو آهي.

وڏ ڀڪ توهان امرلوڪ هلڻ لاءِ پڇيو، سو اي پربو! اسين هلڻ نه چاهيون ٿا، پر موه مايا ۾ ڦاٿلا پيا آهيون، سنت - مهاتمائون اچي جاڳائن ٿا، رستو ٻه ٻڌائن ٿا، پر ٻنهن جي گهٽتاين جي ڪري رستو ڀلجي وڃي ٿو، وري واپس موٽي ٿا اچون، هاڻي توهان مهاپرشن جي ڪرپا ٿيندي ته ضرور امرلوڪ هلنداسون. کير ن چارن ڪان پوءِ ست سنگ جي وقت جي سوچنا ڏني وئي ۽ پرساد ورهايو ويو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي، سوامي جن ۽ سڀئي سنت ڀهرن جو ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

سوامي جن شام جو باغ مان گهمي ڦري آيا، رات جو الين ٻجي ست سنگ شروع ٿيو، ڀهرين ڳوٺ جي پريمين پڇن ڳايا، پوءِ لالا وسندارام، سوامي جن جي سواڳت ۾ ٻه اکر ڳالهايا، ان بعد سنت گرمکداس مهراج ۽ سنت اوڌوداس مهراج پڇن - ڪيرتن ڪيو. ان ڪان پوءِ سوامي جن ست سنگ شروع ڪيو، ٽي ٻيرا اوم جو اچارڻ ڪري ڏهه گروه جي وندنا ڪئي، پوءِ سڀني ڪي پاتولي ماري وهڻ لاءِ ۽ من لڳائي ستسنگ

پـڌ ڪ لاءِ چيو. پنهن جي سٺ سنگ ۾ منش جـي مجبورين ۽ ڀالن جو ذڪر ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا، ته سنسار ۾ پنجن پرڪارن جا منش ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪڙا اهي آهن جيڪي ودالت جي وارثا، ڌرم سکيا ٻڌڻ ٿي لٽا چاهين، ٻيا اهي آهـــن، جيڪي ٻڌڻ ته چاهين ٿا، پر چون ٿـا ته سنسار جي ڏلڏي وهنوار ۽ ڪٿ پٽ کان ڇوٽڪارو ٿـــي ٽو ملي، ڇا ڪريون ڦاٿا پيا آهيون، پر جيڪڏهن ڏلو وچي ته سڄو سنسار ڪٽڪو آهي، ڪٽڪي کان ڪوئي منش خالي ڪين آهي.

شعر:- غريبون ڪو ڪٽڪا هئي، گدران ڪا،
شاهوڪارون ڪو ڪٽڪا هئي، چوران ڪا،
ڌرتي ڪو ڪٽڪا هئي، آسمان ڪا،
تو ملاح ڪو ڪٽڪا هئي، طوفان ڪا،
لڙڪون ڪو ڪٽڪا هئي، امتحان ڪا،
تو ٿاڻيدارون ڪو ڪٽڪا هئي، ڪپتان ڪا،
طبلچي ڪو ڪٽڪا هئي، تار مڪان ڪا،
تو گوئون ڪو ڪٽڪا هئي، راڳ تان ڪا،
برهمڻون ڪو ڪٽڪا هئي، ججمان ڪا،
تو پنڊتون ڪو ڪٽڪا هئي، پران ڪا،
موزاون ڪو ڪٽڪا هئي، مهمان ڪا،
تو آلسيون ڪو ڪٽڪا هئي، اشنان ڪا،

ڀوڳيون کو ڪٽڪا هئي، ڀوڳ ڏهان کا،
تو جگياسو کو ڪٽڪا هئي، آتم گيان کا،
سنتون کو ڪٽڪا هئي، مشيطان کا،
پر ڀڳوان کو ڀي ڪٽڪا هئي، سنتون کي اپمان کا.
ڪر وچار ٻُون ديکيا، ڪٽڪا سارا جهان هئي،
ڪٽڪي سي خالي هئي تو ڪوئي سنت سڄان هئي.

مٿين پدن جو ارٿ ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته هي سڄو سنسار ڪٽڪو آهي، جيڪڏهن ڪو ائين چوي ته هيءُ ڪٽڪو بند ٿي وڃي ته پوءِ ڀڄن ڪندس. سو ائين ته ڪڏهن به ٿي ڪين سگهندو.

درشٽانت:- هڪڙو پرڀوءَ جو پيارو گهوڙي تي چڙهي ڪٿي وڃي رهيو هو، ڪيس ڪجهه پري وڃڻو هو، گرميءَ جا ڏينهن هئا، ڪيس به اُڃ لڳي هئي ۽ گهوڙي کي به اُڃ لڳي هئي، سو، سوچيائين ته ڪٿي پاڻي ملي وڃي ته مان به پاڻي پيئان ۽ گهوڙي کي به پاڻي پياريان، ان خيال ڪــان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو ٿي ويو، ٿورو اڳيان رستي سان لڳو لڳ هڪ ٻڌي هئي، هاري نار هڪلي رهيو هو، پــاڻي ٽيسر مان وهي ٻڌيءَ ۾ وڃي رهيو هو، گهوڙي سوار پاڻي پيارڻ لاءِ گهوڙي کي ٽيسر طرف موڙيو، جهٽ ئي گهوڙي پاڻي پيئڻ لاءِ ٽيسر ۾ منهن وڌو ته ٺڪن ئي نار جو رنڊڪ ٻڌي گهوڙو ڇرڪ ڀري پوئتي هٽي

وڃو، گهوڙي سوار تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر گهوڙو واٽ هٽي ڇڏو. اهو ڏسي گهوڙي سوار خفي ٿي هاريءَ کي چيو ته ڀائي! ٿوري دير لار کي بند ڪر ته منهن جو گهوڙو پاڻي پي وٺي، اهو ٻڌي هاري ٿورو کلي ڪري چوڻ لڳو ته اڙي ڀلا آدمي! ٿورو ويچار ته ڪر، لار جو وهڻ بند ٿي ويندو ته پاڻي ڪٿان نڪرندو؟ جيڪڏهن گهوڙي کي پاڻي پيارڻو اٿيئي ته هن رهنڪت منجهان ئي پيار.

درشٽانت جو سدانت سمجهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته سنت شاستر ائين چون ٿا ته اي منهنجا پيارا! جيڪڏهن تون پنهن جي من روپي گهوڙي کي ڀڳتي-گيان روپي پاڻي پيارڻ چاهين ٿو ته سنسار جي هن وهنوار روپي رهنڪت منجهان پيار.

ٽيان منش اهي آهن، جيڪي ست سنگ ۾ اچن ٿا، ٻڌن ٿا پر سمجهي نٿا سگهن، ان ڪري ستسنگ ۾ ويهي وري وچ مان اٿي هليا وڃن ٿا، پر جن کي ست سنگ سمجهه ۾ آيو انهن راجائي سنگ ئي ڇڏي ڏنا.

چوٿان منش اهي آهن، جيڪي ستسنگ ٻڌن ۽ سمجهن به ٿا پر ڪري نٿا سگهن.

پنجان منش اهي آهن، جيڪي ست سنگ ۾ اچن ٿا، ٻڌن ٿا ۽ سمجهن ٿا، انهن وچن تي عمل

ڪري سنسار ساگر کان پار ٿي وڃن ٿا. ايتري ڪٿا ٻڌائي ست نام ساکيءَ جي ڌلي لڳائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي، سوامي جن ۽ سيٺي سنت ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا، اهڙيءَ طرح سوامي جن اٺ ڏينهن اتي رهي ست سنگ جو ديوان لڳايو، ان کان پوءِ سيٺي کان موڪلائي وڏي روجهاڻ ڳوٺ ۾ سنت ٻلرامداس مهراج جن وٽ ويا، اتي پڻ ست سنگ جي موج مچايائون، اتي ڪن (किन) ڳوٺ جو لالا رام شرڻداس ۽ ٺاڪرداس آيا، ۽ سوامي جن کي پنهن جي ڳوٺ هلڻ لاءِ عرض ڪرڻ لڳا. چوڻ لڳا ته اسان جو ڳوٺ درياه جي ڪناري تي آهي ۽ هتان بلڪل ويجهو آهي، ڪشور وڃڻ لاءِ به هيءُ رستو سولو آهي، ڪرپا ڪري اسان جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هلي درشن ڏيئي اسان کي نهال ڪريو، پنهن جا پوتر چرڻ گهمائي ڳوٺ کي پوتر ڪريو. اسان جي ڳوٺ کان ٻيڙي سڌي ڪشور ويندي آهي، توهان کي ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي، بلڪل آرام سان توهان ڪشور پهچي ويندا. وڌيڪ جيئن توهان جي آگيا هوندي ان موجب ڪنداسون. لالا رام شرڻ داس جو پريم ڏسي سوامي جن ڪيس بندوبست ڪرڻ جي آگيا ڏني. ٻيڙيءَ جي ڳالهه ٻڌي اتي ويٺل

مکي صاحب سوامي جن کي عرض ڪيو ته سائين!
اڄڙيءَ جو سڄو ڏينهن وسيت اسين ڪنداسون، پنڇاس
جا شهواڙاري ۽ اسين ته توهان سان گڏجي هلنداسون.
پروگرام ناهي، سڀني پوڄن ڪيو، ٿورو وقت
آرام ڪري سوامي جن، سنت، لالا وسنداڙام ۽
شهواڙاري ڊريڪ تي گهمڻ ويا، اتي ڊريڪ جي ڪناري
تي واري پٽل هئي، ٿورو گهمي سڀ اتي واريءَ تي
ويهي رهيا، پنڌ رهن منٽ کن سڀئي چپ چاپ ويٺا
رهيا، ان بعد سوامي جن چوڻ لڳا ته ڪنهن کي ڪا
شنڪا هجي ته پڇي! ان تي لالا وسندرام جن
چيو ته سائين! ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته پرٻرهم پرماتما،
نراڪار آهي، جيڪڏهن اهو نراڪار آهي ته ساڪار
ڪيئن بڻيو؟

❀ نراڪار سي ٻنا ساڪارا، تو ٻي ٻي نرآڪارا هئه،
اند ٻاهر سرو ڪي مالهين، نرگڻ سو نرڌارا هئه،
سم پرڪاشي سڀ سکه راسي، ساڪي سرجٽهارا هئه،
ڪهي نيئون وه روپ تمهارا،
ويد ڪهت يوُن چارا هئه.

سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ سوامي جن مٿيان پد
چيا. انهن جو ارٿ سمجهائيندي سوامي جن چيو ته
پرٻرهم پرماتما ساڪار هوندي به نراڪار، اسنگ،
نرگڻ ۽ اڌار تي آهي، اهو اڪي لهند و آهي اکي

ٻڌندو آهي، جيئن جو ڏيئن آهي، اهو ڏنهي ڪالن ۾ ڪڏهن به ڪين بدلبو آهي. جيئن منڊي، ڇير، ڪنگڻيون، ايرانگ، وغيره گهڻن ئي قسمن جا سون مان ٺهيل ڳهڻا، سون کان جدا ڪين آهن. سون جو روپ نه پر سون ئي آهن. ڪڏهن به حالت ۾ اهي سون کان الڳ ٿي ڪين سگهندا آهن. سڀني قسمن جا ڳهڻا سون ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن، سون ۾ ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، سون جي ڪري ئي انهن جي هستي رهندي آهي. آخر ۾ اهي ڳهڻا سڀ سون ۾ ئي سمائجي ويندا آهن. اهو ئي سون، ڪڏهن هار ٿو بڻجي، ڪڏهن ڪنگڻ ٿو بڻجي، ڪڏهن منڊي ٿو بڻجي، ڪڏهن ڪي نه ڪڏهن ڪجهه ٿو بڻجي، رڳو نالو ۽ رنگ روپ جي بدل سدل ٿيندي آهي، باقي سون ۾ ڪابه ڦير بدل ڪانه ٿيندي آهي.

श्रुति :- यतो वा इमानि भूतानि जायन्ते । येन
जातानि जीवन्ति । यत्प्रयन्त्यभिसंविशन्ति ।
तद्विजिज्ञासस्व । तद्ब्रह्मेति ।

شرڌيءَ جي پرماڻ سان وڌيڪ ڳالهه کي کوليندي سوامي جن چوڻ لڳا ته، شرڌي چوي ٿي ته جنهن منجهان سڀئي جيو (جڙ چيتن) پيدا ٿين ٿا، پيدا ٿي جنهن منجهه جيئرا رهن ٿا، وري جنهن منجهه ئي سمائجي وڃن ٿا، ان کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪر.

اهو ئي نرگڻ، نراڪار، پرٻرهم پرماتما آهي، اهو تون ئي آهين:

* ڀڄن راڳ جوڳ *

ٽل:- جنهن کي ڳولهين ڳولهڻ هار،
سو تون آهين سمجهه پيارا.

١- پاڻ پروڙج پاڻ پڙهي،
گر جو وچن وچارج ويهي.
اندر ڏسندين خود اسرار،
گم ٿي ويندءِ غير غبارا.

٢- ڏس تون پنهن جي صورت ناهي،
پولائي جو پڙدو لاهي.
قدرت جو تون هين ڪرتار،
آد پرس جا اهي اشارا.

٣- پاڻ ڇڏي ٻئي هنڌ جي ويندين،
سک نا ملندءِ موٽي ايندين.
پاڻ مٿان ئي ڪر اعتبار،
مٽجي ويندءِ ڪل مونجهارا.

٤- ڪهي ٽيئون سو خود تون آهين،
ٻئي پاسي ڏي ڇو ٿو ڪاهين.
اهم برهم جي ڪر گنڪار،
ارپڻ ٿي تون جڳت منجهارا.

مٿين ڀڄن جو ارٿ ٿوري ۾ سمجهائيندي

سوامي جن چوڻ لڳا ته جڏهن ڪي ٽون ڳولهين ٿو اهو ٻاهر ڪين آهي، تنهن جي اندر منجهه ئي آهي.

هڪ ٻڍڙي مائي ڪپڙن سبڻ لاءِ جيئن سئي ۾ ڌاڳو وجهي رهي هئي ته سندس هٿ مان سئي ڪري پئي، سج لهڻ وارو هو، گهر ۾ ٻتي روشني وغيره ڪانه هئي، مائي گهٽيءَ ۾ سئي ڳولهي پر اونده هئڻ ڪري سئي ڪين لڌي، جڏهن سئي ڪين لڌي تڏهن ٻڍڙي مائي خيال ڪيو ته هت اونده آهي ڇو نه اتي وڃي ڳولهيان جتي سوجهرو هجي، اهو خيال ڪري ٻاڙي ۾ هڪ سيٺ جي گهر ۾ وڃي سئي ڳولهڻ لڳي، سيٺاڻيءَ ٻڍڙي مائي کان پڇيو ته اَما! ڇا پئي ڳولهين؟ ٻڍي مائي چيو ته سئي ٿي ڳولهيان. تنهن تي سيٺاڻيءَ پڇيس ته سئي ڪٿي وڃائي اٿيئي؟ ٻڍيءَ مائي چيو ته سئي ته پنهنجي گهر ۾ وڃائي اٿم، پر جيئن ته اتي ٻتيءَ جو سوجهرو ڪين آهي ۽ اتي اونده آهي، تنهن ڪري هت سوجهري ۾ ڳولهڻ آئي آهيان. اهو ٻڌي سيٺاڻي ٿورو مشڪي ٻڍڙي مائي کي سمجهائي چيو ته اما! جتي سئي وڃائي اٿيئي اتي ڏيو ٻاري وڃي ڳولهه ته لڀي پوندي. مطلب سمجهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته سئي جتي گم ٿي آهي لڀندي به اتي. ٻئي هنڌ ڀلي هزارين سج ڇو نه چمڪن پر

سڀئي ڪڏهن به ڪين لهندي، ڇو ته سڀئي اڀري
آهي نه ڪاله، ته لهندي وري ڪٿان. پر جيڪي
سڀئي ڪم ٿي آهي انهي رڳو ڏيو ٻاري ڳولهڻ سان سڀئي
لڀجي پوندي. تنهن ڪري پنهنجي پاڻ کي ڳولهڻ
لاءِ پنهنجي اندر ۾ ئي جهاتي پائي ڏسو ته، جنهن
کي ٽون ڳولهين ٿو اهو لڀجي پوندو.

छन्द:- कोटि सूरज कोटि चन्दा खूब रोशन भी करे,
कोटि बिजली कोटि बतियां कोटि दीपक भी जरे।
कोटि पावक प्रलय की पुनि तेज पूरन भी करे,
कहत टेऊं ज्ञान के बिन उर अंधेरा ना टरे॥

پرم پرڪاش گرنٿ جو پرمان ڏيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ويد، پراڻ، اتهاس، رشي-مني، سنت-مهاتمائون ته گيان جا سورج آهن. انهي وچ ڳولهڻ سان ٽون پاڻ کي ڪڏهن به ڪين ڳولهي سگهندين. چاڪاڻ ته تو، پنهنجي پاڻ کي پاڻ ۾ ئي وڃايو آهي. تنهن ڪري ٻاهر سوجهري ۾ وڃي ڳولهڻ بدران تون، پنهنجي اندر ۾ گيان جو ڏيئو ٻاري ڳولهيندين ته پنهنجو پاڻ کي سولائي سان ڳولهي لهندين. سنت-مهاتمائون گيان جا سورج آهن، سندن وچن ڪرڻائون (چڻڪون) آهن. انهن ڪرڻائن (چڻڪن) مان رڳو هڪ ڪرڻ (چڻڪ) ڪٽي پنهنجي اندر جي ڏئي کي ٻار ته اونڌهه ناس ٿي ويندي؛

تون پنهنجي پاڻ کي سولائيءَ سان ڳولهي سگهندين.

اندر جي ڏئي ٻارڻ لاءِ هڪ ڪرڻ ئي ڪافي آهي. پر ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار روپي وڪارن ۽ شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گند وغيره وشين روپي واچوڙا، پنهنجي، پرائي، منهنجي، تنهنجي، مان، مان، ۽ تون، تون جا طوفان، هوس، هوس، هيس، هيچ، هٺ، هوڏ ۽ حسد جون هوائون، اهڙيون ته لڳيون ۽ تيز لڳن ٿيون جو، يا ته ڏئو ٻرندي ئي وسامجيو وڃي يا ته وري اچيو ٻاهه جو پٽيٽ ٻري. يا ته جهڪو ئي جلي خاڪ ٿيو وڃي يا ته ڪاري اونده ٿيو وڃي. اهڙي حالت ۾ پنهنجي پاڻ کي ڳولهڻ تمام مشڪل آهي. ڏئو ٻارڻ، ڪا ٻاراڻي راند ڪانه آهي. ڏئي ٻارڻ جي ته رمز سکڻ گهرجي. ڏياري ته تڏهن ٿيندي جڏهن تون پنهنجي گهر ۾ ڏيئا ٻاريندين. ٻيلي ٻاڙي وارن جي گهرن ۾ ڏيئا ڇو نه ٻرن، پر جيستائين تو پنهنجي گهر ۾ ڏيئا نه ٻاريا آهن تيستائين تولاءِ ڏياري ڪانه آهي. تون ئي نراڪار به آهين ته ساڪار به تون ئي آهين. رڳو پنهنجي اندر ۾ گيان جو ڏئو ٻاري پاڻ کي ڏس.

قسمين قسمين ڳهڻن ٺهي وڃڻ تي به سون جيئن جو تيئن رهندو آهي، ڳهڻن جي صورت بدلجندي

رهندي، ۽ سون ۾ ڪو به ادلاءُ ڪين ايندو آهي،
جيڪڏهن ڪنهن کان پڇجي ته هي مڙئي ڇاهي
آهي؟ ته هو جواب ڏيندو ته سون ئي آهي. ڇير
ڇاهي آهي؟ سون ئي. ڪنگڻيون ڇاجون آهن؟
سون جون. اير رنگ ڇاڇا آهن؟ سون جا، وغيره
وغيره. جيڪڏهن ڪو سون ئي مڙئيءَ کي سون
کان الڳ ڪرڻ چاهي ته ڇا ڪري سگهندو؟ اها
ته اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. ڪپهه مان ٺهيل خميس،
پتلون، ٽوپي وغيره ڪپڙا، لوهه مان ٺهيل ڪپ،
ڪاتيون، ڇريون، ترار وغيره هٿيار ۽ باسڻ، ڪاٺ
مان ٺهيل ٽيبل، ڪرسيون، پلنگ وغيره. مٽيءَ مان
ٺهيل مٽ، دلا، گهڙيون وغيره ٿانوَ. پٿر مان ٺهيل
مورتيون. اهي سڀئي شيون جنهن جنهن مان ٺهيون
آهن، اهي انهن کان ڪڏهن به الڳ ڪين ٿي
سگهنديون آهن. جيڪڏهن مڙئيءَ مان سون ڪڍيو
وڃي ته مڙئي ڪانه رهندي، جيڪڏهن خميس،
پتلون مان ڪپهه ڪڍي وڃي ته خميس پتلون ڪين
رهنديون، انهن سڀني شين کي سمجهڻ گهرجي. ٿالا ۽
مورتيون، اهي واڻيءَ جا وڪار آهن.

मन्त्र :- वाचारम्भणं विकारोनामधेयं, मृत्तकेत्येवसत्यम् ।
अतोऽन्यादार्तम् न तु तद्द्वितीयमस्ति ।।

ٿالي برهمان روپ هلندو آهي، ان ڪري جيترا

ٻ نالا آهن اهي سڀ واڻيءَ جو وڪار آهن، رڳو
مٽي ست آهي. جيڪو ست آهي اهو ئي نراڪار
آهي. مٽيءَ مان ٺهيل دلو اَست آهي. جيڪو اَست
آهي اهو ساڪار آهي، جيڪو نالي ۽ روپ جو آڌار
(آسرو) آهي اهو ئي ست آهي، ان کي ئي نراڪار
چون ٿا، ويدانت وشيه تي وچار ڪندي سوامي جن
چوڻ لڳا ته چار ويد ارڙهن پران سڀ ڌرم شاستر
ٻار ٻار پڪاري چون ٿا ته اهو نراڪار برهم تون ئي
آهين. اهو برهم تنهن جو اصلي روپ آهي. حالانڪ
ويدن شاسترن جا واڪ سچا آهن، تڏهن به اوستاءَ
پهچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جيڪو ويد وچن کي ياد
ڪري ٿو، اهو ته رڳو آواز ٿائين پهتو آهي.

اسان سون کي به ڏٺو آهي ۽ منڊيءَ کي به ڏٺو
آهي، ڪپهه کي به ڏٺو آهي ته ڪپڙي کي به ڏٺو
آهي، مٽيءَ کي به ڏٺو آهي ته دلي کي به ڏٺو آهي،
ڪاٺ کي به ڏٺو آهي ته ڪرسيءَ کي به ڏٺو آهي.
ڪارڻ ۽ ڪاريه ٻنهي کي ڏٺو آهي ان ڪري ٻاهرين
مثالن کي سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو. منڊي،
دلو، ڪپڙو وغيره هڪ هڪ تتو مان ٺهيل آهن،
ان ڪري سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس ڪانه ٿي
ٿئي. پر هيءَ شرير ته پنجن تتن جو ٺهيل آهي، پنجن
تتن کي ملائي ڪري شرير ٺاهيو ويو آهي، ان ڪري

ٻنهج ٻُوس (ٽنڌو) ظاهر ڏسڻ ۾ ڪين ٿا اچن، الڳ الڳ ڏسڻ ۾ نه اچڻ ڪري نراڪار مان ساڪار ڪيئن ٿيو، اها ڳنڍي نه اٿي ڪلي.

وڻ ڪارڻ آهي ڪاٺي ڪارج آهي. ڪاٺي ڪارڻ آهي، ڪرسي ڪارج آهي، سون ڪارڻ آهي ۽ منڊي ڪارج آهي، اهي ڪارڻ ۽ ڪارج ٻئي اڳيان آهن، ان ڪري سولائي سان سمجهه ۾ اچي ٿا، پر پرڀو مها پُرش جو ڪارڻ جيڪو برهم آهي، اهو رڳو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، ڏسڻ ۾ ڪين ٿو اچي. جيڪي پنج مها ڀوت آهن، جن مان شرير ٺهيو آهي، اهي پڻ هن شرير کان الڳ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، هن شرير سان ميل نٿا کائين، ان ڪري ساڪار نراڪار کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، برهم جو پورڻ گيان نه هجڻ جي حالت ۾، نراڪار مان ساڪار ڪيئن ٿيو، اها شنڪا پيدا ٿئي ٿي. پر جن کي برهم جو پورڻ گيان آهي، انهن جو چوڻ آهي ته اهو اَبول، اَڪريه، نرگڻ، نراڪار برهم ئي سگڻ ساڪار ٿيو آهي، مطلب ته نراڪار ۽ ساڪار ۾ ڪوبه فرق ڪين آهي.

تنهن تي ماتا چتري ٻائي سوال پڇيو ته سائين! جيڪڏهن برهم اَبول ۽ اڪريه آهي ته گهمڻ-ڦرڻ، کائڻ-ڳالهائڻ، ٻڌڻ-ڏسڻ وغيره سڀئي ڪرياڻون

ڪڏهن ۾ ٿين ٿيون؟ اهو ٻڌي سوامي جن فرمايو ته،
انتهه کرڻ، آڀاس ۽ الد ريون، انهن جي ميلاپ سان
سڀئي کرياڻون ٿين ٿيون، تڏهن ڀي ڀائي کنور رام
صاحب جن جي شش ڀائي گوبند رام ٻڌائيءَ واري
سوال پڇيو ته ٻڌون! انتهه کرڻ، آڀاس ۽ الد ريون
ته جڙ آهن، انهن کي هلائڻ وارو ڪير آهي؟ اهو
ٻڌي سوامي جن اُن کان پڇيو ته اهو سوال پڇڻ وارو
ڪير آهي؟ ڀائي گوبند رام چيو ته سائين! "مان"
پڇڻ وارو آهيان. ان تي سوامي جن مشڪي چيو ته
اهو "مان" ئي هلائڻ وارو آهي، "مان" "مان"
نراڪار به آهي ته ساڪار به آهي. اهو ٻڌي ڪري
سڀ پريمي ڏاڍو خوش ٿيا، ايتري روح رهاڻ ڪري
سڀئي سوامي جن سان گڏ جي جڳهه تي آيا. ايتري
۾ ست سنگ جو وقت به اچي پريو هو. ٿورو جل پان
ڪري سوامي جن ست سنگ ۾ آيا. گرو مهراج جن
جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري سوامي جن ۽ سڀئي
سنت آسڻن تي ويٺا. پهرين ڀائي گوبند رام ۽ مالا
چتري ڀائيءَ ڪيرتن ڪيو. ان کان پوءِ سنت گرمکداس
مهراج ۽ سنت اوڌوداس مهراج جن ست سنگ ڪيو.
تڏهن کان پوءِ سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اچارڻ ڪري
دهو گرو وندنا ڪري ست سنگ شروع ڪيو. ساري
سنگت کي ڀاڳولي ماري وهڻ لاءِ هڪ چتو ٿي

جهنگلي، گنوار ڳوٺاڻن سان گڏ جهنگ، جهر ۽ جبلن ۾ رلڻ - پنڻ چڱو آهي، پر مورکن سان گڏ سرڳ ۾ به رهڻ چڱو ڪين آهي. هٿ ۾ لڪر جو ٻــرڻ ڪٺي چنڊالن جي گهرن مان لکر پني ڪاڻڻ سٺو آهي، پر مورکن جو غلام ٿي رهڻ چڱو ڪين آهي.

مورکن جي بابت ۾ شاسترن جا پرمــاڻ ڏيئي سوامي جن فرمايــو ته هڪ شهــر ۾ هڪڙا ٻه سيٺيون رهندا هئا. جن مان هڪڙو هو گيانلي ۽ ٻيو هو مورک. قــدرت سان ٻنهي جي پاڻ ۾ پکي دوستــي ٿي وئي. گيانلي گهٽـوان سيٺ کي چار پٽ هئا، جيڪي سياڻا، سمجهو، لهڻا، لائق ۽ چٽيوان هئا. مورک سيٺ کي به ٻــه پٽ هئا، پر آهي به ٻنهن جي پيءُ وانگر مورک هئا. "جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا." گيانلي سيٺ ٻنهن جي مورک سيٺ جون اٿيون سٺيون ۽ واهيات ڳالهيون ٻڌي ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿي پيو هو، پر ڇا ڪري، دوستيءَ جو ناتو نڀائيندو رهيو.

ڀڳوان جي قدرت! هڪ ڏينهن اوچتو گيانلي سيٺ جو منگهارام نالي وڏو پٽ، گذاري ويو. اهو سماچار پنڊتائي ٿهليو (شيواداري) ڳوٺ جي سيني ماڻهن کي پهتائي آيو. مورک سيٺ کي ٻنهن جــي دوست جي پٽ جي چالاڻي جو ٻـڌي تمام گهڻو دک ٿيو. ٻنهن جي پٽ کي سڏ ڪري، ڪيس، ٻنهنجي دوست

جي پٽ جي چالاڪي جو ٻڌائي ڇڏيو ته آها! جيئن ته موکي ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ٻاهر وڃڻو ٿو پوي، ان ڪري تون وڃي سيٺ کي پرچائي ڏيئي اچجانءِ، مان وري رات جو ويندس. اهو ٻڌي ڇوڪر پڇيو ته بابا! پرچائي ڇاکي چئبو آهي؟ موکي ته ڪاٿه خبر ڪانه آهي. اهو ٻڌي پيءُ چوڻ لڳس ته ڇورا، هيڏو وڏو ٿيو آهين، پر ڪجهه به ڪين سکيو آهين، مورکه! توکي اها به خبر ڪانه آهي، باقي تون ڇا ڪندين. موکي ايترو وقت ڪونه آهي جو توکي سڀ سمجهايان. ڇڱو عقل جا دشمن ٻڌ! پرچائي ڪرڻ لاءِ، اچي ٻيا به گهڻيئي ماڻهو ايندا، جيئن اهي چون تيئن تون به ڪجي ڇڏجانءِ. ڇڱو هاڻي جلدي وڃ. دير ٿي وئي آهي. ڇوڪر کي ائين سمجهائي مورکه سيٺ هليو ويو.

هيڏانهن سنڌس ڇوڪر اچي ويو، اچي ٻيا ماڻهو به اچي ويندا هئا. هي به اچي وڃي ويهي رهيو؟ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته پرچائيءَ بابت ڪو ڳالهه ٻولهه ڪري ته مان ٻڌي ياد ڪريان؟ پوءِ سيٺ کي پرچائي ڏيان. انهيءَ خيال ۾ هو ته ايتري ۾ سنڌس پاسي ۾ ويٺل ٻن ڄڻن ماڻهن (جن جو مڪ گهارام سان واپار ورونڊ هو.) پاڻ ۾ سس ڦس شروع ڪئي. ڇوڪرو ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو. اهي پاڻ ۾ ائين

چئي رهيا هئا ته منگهارام وڏو حرامي هو، لڇو لفنگو
هو، پاڄي بدمعاش هو، مئو ته پاڻ چڱو ٿيو. ڇوٽ
ٿان بار هلڪو ٿيو. ڇوڪري کي ته اڳي ئي پيءُ
سمجهائي ڇڏيو هو ته جيئن پيا پرچاڻي ڏيڻ ايئن
تون به چئجانء. ڇوڪري کي پڪ ٿي ته اها پرچاڻي
آهي، سو ڪٺي ياد ڪيائين.

هاڻي سيئي ماڻهو سيٺ کي پرچاڻي ڏيڻ لڳا،
جڏهن ڇوڪري جو وارو آيو، تڏهن ڇوڪرو سيٺ
جي پاسي ۾ ويهي سيٺ کي چوڻ لڳو ته مان فلاڻي
جو پٽ آهيان، بابا کي ڪنهن ضروري ڪم سان
باهر وڃڻو هو، تنهن ڪري پرچاڻيءَ ڪرڻ لاءِ مونکي
موڪليو اٿس. سيٺ صاحب! توهان جو پٽ گذر
ڪري ويو، ڀڳوان ڏاڍو سٺو ڪيو، ڏاڍو لڇو لفنگو
هو، سڀ ڇوٽ اُن مان بيزار هو. ڇوٽ ٿسان پاڻ
ملامت لٿي. تمام سٺو ٿيو. توهان خيال نه ڪريو.
ڀڳوان جي ڪئي تي راضي رهو.

❁ ڌيرج ڌرم مترا ر ناري، آپد ڪال پرکئي چاري.

ڌيرج، ڌرم، دوست ۽ استري انهن چئني جي
پرکيا مصيبت جي وقت ۾ ٿيندي آهي. پٽ جي
ڪري سيٺ اڳ ۾ ئي دکي هو، وري جو پنهنجي
دوست جي پٽ جا ڪڙا اڻ سهائيندڙ ۽ چڀندڙ
اکر پڌائين، سو، سيٺ ڏاڍو دکي ٿيو، پر چاڪري،

زهر جو ڍڪ ڀري ڪري ماٺ ڪيائين.

سڀئي ماڻهو ٻرچاڻي ڏيئي گهر ويا، ڇوڪرو به گهر آيو. شام جو مورک سيٺ به موٽي گهر آيو. ڇوڪري کان پڇيائين ته ڪيئن ابا! ٻرچاڻي ڏيئي آئين؟ ڇوڪري چيو ته توهان جي آگيا موجب، جيئن ٻين ٿي ٻرچاڻي ڏني تيئن مون به ڏني. پٽس پڇيس ته ٻين ڇا ٿي چيو. ڇوڪر چيو ته ٻين ٿي چيو ته مکيهارام ڏاڍو لچو لفنگو ٿي پيو هو، مئو ته پاڻ سٺو ٿيو، گهوٽ کان بار لٿو، ڀڳوان تمام سٺو ڪيو توهين خيال نه ڪريو. ڇوڪر جا اهي اکر ٻڌي مورک سيٺ پنهنجي پٽ تي ڏمرجي چيس ته نالائق، هي تون ڇا ڪري آيو آهين. تون ته ڪو صفا بيوقوف آهين. مهامورک! ذرو به عقل ڪين سکيو آهين. ٻرچاڻي نه ٻرچاڻيءَ جي ماءُ ٿي، پر تون الٽو منهنجي دوست جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي آيو آهين. چڱو هاڻي تون منهنجي اکين اڳيان، وڃي ڏور ٿيءُ. مان پاڻ رات جو ويندس ٻرچاڻي به ڏيندس ۽ معافي به وٺي ايندس، رات جو مورک سيٺ پنهنجي دوست جي گهر ويو. سيٺ کي چوڻ لڳو ته منهنجو پٽ توهان کي ٻرچاڻيءَ بدران اڻ سهائيندڙ ۽ چڀندڙ اکر ڳالهائي ويو آهي. تنهن لاءِ مان ڏاڍو شرمسار آهيان، منهنجي پٽ جيڪو ڏوهه ڪيو آهي، ان لاءِ توهان کان معافي ٿو گهران،

مهرباني ڪري موٽڪي معافي ڏيو. منهنجي بيوقوف پٽ جو چئو چوائيو دل ۾ نه ڪجو. سيٺ کي دلداري ڏيندي موڪه سيٺ کيس چئو ته توهان ڪو به خيال نه ڪريو، هن کان پوءِ توهان جو جيڪو به پٽ ڄمندو ته پرڇاٽي ڏيڻ لاءِ مان پاڻ ٿي ايندس، پنهنجي موڪه پٽ کي ڪڏهن به ڪين موڪليندس. گيالي سيٺ پنهنجي موڪه دوست جا اکر ٻڌي مات ۾ پئجي ويو. دوست کي ڪهڙو جواب ڏي. دل جا سور دل ۾. مٽي به مات ته مٽي به مات. اِهي آهن موڪه ماڻهن جا حال. موڪه ماڻهو اڳو پٺو ڪڏهن به ڪين جاچيندا آهن. جيڪو ايندو اُٿن اهو ڪندا رهندا آهن. اهو آهي موڪه ۽ گيالي جي وچ ۾ تفاوت. ان ڪري موڪه جو سنگ ڪڏهن به ڪين ڪرڻ گهرجي.

श्लोक:- येषां त्रीण्यवदातानि विद्या योनिश्च कर्म च ।
ते सेव्यास्तैः समास्या हि शास्त्रेभ्योऽपि गरीयसी ।।

مهاڀارت ۾ چيل آهي ته اُن منش جو سنگ ڪجي جنهن جي وديا، گهراڻو (ڪل) ۽ ڪرم ٽنهي شُڌ پوتر هجن. اُن منش جو سنگ ۽ سيوا شاسترن کان به وڌيڪ لاڀدائڪ آهي. وديا يا گيان شُڌ آهي يا اَشُڌ، ڪل يا گهراڻو شُڌ آهي يا اَشُڌ، ڪرم شُڌ آهي يا اَشُڌ. اهڙي منش کي ڪيئن سڃاڻجي؟ جنهن

منش جا وديا، ڪل ۽ ڪرم ٽيئي شڌ آهن، اُن کي
شرڌالو، پريمي، لوڀي، لالچي، ٺڳ، خوشامند ڙيو،
پر مترڙيو ۽ اگياني وغيره کين سچائي سکيندا، پر
اهو سچائي سکيندو جيڪو ڌرم شاستر پڙهيل ۽
بي ٺ پـو هوندو، اُن منش کي نڪي پنهن جن اکين
سان، نڪي پراين اکين سان، پر ڀڳوان جي اکين سان
سچائي سکڻي ڏو، ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شري
ڪرشڻ جون اکيون آهن شاستر.

مثلا، ڪو وڏو واپاري آهي، جنهن جون ولائت
۾ به ڪونيون ڪارخانا آهن، جنهن کي سواريءَ لاءِ
موٽر ڪارون ۽ هوائي جهاز آهن، رهڻ لاءِ محل ماڙيون
آهن، سيوا لاءِ نوڪر چاڪر آهن، بي اندازمال-
ملڪيت آهي، وڏن ماڻهن تاءِ جنهن جي
هلندي پڄندي آهي، ان جو اهو مطلب ڪونه آهي
ته اُن جو گهراڻو به شڌ هوندو.

مثلا، ڪو ماڻهو سنسڪرت، انگريزي پڙهيل
آهي، ٻيون ٻوليون به ڄاڻندڙ آهي، ليکڪ آهي،
ڳائيندڙ، وڄائيندڙ ۽ ڪٿا ڪندڙ آهي، مٺو ڳالهائيندڙ
آهي، ويدانتي آهي، هلت-چلت به پنهن جن جهڙي اُتس،
ان جو مطلب اهو ڪين آهي، ته اُن جي وديا شڌ آهي.

श्लोक:- अधीत्य वेद शास्त्राणि संसारे रागिणश्च ये ।
तेभ्य: परो न मूर्खोऽस्ति सधर्मा: श्वाश्वसूकरै:।।

ويد شاستر پڙهڻ لکڻ کان پوءِ به جڏهن جو من دنيا جي سکن - ڀوڳن، پدارٿن کي گڏ ڪرڻ، مايا ميڙڻ ۾ لڳو پيو آهي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪوئي به مورک ڪونه هوندو، ديوي ڀاڳوت ۾ ٻيا شاستر چون ٿا ته مورک منش گهوڙي، سوئر ۽ ڪتي جي برابر آهي. مورک منش ۽ گهوڙي، سوئر ۽ ڪتي ۾ ڪوبه تفاوت ڪين آهي. مطلب ته ودیا (گيان) ته ڪير به حاصل ڪري سگهي ٿو، پر شڌ آهي يا اشڌ، اها ئي ڳالهه آهي.

مثلا، ڪو منش ڪاٺ جا يا سادا ڪپڙا پائي ٿو، ساد و سود و ڀوڄن کائي ٿو يا ڏڪو ڪير يا ڦل آهار ڪري ٿو، شراب، ماس مڇي نه ٿو کائي ٿو نه پيئي ٿو، نشيدار شيون به ڪين ورتائي ٿو، يگيه، دان - پڄ ڪري ٿو، ورت نيم رکي ٿو، تيرٿ، سنان ڪري ٿو، پر اپڪار وغيره شڀ ڪرم ڪري ٿو، ان جو اهو مطلب ڪين آهي ته ان جا اهي ڪرم شڌ آهن.

ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن چوڻ لڳا ته يگيه دان پڄ وغيره جيترا به شڀ ڪرم آهن، اهي سڀ پنهنجي پران لئه ٿي سگهن، ودیا حاصل ڪرڻ لاءِ ته گهٽو ڪري پنهنجو گهر جي. ڪل ليا

گهراڻي جو ٽالو ٿي، گهڻو ڪري ڀڳتيءَ جي ڪري روشن ٿيندو آهي.

श्लोक:- यस्यास्ति वित्तं स नरः कुलीनः,
स पण्डितः स श्रुतवान् गुणज्ञः।
स एव वक्ता स च दर्शनीयः,
सर्वे गुणाः काञ्चनमाश्रयन्ति ॥

آزمودگارن لکيو آهي ته جنهن وٽ ڌن آهي، اهوئي اتم ڪل وارو آهي. اهوئي پنڊت - ودوان آهي. اهوئي ويدن - شاسترن جو ڄاڻو آهي. اهوئي ڪٿڪ (ڪٿا واچڪ) آهي. اهوئي درشن ڪرڻ جي لائق آهي. مطلب ته سڀئي گڻ ڌن جي آسري ٿي رهن ٿا. ڌنوان ئي گڻوان آهي ۽ نرڌن گڻ هين (مورکه) آهي.

श्लोक:- सर्वेषामेव शौचानामर्थशौचं परं स्मृतम् ।
योऽर्थेशुचिर्हि स शुचिर्नमृद्वारिशुचिः शुचिः॥

ڌرم ڪي ڄاڻڻ وارا ۽ شاستر چون ٿا ته سنسار ۾ جيڪي به پوتر شيون آهن، انهن سڀني کان ”ڌن“ جي پوترتا (شڌي) وڌيڪ اتم آهي. ”ڌن“ پوتر پگهر جي پورهئي، سچ جي ڪمائي جو آهي ته سڀ شڀ ڪرم پوتر آهن، سڦل آهن. پر جيڪڏهن ”ڌن“ اپوتر (اشڌ) آهي، مطلب ته جيڪو پيسو ڪوڙ ڪپٽ ڪري ۽ ڌاڙي ۾ هيرا ڦيري ڪري

گل ڪيو وڃي ٿو، يا جيڪو پئسو غريبن، اپوجهن ۽
گگدامن کي پهچي گل ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي ڪارو
ناڻو يا ٻئي اهڙي جو ناڻو چئبو ويندو آهي. اهو پئسو
(ڌن) اپوتر (اشد) آهي. اُن پئسي مان جيڪو
به شڀ ڪرم ڪيو ويندو آهي، اهو سڀ نسڦل ٿي
ويندو آهي. اهڙي وقت ۾ ان مان خراب نتيجا به
نڪري سگهن ٿا. جيئن پاڻي ملي صاف ڪيا ويندا
آهن، ڪپڙا ڌوئي صاف ڪيا ويندا آهن، ٻهاري
پائي گهر صاف ڪيو ويندو آهي. ائين ڌن کي به
ڌوئي صاف ڪيو ويندو آهي. ڌوئي صاف ڪيل ڌن
کي ئي شد - پوتر ڌن چئبو ويندو آهي. انهن ڪري
سڀني شاسترن پگهر جي ڪمائي، سچ جي ڪمائي
تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي.

پگهر جي ڪمائي بابت هڪ ڪٿا ٻڌائيندي
سوامي جن چوڻ لڳا ته پراڻي زماني جي ڳالهه آهي
هڪ شهر ۾ هڪ ڌرماتما راجا راج ڪندو هو، اُن
جي راڄ ۾ هڪ غريب براهمڻ به رهندو هو. اُن کي
هڪ ڪنيا هئي جيڪا وواهه جي لائق ٿي وئي هئي.
براهمڻيءَ جي صلاح سان اهو براهمڻ ڪنيا جي وواهه
لاءِ ڌن گهرڻ لاءِ راجا وٽ لنگهي ويو. راجا براهمڻ
جو سواگت ستڪار ڪيو ۽ اُن کان اچڻ جو ڪارڻ
پڇيو. براهمڻ فرمايو ته مان پنهنجي ڪنيا لاءِ ڌن

گھرڻ آيو آھيان. براھمڻ جي ڳالھ ٻڌي راجا کيس ڏھ ھزار رپيا ڏيارايا. براھمڻ چيو تہ راجن! اھي رپيا تہ ٿورا آھن. تڏھن ٻي راجا براھمڻ کي پيا ٻہ ڏھ ھزار رپيا ڏيارايا. تڏھن بہ براھمڻ چيو تہ راجن! رپيا تہ تمام ٿورا آھن. آخر ۾ راجا پنھنجو سڄو راڄ براھمڻ کي ڏيڻ لڳو. تڏھن بہ براھمڻ ساڳيو جواب ڏيندي چيو تہ راجن! اھو ڌن تہ بلڪل ٿورو آھي.

آخر ۾ راجا، لاچار ٿي براھمڻ کي چيو تہ ھي براھمڻ ديوتا! توھان ڌن ۽ راڄ بہ نتا وٺڻ چاھيو. پوءِ توھان ڇا ٿا گھرڻ چاھيو. آخر توھان کي ڇا گھرجي! تڏھن ٻي براھمڻ، راجا کي چيو تہ راجن! مونکي، توھان جي پگھر جي پورھيي جي ڪمائيءَ جو پوتر (شڌ) ڌن گھرجي. اھو ڀلي ٿورو ھجي پر مونکي اھو ڌن گھرجي.

श्लोकः- अकृत्वा परसंतापमगत्वा खलमन्दिरम् ।
अनुल्लङ्घ्य सतां मार्गं यत् स्वल्पमपि तद्बहु ॥

شاستر چون ٿا تہ، ڪنھن بہ منش کي ستائڻ، پيڙا پھچائڻ بدران، مورکن، ڪنجوسن، گھمنڊي، اھنڪاري، ايماني ماڻھن وٽ وڃڻ بدران ۽ ست پرشن ست شاسترن جي وچن (مريادائن) کي اورلنگھڻ بدران جيڪي ڪجھ ملي وڃي، پلي، اھو ٿورو ڇو نہ ھجي پر اُن کي تمام گھڻو، اڪت ۽ اڻ موسمجھڻ گھرجي.

برهمڻ ديوتا جا وچن ٻڌي راجا ٿوري دير سوچ ويچار ڪري برهمڻ ديوتا کي چيو ته هي برهمڻ ديوتا! جيڪو ڌن توهين گهرو ٿا، اهڙي قسم جو ڌن مان، توهان کي سڀاڻي ڏيئي سگهندس.

راجا ويس بدلائي رات جو شهر ۾ گهمڻ لڳو. راجا ڏٺو ته سڄو شهر بند آهي، باقي هڪڙو لوهار جو دوڪان کليو پيو آهي. لوهار پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. راجا، لوهار وٽ وڃي کيس چيو ته هي ڀائي! مان، تمام غريب آدمي آهيان، جيڪڏهن توهان وٽ ڪو ڪم ڪار هجي ته مهرباني ڪري ٻڌايو ته اهو ڪريان. چار پيسا ڪمائي پنهنجو گذران ڪريان. تنهن تي لوهار، اُن آدميءَ کي چيو ته مونوٽ ته هيءُ لوهه ڪٽڻ جو ڪم آهي. جيڪڏهن صبح تائين هيءُ ڪم پورو ڪندين ته توکي چار پئسا ڏيندس. لوهار جي ڳالهه ٻڌي راجا چيو ته چڱو. راجا سڄي رات محنت ڪري صبح تائين اهو سڄو ڪم پورو ڪيو. لوهار کيس چار پئسا ڏنا. ٻئي ڏينهن برهمڻ ديوتا راجا وٽ ڌن گهرڻ لاءِ آيو. راجا، برهمڻ کي چار پئسا ڪڍي ڏنا. برهمڻ ديوتا ته راڄ ڀاڳ سڀ ڇڏي، چار پئسا وٺي خوش ٿيندو گهر آيو. گهر اچڻ تي برهمڻ کان سندس استريءَ پڇيو ته راجا کان ڌن وٺي آيا؟ برهمڻ، چار پئسا ڪڍي

اسٽريءَ کي ڏيکاري چيو تہ هي چار پئسا وٺي آيو
آهيان. اهو ٻڌي، براهمڻي غصي ۾ ڀرجي وئي،
ڪاوڙ مان براهمڻ جي هٿن مان چار پئسا ڦري ڌرتيءَ
تي اڱڻ ۾ ڪٿي ڦٽا ڪيا. ٻئي ڏينهن صبح جو
براهمڻ ۽ براهمڻي اٿي ڏسن تہ اڱڻ ۾ چار وڻ ڄاوا
بيٺا آهن، انهن وڻن ۾ هيرا جواهر ڦلن وانگر پيا
لٽڪن. براهمڻ ۽ براهمڻي اهو عجب اسرار ڏسي
حيرت ۾ پئجي ويا. اُن ڏن مان ڌامر ڌوم سان ڪنيا
جو وواهہ ڪري، براهمڻ هڪ وڏو شاهوڪار ٿئجي
پيو. اهو سماچار ٻڌي ۽ وڻ ڏسي سڄو شهر دنگ
رهجي ويو. سماچار ٻڌي راجا پڻ وڻ ڏسڻ براهمڻ
جي گهر آيو. سڄي ڳالهہ راجا کي ٻڌائي براهمڻ چيو
تہ راجن! هيءَ سڀ توهان جي پگهر جي پورهئي
جي ڇهن پئسن جو چمتڪار آهي. انهن ڇهني آهي
چار ئي وڻ پاڙئون پٽي آهي چار پئسا ڪڍي راجا
کي ڏيکاريا براهمڻ چيو تہ ان ڪري ئي مون، توهان
کان، توهان جو راج پاٽ ڇڏي پگهر جي پورهئي جو
ڌن گهريو هو. راجن! سچ جي ڪمائيءَ ۽ پگهر جي
پورهئي جو پئسو ٻاهران ضرور ٿورو ڏسڻ ۾ ايندو
آهي، پر پوءِ منش کي تمام سکي ۽ وڏو شاهوڪار
بڻائي ڇڏيندو آهي. پگهر جي پورهئي جي پئسي ۾
جيڪا برڪت ٿيندي آهي، اُن جي برابري ڪروڙ-

ڪپٽ سان ڪمايل ڪروڙن رپيا به ائين ڪري سگھن.
اهڙي ڪٿا ٻڌائي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن
سنت سنگم سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي
گھر وئي، سوامي جن، سنت ۽ مهمان ڀوڄن ڪري
آرامي ٿيا.

رٿيل پروگرام موجب سوامي جن تياري ڪرڻ لڳا،
ڳوٺ جا ڀرمي به اچي گڏ ٿيا، سوامي جن سنت
ٻلرام داس مهراج جن کان موڪلائي سنتن ۽ ڀرمين
شيواداريُن سان گڏ جي ڳائيندا وڄائيندا پيدل درياه-
شاه ٿي آيا، ٿورو وقت اڳي درياه جي ڪناري تي
ڪيرڻ ڪيائون، ٻيڙيءَ جو بندوبست پهرين ڪيو ويو
هو، سوامي جن، سڀئي سنت، مهمان ۽ شيواداري
جملي چاليهه کن ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا. سوامي جن
کي وڇوڙي سي ڳوٺاڻا ماڻهو ڏاڍو اداس ٿي پيا، آشا ڀريل
نگھائن سان سوامي جن ڏانهن نهارڻ لڳا، پرارٿنا ڪري
چوڻ لڳا ته سائين! توهين وڃي ته رهيا آهيو پر
وري اسان غريبن کي جلدي درشن ڪرائجو، اسان
کي وساري نه ڇڏجو، اهڙي ۾ مهاڻي (ملاح) ٻيڙي
هوڙي، سڀني ڀرمين جئه جئه ڪار مچائي، سڀني
هٿ جوڙي پرڻام ڪيو، سوامي جن هٿ مٿي ڪري
سڀني کي آسيس ڏني، سوامي جن ۽ سڀني سنتن
پڻ ستگرو مهراج جن جي جئه ڪار مچائي، ملاح کي

ڇپائون نہ هاڻي ٻيڙي هلاءِ. آگيا پائي ملاح ٻيڙي
هلائڻ شروع ڪئي. جيستائين ٻيڙي ڍنڍ ۾ پئي آئي
تيستائين ڳوناٽا پيتا رهيا، تنهن کان پوءِ سڀئي موٽي
گهر ويا.

هيڏانهن ٻيڙي نہ ٻاڙن جو بوجهو کڻي درياهہ
جي ڇڇول لهرن کي چيريندي اڳتي منزل ڏانهن
وڌڻ لڳي، ساوڻ جو مست مهينو هو پاڻي تمام چڙهيل
هو، وهڪري ۾ ڏاڍي تکي اچي وئي هئي، درياهہ
جي پاڻيءَ جو ان وقت جو نظارو ڍنڍ وانگر هو، لهر
سان لهر، ڇوليءَ سان ڇولي، ٻوڪڙي سان ٻوڪڙو،
ڪن(कुन)سان ڪن، چڪر سان چڪر، هڪ ٻئي سان
ٽڪر هڻي ڦيڻ (گجي) پيدا ڪري رهيا هئا. ملاح
تمام سياڻو هو، درياهہ جي لهرن لوڏن مان چڱي طرح
واقف هو، سو ٻيڙيءَ کي تکي وهڪري، لهرن لوڏن
۽ ڪنن کان بچائيندو، ٻيڙي ڪاهيندو هليو، اٽڪل
پهرن جو ٻيڙي اچي ڪن(किन) ڳوٺ ۾ پهتي، ڳوٺ وارن
کي پهرين سوچنا موڪلي وئي هئي، سو اهي دهل
شرنائيءَ وارن کي وٺي پهريائين ئي درياهہ جي ڪناري
تي پهچي ويا هئا، سوامي جن جي اچڻ جو انتظار
ڪري رهيا هئا، ٻيڙي نہ سگهہ سان ڪناري تي پهچي
وئي، پر گهاٽ ٺيڪ لهڻ ڪين هو، ملاح جيئن تيئن
ڪري ٻيڙي ڪناري سان ٻڌي. هڪڙي پاسي

پاڻي ۾ ٻوڙ ڪن ٿو ۽ اُتي پاسي پاڻي تمام اونهو هو، ٻيڙيءَ تي تختا رکي سڀئي هري هري ڪري لهڻ لڳا، سوامي جن ۽ سڀئي ماڻهو ٻيڙيءَ مان لهي ڪناري تي پهتا، سوامي جن جي سواگت ۾ دهل شرنايون وڄڻ لڳيون، ڪي ڳائڻ لڳا، ڪي سنان ڪرڻ لڳا، انهن ۾ هڪڙو ڇوڪرو اٽڪل ٻارهن سالن جو هو، سندس نالو نند لال هو، اهو به سنان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، ڇوڪرو اَڻ ڄاڻ هو، ڪيس نديءَ وڏي پاڻيءَ جي ڄاڻ ڪانه هئي، سو اُن، جنهن طرف اُونهو پاڻي هو، اُن طرف ڪُٽي ٽپو ڏنو، هڪ ته پاڻي اُونهو هو، ٻيو اتي ڪن هو، ٽيون ڇوڪرو اَڻ تارو هو، سو ٽپو ڏيندي ئي ڪن ۾ هليو ويو، ڇوڪري کي ٻُڏندو ڏسي سندس ماءُ پيءُ روئڻ ۽ دانهون ڪرڻ لڳا، رنگ ۾ ڀنگ پئجي ويو، دهل شرنايون بند ٿي ويون، لالا وسندارام ۽ ماتا چتري ٻائي سوامي جن کي حادثي جو ٻڌايو ۽ چوڻ لڳا ته سائين توهان ته ٻنهي جي ٻچن ۾ مکهن آهيو، اهو ته ٺيڪ آهي، پر هاڻي هن مصيبت جي وقت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ڇوڪرو ٻُڏي ويو ته اِها توهان جي جوابداري ٿيندي، اهي وچن ٻُڌي سوامي جن گهٻرائجي ويا، پر وري همت ڪري سوامي جن مشڪي چوڻ لڳا ته گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت ڪين

آهي، هن مصيبت جي وقت ۾ رڳو ڀڳتن جو پرشارٿ
ڪم ڪين ڪندو، پر پرارٿنا سان ڪم هلندو، انهن
ڇٽي سوامي جن گرو مهاراج جن کي پرارٿنا ڪرڻ لاءِ
اکيون ڪٽي بند ڪيون، ٻه چار پل اکيون بند ڪري
کوليون، اکيون کولي لالا رام شرڻ داس کان پڇيائون
ته تون تري ڄاڻندو آهين؟ سوال سان گڏ حڪم
ڪيائون ته جلدي ڪر پاڻيءَ ۾ گهڙي وڃ ۽ ڇوڪري
کي ڪڍي اچ. سوامي جن جي آگيا پائي لالا رام شرڻداس
هڪدم پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو، ٽپو ڏيندي ئي اهو پڻ
ڪن (कुंड) ۾ هليو ويو، هيڏانهن سوامي جن ڀڄن
شروع ڪيو. پريم پرڪاش گرنٿ.

* ڀڄن راڳ ڀيروي *

ٽل:- سچن جو دُولهه درياهه شاهه، آهي راجا راڻو راءِ،
ظاهر پير زمين تي، سو مالڪ بي پرواهه.
١- پار برهم مان جل ٿيو پيدا، تنهن مان ٿي ڌرتي،
ڌرتيءَ مان ٿيا گل ڦل ميوا، باغ ٻٽيا بستي،
باغ گهمي گلزار ڏٺو سين، عجب چڙهي مستي،
چوراسي لکه جوڻين کي سو، ساڻول ڏي ٿو ساهه.
٢- درياهه شاهه جي در جا آهن، چار ورڻ پوڄاري،
ديوي ديوا ڪن ٿا شيوا، شردا سان سد واري،
دنيا جي سڀ دکن جا ٿا، پوڄن نر ۽ ناري،
ٻاري جوتيون گل ڦل چاڙهن، چت ۾ ڌاري چاهه.

٣- سو ٻڻ هزار ٻڻ اچن سوالي، سڀ جا ڪاج ڪري،
ٻلوَ ٻرهم سان ڀائن جيڪي، تن جي جهول ڀري،
آش ولدن جي آش پڄائي، دکڙا درد هري،
ٻڌلن جا تو ٻيڙا تاري، هيڻن جو همراهه.

٤- نرمل نام ٽنهينجو جيڪي، چاهه رکي چوندا،
جنم جنم جهولي لال اڏيرو، لات اهــا لنوندا،
ڏولهه جي ڪرپا سان سيئي، پار وڃي پوندا،
کهي ٽيئون سو ڪامل آهي، ٻي واهن جو واهه.

هوڏانهن لالا رام شرن داس، جو پاڻيءَ ۾ گهلجي ويو هو، قدرت سان اُتي پاڻيءَ جو اهڙو چڪر ڦريو جو اهو ڇوڪرو رام شرن داس جي هٿ ۾ اچي ويو، ڇوڪري کي پڪڙي پاڻيءَ جي وهڪري جو مقابلو ڪندي، تمام هوشياريءَ سان ڇوڪري کي ڪناري تي گهلي آيو، موت جي منهن مان ٻچي آيل ڇوڪري کي ڏسي سيئي خوش ٿيا، تمام وڏي آواز سان ستگرو مهراج جن جي جئڪار ملائڻ لڳا. ڇوڪرو بيهوش هو، تورو علاج ڪرڻ سان ڇوڪرو هوش ۾ آيو، اٿي ويٺو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، انتري ۾ سوامي جن ان ٻچن ڳالهي ٻلوَ پائو، ڇوڪري جي مٿي تي هٿ رکي سوامي جن ڪانئس پڇيو ته ٻچا! ٻڌاءِ، توکي تڪليف ته ڪانه ٿي؟ ڇوڪرو هاڻي چڱيءَ طرح سامت ۾ آيو، سوامي جن وري پڇيو ته ڪنهن کي

ڳولهي رهيو آهين؟ ان تي نند لال (ڇوڪري) ڇيو
ته سائين! جڏهن مون پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏنو ته گهمر ۾ مون
کائيندو تمام هيٺ پاڻيءَ ۾ هليو ويس، اُن کان پوءِ
غوطا کائڻ لڳس، ان کان پوءِ مونکي ڪجهه به هوش
ڪونه رهيو، پوءِ مون اوچتو اندر پاڻيءَ ۾ پاڻ کي
پيل ڏٺو، پر هن جي اڳيان بلڪل سامهون هڪ مهاتما
کي ڏٺم ۽ ان سان گڏ هڪڙو تمام سهڻو ماڻهو هو،
جنهن جو چهرو چنڊ وانگر چمڪي رهيو هو، ان جي
مٿي تي مڪٽ پيل هو، ڳچيءَ ۾ هيرن موتين جون
مالهائون پيل هيون اُهي پڻ بجليءَ وانگر تجلا ڪندي
رهيون هيون، مهاتما کي اُڇي ڏاڙهي هئي ۽ گيڙو
رنگ جو ڊگهو چولو پيل هو، مٿي تي ٽوپ پيل هو،
توهان وانگر اُن کي به هٿ ۾ لٺ هئي، انهيءَ وقت
مان پوري هوش ۾ هوس، ان مهاتما مونکي پڪڙي
هڪدم ڪڍي مٿي اُڇليو، مان وري بيهوش ٿي ويس،
پر ائين سمجهي رهيو هوس ته ڪو مونکي مٿي ڪڍي
وڃي رهيو آهي. هاڻي مان بلڪل ٺيڪ آهيان، اُن
مهاتما اُن مها سنڌ ۾ آدميءَ کي ڏسڻ لاءِ هيڏانهن
هوڏانهن نهاريم، پر اهي اتي جٽا الائي ڪيڏانهن
غائب ٿي ويا. نند لال جي ڳالهه ٻڌي سڀئي حيرت
۾ پئجي ويا، لالا وسندارام جن سوامي جن کان پڇيو
ته توهين ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اُهي ڪير هئا.

سوامي جن فرمايو ته اهي ستگرو نيڻون رام مهراج ۽
ڀڳوان ورڻ ديـو جو هئا، گرو مهراج جن جي لعل ڀڳ
كان وٺي درياه شاه سان دل هوندي هئي، درياه
شاه جي كپ تي وڃي وهندا هئا.

ظلمي باد شاهن جڏهن هندن تي ظلم كيا ۽ انهن
جا جٽيا لهرائي ڇـوٽيون كٽائي كين زبردستيءَ
مسلمان ثي بڻايـو، تڏهن هندن جي ركيا لاءِ درياه
شاه جي ديوتا، ڀڳوان ورڻ ديـوَ، لال سائين جو اوتار
ڌارڻ كري اچي هندن جي ركيا كئي هئي.

جڏهن كنب و پوت جي ماڻهن، گرو مهراج جن كي
ستايو تـڏهن درياه شاه كنب و پوت كي پاڻ لـڳو،
تڏهن پنهنجن جي پرارٿنا كرڻ تي گــرو مهراج جن
اٿي دريـاه شاه تي وڃي، جيڪو اسان پڻ ڳايـو،
"سڀن جو دولهه درياه شاه، آهي راجا راول راءِ"
اهو پڻ ڳائي پرارٿنا كئي هئي، پرارٿنا ٻڌي درياه
شاه پنهنجي جڳهه تي هليو ويو. كلوءَ نالي ڇوكري كي
پڻ ٻڏڻ كان بچايو هو. سنڌي هندن جو اوتار لال سائين
(ورڻ ديو) آهي، ديوتائون كين راضي ٿيندا آهن
ان راز كي گرو مهراج ئي ڄاڻن ٿا.

سوامي جن چوڻ لـڳا ته مصيبت ۾ جڏهن كوبه
انهن كي پكاري ٿو ته سهائتا لاءِ اهي هكدم پهچي
وڃن ٿا. خوشيءَ وچان سوامي جن جي اكين ۾ ڳوڙها

پرچي آيا. گرو مهراج جن جي مهما ٻڌي سڀئي خوش ٿيا، دهل شرناين وڄڻ لڳيون.

سوامي جن ٽوري ڏينهن درياه جي ڪناري تي ستسنگ ڪيرتن ڪيو، روز سڀئي ڳائيندا وڄائيندا، گرو مهراج جي جئڪار مڃائيندا، ڪن ڳوٺ ۾ پهتا، پنڇالي اوطاق ۾ بندوبست ڪيو ويو هو، سوامي جن ۽ سڀئي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ٽڪيا، نندلال جي پيءُ هٿ جوڙي سوامي جن کي عرض ڪيو ته، جيئن ته گرو مهراج جن منهنجي پٽ کي لٿون جنم ڏنو آهي، تنهن ڪري يگيه ڪرڻ جو منهنجو ويچار آهي، جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي ته اڄ رات جو يگيه ڪري سڄي ڳوٺ کي ڀوڄن ڪارائجي. اها ڳالهه ٻڌي سوامي جن فرمايو ته تمام سٺو ويچار آهي. يگيه ڪرڻ جي آگيا پائي نندلال جو پتا شري ٽيڪارام ڏاڍو خوش ٿيو. ستسنگ ۽ يگيه جو پروگرام ٺاهي سڀئي ماڻهو پنهنجي گهر ويا. سوامي جن ۽ سڀئي سنت ڀوڄن ڪري وشرام ڪرڻ لڳا.

رٿيل پروگرام موجب رات جو اٺين بجي ستسنگ شروع ٿيو. ڀڄن پائي گوٻند رام ۽ ماتا چتري ٻائيءَ ستسنگ ڪيرتن ڪيو. ان کان پوءِ سوامي جن ستسنگ چالو ڪيو. ٽي پهرا اوم جو اُچارڻ ڪري، ديو گروءَ جي وندنا ڪري، ساري سنگت کي

پاڻولي ماري وهڻ ۽ هڪ ڇتو ٿي پــڌڻ لاءِ ڇيو.
گرو ديو ۽ ديـوتائن جي مهما جي وشيہ تي روشني
وجهندي سوامـي جن چوڻ لـڳا تہ جيڪو منش،
ٻنهن جي گروءَ جي آڳيائن جو جيئن جـو تيئن پالن
ڪري ٿو تہ ديوتائون ان جي چڱي طرح پرکيا وٺي
اُن جا سهايڪ (متر) بڻجي پون ٿا.

وَچر پاٺي ديوراج الله ۽ پاش ڌاري ڀڳوان ورڻ
ديو، گرو مهراج جن جا نئين پڙ جا متر آهن. نئين پڙ
۾ گرو مهراج جن ڪنڀ وڌ ۾ ڪلورام ڪي ٻڌڻ ڪان اڇاپـو
هو، هيئڙ نند وڌ ڇوڪري، درياه ۾ جيڪو مهاسند ر
ماٺهو ڏنو، اهو پـڳوان ورڻ ديـوتي هو، جو گرو
مهراج جن سان گڏجي آيو هو، اڄ توهان سڀني گرو
مهراج جن جي ديا جو ديدار ڪيو، اهي مصيبت جي
وقت ۾ اچي مدد ڪن ٿا.

دوهو:- سنت گرو پرمـاتما، ساچي سنگي جـان،
ڪهہ ٽيڙون لن لين سي، ڪرلي پرلم سجان.
دوهو:- ستگر ٽيڙون رام ڪي، مهما سڪون نہ گاءِ،
ڪٽن سمي ۾ هـوت هئي، سر والند سهاءِ،

سنت، گرو ۽ پرماتما ٽيئي هن جيو جا سچا ساٿي
آهن، جيڪو نہ انهن ٽنهي سان سچو پريـم رکي ٿو،
اهو سنسار ساگر کان پار ٿي وڃي ٿو. نہ رڳو هن درياه
يا سنڌ ۾ پـڌندڙ جيون کي گرو مهراج جن اـڇائين

ٿا، پر سنسار ساگر ۾ ٻڏندڙ جيون کي پڻ اچائي وٺن ٿا. ڌرتيءَ تي جيڪي ٻه سمنڊ آهن، انهن ۾ تمام اونهو ۽ اٿاهه پاڻي آهي، پر سنسار سمنڊ جو پاڻي انهن کان به وڌيڪ اونهو آهي، چوڻ کان ٻاهر آهي. سمنڊ جو پاڻي ڏسڻ ۾ به اچي ٿو ۽ ماڻهو اجهاڳ اٿاهه سمنڊ کي جهاڳي پار لنگهي پار به وڃن پيا. پر سنسار سمنڊ ۾ جيڪو پاڻي آهي اهو ڏسڻ ۾ ئي ڪين ٿو اچي، تمام ڳوڙهو ۽ عجيب قسم جو پاڻي آهي سنسار سمنڊ جو.

❀ سنسار سمنڊ آسڪت جل، ڪام آدڪ جل جنت،
پرم ڀنور تان ۾ ڦري، سک دک لهر اننت.

سوامي جن چوڻ لڳا ته هن سنسار سمنڊ ۾ موهه ممتا روپي پاڻي آهي. ان ۾، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار، حسد ۽ ساڙ وغيره وڪارن، ۽ شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گنڌ وغيره وشين روپي مڇ، ڪڇ واڳون وغيره خطرناڪ ۽ زهريلا جيو آهن. سنسار ۾ من روپي ڪن ۽ چڪر آهن. سک ـ دک روپي لهرون ۽ ڇوليون آهن. هن سنسار ساگر ۾ ڪيئن منش ٻڏي ويا، ڪيترا ٻڏي رهيا آهن. ڪيترا هن کان پوءِ ٻڏندا. پر جيڪو منش خبردار رهي ٿو، ٻيڙي تري چاڙهي ٿو، اهو ئي تري پار وڃي سگهي ٿو. سنسار سمنڊ بابت وڌيڪ سمجهائيندي سوامي جن

ڇوڻ لڳا ته هيءَ شرير ئي سنسارسمنڊ آهي. هن شرير ۾ ئي وشيون، وڪار، سک - دک ۽ سنسا پرم رهن ٿا. اهي ئي هن جيوَ کي چوراسي لک جُونين ۾ رولي پائيءَ ۾ ڀوڙين ٿا. انهن وشين - وڪارن کي شرير ۾ رهندي جيوَ ئي ڏسي سگهي ٿو. گرو ۽ ڀڳوان به ڏسي سگهن ٿا. شرير ۾ رهندي خطرناڪ جيوَن کي منش، ڏسي ضرور ٿو، ۽ انهن کان ڇٽڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو، پر ڇٽي نٿو سگهي.

چوپائي :- گر بن ڀوَ نڌ تري نه ڪوئي،

جوَن ورنچ شنڪر سم هوئي.

جاڪاڻ ته گروءَ جي سهائتا کان سواءِ ڪو به منش سنسار سمنڊ کي پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان تري پار ڪري نٿو سگهي. سنسارسمنڊ کي ترڻ ڪهڙو نه ڏکيو آهي. ان بابت گوسوامي تلسيداس مهراج جن چون ٿا ته، ڀلي ڪو به منش ڀڳوان برهما ۽ ڀڳوان شنڪر جهڙو ڇو نه هجي، پر گروءَ جي سهائتا کان سواءِ سنسارسمنڊ نٿو تري سگهي، جيڪو گرو، شش کي سنسارسمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچائي، اهڙي گروءَ کي ڪٿي ۽ ڪيئن ڳولجي؟ ان بابت يم راج، نچڪيتا کي سمجهائيندي چيو آهي ته اٿ، جاڳ، پوءِ آتم پرش جي ڳولا ڪر.

جيئن ته گرو به گهڻن ئي قسمن جا آهن، انهن مان

ماتا - پتا، ودِيا گرو ۽ گيان گرو، مکيه آهن. انهن ۾ ماتا - پتا مکيه آهن. ڇو ته اهي ئي ننڍڙن ٻارن کي هلڻ - ڇلڻ، اٿڻ - وهڻ، کائڻ - پيئڻ، ڳالهائڻ-ٻولهائڻ، صاف سٿرو رهڻ وغيره سڀ ڳالهيون سيکارين ٿا. ٻارن کي ساڃهو، ڪلڇڻو، بهادر يا ٻزدل (گيدي)، فراخ دل (سخي) يا ڪنجوس، ساڌ يا چور، ماءُ پيءُ ۽ گهر جا وڏا ئي بڻائي سگهن ٿا.

श्लोक:- माता शत्रु: पिता वैरी येन बालो न पाठित: ।
न शोभते सभा मध्ये हंस मध्ये बको यथा ॥

جيڪي ماتا پتا (مائٽ) پنهنجي ٻارن جي سيرت (اخلاق) ڏانهن پورو ڌيان نٿا ڏين، ٻارن کي پنهنجي ڌرم جي سکيا نٿا ڏين، اهي مائٽ سچ پچ ته ٻارن جا دشمن آهن. نه رڳو ٻارن جا پر سماج ۽ ديش جا به دشمن آهن. ڇاڪاڻ ته ٻار آئينده جا اَبا آهن. جيڪو اڄ ننڍڙو ٻار آهي، اهو ودوان جي سڀائن ۽ پنڊتائين وغيره ۾ ڪين سونهندو آهي. اهڙو پيو لڳندو آهي، جيئن هنس جي وچ ۾ بگهه بيٺي. پنهنجي ٻارن کي وهنوار ۽ پرمارٿ جي سکيا ڏيڻ ۽ ڏيارڻ هر هڪ ماتا پتا جو مکيه فرض آهي. پڙهيل ڳڙهيل قابل منش ئي گياني گرو کي ڳولهي سگهي ٿو. اهو ئي سنسار سمنڊ کان پار ٿي سگهي ٿو. مطلب ته ديوتا ٿي پوءِ ديوتائن جي پوڄا ڪجي.

॥ देवो भूत्वा यजेद्देवम् ॥

شرڌالو، ڀرمي ٻـا چيلو ٿئي، گروءَ جي ڳولها ڪندا ته هزارين گرو ملي ويندا. وستا ٿجي، شيءِ جي ڳولها ڪجي ته هزارين شيون ملي ويندا. ڀڳت ٿجي، ڀڳوان جي ڳولها ڪجي ته هزارين ڀڳوان ملي ويندا. تنهن ڪري گروءَ کي ڳولڻو هجي ته گرو ٿجي ڳولهجي، شيءِ کي ڳولڻو هجي ته سٺي ٿجي ڳولهجي. ڀڳوان کي ڳولڻو هجي ته ڀڳوان ٿجي ڳولهجي. جيئن چوڻي آهي ته:- "يا ياد مرد ٿجي يا مردن جي ياري ۾ رهجي." "مرجي ته به مرد ٿي مرجي."

اهڙيءَ وشيه تي ڪيترائي ڀڄن ڳائي ۽ درشنالت ڏئي، ست نام ساکيءَ جي ڌلي لڳائي سوامي جن ست سنگ سماپت ڪيو، سڀئي پريمي ڀوڄن ڪري گهر ويا. سوامي جن ۽ سڀئي سنت به ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا. اهڙيءَ طرح سوامي جن ٽي ڏينهن ڪن ڳوٺ ۾ رهيا، تنهن کان پوءِ لالا رام شرڻ داس، شري پنڌا رام، شري ڀڄارام، شريمتي جسوتا ٻائي، شريمتي شانتي ٻائي، شري ٽيڪارام سيٺي پريمين کان موڪلائي ڪشمور ڳوٺ ۾ آيا، اتي اٺ ڏينهن رهيا، ان کان پوءِ جيڪب آباد، حالپور، رستم، چڪ، ڪاهي وغيره ڳوٺن ۾ ڌرم ڪرم جو پرچار ڪندا

لاڙڪاڻي شهر ۾ آيا، ڪارڪنن جو ميلو اتي ملهائي پوءِ ٽنڊي آدم امراپر دربار تي آيا.

سوامي جن جو دربار تي اچڻ جو ٻڌي شهر جا پريمي ۽ ويجها، پرسان جا پريمي سوامي جن جا درشن ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا، گرو مهراج جن جي مدد جو ڪارڻ ۽ ٻيون شيوائون نه دربار تي چالو هيون. سوامي جن ۽ سيڻي سنت شيواداري پڻ شيوا ۾ لڳا رهندا هئا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوامي جن ڪنڊ ويءِ ويا هوليءَ جو ميلو ملهائي ۽ ٻيراليءَ مان ٻه تي آيا. چيٽ جي ميلي جون تياريون نه هوليءَ کان وٺي شروع ٿي وينديون هيون. هر سال وانگر چيٽ جو ميلو ڌام ڌوم سان ملهايو ويو، سيڻي پريمي موڪلائي پرساد وٺي پنهنجي پنهنجي ملڪ ويا، امراپر دربار جو ڪاروبار هميشه وانگر هلندو رهيو.

امراپر دربار کي وڏو سندر ۽ سرسبز بغيچي لاءِ سوامي جن ۽ سيڻي سنتن پاڻ ۾ ملي ويچار ڪري، دربار جي ڏکڻ طرف خالي پيل سرڪاري زمين وٺڻ جو ويچار ڪيو، ڪجهه جريب زمين سرڪار کان خريد ڪئي وئي، زمين کي پيداوار بغيچي لاءِ پاسي واري واهه مان پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو ويو. ان زمين ۾ انب، انگور، زيتون، ڪيلا، ڪٺڙ، ليما، توت، ڦاروان ۽ ٻيا ميون جا وڻ پوکيا ويا، گلاب، موتيو،

چنبيلي، گينڊو ۽ ٻيا گل ڦل پوکيا ويا. سنت سنگ ۾ شيوا جا سڀئي ڪم باقاعدي ۽ سٺي نموني هلندا رهندا هئا. سنگت ۽ ٽيئون رام مهراج جن جي پوکيل باغ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ سوامي جن، سنت منڊل کي ساڻ وٺي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پتڪال پرم پرڪاش آشرمن ۾ ٻيا ڪيل پريم پرڪاشي منڊلين ۽ پريمين وٽ ويندا رهندا هئا، اهڙي طرح وقت گذرندو رهندو هو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ امراپر دربار تي پورو بندوبست رکي پريمين جا سوال پورا ڪرڻ لاءِ سوامي جن منڊليءَ سوڌو ٽنڊي آدم کان ڪراچيءَ ويا. اتان حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن مان ٿيندا شهدادڪوٽ آيا. ڀائي دولترام، ڀائي هيمنداس، ڀائي رهندارام، ڀائي ڀلاجرام، ڀائي ڪنولرام الي جي پريمين اڳواٽ ئي سوامي جن کي ڪارڪنن جي ميلي لاءِ سوال ورتو هو. انهن پريمين سوامي جن جي رهائش ۽ ست سنگ جو پورو بندوبست رکيو هو. شهدادڪوٽ ۾ ڪارڪنن جي ميلي لاءِ جهڪو منڊپ ٺاهيو ويندو هو. اهو سڄو ڪپڙي جي چادرن جو ٺاهيو ويندو هو. انهن چادرن تي ڀڳوان رام، ڪرشڻ ۽ ٻين اوتارن، ديوي - ديوتائن، سنتن، ڀڳتن، پکين، سج، چنڊ، تارن، ڪڪرن، وڻن - ٽڻن، گلن - ڦلن،

جهنگلي جانورن ۽ پکين، جبلن، باغ، باغيچن، قدرت جي سهڻن نظارن جون تصويرون، سنڌ ڪلاڪارن کان ڪڍايون ويندڙيون هيون. اُن منڊپ کي پري پري جا ماڻهون رڳو ڏسڻ لاءِ ايندا هئا.

رٿيل پروگرام موجب رات جو اٺين بجي سوامي جن، سيٺي سنت ۽ شيواداري ست سنگ منڊپ ۾ آيا. اُتي هڪ سندر سڄايل - سينگاريل آسڻ تي براجمان ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي مورتيءَ کي گلن جا هار پائي سوامي جن ۽ سيٺي پرڻام ڪيو، پوءِ ستسنگ ۾ ويٺا. ميلي جي ڪري ماڻهو اڳ ۾ ئي اچي ويٺا هئا. پهرين سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت ڌرمداس مهراج، سنت اوڌوداس مهراج ڀڄن ۽ سنتن ڀڄن- ڪيرتن ڪيو، ان بعد سوامي جن اوم جو اُچارڻ ۽ ڏهوگروءَ جي وندنا ڪري ستسنگ شروع ڪيو، گيانيءَ ۽ اگيانيءَ جي وشيه تي ڳالهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته:-

श्लोक:- अज्ञस्य दु:खौघमयं ज्ञस्यानन्दमयं जगत् ।
अन्धं भुवनमन्धस्य प्रकाशं तु सुचक्षुषाम् ॥

جيئن سج، چنڊ ۽ ستارن سان چمڪندڙ ڏينهن ۽ راتيون، سهڻن ۽ من موهيندڙ قدرتي نظارن سان ا- سڄو سنسار سورداس کي ڏسڻ ۾ ڪين ايندو

آهي ، ڪيس جيڏانهن ليڏانهن اونده. ڏسي اونده. ڏسڻ ۾ ايندي آهي ، پر جنهن کي اکيون آهن ، ان کي هيءَ سڄو سنسار روشنيءَ سان ڀريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ليڪن اگيانيءَ کي هيءَ سڄو سنسار دکن سان ڀريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان لاءِ آنند روپ آهي. جنهن منش ۾ ٿوهين وديا آهي، ڪهڙو نه سهڻو سندر من موهيندڙ آهي ، اکين وارا هن دل لڀائيندڙ تصوير کي ڏسي خوش ٿي رهيا آهن، پر سورداس لاءِ ڪجهه به ڪين آهي.

هيءَ سنسار به هڪ وڏو منش آهي، دنيا جي رچنا ڪرڻ واري هن دنيا کي ڪهڙو نه سهڻو ۽ رنگبرنگي ٺاهيو آهي، ڪٿي ڏسو ته جهلن جون اولڇون چوٽيون آسمان ٽائين وڃي پهتيون آهن، ڪٿي ڏسو ته اونهيون کاهيون (کڏون) پاتال ٽائين وڃي پهتيون آهن. ڪٿي ڏسو ته باهه کي ڪائيندڙ پکي، ڪٿي موتين کي ڪائڻ وارا پکي، ڪٿي هڪ پر وارا پکي، ته ڪٿي ان ڇهن پرن وارا پکي. الڳ الڳ رنگ ـ برنگ، چال چلگت وارا جيو ـ جنتو آهن، ڪٿي سک جون شرنائيون وڃي رهيون آهن ته ڪٿي واءِ ويلا لڳي پئي آهن، کيل کيليندڙ ڪيداريءَ جي ليلا ٿي پياري آهي، جنهن کي وويڪ ويچار جون اکيون آهن، اهي هن نارائڻ جي ناٽڪ کي ڏسي ڪري خوشي ۽ غم،

ٻڌي ۽ نفرت وغيره کان مٿي جيڪو مهاآنند آهي ان ۾ مگهن رهن ٿا. دنيا جي هر هڪ پدارٿ مان ان کي آنند ئي آنند ملي ٿو، جتي سچ آهي اتي اولد هه ڪالهي، جتي گيان جي اک آهي اتي دک ڪونهي. جن کي گيان جون اکيون کوله آهن، اهي هن کيل کي ڏسي دکي سکي ٿين ٿا، دانهون ڪوڪون ڪن ٿا. من پسند پدارٿن کي پراپت ڪري ڏاڍو خوش ٿين ٿا ۽ ناپسند پدارٿن جي ملڻ تي ڏاڍو ناراض ٿي پون ٿا، جن کي وويڪ جون اکيون کوله آهن، اُهي جڏهن سک کي پراپت ڪري خوش ٿين ٿا، اُهو سک ڪهڙو آهي؟ اُهو هڪ دک ۽ شوڪ جو گولو آهي، جيڪو سک جي پڙدي سان ڍڪيل آهي، سک جي پڙدي هٽڻ سان ئي اهو گولو نڪاءِ ڏيئي ڦاٽي پوي ٿو، سيئي جاڻن ٿا ته ٻر ڦاٽندو آهي، ته ڇا ٿيندو آهي. اوسي پاسي وارو سڀو حصو نابود ٿي ويندو آهي، اگياني منش جڏهن کي گيان جون اکيون ڪين آهن، اهو جنم کان وٺي مرڻ تائين رجي، لمي ۽ سٽي گٽي روهي لوڙهن سان ٻڏون جالـــون والگر ٻڌو ۽ پيو آهي.

ڪوڙي منش، شبد، معنيٰ مٺي سرلي آواز ٻڌڻ ۾، ڪوڙي سپرش، معنيٰ نرم نرم شين کي ڇهڻ (هٿ لائڻ) ۾، ڪوڙي روپ، معنيٰ سهڻي صورت، من موهڻي

موهه ڏسڻ ۾. ڪوئي رس، معدني ڪاري، کٽي مٺي ڇهن ئي وغيره سواد وٺڻ ۾. ڪوئي گند، معدني، خوشبوءِ دار شين جي سنگهڻ ۾. ڪوئي پٽن-پوٽن، ڌيئن-مائٽن ۾. ڪوئي هار سينگار شين جي فراق ۾. ڪوئي موهه-ممتا جي جار ۾. ڪوئي لوڀ لالچ جي لار ۾. ڪوئي سينيما، سگريٽ، شراب، ماس ۽ نشيدار شين ۾. ڪوئي دوڪان، مڪان موٽر ڪار ۾. اهڙيءَ طرح ڪو ڪنهن ۾ ڪو ڪنهن ۾، گهڻو ڪري سڀئي جيوَ مايا جار ۾ ڦاٿا پيا آهن.

❀ سينيما سگريٽ پن، پان سوپاري چانهه،
اِن اَن جيوَ جڳت ۾، سڀ ڏيکت ڪاهون ٿانهه.

چوپائي :- ڦرت سدا مايا ڪر پريرا،
ڪال ڪرم سڀاوَ ڳڻ گهيرا.

هيءُ جيوُ سدائين ڪال، ڪرم، سڀاوَ ۽ ڳڻن جي قيد ۾ ڦاٿو پيو آهي. مايا جو چڪر هن جيوَ کي ڦيرائيندو رهي ٿو. جڏهن منش تي گرو ۽ ڀڳوان جي ڪرپا ٿئي ٿي، اهو ئي مايا جار مان نڪري جيون مڪت ٿي سنسار ۾ سکي گذاري ٿو.

ان وشيه تي هڪ پراڻي زماني جي ڪٿا ٻڌائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته اوڀر ڀارت جي هڪ نگر ۾ هڪ راجا راڄ ڪندو هو، اهو ڌرماتما گيانوان، سٺيوادي، سڀت شيوي نياءِ ڪاري ۽ پرجا پالڪ

هو. ان کي هڪ راڻي ۽ هڪ پٽ هو. راجا پنهنجي نگر ۾ هڪ باغيچو لڳرايو هو، ان ۾ سڀني مهاتمائن جي رهڻ لاءِ ڪٽيائون ۽ سٽ سنگه لاءِ هال ٺهرائي ڇڏيو هو. سدا ورت به کولي ڇڏيو هو. سنت مهاتمائون ايندا ويندا رهندا هئا. سٽ سنگه به روز ٿيندو رهندو هو، آيو ويو مهمان مسافر ڀوڄن کائي خوش ٿي ويندو هو، ٻري ڳالهين راجا جو جس ڦهلجي ويو هو. راجا ۽ سندس ڪٽنب، امير، وزير ۽ نگرواسي، سٽ سنگه ٻڌڻ ويندا هئا، ڪيئي ڏينهن کان پوءِ راجا، راڻيءَ ۽ راجڪمار ٽنهي هڪ ٻوڙهي مهاتما کان ودوت نام جو اُپديش ورتو. راجا پاڻ به گياني ۽ ڌرم شاسترن جو مهان ودوان هو، گرو ڪرپا سان جلدي ئي آتم ساکياتڪار ڪيو. آتم ساکياتڪار ٿيڻ کان پوءِ سنسار ۽ سنسار جا پدارٿ غائب ٿي ويندا آهن. جيئن ننڊ اچڻ تي جاڳرت جا ۽ جاڳڻ تي سپني جا پدارٿ.

ڪال چڪر نه سپني جي سر تي ٻرابر هڪجهڙو ڦرندو رهي ٿو. نياءَ - ڌرم سان پرجا جو پالن ڪندي، شڀ ڪرم ڪندي، ڪيئي ڏينهن کان پوءِ راجا پنهنجي ڏنن جي شهر جو تياڳ ڪري پرم لوڪ هليو ويو. موت سڀ لاءِ اٽل آهي.

راجا جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ راجڪمار کي

سنگهاسڻ تي ويهارڻ جو ويچار ڪري، مهاراڻيءَ جي
آگيا سان، وزير - اميرن مکيءَ، ڇوڪري گڏ جي ڪري
راج محل ۾ راجڪمار وٽ ويا. پدمن جي اچڻ جو
اراد و ظاهر ڪندي وڏي وزير هٿ جوڙي عرض
ڪيو ته راجڪمار! توهين پدمن جو وواه ڪرايو ۽ راج
سنگهاسڻ تي ويهي پتا وانگر پرجا پالن ڪرايو. اها
مهاراڻيءَ جي آگيا آهي ۽ نگرواسين جي پڻ اهائي
ابلاشا آهي، اسان جي ۽ نگرواسين جي ڀلائي ۽
خوشحاليءَ کي خيال ۾ رکندي توهان پدمن جي وواهه
ڪرڻ ۽ راج تلڪ جي تيارين ڪرڻ لاءِ آگيا فرمايو.
پدمن جي ماتا ۽ وزيرن - اميرن جي ڳالهه ٻڌي
راجڪمار انهن جو آدر ڪندي ڪين چيو ته شادي
ڪرڻ جي ته منهنجي بلڪل مرضي ڪين آهي، باقي
راج تلڪ جي ڳالهه، سو جيڪڏهن ماتا جي آگيا ۽
توهان سڀني جي راءِ آهي ته مون کي منظور آهي.
راجڪمار جي منظوري ملڻ تي سڀئي تمام گهڻو خوش
ٿيا، مهاراڻيءَ جي آگيا پالي ڪري وڏي وزير وڃي
ڪري راج تلڪ جي تياري ڪئي، وڏوان براهمڻن
جي نظر هيٺ شڀ ڏينهن ۽ شڀ گهڙيءَ ۾ راج تلڪ
جو شڀ ڪاريه ويد وڌيءَ موجب ڌوم ڌام سان
پورو ٿيو، راجڪمار پدمن جي ماتا ۽ براهمڻن ۽ سنتن-
مهاتمائن ۽ سڄڻن کي پرڻام ڪري آسيس ولي سنگهاسن

تي ويٺو، راجڪمار کي سنگهاسن تي براجمان ڏسي وزيرن، اميرن ۽ انگرواسين ان کي پرڻام ڪيو. سهاڳڻين ۽ ابلاڻين منگل گيت ڳايا، راجا تمام گهڻو اَن ڌن ۽ ڪپڙا وغيره دان ڪيا، براهمڻ، ڀٽ - منگتا ۽ گهرجائو ماڻهو دان وٺي تمام گهڻو خوش ٿي راجا جا گڻ ڳائيندا ڪيس آسيس ڪندا پنهن جي پنهن جي گهر ويا.

راج سنگهاسڻ تي ويهڻ کان پوءِ راجڪمار پتا وانگر پرجا پالن ڪرڻ لڳو، پتا جي سيني ڪارڄن کي سنڀالي هلائڻ لڳو، هن پنهن جيءَ رهڻي ڪهڻيءَ ۽ پوترِ هلت چلت سان پنهن جي وڏن جو نالو روشن ڪري ڇڏيو. راجا هولدي به سندس من هميشه ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهندو هو، ڇو ته هن ننڍي پڻ کان وٺي سنتن - مهاتمائن جو سنگ ڪيو هو، ان ڪري سندس من ڏينهون ڏينهن ڀڳتي ۽ ويراڳ طرف وڌندو رهيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مهاراڻيءَ جي آگيا سان وزيرن - اميرن راجا کي وواهه ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، راجا پنهن جو خيال ظاهر ڪندي سندن آڏ رکندي ڪين چيو ته وواهه لاءِ مونکي مجبور نه ڪيو وڃي، ته سٺو آهي، ڇو ته خبر نه آهي ته ڪهڙي سڀاءَ واري استري ملي، جيڪڏهن ان جا سڀاءَ منهنجي سڀاءَ

سان نہ مليا تہ منهنجي زندگي زهر بڻجي پوندي، ٿي سگهي ٿو تہ مان ڀڳتيءَ جي رستي تان ڪري پوان! تنهن ڪري مان وواھہ تہ اصل ڪين ڪندس. جيڪڏهن توهان مون تي گهڻو زور ڀـــار آڻيندا تہ مان لاچار ٿي راڄ ڇڏي گنگا جي پوتر ڪناري تي هليو ويندس. راجـــا جي خيالن کي ڄاڻي ڪري سڀئي چپ ٿي ويا. جيئن توهان جي مـــرضي، ائين چئي سڀئي هليا ويا. اهڙيءَ طرح وقت بوقت موقعو ڏسي امير-وزير راجا جي وواھہ لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا هئا، مگر راجا انهن جي هڪ بہ ڪين ٻڌي. اها ڪٽ پٽ هلندي رهي. روزمره جي ڪنڌ ڪنڌ ۽ چڪتاڻ کي ڏسي ڪري راجا تيرٿ يـاترا تي وڃڻ جو خيال ڪيو.

راڄ ماتا جي آگيا ۽ آشيرواد وٺي، سڄي راڄ جو ڪاروبار وڏي وزير کي سونپي ڪري پنهنجي خاص شيوڪ کي ۽ نوڪرن-چاڪرن کي وٺي راجا تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. شري جڳناٿ پريءَ، گنگاساگر، ويدناٿ، مٿرا، بندرابن، گوڪل، وغيره تيرٿن ۽ پوتر استانن جو سنان، درشن، پـــوڄا، دان - پنج ڪندي راجا شري هردوار پتت پاولي گنگا جي ڪناري تي وڃي پهتو. اتي پڻ سنان دان وغيره ڪيائين ان کان پوءِ شري بدري ناٿ، ڪيدارناٿ، گنگوتري،

جمنوتري وغيره اترا کنڊ، هماليه جي پوتر تيرٿن جي درشن ڪرڻ لاءِ راجا هردوار کان پيدل ياترا شروع ڪئي.

ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن چوڻ لڳا ته جيترو ٿي سگهي اوترو تيرٿن جي ياترا پيدل ڪرڻ گهرجي. پيدل ياترا ڪرڻ مان تمام گهڻا فائدا آهن، هڪ ته پهاڙن جي قدرتي سهڻن نظارن جو درشن ٿئي ٿو، ٻيو پهاڙن جي غفائن، ڪندرائن ۾ تپسيا ڪرڻ وارن رشين-منين جا درلڀ درشن ٿين ٿا. ٽيون برف جي پهاڙن ۾ رهندڙن اڻ ڏٺل، اڻ ٻڌل جيوَ جنتن جو درشن ٿئي ٿو. چوٿون شرير جي صحت ڪرڻ سان، اُڃ-بُک، سردي-گرمي ٿڪاوٽ وغيره تڪليفن جو آزمودو ٿئي ٿو. وڌيڪ خاص ڳالهه هيءَ آهي ته تيرٿن واسطي من ۾ شردا ڀاونا وڌندي آهي. ان کان سواءِ پيدل ياترا ڪرڻ سان نوان نوان آزمودا ۽ فائدا ٿيندا آهن. انهن سڀني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي راجا، پيدل ياترا شروع ڪئي. جبلن جي چڙهائي، تمام سوڙها ۽ پٿريلا پيچرا (رستا). هڪ طرف آسمان کي ڇهندڙ جبلن جون چوٽيون ته ٻئي طرف تمام اونهيون ۽ خطرناڪ کاهيون (کڏون) جيڪي پاتال تائين وڃي پهتيون آهن. مٿي نهار ته پڳ اُڇلو پٺ پئي، هيٺ نهار ته مٿو ڦري وڃي. ڪٿي وڻ-

ٽڪن ۽ وڻن سان ڍڪيل جبل ته ڪٿي برف سان ڍڪيل پربت. ڪٿي ڪڙ ٻڙ وارو رستو ته ڪٿي برف سان ڍڪيل رستو، ڪٿي چڙهائي ته ڪٿي لاهي. ڪٿي سنئون رستو ته ڪٿي ور - وڪڙ وارو رستو. راجا، وزير ۽ نوڪرن چاڪرن سان گڏ امنگ ۽ اتساهه سان قادر جي قدرت جو درشن ديدار ڪندو، پاڳرا ڪندو وڃي رهيو هو. جتي سج لهي اتي ڏيرو لڳائي آرام ڪري ۽ وري سج اڀري ته ڏيرو ڪوچ ڪري. اهڙيءَ طرح راجا، ندين، وڻن ٽبڙن جو درشن ڪندو وڃي رهيو هو.

اڳيان رستي ۾ گنگا جي ڪناري لڳولڳ راجا کي هڪڙو تمام سندر بن ڏسڻ ۾ آيو. اهو بن ڪهڙو هو! تمال، گندار، چنار، بڙ، پپر، قدم وغيره ٻيا به قسمين قسمين جا ميويدار، ڇتري دار ۽ ٻيا گهڻا جابلو وڻ ٽڻ، رنگبرنگي ۽ خوشبوءِ دار گلن - ڦلن سان جهنجهل وليون ۽ وڻ. ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جا جهرڻا. مور، پپيها، ڪوئل، طوطا، مينا، چاترڪ، چڪور، ڪالنگ، ڪبوتر ۽ ٻيا جابلو پکي. سنها، هرڻ ۽ ٻيا جابلو جانور وغيره سڀئي ان بن جي رونق نزاڪت وڌائي رهيا هئا. وڻ ٽڻ، ٻڌهن جي ٿڌي ڇانوَ ۽ ميون (ڦلن) سان، وليون ۽ بوٽا، ٻڌهن جي گلن ڦلن جي سوڳهن ۽ خوشبوءِ سان، پکي ٻڌهن جي مٺين -

مٿين ٻولين سان، جهرڻا، پکين جي ٽڏي ۽ مٺي پاڻيءَ
سان، ٻاگر ٻن کي سک پهچائي رهيا هئا.

راجا، اهڙي رونقدار ۽ قدرتي نظارن سان ڀرپور
ٻن کي ڏسي، اتي وشرام ڪرڻ جو ويچار ڪري،
نوڪرن کي اتي ڏيري لڳائڻ جو حڪم ڏنو. نوڪرن،
ٻ گهڻ، گهاٽن ۽ ڇتري دار وڻن جي هيٺان ڏيرو لڳايو.
هڪ ته رشين منين جي ٻوٽن ڀومي، ٻيو رات جي
لوائي، لونڪلاڻي ۽ شانتيءَ وارو ماحول. تنهن کان
سواءِ هوا جون ٿڌيون ٿڌيون هيرون لڳي رهيون
هيون. راجا کي تمام گهڻو آنند آيو. رات سک سان
گذري، جهنگلي پکين پکين جي ٻوليءَ ۾ چون چون
ڪري صبح ٿيڻ جي سوچنا ڏني. راجا اٿي ڪري
سنان پاڻي ڪري، ڀوڄا پاٺ ڪري، وزير ۽
نوڪرن کي پاڻ سان گڏ وٺي ڪري صبح جي سير
ڪرڻ لاءِ ڏيري کان ٻاهر نڪتو، اُن جي رونق
ڏسندي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو. راجا ٿورو
اڳيان وڌيو ته کيس پريان هڪ ڪکن جي جهوپڙي
ڏسڻ ۾ آئي. اها جهوپڙي هڪ سهڻن وڻن جي
جهڳٽي ۾ ٺهيل هئي. اُن جهوپڙيءَ جي چوڌاري گلن
ڦلن جون وليون ۽ ٻوٽا جهوپڙيءَ جي نزاڪت وڌائي
رهيا هئا. کير جهڙو پاڻي جهرڻن مان وهي رهيو هو.
گلن جي سرهاڻ چوڌاري ٽڙي ڪري سڄي آشرم

کي خوشبوءِ دار ٻڻائي رهي هُئي. اهڙي مَن موهيندڙ نظاري کي ڏسي راجا ڏاڍو خوش ٿيو. وڌيڪ خبرچار لهڻ جي خيال کان راجا، جهوپڙيءَ طرف وڌيو. جهوپڙيءَ جي ويجهو ويو ته ڪيس اندران مٺڙي، مَن موهيندڙ، سريلي ۽ سرتال ۾ ويد منترن جي اُچارڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. راجا، پاڻ به ويدن جو ڄاڻو هو، سنگيت جو به ڄاڻو هو. ويد منتر، وري مٺي سريلي آواز ۽ سرتال ۾! راجا ٻڌي ڪري حيرت ۾ پئجي ويو.

راجا کان رهيو نه ويو، سو اندر وڃي ڏسي ته جهوپڙيءَ جي ٻاهر اڱڻ ۾ هڪ جهُولو (پينگهو) آهي، ان ۾ هڪ رشي ليٽيو پيو آهي ۽ هڪ مهاسندر اپسرا جهڙي چندرمکي، اٽڪل سورهن - سترهن ورهين جي ڇوڪري، اُن پينگهي کي لوڏي رهي آهي. ويد منتر به ڳائي رهي آهي. اِهو رنگ ڏسي راجا، اتي بيهي رهيو. اهو ڏسي ڇوڪريءَ پنهنجي پتا کي مهمان جي اچڻ جي سوچنا ڏني. مهمان کي آيل ڏسي، رشي جهولي مان لهي هيٺ پٽ تي وڇايل ڏڀن جي آسڻ تي ٿي ويٺو. راجا، اڳتي وڌي رشيءَ وٽ پهچي، رشيءَ کي ڏنڊوت پرڻام ڪيو. وزير ۽ نوڪرن پڻ رشيءَ کي پرڻام ڪيو.

رشيءَ سڀني کي آسڻ ڏني ۽ ويهڻ لاءِ اِشارو ڪيو،

جڏهن راجا ۽ سڀئي ويٺهي رهيا، تڏهن رشيءَ تمام سک ۽ پيار سان پڇيو تہ ٻچا! خبرون چارون ٻڌايو، سکہ شانتي تہ آهي نہ؟ توهين ڪير آهيو؟ هيءَ توهان سان گڏ ڪير آهن؟ ڪٿان اچي رهيا آهيو؟ ڪٿي وڃڻ جو ويچار آهي؟ هت ڪهڙي خيال کان آيا آهيو؟ رشيءَ جا امرت ڀريل وچن ٻڌي راجا هٿ جوڙي چيو تہ ڀڳون! مان اُپرندي طرف رهڻ وارو آهيان ۽ راجا آهيان. پتا جي پرلوڪ پڌارڻ بعد پرجا مونکي راج سنگهاسن تي ويهاريو. منهنجو پتا تمام ودوان ۽ سنت شيوي، داني ستيوادي ۽ ديالو راجا هو، پتا مونکي ننڍپڻ ۾ ويدن شاسترن جي وديا پڙهائي آهي، راج تخت تي وهڻ کان پوءِ منهنجي من ۾ تيرٿ ياترا ڪرڻ جي چاهنا پيدا ٿي، تنهن ڪري تيرٿ ياترا ڪندي هت اچي پهتو آهيان.

॥ ڀاڳين بن جڳہ ملي نہ سنتا، سنتن بن نہ ملي ڀڳونتا.
ڀڳونت بن نہ هو ڪلياڻ، ڪهتي منوَر ويد پراڻا.

هي آنتر ڀامي پرڀو! شاسترن جا وچن سچا آهن. ڀڳتن جي پرتاپ ٻدا توهان جهڙن سنت پرشن وئراڳي سنتن جا درشن ڪئين ٿيندا آهن، سنتن جي درشن ٻدا ڀڳوان جو درشن ڪئين ٿيندو آهي، پر پيوءَ جي درشن ٻدا هن، سنساري جيوَ جو ڪلياڻ ڪئين ٿيندو

آهي. پورب جنمن جي پڃن جي پرڀاوَ سان اڄ توهان
جو درشن ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪيم. اڄ مان
پنهنجي من ۾ هڪ عجيب آنند جو انڀوُ ڪري رهيو
آهيان. هي جيڪي مون سان گڏ آهن، تن ۾ هڪ،
منهنجو خاص وزير آهي، ٻيا نوڪر چاڪر آهن.
توهان جي درسان ٿي ڏيرو لڳايو اٿم، هاڻي اڳتي
ياترا ڪندس، پوءِ واپس راڄڌاني وڃڻ جو ويچار آهي.
وڌيڪ جيئن ڀڳوان ٻڌايو. راجا، پنهنجي واقفيت
ڏيئي رشيءَ کان نماڻي نوع ۾ پڇيو ته هي ڀڳوان!
جيڪڏهن مونکي لائق سمجهو ته توهين پنهنجو
سماچار ٻڌائڻ جي ڪرپا ڪريو. راجا جي دلي ڀاونا،
سڪ ۽ صدق ڏسي، پنهنجو حال احوال ٻڌائيندي رشي
چوڻ لڳو ته هي راجن! اسين ته تپسي بنواسي آهيون.
ڇا ٻڌايان! منش جنم جو جيڪو ڦل، شاسترن ۾ ٻڌايو
ويو آهي، اهو پراپت ڪيو اٿم، هاڻي مونکي رڳو
ائين پيو لڳي، ڄڻڪ دنيا آهي ئي ڪانه! نڪي شرير
نڪي شرير سان لاڳاپو رکندڙ پدارٿ ٿي ڏسڻ ۾
اچن ٿا. هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن کان بلڪل نرالو
جيڪو سک آنند آهي، ان ۾ مگهن آهيان. هن لوڪ
جي شوڪ، موهه ۽ سک آنند جي حدن کي پار
ڪري چڪو آهيان. هاڻي مان پنهنجي پاڻ ۾ مگهن
آهيان. راجن! وڌيڪ ڇا ٻڌايانءِ. بس! ايترو ئي

ڪانهي آهي. رشيءَ جي وچن ولاس جو راجا تي تمام سٺو اثر پيو. وارتالاپ کان پوءِ رشيءَ کي پرڻام ڪري آگيا وٺي راجا پنهنجي ڏيري تي آيو. ڏيري تي پهچي، راجا پوڄا پاٺ ڪيو. انهيءَ ۾ گهڻو ئي ٽائيم ٿيو، راجا ڀوڄن ڪري وشرام ڪيو.

وشرام کان پوءِ راجا وزير کي سڏ ڪري چيو ته رشيءَ وٽ جيڪا ڇوڪري هئي، ۽ سندس سيوا ڪري رهي هئي، ان جي باري ۾ مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو. توهين رشيءَ وٽ وڃو ۽ سڀئي خبرچار لهي اچو، پر خيال رکجو، اهڙو ڪو به قدم نه کڻجو، جنهن ڪري رشي ناراض ٿئي. اهو ٻڌي وزير، راجا کي وشواس ڏياريندي عرض ڪيو ته مان اهڙي هلت ڪڏهن به ڪين هلندس، جنهن مان رشي ناراض ٿئي، توهان بي فڪر رهو. ائين چئي راجا کي پرڻام ڪري وزير، رشيءَ جي ڪٽيا تي ويو، رشي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺو هو. رشي پنهنجي خيالن ۾ مگن هو. ڇوڪري پوڄا لاءِ گل پٽي رهي هئي.

ٿوري دير کان پوءِ دروازي تي وزير کي بيٺل ڏسي رشيءَ کيس اندر اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. آگيا پائي وزير اندر ويو ۽ رشيءَ جي چرڻن ۾ جهڪي سيس نوايو، رشيءَ کيس آسيس ڏني، ۽ ويهڻ لاءِ آگيا ڪئي. آگيا پائي وزير ٿلهي تي ويهي رهيو. ٿوري

دير کان پوءِ رشيءَ وزير کان پڇيو ته وزير صاحب! ٻڌايو ته ڪنهن اچڻ ٿيو! اهو ٻڌي وزير هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته صبح جي وارتالاپ ۾ توهان راجا کي پنهنجي آتما آنند جي باري ۾ ٻڌايو هو، سو اهڙي منزل توهان ڪنهن پراپت ڪئي. جيڪڏهن ٺيڪ سمجهو ۽ مونکي لائق سمجهو ته توهان پنهنجي آتم ڪٿا ٻڌائڻ جي ڪرپا ڪريو. وزير جي اهـا ڳالهه ٻڌي رشي چوڻ لڳو ته هي وزير! مان ماياپريءَ جي پرسان هڪ ڳوٺ جو رهندڙ آهيان، ذات جو براهمڻ آهيان، منهنجو پتا تمام وڏو ودوان پنڊت هو، اُن مونکي سڀ وديائون پڙهايون، ڌرم جي سکيا پڻ ڏني، وقت اچڻ تي منهنجي شادي به ٿي وئي. ڪال جو ڦيري چڪر ته سڀني جي مٿان ڦرندو رهي ٿو. ڪجھ وقت کان پوءِ ڪال ڀڳوان مونکان منهنجو ماءُ پيءُ کسي ورتا، مال - ملڪيت ته جام هئي، وديا ۽ وڏن جي پرتاپ ڪري پيءُ وانگر منهنجو جس به چوڌاري پکڙجي ويو، جوانيءَ جي اوسٿا گذرڻ بعد منهنجي گهر هڪ ڪنيا جنم ورتو، پورب جنم جا ڪجھ ڪرم اهڙا هئا، مون پنهنجي استريءَ کي چيو ته منهنجو من هن فاني دنيا مان ڪٽجي پيو آهي، هن دنيا کي ڇڏي بن ۾ وڃڻ چاهيان ٿو، تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي. منهنجي استري پڻ پتورتا هئي، تنهن

چيو ته هي پٽي ڏيو! مان نه توهان جو پاڇولو آهيان، جيئن توهان جي آڳيا هوندي، ان موجب پيروي ڪنديس. ان وچن جو پڪو ارادو ڪري مون پنهنجو سڀ مال - ملڪيت لٽائي ڇڏي، ماڻهو مونکي پاڳل چوڻ لڳا. سڀ ڪجھ لٽائي پنهنجي استريءَ ۽ پٽريءَ کي وٺي هت هن بن ۾ اچي رهيو آهيان، هت جهوپڙي ٺاهي زندگيءَ جا ڏينهن سک آرام سان ڪاٽي رهيو آهيان. جيڪو سڀ آسرا ڇڏي ڪري رڳو ڀڳوان جو آسرو ۽ سهارو وٺي ٿو ته ڀڳوان به ان جو مددگار ساٿي بڻجي پوي ٿو. ڏهه ٻارهن سال ٿيندا ته منهنجي پتنيءَ پڻ پرلوڪ پڌارجي وئي. مان پڻ اچي اڪيلو ٿيو آهيان، هيءَ منهنجي نياڻي آهي، هن جو نالو شانتا آهي، هن کي مون ويدن پراڻن ۽ ڌرم شاسترن جي پوري سکيا ڏني آهي، هن نياڻيءَ جي هن وقت سورهن سال عمر آهي، اڃا ڪنواري آهي، منهنجي سيوا ڪندي رهندي آهي، زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجھ حاصل ڪرڻو هو، اهو مون حاصل ڪيو آهي، هاڻي مونکي ڪوبه فڪر يا چنتا ڪانه آهي. نياڻيءَ جي وواهه جو به فڪر ڪونه آهي. ايترو چئي رشي چپ ٿي ويو، وري پنهنجي ڌيان ۾ لين ٿي ويو، رشيءَ جي حالت ڏسي وزير اچرج ۾ پئجي ويو، ايتري ۾ ڇوڪريءَ گل ڪٺي آئي، تمام سهڻو ۽ مٺو آواز ڪري

پيءُ کي ڄاڻايائين، سنڌيا ڪرڻ لاءِ پيءُ کي جل ۽ گل ڏنائين. وزير رشيءَ کي پرڻام ڪيو، آگيا وٺي ڏيري ڏي آيو، رشي سنڌيا ڪرڻ لڳو.

وزير ڏيري ڏي پهچي راجا کي پرڻام ڪيو. راجا جي آگيا پائي وزير، رشيءَ جو سڄو ورتانت جيئن جو تيئن ورڻن ڪري ٻڌايو. رشيءَ جي عجيب استتيءَ جو به بيان ڪيو. رشيءَ جو سڄو سماچار معلوم ڪري راجا تمام گهڻو خوش ٿيو. وزير کي چوڻ لڳو ته جيئن ته نگرواسي ۽ ماتا صاحب وواهه ڪرڻ لاءِ مونکي مجبور ڪندا رهندا آهن، اها توهان کي به خبر آهي. هوئن ته منهنجي وواهه ڪرڻ ڏي بلڪل مرضي ڪين آهي. پر جيڪڏهن آهي منهنجو وواهه ڪرڻ چاهيندا ته مان هن رشيءَ جي پتريءَ سان وواهه ڪرڻ چاهيندس. ڇوته هيءَ ڇوڪري نه رڳو سهڻي آهي، پر گڻوان ۽ ودوان پڻ آهي. نه رڳو ايترو پر ڌرم کي ڄاڻڻ واري به آهي ۽ ڌرم ۾ پورڻ وشواس پڻ اٿس، اهو سڀ ڪجهه مون سندس هلت چلت مان معلوم ڪيو آهي. اُن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ مان مونکي ته ائين ٿو لڳي ته اُن پڻ پنهنجي پيءُ وانگر برهم جو ساکيات ڪيو آهي. اهڙي سڀاڳي سلڇڻي ڇوڪريءَ سان وواهه ڪرڻ ۾ مونکي ڪوبه اعتراض ڪونه آهي. هيءَ ڇوڪري نه منهنجي ساڌنا ۾ سهائتا

ڪندي، وزير کي نه ٻڌائين راڄ ماڻا ۽ وڏي وزير
سمجهائي ڇڏيو هو ته اهڙي ڪوشش ڪجانءِ جيئن
راجا وواهه لاءِ راضي ٿئي. راجا جي اڀلاشا ڄاڻي ڪري
وزير چيو ته راڄن! مان توهان جي وواهه لاءِ پوري
پوري ڪوشش ڪندس. راجا جي آگيا سان وزير
رشيءَ وٽ ويو.

رشي ڪٽيا ۾ اندر ويٺو هو، سندس پٽري پتا
لاءِ پوڄن تيار ڪري رهي هئي. وزير اندر اچي
رشي پٽريءَ کي پرڻام ڪيو ۽ رشيءَ سان ملڻ جي اڇا
ظاهر ڪئي، ڇوڪريءَ اندر وڃي وزير جي اچڻ جي
پنهنجي پيءُ کي سوچنا ڏني. رشيءَ، وزير کي اندر
موڪلڻ لاءِ پٽريءَ کي چيو، رشي پٽري ٻاهر اچي
وزير کي اندر وڃڻ لاءِ چيو. آگيا پائي وزير اندر
ويو، رشيءَ وزير کي وهڻ لاءِ آگيا ڏني،
رشيءَ کي پرڻام ڪري وزير ويهي رهيو،
ٿوري دير کان پوءِ رشيءَ وزير کي چيو
ته آنند منگل ته آهن نه! اڄ توهين اداس ڏسڻ ۾ ٿا
اچو، ڀيو ته سک آهي نه! ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا؟
رشيءَ جا وچن ٻڌي وزير هٿ جوڙي چيو ته ڀڳوان!
توهين ته انترجامي آهيو، سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا، اڄ مان
توهان کان ڪجهه پڇڻ آيو آهيان، پر ڊپ ۽ لڄ کان
پڇڻ جي همت ٿي نه ٿي ٿئي. ڊپ ۽ لڄ جا اڪر

ٻڌي رشيءَ ٿورو مشڪي چوڻ لڳو ته ڊپ ۽ لڄ جي هن وقت ڪائي جڳهه ڪانهي آهي، توهين ڊپ ۽ لڄ ڇڏي ڪري بي حجاب ۽ بي وسوسي ٿي ڪري جيڪي ڪجهه پڇڻو اٿوَ اهو ڀلي پڇو. ڊپ ۽ لڄ کي ناس ڪرڻ واري رشيءَ جي واڻي ٻڌي، وزير جا ڀرم سنسا سڀ ناس ٿي ويا، ۽ هٿ جوڙي نمرتا سان چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان! توهين ته سچي مڙد آهيو، پر مان پنهنجي لڄ ٻڏيءَ ڪارڻ ڊڄي رهيو آهيان. جيڪڏهن منهنجو گناهه معاف ٿئي ته عرض ڪريان، رشيءَ وري ته چيو توهان اندرو ڊپ ڏاءِ چوتا ڪريو، توهان ڊڄو ٿا ته چڱو، مون توهان جو گناهه معاف ڪيو. هي وزير! جن جو ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس ۽ ڀروسو آهي، اهي سڀني کي ٻي ڊپو ٺاهڻ ۾ سمرٿ ٿيندا آهن، گنهگار کي به معاف ڪري ڇڏيندا آهن، پر توهان ته ڪوئي ڏوهه ڪونه ڪيو آهي جو ايترو گهٻرايو ٿا، رشيءَ جا وچن ٻڌي، وزير کي ڳالهائڻ جي همت ٿي، وزير چوڻ لڳو ته جيئن ته راجا پاڻ توهان کي ٻڌايو ته مان ڪنوارو آهيان، راجا، توهان کي وواهه نه ڪرڻ جو ڪارڻ نه ٻڌايو، اسين سڀئي وقت بوقت کيس وواهه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا ٿي آيا آهيون. ان وواهه جي ڪٿ پت جي ڪري ٿي راجا نمرتا ياترا لاءِ نڪتو آهي ته ڪجهه وقت سک شانتيءَ سان

گذري. وري به ورواهه نه ڪرڻ جو ڪارڻ رشيءَ کي ٻڌائيندي وزير چوڻ لڳو ته راجا کي اهوئي ڏپ هو ته، ڪٿي اهڙي استري نه ملي وڃي جو منهنجو جيئڻ ئي زهر بڻائي ڇڏي، وڌيڪ ڪهڙو عرض ڪريان. توهين جاڻي جاڻڻهار آهيو. راجا جي اڳا کي جاڻي سگهو ٿا.

وزير جي ڳالهه ٻڌي رشيءَ مشڪي وراڻيو ته مان سمجهي ويس، راجا منهنجي لياڻيءَ سان ورواهه ڪرڻ چاهي ٿو، وزير! توهان ڏپ نه ڪريو، اهو منهنجوئي سنڪلپ هو، ڏپ ۽ حجاب جو تياڳ ڪريو، ٻرهينءَ پورڻماسيءَ جو سنو ڏينهن آهي، سو توهين وڃي ورواهه جي تياري ڪريو، پورڻماسيءَ جي شب ڏينهن هيءَ منگل ڪارڄ پورو ٿيڻ گهرجي. رشيءَ جا وچن ٻڌي وزير خوش ٿيو، ۽ ڪيس پرڻام ڪري آگيا وٺي ڏيري تي آيو. هوڏانهن رشيءَ پنهنجي پتريءَ کي سندس ورواهه جي باري ۾ ٻڌايو، هيڏانهن وزير، راجا کي شب سماچار ٻڌايو. دل پسند سماچار ٻڌي راجا من ئي من ۾ ڏاڍو پرسن ٿيو، وزير کي ورواهه لاءِ تياريون ڪرڻ ۽ راڄڌانيءَ ۾ شب سماچار موڪلڻ جي آگيا ڏني، آگيا پائي وزير ورواهه جون سڀ تياريون ڪري، راڄڌانيءَ ۾ شب سماچار موڪليو. پورڻماسيءَ شب ڏينهن ۽ شب گهڙين ۾ اگنيءَ جي ساکيءَ جي

۾ ويد وڌيءَ موجب راجا رشيءَ پتريءَ سان وواهه ڪيو. وواهه جو سڀ ڪاريه ٿي وڃڻ بعد به ٿي ڏينهن رکي راجا پنهنجي ديش وڃڻ جو ويچار ظاهر ڪيو. راجا جو ويچار ڏسي رشيءَ ڪيس چيو ته ڏاجي ۾ مان توهان کي ڇا ڏيان! راجا چيو ته ڀڳون! جيڪڏهن توهين پنهنجي ڪرپا ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان پنهنجي آشيرواد ڏيو. راجا کي آشيرواد ڏيندي رشيءَ وري پنهنجي ڌيا کي چيو ته پتري! مون وٽ جيڪو به ودّيا روپي ڌن هو، اهو مون توکي ڀرڻ ۾ ٿي ڏيئي ڇڏيو آهي. هاڻي اُن جي خرچ ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، سڀ ڪجھ سمجھجانءِ پر ڪجھ به نه ڪڇجانءِ، پتيءَ کي پرميشور ڄاڻي دل وَ جان سان سيوا ڪندي رهجانءِ، پتيءَ جي آگياڻ جو ڪڏهن به النگهن نه ڪجانءِ، جنهن ۾ پتي خوش رهي، اهو ئي ڪم ڪجانءِ. پنهنجي فرض جو هميشه پالن ڪندي رهجانءِ، توهان ٻنهي سان گڏ منهنجي آشيرواد رهندي. رشي پتريءَ پنهنجا فقيراڻا ڪپڙا ۽ ڪجهه ڌرم شاستر، هڪ هنڌ ۾ ٻڌي پاڻ سان کنيا. راجا اُٿي رشيءَ کي پرڻام ڪيو، رشيءَ ٻنهي جي مٿي تي پنهنجو وردايڪ هٿ رکيو ۽ آشيرواد ڏني. وزير ۽ نوڪرن چاڪرن پڻ رشيءَ جي چرڻن ۾ پرڻام ڪيو. راجا رشيءَ کان آشيرواد ۽ آگيا وٺي پنهنجي

ديش روانو ٿيو.

ياترا ڪندي راجا جڏهن پنهنجي راڄڌانيءَ جي ويجهو پهتو، تڏهن هڪ نوڪر هٿان پنهنجي اچڻ جي سوچنا وڏي وزير کي موڪلي ڏني. راجا جي سکي سان موٽي اچڻ جي سوچنا پڙهي، وڏو وزير ڏاڍو خوش ٿيو. راڄ ماتا ۽ نگرواسين کي شڀ سماچار ٻڌايو ويو. سماچار ٻڌي سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا. سڀئي نگرواسي پنهنجا پنهنجا گهر سينگارڻ لڳا. مکيه بزارن، چوڪن ۽ سڄي نگر کي رنگبرنگي گلن- ڦلن سان سينگاريو ويو. راڄ محل کي خاص طرح سان سينگاريو ويو. وزير - امير، مکيه چوڌري، ۽ نگر جا ماڻهو راجا ۽ راڻيءَ جي آجيان ڪرڻ لاءِ راڄڌانيءَ جي مکيه دروازي تي اچي بيٺا. راجا ۽ راڻي هاٿيءَ تي سوار ٿيا. بئنڊ باجا وڄڻ لڳا، سهاڳڻيون منگل گيت ڳائڻ لڳيون مٿان ماڙين تان راجا ۽ راڻيءَ تي گلن جي ورکا ٿيڻ لڳي. ڌوم-ڌام سان راجا جي سواري راڄ محل جي مکيه دروازي تي پهتي، راڄ ماتا پنهنجي پٽ ۽ نُنهن جي آرتي ڪئي، جيڪي منگل ڪارڄ ڪرڻا هئا، اُهي سڀ وڌيءَ موجب ڪيا ويا. راجا ۽ راڻيءَ راڄ ماتا جي چرڻن ۾ سر جهڪائي پرڻام ڪيو، ۽ آشيرواد ورتي. اُن بعد راڄ محل ۾ داخل ٿيا. سڀ نگرواسي راجا جي وواهه جي خوشيءَ ۾ خوشيون

مدائڻ لڳا.

پٺيءَ ڏينهن راجا ۽ راڻي راج سڀا ۾ آيا، وزيرن اميرن ۽ پرجا اُٿي ڪري راجا ۽ راڻيءَ جو سواگت ڪيو، چارڻ ڀٽ اُستتي ڪرڻ لڳا. پرجا، راجا ۽ راڻيءَ جي جئہ ڪار مدائي، تاڙيون وڄائي پنهنجي خوشي ظاهر ڪئي. راجا ۽ راڻيءَ پڻ هٿ جوڙي پرجا جو سنمان ڪيو. ان بعد راجا ۽ راڻي راج سنگهاسڻ تي براجمان ٿيا، ان کان پوءِ سيٺ ماڌو پڻ راجا ۽ راڻيءَ کي پرڻام ڪري پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي وڃي ويٺا، راجا سيٺ کان ڪشل سماچار پڇيا ۽ پنهنجي ساٿرا جي سماچار ٻڌائڻ لاءِ وزير کي آگيا ڪئي. آگيا پائي وزير، راجا جي ساٿرا ۽ وواهہ وغيره جو سڀ سماچار ٻڌايو، ان بعد مدائي ورهائي وئي، سڀا سماپت ٿي. سيٺ ماڌو پنهنجي گهر ويو. راجا پنهنجي راج جي ڪاروبار ۾ لڳي ويو، هيڏانهن، راڻي پڻ پتيءَ جي سنمان پاڻي پوڄا، آسڻ، پوڄن، وغيره جي خاص شيوا پنهنجي هٿن سان ڪندي هئي، ٻين ڪمن تي پڻ نظر رکندي هئي. پتيءَ، سس ۽ راج ڪٽنب جي ننڍين وڏن سڀني ٻالڪن کي شيوا ۽ مٺڙي واڻيءَ سان خوش رکندي هئي. سڄو راج پريوار راڻيءَ جي سڀاءَ ۽ شيوا تي خوش رهندو هو. گهر جي ڪم ڪارن کان پوءِ جيڪو به وقت بچندو هو، راڻي اُهو سڀ

ڌرم شاسترن جي پڙهڻ ۾ لڳائيندي هئي. ڏينهون
ڏينهن راجا ۽ راڻيءَ جو پاڻ ۾ پريم وڌڻ لڳو.
پنهنجي پتا والگر هيءَ راجا ۽ راڻيءَ کي وقتي
ست سنگ ۾ ويندو هو، راجا جي وواهه کان پوءِ سڄي
پرجا سک شانتيءَ ۾ رهڻ لڳي.

دنيا ۾ سڀني قسمن جا ماڻهو ٿيندا آهن. ڪي
ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جن کي سک شانتي ڪين
وڻندي آهي، ٻين کي سکيو ستابو ڏسي پيا سڙندا
پوسرندا آهن. ڪي ماڻهو راجا ۽ راڻيءَ جي وڌندڙ
پريم، جس - ڪيرتيءَ ۽ پرجا جي سک شانتيءَ کي
ڏسي سهي نه سگهيا. انهن سڙ پچ ڪــان شهر ۾ اهو
هل هلايو ته راجا جهنگ مان هڪ فقيراڻيءَ سان شادي
ڪري آيو آهي، شهر ۾ جتي جتي ماڻهون مڙد گڏ
ٿين ته اهائي ڳالهه ڪن ته راجا جيڪا شادي ڪئي
آهي، اها راج گهراڻي جي راجڪماري ڪانه آهي پر
هڪ رشيءَ جي ڇوڪري آهي. فقيراڻي آهي. ڇيڻي
پور ۽ گهٽائي ماڻهو هوندا آهن. جيڪي پاڻ لڳائيندي
دير ڪين ڪندا آهن. ڪن وري هل هلايو ته هن
فقيراڻيءَ جي پوڄا اسين راڻيءَ والگر ڪين ڪنداسون،
جهڙا منهن اوڙ اون ڳالهيون.

اها ڳالهه راجا راڻيءَ جي ڪن تي به پهتي، پر
راجا ته ان ڳالهه تي ڪو به ڌيان ڪين ڏنو، ڇو ته راجا

کي راڻيءَ جي خبر هئي ته هوءَ فقيرياڻي آهي يا وڏ گهراڻي
آهي. راجا پاڻ به ڌرم-نيت جو ڄاڻو هو، تنهن ڪري
راجا هن ٽنهي طوفان کي ڀڳوان جي ليلا سمجهي ڪنهن
کي به ڏوهي ڪين ٺهرايو. نه ڪي ڪنهن کي سزا ڏني.
نه ڪي ڪنهن جي عزت ورتي. پنهنجي من کي قبضي
۾ رکي ڪري ڀڳوان جي ليلا ڏسڻ لڳو. راڻيءَ به اها
ڳالهه پڌري ڪئي، ته رڳو اتر ۽ پر وڏ گهراڻين زالن،
راڻيءَ کي تمام گهڻو گهٽ وڌ پڻ ڳالهايو، پر راڻيءَ
جا خيال ته تمام اوچا هئا، هوءَ هن پنجن ڀوتن جي
شرير کان الڳ ٿي چڪي هئي، اُن جي نظر ۾ نه هيءُ
سنسار ئي ڪين هو، دک-سک، نفعو نقصان، جس
اپجس، جنم-مرڻ ته هن شرير تائين محدود آهن،
ڪير ڪنهن سان پيار ڪري ڪير ڪنهن سان نفرت
ڪري، پر هوءَ ته پيار ۽ نفرت جو ليڪو ٽنگهي مٿي
چڙهي ويئي هئي.

راڻي، هڪ فقير جي ڇوڪري آهي. فقيرياڻي
آهي. اها ڳالهه زور وٺندي وئي، ڇوٽ پڇو وڌندي
وئي. هاڻي اِن ڳالهه ڏانهن، راج پريوار جي ماڻهن ۽
امير ن-وزيرن جو ڌيان پڻ ڇڪايو ويو، انهن راجا
کي اُهو ڇپو پر راجا ڪوئي به ڌيان ڪين ڏنو، حالانڪ
منتري نيت-ڌرم کي خوب ڄاڻندڙ هئا، راجا جي
خاص وزير، جيڪو راجا سان گڏ پاڙا ئي ويو هو

اُن پڻ سڀ سماچار ٻڌايو هو، پر تڏهن هوندي به ڀڳوان جي مايا زبردست آهي. سيٺي کي ڀلائي ڇڏي ڏني، ليلا ڌاريءَ جي ليلا ئي نرالي آهي. اها ڪڏهن ڪنهن کان ڇا ڪرائڻ چاهي ٿي، ان ڳالهه کي ڪو به نٿو ڄاڻي سگهي. رڳو اهو ڄاڻي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي پاڻ کي ارپڻ ڪري ٿو، تن-مال-ملڪيت لٽائي ڇڏڻ، ٻا گهر ٻار ڇڏي اڪيلو ٻا ٻارن ٻچن سوڌو ڪنهن آشرم ۾ وڃي رهڻ، يا جهنگل ۾ وڃي رهڻ، يگيه-هوَن ڪرڻ، دان-پن ڪرڻ وغيره شڀ ڪرم ڪرڻ، يا ديا سهاينا وغيره جيترا به اُپڪار جا ڪرم آهن، آتم سمرپڻ (پاڻ ارپڻ ڪرڻ) انهن سڀني ڪرمن کان الڳ آهي، آتم سمرپڻ جي اَرٿ کي ڪوئي ورلو ئي ڄاڻي ٿو. ڄاڻڻ وارن مان به ڪوئي ورلو ئي آتم سمرپڻ ڪري سگهندو آهي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ راجا جي گهر هڪ سندر سلڇڻي ٻالڪ جنم ورتو، راجا کي پتر سنتان جي پراپتي ٿي آهي، اها خبر نگرواسين کي جهٽ پٽ پهچي وئي، راجڪمار جنم ورتو آهي، اهو سماچار ٻڌي سڄي نگر ۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي، راج محل ۾ نگر ۾ خوشين بدران شوڪ جون شرنائيون وڄڻ لڳيون، ڇا، ايندڙ وقت ۾ ٺڪراڻيءَ جو پٽ اسان جو راجا ٿيندو، نا! نا!! اسين ڪڏهن به ائين ڪرڻ

ڪين ڏينداسون. اهڙيءَ طرح پرجا مخالفت ڪرڻ لڳي.
سڀني ڏينهن کان پوءِ ننگر جا وڏا ماڻهو راجا
وٽ ويا ۽ چوڻ لڳا ته راجن! توهان کي پتر جي
پراپتي ٿي آهي، سو اها ته تمام خوشيءَ جي ڳالهه
آهي، پر توهان جو هيءُ راجڪمار راڄ سنگهاسن جو
حقدار ڪين ٿيندو. ڇاڪاڻ ته اهو هڪ فقيرائيءَ
جو پٽ آهي، تنهن ڪري يا ته هن کي مارائي ڇڏيو
يا ته هن کي راڄ جي حدن کان ٻاهر جهنگل ۾ ڦٽو
ڪرائي ڇڏيو، پرجا جو اهو ويچار آهي. جيستائين توهين
ائين ڪين ڪندا تيستائين اسين اَن جل ڪين
ورتائينداسون. ائين چئي ڪري سڀ ماڻهو راڄ محل
جي در تي ڌرڻو ماري ويهي رهيا، نگرواسين جي
ورتل سخت اعتراض ۽ ڇتاءَ جي ڳالهه ٻڌي راجا
ڏکي ٿيو، ٿوري دير ويچار ڪري ڏکي دل سان
راجا، انهن سڀني کي وشواس ڏيندي چيو ته ان ڳالهه
جو اپاءُ ڳوليندس، توهان وقت جو انتظار ڪريو،
پرجا کي ائين چئي راجا وياڪل من سان اندر محل ۾
ويو. دل ڏاريندڙ دک ڀريل سماچار راجا، رائيءَ کي
ٻڌايو. ڳوڙها ڳاڙيندي راجا، رائيءَ کي چوڻ لڳو ته
هن مصيبت جي وقت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. موکي
ته ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين ٿو اچي. جيڪڏهن پرجا
جي ڳالهه رکان ٿو ته هن اي سمجهه ٻالڪ جو تياڳ

ڪرڻو پوندو، ته نه پرجا بغاوت ڪندي. پرجا جي خوشيءَ لاءِ جيڪڏهن هن ٻالڪ جو ٻلياڳ ڪجي ته منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي، مان سمجهان ٿو ته منهنجي دل کي گهري چوٽ لڳندي، مان ته ٻن ٻاهين جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهيان، پتيءَ جا وچن ٻڌي ڪري راڻيءَ نماڻائيءَ ۽ همت سان چيو ته:-

❁ پورن آتم ٻڌوي پائي، پرمانند آنند اگهائي.
سڀ گهٽ جوتي ڪيلن هارا، سو هنءَ ساکي روپ همارا.

دوهو:- آتم سورج آدِ ئي پيا، ميري هردي مانهه،
جس ۾ ڪم ٻرسن رهو، مجهڪو، ڪود ڪه نانهه.

هي پتي ديو! توهين رواجي ڳالهه ۾ منجهي پيا آهيو. سچ پڇو ته منهنجو نه ڪُجھ به ڪين آهي. جيڪي ڪجھ آهي اهو سڀ توهان جو ئي آهي. مان ته توهان جو پاڇولو آهيان. منهنجي هردي ۾ آتم گيان جو سج تمام تکي تيج سان چمڪي رهيو آهي. هي راڄن! جتي، آتم گيان روپي سج جو پرڪاش آهي اتي، شوڪ موهه روپي اوندهه ڪٿان ايندي. مولڪي سنسار جو وڏي ۾ وڏو سک، ۽ وڏي ۾ وڏو ڏک، ڇهي نه ٿو سگهي. موهه- ممتائي ڏک ۽ سک جو ڪارڻ آهي. مون ته پرمانند کي پاتو آهي ۽ شوڪ موهه جي حد کان لنگهي پار پئي آهيان، هاڻي مان، پنهنجي ئي آنند ۾ مگهن آهيان. سو هي

ساھوارن جي ھردي ۾ پراڄمان جيڪو، ساڪي چيتن
آھي، جيڪو ترنھين گڻن ۽ مايا کان پري آھي، جيڪو
سڀني کي روشن ڪري رھيو آھي، اھو منھنجو سچ
روپ آھي. ھي سوامي! منھنجي اِھائي وينتي آھي
تہ جنھن ۾ پرجا راضي رھي، اُھو ڪم وڏي خوشيءَ
سان ڪريو، دل کي ننڍو نہ ڪريو. ھيءَ جيءُ پنھنجا
ڪرم ڪٽي اچي ٿو ۽ پنھنجا ڪرم ڪٽي وڃي ٿو.
توھان وڏيءَ دل سان پرجا جي اِڇا پوري ڪريو.

ائين چئي راڻيءَ پنھنجي ٻالڪ کي جو اڃا
پندرھن ڏينھن جو مس ھو، پنھنجي ٻنھي ھٿن ۾
کنيو ۽ ٻار کي چوڻ لڳي تہ ھي پٽ! جيڪو ھر ھنڌ
حاضر، اجر، امر، اکنڊ، اِبناسي، سڀ ۾ وسندڙ،
سمرٿ سائين، ست چت آنند گھن، پرپورڻ پرماتما
آھي، جيڪو انسان جو ساٿي آھي، ٻي سھارن جو
سھارو آھي، اڙين جو آڌار آھي، اُن ايشور جي شرڻ
۾ توکي ارپڻ ڪري رھي آھيان، اھوئي سڀني طرفن
کان تنھنجي رکيا ڪندو ۽ پاليندو. ائين چوندي
راڻيءَ پنھنجي ٻالڪ کي پرسن من سان راڄا جي
ھٿن ۾ ڏنو، پٽ پريم جي ڪري راڄا جي اکين ۾
پاڻي ڀرجي آيو، راڄا جي من جي ڀڙا کي ڄاڻي
راڻيءَ سندس ھمت حوصلو وڌائيندي چيو تہ ھي
سوامي! توھين ايترو وياڪل ڇو ٿي رھيا آھيو، ھيءَ

جنهن جي امانت آهي ان وقت ٿي وڃي رهي آهي، پرائي امانت واپس ڪري اسان کي پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي، نه ڪ رلڻ ٿيڻ گهرجي! راڻيءَ جا اهي وچن ٻڌي راجا کي ٿورو صبر آيو، پٽ کي ٻاهر ڪڍي آيو. دل تي پٿر رکندي راجا، ٻالڪ کي وزير جي هٿن ۾ ڏنو ۽ چيو ته مان پرجا جي سک لاءِ سڀ ڪجھ تياڳ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. وزير ٻن چئن نوڪرن کي ساڻ وٺي ان ٻي سمجهه ٻالڪ کي گاڏيءَ ۾ ڪڍي هليو. پنهنجي راڄ جي حدن کان ٻاهر، خطرناڪ ۽ گهاٽي جهنگ ۾ هڪ ٻڙ جي وڻ هيٺان گاهه جي سيجا تي ٻالڪ کي سمهاري ڇڏي آيو، ٻالڪ کي جهنگ ۾ ڇڏي اچڻ جو سماچار ٻڌي نگرواسي تمام گهڻو خوش ٿيا.

اهڙيءَ طرح راجا کي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌياڻي ٻه ٻالڪ ٻيا به ڄاوا، پرجا وري به ڪٽ پٽ ڪئي، جهيڙي کي مٽائڻ لاءِ راجا اهوئي ڪم ڪيو جيڪو پرجا چاهيو ٿي. مطلب ته پٽ ۽ ڌياڻيءَ کي ٻه جيڪي اڃا پنڌ رهڻ نه ڏنهن جا مس هئا، اهيءَ ساڳيءَ جڳهه تي ٻڙ جي وڻ هيٺان ڇڏي آيا.

هاڻي جن ٻي سمجهه ٻالڪن کي جهنگ ۾ ڇڏي آيا هئا، انهن جو ڇا ٿيو؟ شاستر چون ٿا ته:-

श्लोक :- पुण्या सती यस्य गेहे, वर्तंते सत्य तत्परा ।

तत्र यज्ञाश्चगावश्च ऋषयस्तत्र नान्यथा ।

तत्र सर्वाणि तीर्थानि पुण्यानि विविधानि च ॥

جنهن گهر ۾ ستي (پتوورتا) استري رهي ٿي، اتي سڀئي يگيه، ڪاڻون، رشي، تيرٿ، سڀئي پوتر ۽ پنيه آتمائون اچي واس ڪن ٿيون.

श्लोक:- हुताशनो वा सूर्यो वा सर्वं तेजस्विनां वरः ।

पतिव्रतातेजसश्च कलां नार्हन्ति षोडशीम् ॥

ڏنهن ڪان سواءِ سج ۽ باهه ۾ جيڪو تيج، روشني ۽ شڪتي آهي. اهو سڀ ملي ڪري به پتوورتا (ستيءَ) استريءَ جي ستي پڻي ۽ پتوورت ٻل، تيج ۽ شڪتيءَ جي سورهين حصي جي برابر نه ڪين آهي. پتوورتا استرين کان ديوتائون به ڊڄندا آهن.

مهرشي آتريءَ جي ڌرم پتني مهاستي انسويا، پنهنجي پتوورت ڌرم جي ٻل سان، برهما، وشنو ۽ مهيش کي به ننڍڙا ٻار بڻائي ڇڏيو هو.

گذريل زماني جي ڳالهه آهي، سنيوبا نالي هڪ پتوورتا استري ٿي گذري آهي. ان جي پتيءَ کي ڪني ڪوڙهه جي بيماري هئي، ۽ هو لنگڙو به هو. اهڙيءَ حالت هوندي به سنيوبا کي پنهنجي پتيءَ جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪين ڪي تڪليف ايندي هئي، نڪي ڪين بد بوءِ ايندي هئي، نڪي ڪين رنج ٿيندو هو، نڪي ڪين آلس ٿيندو هو، نڪي ڪين روپ يا خراب لڳندو هو. هوءَ پنهنجي پتيءَ کي ڀڳوان

جو روپ سمجهي سگهي ۽ پريم سان تن - من لڳائي
شيوا ڪندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن سنيوڳا جي پتيءَ پنهنجي گهر وٽان
هڪ تمام سهڻيءَ ويشيا کي لنگهندو ڏٺو، ويشيا
کي ڏسندي ئي هو ان جي من موهڻيءَ صورت تي
موهت ٿي ويو. ويشيا سان ملڻ جي اڇا ان پنهنجي
استريءَ کي ٻڌائي ۽ کيس چيو ته جيترو جلدي ٿي
سگهي اوترو جلدي موڪلي ان ويشيا سان ملاءِ نه ته
منهنجو پراڻ پکيئڙو اڏامي ويندو. پتيءَ کي خوش
ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو به ويچار نه ڪري، پنهنجي پتيءَ
سان ملائڻ لاءِ جيئن تيئن ڪري ويشيا کي راضي
ڪيو. پنهنجي پتيءَ جي اڇا پوري ڪرڻ لاءِ سنيوڳا
ان کي ڪاري (نوڪري) ۾ وهاري ويشيا جي گهر
وٺي وڃي رهي هئي. جنهن رستي تان سنيوڳا وڃي
رهي هئي، رشي مانڊويه ان رستي ۾ هو، جنهن
کي غلطيءَ ڪان چور سمجهي راڄا جي نوڪرن سوريءَ
تي چاڙهيو هو. رات جو وقت هو، ڪاري اونداهه
هئي. تنهن ڪري نوڪري ۾ ويٺل سنيوڳا جي پتيءَ
جو پير، سوريءَ تي چڙهيل رشي مانڊويه کي لڳي
ويو. لوڏي اچڻ سان رشيءَ کي تمام گهڻو سور ٿيڻ
لڳو. سهڻ کان ٻاهر تڪليف محسوس ڪري، رشيءَ
هڪدم سراپ ڏنو. ”جنهن موڪلي تڪليف پهچائي

तत्र सर्वाणि तीर्थानि पुण्यानि विविधानि च ।।

جنهن گهر ۾ ستي (پتورتا) استري رهي ٿي، اتي سڀئي يگيه، ڳائون، رشي، تيرٿ، سڀئي پوتر ۽ پڃيه آتمائون اچي اواس ڪن ٿيون.

श्लोक:- हुताशनो वा सूर्यो वा सर्वं तेजस्विनां वरः।

पतिव्रतातेजसश्च कलां नार्हन्ति षोडशीम् ।।

ڏنهن کان سواءِ سج ۽ باهه ۾ جيڪو تيج، روشني ۽ شڪتي آهي. اُهو سڀ ملي ڪري به پتورتا (ستيءَ) استريءَ جي ستي پڻي ۽ پتورت بل، تيج ۽ شڪتيءَ جي سورهين حصي جي برابر نه ڪين آهي. پتورتا استرين کان ديوتائون به ڏڪندا آهن.

مهرشي اَتريءَ جي ڌرم پتني مهاستي اَنسوُيا، پنهنجي پتورت ڌرم جي بل سان، برهما، وشنو ۽ مهيش کي به ننڍڙا ٻار بڻائي ڇڏيو هو.

گذريل زماني جي ڳالهه آهي، سنڌويا نالي هڪ پتورتا استري ٿي گذري آهي. اُن جي پتيءَ کي ڪني ڪوڙهه جي بيماري هئي، ۽ هو لنگڙو به هو. اهڙيءَ حالت هوندي به سنڌويا کي پنهنجي پتيءَ جي سيوا ڪرڻ ۾ ڪيس نڪي تڪليف ايندي هئي، نڪي ڪيس بد بوءِ ايندي هئي، نڪي ڪيس رنج ٿيندو هو، نڪي ڪيس آلس ٿيندو هو، نڪي ڪيس برو يا خراب لڳندو هو. هوءَ پنهنجي پتيءَ کي ڀڳوان

جو روپ سمجهي سڪ ۽ ٻرهم سان ٻن - من لڳائي شيوا ڪندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن سنيوڳيتا جي پتيءَ پنهنجي گهر وٽان هڪ تمام سهڻيءَ وڻشيا کي لنگهندو ڏٺو، وڻشيا کي ڏسندي ئي هو ان جي من موهڻيءَ صورت تي موهت ٿي ويو. وڻشيا سان ملڻ جي اڇا ان پنهنجي استريءَ کي ٻڌائي ۽ ڪيس چيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي اوترو جلدي مولڪي ان وڻشيا سان ملاءِ، نه ته منهنجو پراڻ پکيئڙو اڏامي ويندو. پتيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو به ويچار نه ڪري، پنهنجي پتيءَ سان ملائڻ لاءِ جيئن تيئن ڪري وڻشيا کي راضي ڪيو. پنهنجي پتيءَ جي اڇا پوري ڪرڻ لاءِ سنيوڳيتا ان کي ڪاري (نوڪري) ۾ وهاري ويشيا جي گهر وٺي وڃي رهي هئي. جنهن رستي کان سنيوڳيتا وڃي رهي هئي، رشي مانڊوي ان رستي ۾ هو، جنهن کي غلطيءَ کان چور سمجهي راجا جي نوڪرن سوريءَ تي چاڙهيو هو. رات جو وقت هو، ڪاري اونده هئي. تنهن ڪري نوڪري ۾ ويٺل سنيوڳيتا جي پتيءَ جو پير، سوريءَ تي چڙهيل رشي مانڊوي کي لڳي ويو. لوڏي اچڻ سان رشيءَ کي تمام گهڻو سور ٿيڻ لڳو. سهڻ کان ٻاهر تڪليف محسوس ڪري، رشيءَ هڪدم سراپ ڏنو. "جنهن مولکي تڪليف پهچائي

آهي، اهو سج اڀرندي ئي جلي خاڪ ٿي وڃي."
رشيءَ جي سراپ ڏيندي ئي ستيوا جو پتي ڌرتيءَ
تي ڪري پيو ۽ بي هوش ٿي ويو. پنهنجي پتيءَ
جي اهڙي خراب حالت ڏسي ستي ستيوا بنه چيو
ته "سج ئي ڪين اڀرندو، جو منهنجو پتي مرندو."
ائين چئي ستي ستيوا پنهنجي پتيءَ کي کڻي گهر آئي.

سج نه اڀرڻ ڪري سڄي سنسار ۾ واءِ ويلا مچي
وئي. آخر ۾ ڀڳوان برهما، سڀني ديوتائن کي پاڻ سان
گڏ وٺي ستي ستيوا جي گهر آيو. ستي ستيوا کي
سمجهائيندي برهما چيو ته سج نه اڀرڻ ڪري سڄو
سنسار دکي ٿي رهيو آهي. تو سنسار جي ڀلائي لا
ڪوبه ويچار ڇو ڪين ڪيو؟ برهما جا وچن ٻڌي
ستيوا چيو ته منهنجي لاءِ ته ٻيو ڪوبه ڀڳوان، ديوتا،
گرو يا سنت - مهاتما ڪين آهي. منهنجي واسطي ته
سڀ ڪجهه منهنجو پتي ئي آهي. رشيءَ جي سراپ
سان منهنجي پتيءَ جو موت نه ٿئي، ان ڪري مون
سورج ديوتا کي سراپ ڏنو آهي. تنهن تي برهما،
ستيوا کي خاطري ڏيندي چيو ته تون سج کي اڀرڻ
جي موڪل ڏي، اسين تنهن جي پتيءَ کي جيئرو
ڪنداسون ۽ ستي صفت کيس بخشينداسون. برهما
جي وچن تي وشواس رکي ستي ستيوا سورج ديوتا
کي اڀرڻ جي موڪل ڏني. سج اڀرڻ سان ستيوا

جو پتي جلي خاڪ ٿي ويو. واعدي موجب برهما، اُن کي جيئرو ڪيو ۽ ڪيس اروڳي ڪايا بخشي.

پتوورتا (ستي) استرين جي صفت (ساراهه) ڪيتري ۽ ڪهڙي ڪجي. جيئن سج جي روشنيءَ ۾ چنڊ ۽ تارن جي روشني ڦڪي پئجي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، تيئن پتوورتا استرين جي ٻـــل ۽ تيج اڳيان، سڀئي ديوتائن، رشين، منين ۽ يوگين جو ٻل ۽ تيج به ڦڪو پئو لڳندو آهي.

پتوورتا استرين جي ڀَوَ کان جهنگلي جانور، پکي، پسون ته ڇا پر جن، ڀوت، پريت به پيا ڏڪندا آهن.

اهڙو تيج ۽ ٻل، استرين کي ڪيئن ٿو پراپت ٿئي. ان باري ۾ مهاڀارت انوشاسن پرو ۾ ستي شانڊليءَ ۽ ستي سمنا جو وارتالاپ هن ريت آهي.

سمنا ديويءَ، شانڊلي ديويءَ کان پڇيو ته هي شانڊلي! تو اهڙو ڪهڙو ڪرم ڪيو آهي، جو هت ديولوڪ ۾ آئي آهين؟ هيءُ لوڪ منشن ۽ ديوتائن لاءِ دُرلڀ آهي. ان تي شانڊلي ديوي چوڻ لڳي ته هي ديوي:-

श्लोक :- नाहं काषायवसना नापि वल्कलधारिणी ।
न च मुण्डा च जटिला भूत्वा देवत्वमागता ॥

هن ديولوڪ، پراپت ڪرڻ لاءِ مون ڪي گيڙو ڪپڙا پاتا هئا، نڪي مٿي جا وار ڪوڙايا هئا، نڪي

جٽائون رکايون هيون، لکي ساڌن - سنتن جو ويس پاتو هو، لکي ٽلڪ لڳايا هئا، لکي مالهائون پاتيون هيون، لکي ٽڪاڻا مندر کوليا هئا. مون رڳو پنهنجي پتيءَ جي شيوا ۽ پوڄا ڪئي هئي. تنهن ڪري هن ديولوڪ ۾ آئي آهيان. مون ڪڏهن به پتيءَ جي آگيا کان سواءِ گهر کان ٻاهر هڪ پير به ڪين رکيو هو، نڪي ٻئان ڪارڻ ڪنهن سان ڳالهايو هو. گهر ۾ يا عام ماڻهن يا مٽن مائٽن جي اڳيان مون ڪڏهن به ٺهڪ ڏئي ڪين کليو ڳالهايو هو، نڪي چرچو مسخري ڪيو هو. پتيءَ جي پرديش وڃڻ تي مون ڪڏهن به ڪو هار سينگار ڪين ڪيو هو، هي ديوي سمدا! مون رڳو پتيءَ جي شيوا - پوڄا ڪئي هئي ان ڪري مان هن ديولوڪ ۾ آئي آهيان.

راجا ڀوڄ جي زماني جي ڪٿا، جا هن رهت آهي.

راجا ڀوڄ، روز رات جو ڇمڙا پوش ڪري پرجا جي دک سک ڄاڻڻ لاءِ شهر ۾ گهمندو هو. هڪ رات جو گهمندي گهمندي راجا، ڇا ٿو ڏسي ته، هڪ گهر ۾ کٽ تي هڪ آدمي سمهيو پيو آهي، هڪ استري به کٽ تي ويٺي آهي، جنهن جي هٿ ۾ وڃڻو آهي. آها، ان کٽ تي سمهيل آدميءَ کي وڃڻو لوڏي هوا ڪري رهي آهي. هڪ طرف، چلهه ۾ ٻاهه ٻري رهي آهي. گهر ۾ ڇپ چاپ لڳي پئي آهي. استري ۾ هڪ

ننڍڙو ٻالڪ جو پٽ ئي سمجھيو ويو هو، اهو جاڳي پيو، ”آمان“ ڪري سڏ ڪيائين، ڊوڙو رلو، وري ٻريان ٻاهه جو مچ ٻرندو ڏسي، ان کي رانديڪو سمجھي، ٻالڪ ٻالبولا ڳالهائيندو ان طرف وڌڻ لڳو، ٻالبولا ڳالهائيندو ٻار وڃي ٻاهه جي ويجهو پهتو. اهو سڀ ڪجهه اها کٽ تي ويٺل استري ڏسي رهي هئي، پر ٻار کي ٻاهه ۾ پوڻ کان بچائڻ لاءِ ڪين اٿي. وچڙو لوڏيندي رهي. ٻار راند ڪندو وڃي ٻاهه جي مچ ۾ پيو. هن دردناڪ حادثي ڏسڻ جي راجا کي همت ڪين ٿي سو ڪٿي اکيون بند ڪيائين. وري جان کٽي اکيون پٽي ڏسي ته ٻار ٻاهه جي وچ ۾ ويٺو آهي، پر ڊڙ ڏاڍن ن، ٻرندڙ آلن سان راند ڪري رهيو آهي. اهو لقاءُ ڏسي راجا ڀوڄ ٻرس ۾ پئجي ويو. هيءَ ڪهڙو اسرار آهي! راجا ڀوڄ ان اسرار کي سمجھڻ جي گهڻيئي ڪوشش ڪئي پر کيس ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين آيو. آخر، ٻاهه ٻالڪ کي چٽو ڪين ساڙيو. ان ڳالهه جو ويچار ڪندي راجا محل ۾ اچي پلنگ تي ليٽي پيو، راجا ڀوڄ کي ننڊ نه ڪين آئي، پر راجا ان اسرار کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت ۾ هڪ پد ٺاهيو :-

श्लोक :- हुताशनश्चन्दनपङ्क शीतल: ।

ايتري ۾ صبح ٿي اچي ويو، راجا ڀوڄ سنان پاڻي، پوڄا پاٺ ڪري راج درٻار ۾ آيو. سنگهاسڻ تي

اچي ويٺو، سيٺ پنڊت ۽ وڏا وڏا ماڻهو به اچڻ لڳا. جڏهن سيٺ اچي ويا، تڏهن راجا ڀوڄ، سيٺ کي مخاطب ٿي ڪري هيٺيون پد اچاريو. ساڳيو پد، وري وري چوائين. پد جو ارٿ:- باهه چندن وانگر ٿڌي ٿي وئي. راجا ڀوڄ جي دربار ۾ سيٺ پڙهيل ودوان پنڊت هوندا هئا، ارٿ ته سيٺ سمجهن پيا پر ان ارٿ پٺيان ڪهڙو راز لڪل آهي، اها ڪنهن کي به ڄاڻ ڪين هئي. جڏهن ڪو به جواب نه آيو، تڏهن مها ڪوي پنڊت ڪاليداس اٿي بيٺو، ۽ چوڻ لڳو ته راجن! اهو ته شلوڪ جو پويون پد آهي اڳيان ٽي پد هن ريت آهن:-

❀ सुतं पतन्तं प्रसमीक्ष्य पावके, न बोधयामास पतिं पतिव्रता।
पतिव्रता शाप भयेन पीडितो,हुताशनश्चन्दनपङ्क शीतल: ।।

راز کي ظاهر ڪندي پنڊت ڪاليداس چوڻ لڳو ته راجن! توهان جيڪو اسرار ڏنو، اهو هن ريت آهي. جيڪو توهان گهر ڏٺو، اهو هڪ غريب مزدور جو گهر هو. جيڪو آدمي کٽ تي سمهيو پيو هو، اهو ان استريءَ، جنهن وڇڻو پئي لوڏيو، تنهن جو پتي هو، جيڪو باهه جو مچ پئي ٻريو اهو ان استري ڀوڄن ٺاهڻ لاءِ ٻاريو هو، جيڪو ٻار توهان ڏٺو اهو ان جو پٽ هو، اها استري ٻار کي سمهاري ڀوڄن تيار ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي ته استري ۾ سند س

پتي ڪم ڪار تان ٿڪو ماندو ٿي گهر آيو، سندس استري پوڄا پاٺ ڇڏي، پتيءَ جي سيوا ۾ لڳي وئي. کيس ٿڌو جل پيئڻ لاءِ ڏنو. جل پي سندس پتي کٽ تي ليٽي پيو ۽ کيس ٿڪاوٽ ڪري ننڊ اچي وئي. گرميءَ جي ڪري پتي جاڳي نه پوي، ان خيال کان سندس استري وڃڻو کڻي هوا ڪرڻ لڳي، سندس پتيءَ کي گهري ننڊ اچي وئي، ايتري ۾ سندس ننڍڙو ٻالڪ جيڪو سمهيو پيو هو، اهو جاڳي پيو، ٻالڪ ٿورو رنو ۽ ماءُ کي سڏ ڪيائين، پر سندس ماءُ، پتيءَ جي سيوا ڪري رهي هئي، تنهن ڪري ان ٻار ڏانهن ڪو به ڌيان ڪين ڏنو، ايتري ۾ ٻار، جو ٻاهه کي ٻرندو ڏٺو، سو اُن کي رانديڪو سمجهي ٻانبولا پائيندو ٻاهه طرف وڃڻ لڳو، ٻاهه طرف ٻار کي ويندو ڏسندي به اها استري ان کي بچائڻ لاءِ ڪين آئي، ۽ پتي جي سيوا ڪندي رهي. آخر ٻار رڙهندو رڙهندو پائيندو پائيندو وڃي ٻاهه جي مچ ۾ پيو. پتيورتا استريءَ جي سراپ جي ڊپ کان ڊڄي ڪري، اها ٻاهه چندن وانگر ٿڌي ٿي پئي، ان ڪري ٻار کي ڪابه ايذا ڪين آئي. ايترو ٻڌائي، پنڊت ڪاليداس چوڻ لڳو ته راجن! پتيورتائن کان ديوتائون به ڊڄن ٿا.

ڪٿا جو سلسلو جاري رکندي سوامي جن چوڻ

لڳا ته پٽوڙا ناڙين ۾ اهڙو تيج ۽ شڪتي ڏيندي
آهي، انهن کي ۽ انهن جي ٻارن کي ڪٽي نه ڪوله
ڊپ ڪين ٿيندو آهي. ماءُ جي آشيرواد اڄائي ڪين
ويندي آهي. رشي پتنيءَ جي ٻارن، جن کي مکيه
وزير جهنگل ۾ ڇڏي آيو هو، سو ٻرسان واري راڄ جو
راجا، قدرت سان ائين وڃي لڪتو ۽ انهن ٻارن کي
ڀڳوان جي ڏنل ڏات سمجهي پنهنجي گهر ڪٺي ويو.
هوڏانهن هو ٽيڪي ٻالڪ وڏا ٿيڻ لڳا. هيڏانهن پنهنجي
پتنيءَ جي حالت ڏسي، راڻيءَ کيس سمجهايو. تنهن
تي راجا، راڻيءَ کي چيو ته جهنگل ۾ ٻي سمجهه ٻارن
جي خبر نه آهي ته ڪهڙي حالت ۾ هوندي، هن
طرح اُٻهم (لنڊيڙن) ٻالڪن جي زندگيءَ کي ختم
ٿيندو ڏسي مان سهي نٿو سگهان. منهنجو ڪليجو
ڦاٽي ٿو، هن ڪان ته سٺو ائين ٿئي هان ته جيڪر
ڀڳوان اسان کي اولاد ئي نه ڏئي هان. راجا کي
دلداري ڏيندي سندس همت حوصلو وڌائيندي،
راڻي کيس چوڻ لڳي ته هيءَ سڀ ڀڳوان جي ليلا
آهي، توهين شوڪ نه ڪريو، جيڪا توهان جي اڇا
آهي، منهنجي پڻ ساڳي اڇا آهي. هاڻي ٻاڻ کي
ڪاهه سنتان ڪين ٿيندي، راڻيءَ جي وچن جو راجا
تي تمام سٺو اثر پيو، راجا جي دل جو ٻار هلڪو ٿيو،
راڄ ڪاج ٺيڪ ڍنگ سان هلندو رهيو، جڏهن جڏهن

راجا اداس ٿيندو هو ته راڻي کيس سمجهائيندي رهندي هئي.

ڪير ٻياڪ، آهم؟ ٻي سمجهه راجڪمارن؟ راجڪماريءَ کي الاڻن وانگر جهنگل ۾ ڇڏي ته آيا ٻار اڳتي جو ڇا ٿيندو، راج سنگهاسڻ تي ڪير ويهندو، راج گهراڻو ڪيئن هلندو؟ اهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي وزير - امير مکي چوڌري پاڻ ۾ صلاحون ڪندا رهندا هئا. آخر ان راءِ تي پهتا، ته راجا جو ٻيو وواهه ڪنهن راج گهراڻي مان ڪرايو وڃي، ۽ هن راڻيءَ کي واپس پنهنجي پيءُ وٽ موڪليو وڃي، ان ڳالهه جو پڪو فيصلو ڪري، سڀئي گڏ ٿي راجا وٽ آيا. راجا کي پرڻام ڪري سڀئي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ويٺا. راجا جي پڇڻ تي وڏي وزير چيو ته راجن! اڄ اسين ڪنهن خاص ڳالهه لاءِ توهان وٽ آيا آهيون. ڳالهه هن ريت آهي ته توهان کان پوءِ راج سنگهاسڻ تي ڪير ويهندو؟ راج گهراڻو ڪيئن هلندو؟ بس ان مونجهاري کي مٽائڻ لاءِ آيا آهيون. وڏي وزير جي ڳالهه ٻڌي، راجا چيو ته راج گهراڻي جو ته توهان ٻهر ان ناس ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ٻيو ڇا ڳا ڪرڻ چاهيو. هاڻي مونکي ڇا ڪرڻو آهي، اهو توهين ٻڌايو. تنهن تي وڏو وزير چوڻ لڳو ته اسان سڀني پاڻ ۾ ملي، اهيءَ ڳالهه جو حل ڳوليو

آهي. اهو، هيءَ آهي ته توهان جو ٻيو وواهه، ڪڏهن راڄ گهراڻي مان ڪرايو وڃي، هن راڻيءَ کي جتان آندو ويو آهي کيس اُتي واپس موڪليو وڃي. پرجا جي اها مرضي آهي.

وڏي وزير جي ڳالهه ٻڌي، راجا جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا، تمام گهٻرائجي ويو، پر وري ٿورو پاڻ کي سنڀالي چوڻ لڳو ته مان پنهنجي پتورتا پتنيءَ جو تياڳ نٿو ڪري سگهان، جيڪڏهن منهنجي استريءَ کي راڄ نيڪالي ڏيڻ چاهيو ٿا ته مان پڻ راڄ ڇڏي پتنيءَ سان گڏ هليو ويندس. راجا جا وچن ٻڌي وڏو وزير چوڻ لڳو ته راجن! توهان پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه به نٿا ڪري سگهو، جيئن پرجا چاهيندي اهوئي ٿيندو، توهان کي پرجا جي ڀلائي لاءِ سڀ ڪجهه ڇڏڻو ئي پوندو. وڏي وزير ۽ ان سان گڏ آيل وڏن ماڻهن جي شڪل ڏسي راجا سمجهي ويو، لاچار ٿي چوڻ لڳو ته جيڪڏهن توهان سڀني جي اها مرضي آهي ته مان ٻيو وواهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر هن راڻيءَ کي راڄ محل ۾ رهڻ ڏيو، هن بي گناهه بي قصور کي اهڙي سخت سزا نه ڏيو. هن وچاري راڻيءَ توهان جو ڇا بگاڙيو آهي. اها ڳالهه مونکي بلڪل منظور ڪين آهي. تڏهن ئي وڏي وزير چيو ته هن راڻيءَ جو توهان کي تياڳ ڪرڻو ئي پوندو.

انهن کي سمجهائڻ جي راجا تمام گهڻي ڪوشش ڪئي
پر ڪجهه به ڪين وريو، سيٺي ضد ٻڌي بيٺا، راجا
ڪٽنبن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو.

جڏهن راجا کو به جواب ڪين ڏنو، تڏهن سيٺي
راجا کي سخت چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين توهان
اسان جي ڳالهه منظور نه ڪندا، تيستائين اسين اَن
جل ڪين وٺنداسون. اهڙي ڌمڪي ڏيئي سيٺي
هليا ويا.

راجا، راج سڀا مان اٿي راج محل ۾ آيو. راڻيءَ
راجا جي آرتي ۽ پوڄا ڪئي. پر راجا کي ڪجهه به
مٺو ڪين لڳي رهيو هو. راجا جي اهڙي حالت ڏسي
راڻي هٿ جوڙي پڇڻ لڳي، هي پتي ديو! اهڙي
ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن توهان کي هن حالت تي
پهچايو آهي. اڄ توهين تمام منجهيل ڏسڻ ۾ ٿا اچو،
ڪرپا ڪري پنهنجي چنتا جو ڪارڻ ٻڌايو. راڻيءَ
جي پڇڻ تي راجا جو دک سان ڀريل هردو ڦاٽي پيو،
اهو دک ـ درد ڳوڙها بڻجي اکين مان وهڻ لڳو،
راڻيءَ جي هر هر پڇڻ تي راجا، پرجا جي هڪ هڙتال،
ديش نيڪاليءَ ۽ وواهه وغيره بابت سمورو سماچار
راڻيءَ کي ٻڌائي چيو ته، هڪ هڙتال جي ڪارڻ ته چار
ماڻهو مري به ويا آهن. راجا جي ڳالهه ٻڌي ۽ سندس
حالت ڏسي، راڻي مرڪي چوڻ لڳي ته:-

ڇند :- برهم گيان لڄ باجا باجت ،
ميري هردي مانهين جي ،
جس کي سم کو ساز سندر نهه ،
تين لوڪ ۾ ڪانهين جي ،
جس ڪا سن ڪر سندر آواز ،
مگن ڀيا من ڪانهين جي ،
اسي جڳت ڪا ٽوڙا ٿي ڪب ،
دوک لڳي مجهه ناهين جي.

هي ڀارت ناٿ! توهين نه راجا آهيو، راجائن کي هن رهت روئڻ ڌوڙ ٿو سوڀهي، جيستائين ٻهنجو پٽو آهي، اوستائين موهه آهي، موهه ئي دک ۽ شوڪ جو ڪارڻ آهي، شاسترن کي ڄاڻندڙ رشي مني ائين ٻڌائين ٿا. منهنجي هردي ۽ رڳه رڳه ۾ نه برهم گيان جي ستار لڳاتار وڄندي رهي ٿي. هيءُ هڪ اهڙو اَڻ غيبي ساز آهي، ٽنهي لوڪن ۾ اهڙو ڪوبه ساز ڪين آهي جو هن ساز جي برابري ڪري سگهي، ان ساز جي آواز کي ٻڌي منهنجو من الي ٻهتو آهي، جتي هن دنيا جو وڏي ۾ وڏو دک- سک ۽ شوڪ الي ٻهچي ٿو سگهي. راجن! توهين منهنجي لاءِ ذرو به خيال نه ڪريو، سنسار جا جيترا به لڳه لاڳاپا آهن، اهي سڀ هن پنجن ڀوتن جي ٺهيل شرير تائين محدود آهن. منهنجو شرير سان موهه ختم ٿي چڪو

آهي. مان هن شرير کان الڳ ٿي چڪي آهيان. جيئن سپني اچڻ بعد هيءُ جاڳرت، ڪين رهندو آهي ۽ جاڳرت ۾ سپنو ڪين رهندو آهي، تيئن آتما کي شرير کان الڳ ڪرڻ کان پوءِ شرير ۽ آتما پاڻ ۾ اصل ڪين ملندا آهن. هي ناٿ! توهين راجا آهيو، توهان ۾ جتي هٿيارن کي سهڻ جي شڪتي آهي، اتي دنيا جي دکن کي به سهڻ ڏيڻ جي همت هئڻ گهرجي. توهانکي پنهنجي وڏن جي اتهاس کي ياد ڪرڻ گهرجي.

श्लोक :- स्नेहं दयां च प्राणं च, अपि वा जानकीमपि ।
आराधनाय लोकानां, मुञ्चतो नास्ति मे व्यथा ॥

هي پتي ديو! ايوڌيا جي راجا رام، پنهنجي پرجا جي سک ۽ شانتيءَ لاءِ اعلان ڪيو هو ته مان پريم پيار جو تياڳ ڪري سگهان ٿو، مان پنهنجي ديا جو تياڳ ڪري سگهان ٿو، مان پنهنجي پراڻن جو تياڳ ڪري سگهان ٿو، پنهنجي پياري پتني سيتا جو به تياڳ ڪري سگهان ٿو، پرجا لاءِ سڀ ڪجهه تياڳ ڪري سگهان ٿو، ان لاءِ مونکي ڪو به دک، شوڪ ڪين ٿيندو.

هي پتي ديو! توهان پنهنجي وڏن جي پوتر اتهاس کي ياد ڪريو، مونکي پنهنجي پتا وٽ وڃڻ لاءِ خوشيءَ سان آگيا ڏيو. پرجا کي سک ڏيو،

منهنجي ٻاري ۾ ڪنهن به وهم نه ڪريو، مان عزت ۽ ايمان، آدر ۽ اعتبار جي گهڙي ڪاهيءَ کان ٻاهر لئي چڪي آهيان، توهان جي هر هڪ آگيا جو پالڻ ڪرڻ منهنجو مکيه فرض آهي.

پنهنجي پياري پتنيءَ جا وچن، جيڪي ڌرم ۽ نيتيءَ سان ڀرپور هئا، همت ۽ حوصلو وڌائڻ وارا هئا، ٻڌي ڪري راجا جي من جا مونجهارا ئي مٽجي ويا. دل جو ٻار هلڪو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڪٺور ورت پالڻ ڪرڻ واري راڻي! تنهنجا خيال تمام اوچا آهن، تنهنجا ماءُ پيءُ ڌن ڌن آهن. تنهنجي هن زندگيءَ جي لاهين چاڙهين جي اتهاس کي پڙهي، ٻڌي استريون (ناريون) پنهنجي فرض جو پالن ڪري، پنهنجي ڪٽنب، سماج ۽ ديش جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ ۾ پوئتي ڪين هٽنديون.

ٻئي ڏينهن راجا وزيرن - اميرن ۽ پرجا جي مکيه ماڻهن کي گهرائي چيو ته سڀاڻي مان پنهنجي پتنيءَ کي سندس پتا وٽ موڪلي ڏيندس توهان ڪوبه خيال نه ڪريو، پنهنجو ستياگره ختم ڪريو، مان توهان جو سواگت ڪريان ٿو، راجا جو اعلان ٻڌي ڪري سڄي شهر ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. سڀئي راجا جي واهه واهه ڪرڻ لڳا. سڀاڻي لئي سڀئي ماڻهو راج محل ۾ پهچي ويا،

راڻيءَ پنهنجا سڀئي راجائي ڪپڙا ۽ گهڻا وغيره سڀ
لاٿا، ۽ فقيراڻا ڪپڙا، جيڪي اچڻ وقت پاڻ سان
کڻي آئي هئي، اهي پاتا. ڌرم گرنٿ ٻه پاڻ سان
کنيائين. راڄ جو هڪ ڪک به پاڻ سان ڪين کنيائين.
پنهنجي پتا وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي پتيءَ جي چرڻن ۾
پرڻام ڪيو ۽ پرڪرما ڪئي، پوءِ سس جي چرڻن ۾
سر جهڪائي پرڻام ڪيو، آسيس ۽ آگيا ورتي.

ان بعد پتيءَ کي پرارٿنا ڪري چوڻ لڳي ته هي
پتي ديو! هاڻي وڃڻ لاءِ آگيا ڏيو. راجا پنهنجي
خاص وزير کي سڏ ڪيو ۽ چيو ته راڻيءَ کي سندس
پتا وٽ ڇڏي اچ. راڻيءَ وري به پنهنجي پتيءَ
کي پرڻام ڪيو. ان بعد نگر جي مکيه ماڻهن، براهمڻن ۽
سڄي پرجا کي پرڻام ڪيو، پوءِ مشڪرائيندي رٿ تي
چڙهي ويٺي، سندس چهرو چوڏهين جي چنڊ وانگر
چمڪي رهيو هو، راجا جي آگيا پائي وزير، راڻيءَ
کي رٿ ۾ واهري سندس پتا ڏانهن وٺي هليو.

رشي پتريءَ جي واپس اچڻ ڪري سڄو بن ٻهڪڻ
لڳو، اُتي پهچي راڻي رٿ مان هيٺ لٿي، پيءُ وٽ
وڃي کيس پرڻام ڪيو. پتا، پتريءَ کي ڏسي مشڪرايو
۽ کيس وهڻ لاءِ چيائين. وزير پڻ رشيءَ جي چرڻن
۾ سر جهڪائي پرڻام ڪيو، ۽ آگيا پائي ويو، رشيءَ
کيس آشيرواد ڏني ۽ کيس جل پان ڪرايو، لوري

دير بعد رشيءَ جي آڳيا پائي وزير ٻارن جي جنم وقت ۽ انهن کي جهنگل ۾ ڦٽو ڪري اچڻ ۽ پرجا جي بغاوت ڪرڻ، ان جل نه ورسائڻ ۽ وواه وغيره جو سڀو سماچار جيئن جو تيئن رشيءَ کي ڇئي ٻڌايو، ان بعد وزير، رشيءَ کان آڳيا وٺي، ڪيس پرڻام ڪري ۽ راڻيءَ کان پڻ موڪلائي ڪيس پرڻام ڪري واپس راجڌانيءَ ۾ موٽي آيو.

راجا ۽ اميرن - وزيرن ۽ مکيه ماڻهن جي پڇڻ تي وزير سڀ سماچار ٻڌائي ڇيو ته حالانڪ منهنجي سڄي جان ڏکي رهي هئي، مون سمجهيو ته رشي پڪ ئي پڪ سراپ ڏيئي مونکي ڀسم ڪري ڇڏيندو، پر ائين ڪين ٿيو، ان جي بدران ائين لڳي رهيو هو جڻ ته ڪجهه به ڪين ٿيو هجي، جنهن مهل مان رشيءَ کي راڄ جو سماچار ٻڌائي رهيو هوس ان مهل اوچتو جهنگل مان هڪ خونخوار شينهن گجگوڙ ڪندو آئي اچي پهتو، مان ته ڏپ کان رشيءَ جي پٺيان لڪي ويس، شينهن کي ڏسي رشيءَ هٿ مٿي کڻي شينهن کي چيو ته جهنگل جا راجا، چپ ٿي وڃ، رشيءَ جي اهڙي چوڻ تي شينهن چپ چاپ ٿي ويو، رشيءَ جو اشارو سمجهي سندس پتريءَ (راڻيءَ) شينهن جي ڳلي ۾ گلن جو هار وڌو، ان بعد ان شينهن جهڪي ڪري رشي پتريءَ کي پرڻام ڪيو ۽ جهنگل ۾ هليو

ويو، ايترو ٻڌائي وزير چوڻ لڳو ته ان وقت رشيءَ
۾ سندس ڀيٽريءَ (راڻيءَ) جي جيڪا حالت مون
ڏٺي، ان جو هن زبان سان بيان نٿو ڪري سگهان.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد وڏي وزير ۽ مکيه ماڻهن
آئينده جو خيال رکي، راجا کي ٻئي وواهه ڪرڻ لاءِ
عرض ڪيو ۽ چيو ته توهان جي آگيا هجي ته توهان
جي وواهه لاءِ ڪنهن راجڪماريءَ جي ڳولها لاءِ براهمڻ
کي موڪلجي. انهن جي ڳالهه ٻڌي راجا پهرين ته
انڪار ڪيو، مگر وري راڻيءَ جي وچن کي ياد
ڪري راجا انهن جي عزت رکندي کين چيو ته توهان
مونکي وواهه لاءِ مجبور ڪري رهيا آهيو سو ته ٺيڪ
آهي پر مان وواهه تڏهن ڪندس، جڏهن توهان
منهنجو هڪ شرط قبول ڪندا. منهنجو شرط هيءُ
آهي ته وواهه جي سوڀري موقعي تي منهنجي پهرين
راڻيءَ کي باعزت هت وٺي ايندا. وواهه گذرڻ بعد
جيڪڏهن ان کي واپس موڪلڻ چاهيندا ته به باعزت
ان کي سندس پتا وٽ پهچائي ايندا، اهو شرط
جيڪڏهن توهان کي منظور هجي ته پوءِ مان وواهه
ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. راجا جا وچن ٻڌي ڪري
وڏو وزير چوڻ لڳو ته راجن! توهان جو شرط ته اسان
کي منظور آهي، پر راجن! توهان جي راڻي واپس
ڀلا ڪيئن ايندي؟ جنهن جي، اي سمجهه ٻارن کي

اسان ان کان ٿري ورتو ۽ اُنهن کي الائين وانگر جهنگل ۾ ڦٽو ڪرائي ڇڏيو، تنهن کان سواءِ اسان سنڌس ايمان ڪري ڪيس ديش نيڪالي ڏياري ڇڏي، وري جو توهان جي پٽ واهه جو پڇندي ته پوءِ ڀلا ڪيئن ايندي؟ تنهن تي راجا چيو ته راڻي اچي يا نه اچي، توهان کي منهنجي ڇٽي ڪٽي اچي ضرور وڃڻو پوندو، پوءِ جيڪا سنڌس مرضي! راجا جي ڳالهه ٻڌي سڀئي تمام خوش ٿيا.

هوڏانهن راجا جي آگيا پائي ڪري وڏي وزير هڪ سشيل ودوان براهمڻ کي راجا جي مڱڻي لاءِ موڪليو، براهمڻ ديوتا، گهمندو ڦرندو پرسان واري راجا جي راجڪماريءَ سان راجا جو مڱڻو ڪري وواهه جي تاريخ مقرر ڪري آيو، وواهه جون تياريون ٿيڻ لڳيون. هيڏانهن راجا هڪ چٺي لکي پنهنجي خاص وزير کي ڏني. راڻيءَ لاءِ راجائي ڳهڻا ۽ ڪپڙا وغيره سڀ ڏنا، رشيءَ لاءِ ڦل، ڦول ڀيٽ پڻ موڪلي ڏني، وزير سڀ سامان کڻي رٿ ۾ سوار ٿي هليو. ٻن ۾ پهچي ڪٽيا جي ٻاهران رٿ کي بيهاريو، رٿ مان لهي ڪري سڀ سامان کڻي وزير اندر رشيءَ وٽ ويو. رشي سامهون آسڻ تي ويٺو هو سندس پتري (راڻي) سندس سيوا ڪري رهي هئي. وزير اندر وڃي رشيءَ جي چرڻن ۾ سر جهڪايو ۽ راجا طرفان موڪليل

پيٽ ۾ سندس اڳيان رکي. انهن کان پوءِ رشي -
پتري (راڻيءَ) کي پرڻام ڪري راجا جي چٺي ڪيس
ڏني، رشيءَ وزير کي وڃڻ لاءِ آگيا ڪئي.

پنهنجي پتي ديو جي چٺي پڙهي، رشي پتريءَ
پنهنجي پتا کي راجا جو سڀو سماچار ٻڌايو ۽ چيو ته
پتي ديو مون کي واپس گهرايو آهي. راجا جي ٻئي
وواهه جو پڻ ٻڌايو. راجا جو سماچار ٻڌي ڪري
مشڪرائيندي رشيءَ پنهنجي پتريءَ کي وڃڻ لاءِ
آگيا ڏني. وزير راجا جي طرفان موڪليل ڳهڻا ۽
ڪپڙا وغيره سڀ سامان راڻيءَ کي ڏنو، راڻيءَ فقيراڻا
ڪپڙا لاهي راجا جا موڪيل راجائي ويس وڳا ۽ ڳهڻا
پائي، سورهن سينگار ڪيا. پنهنجا پراڻا ڪپڙا (سادا
صاف سٽڙا ڪپڙا) ۽ ڪجهه ڌرمي پستڪ هڪ هٽڙ ۾
ٻڌي ڪنيا، راڻي پنهنجي پتا کي پرڻام ڪري، آسيس
وٺي رٿ ۾ چڙهي ويٺي، وزير به رشيءَ کي پرڻام
ڪري آشيرواد ۽ آگيا وٺي باعزت راڻيءَ کي ساڻ
وٺي هليو. راجڌانيءَ ۾ پهچي، راڻيءَ کي راج محل
۾ پهچايو، راڻي رٿ مان لٿي ته داسيون ڪيس راجا
وٽ وٺي ويون. راڻيءَ پنهنجي پتيءَ جي چرڻن ۾
پرڻام ڪيو، راڻيءَ کي ڏسي راجا ڏاڍو خوش ٿيو.
وڏي آدر ڀاءُ ۽ منترن وچن سان راڻيءَ جو ستڪار
ڪيو. پريم پيار سان ڪيس وهاريو، راجا ۽ راڻي ٻاغ ۾

ملي ڏاڍو خوش ٿيا.

راڻي پدمڻيءَ لئه ڪرڻ کان واندي ٿي، راجا جي پوڄا ۽ آرتي ڪئي. ان بعد، سس کي پرڻام ڪري آسيس ورتي. ان کان پوءِ راجا ۽ سڀني کي ڀوڄن ڪارائي پوءِ راڻيءَ ڀوڄن ڪيو. راجا، پدمڻيءَ راڄڪاڄ لاءِ راڄ سڀا ۾ هليو ويو.

راڻيءَ جي محل ۾ اچڻ تي سڄي راڄ محل ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي. وڻ ٽڻ، وليون، ٻوٽا سڀئي ڦلارجي ويا. انهن لاءِ ڄڻ ته بهار جي مند اچي وئي هجي. پسون، پکي به خوش ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا.

مقرر ٿيل وقت تي. راجا، ٻيو وواهه ڪري پدمڻيءَ راڄڌانيءَ ۾ آيو. وواهه جو سمورو شڀ ڪارڄ سک سان پورو ٿيو. راجا، پدمڻيءَ پهرين راڻيءَ (رشي پتنيءَ) کي سمجهائي ڇڏيو ته پرجا سان ڪيل واعدي موجب، سياڻي مهنجو توسان وري وڇوڙو ٿي ويندو، ته هن ڪري، اڄ رات جو تون، مهنجي نئينءَ راڻيءَ کي پتورت ڌرم، ڪرم ۽ مريادائن جي سکيا ڏي، جيئن مهنجي باقي حياتي سک ۽ شانتيءَ سان گذري، رشي پتنيءَ کـي اهڙي آگيا ڪري، راجا، پدمڻيءَ ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيو.

اهڙي ڪٿا ٻڌائي، سوامي جن ساري سنگت کي فرمايو ته هاڻي سڀ سنگ جي سماپتيءَ جو وقت

ٿي ويو آهي. تنهن ڪري اهو پرسنگ اتي ئي رکون. وري سڀاڻي جي ستسنگ ۾ توهان کي ٻڌائينداسون. اهڙو چئي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو. سڀني پريمي پرساد وٺي پنهنجي گهر ويا. سوامي جن ۽ سڀني سنت ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

وري ٻئي ڏينهن، رات جو نيم موجب ستسنگ شروع ٿيو. پهرين سنت گرمکداس مهراج جن ستسنگ ڪيو. ان بعد سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اچارڻ ۽ ديوگروءَ جي وندنا ڪري ستسنگ شروع ڪيو. ڀڄن - ستن ڏينهن کان هلندڙ "جيون مکت" جي پرسنگ تي ڳالهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته، پنهنجي ٽئينءَ راڻيءَ کي سکيا ڏيڻ لاءِ رشي پتريءَ کي آگيا ڪري، راجا پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيو، ليڪن راجا کي ننڊ ڪين آئي. سڄي رات، راجا پاسا بدلائيندو رهيو.

هيڏانهن رات جو پهريون پهر گذريو، ٻئي راڻيون پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳيون، ڳالهه تان ڳالهه نڪرندي، ٽئين راڻي پنهنجي جنم جــي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي. مان پنهنجي پتا جي سڳي ڌيءُ ڪانه آهيان. جڏهن مان سمجهه لائق ٿيس، تڏهن مونکي ماتا ٻڌايو ته راجا توکي جهنگل مان کڻي آيا هئا، ان وقت تون پندرهن يا ويهن ڏينهن جي مس هئينءَ

موليڪي ۽ پاڻ ۽ آهن، اُهي پڻ پتا کي ساڳئي جهنگل مان مليا هئا، مالا پڌايو هو ته ڌنهنجا پاڻ ۽ ان وقت پنڌ رهن يا ويهن ڏينهن جا مس هئا، جيئن ته مالا پتا کي اسان ڪان سواءِ بيو ڪو به اولاد ڪين هو، تنهن ڪري اُن اسان ٻنهي کي تمام گهڻي لاڏ پيار سان پاليو آهي. منهنجو سڳو ماءُ پيءُ خبر نه آهي ته ڪٿي آهن ۽ ڪهڙا آهن. موليڪي ڪا به خبر ڪين آهي، ائين چئي ننڍين راڻيءَ جي دل ڀرجي آئي، اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا ۽ هوءَ تمام اداس ٿي وئي.

ننڍين راڻيءَ جي ڪهاڻي ٻڌي رشي پتري کي پڪ ٿي وئي ته هيءَ ته منهنجي ئي ڌيءَ آهي، هن جا ٻئي ٻار پڻ منهنجا پٽ آهن، اها ڳالهه ڄاڻي ڪري رشي پتري ڀڳوان جا شڪرانا مڃيا، ۽ دل ۾ چوڻ لڳي ته هي ڄاڻي جاڻهار! هر هنڌ حاضر ناظر پرڀو! توهان جي عجيب ليلا آهي. توهان جي کيل کي پلا ڪير تو ڄاڻي سگهي! اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي ٻئي راڻيون سمهي پيون. رشي پتري صبح جو سوير اٿي ڪري ننڍي راڻيءَ کي جاڳايو. اُپتري ۾ راجا ۽ ڄاڻيو، رشي پتري (وڏي راڻي) تيار ٿي پوڄا جي سامگري ۽ آرتي ڪڻي راجا وٽ وئي، ننڍي راڻي کي ۽ گڏ ولي وئي، رشي پتري (وڏي راڻي) پنهنجي ڌيءَ کي پرڻام ڪيو، تلڪ لڳايو، مالها

ٻائي آرتي ڪئي، چرڻ ڌوئي چرڻامرت پيتو ۽
مٿي تي چاڙهايو، پوڄا کان پوءِ لڇمڻ راڻيءَ کي پوڄا
گهر ۾ ڇڏي راجا کي پاڻ سان وٺي رشي پتري
پنهنجي خاص، ڪمري ۾ آئي. راجا کي آسڻ تي
وهاري ڪيس لڇمڻ راڻيءَ جي باري ۾ سڀو سماچار
ٻڌايو. چوڻ لڳي هي ناٿ! مونکي ائين لڳي ٿو ته
اِها منهنجي پتري آهي. راڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي راجا
ٿرس ۾ پئجي ويو. راڻيءَ، راجا کي عرض ڪيو ته
توهان هن جي ماتا پتا کي گهرائي هن ڳالهه جي ڇنڊ-
ڇاڻ ڪريو. راڻيءَ جي چوڻ تي راجا محل مان
نڪري راج سڀا ۾ آيو، وڏي وزير، اميرن، وزيرن
مکيه ماڻهن ۽ راج ماتا کي راج سڀا ۾ گهرايو، سڀني
کي لڇمڻ راڻيءَ جي وشيه ۾ ٻڌايو، اها ڳالهه ٻڌي
اهي سڀئي پڻ حيرت ۾ پئجي ويا.

پاڻ ۾ صلاح ڪري لڇمڻ راڻيءَ جي ماتا پتا
کي گهرايو ويو. سڀو سماچار ڪين ٻڌائي، چوڻ لڳا ته
سچ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي، اهو ته توهان ئي
ٻڌائي سگهندا. اها ڳالهه ٻڌي راڄڪماريءَ جو پتا
چوڻ لڳو ته اٽڪل پندرهن يا ويهن سالن جي ڳالهه
آهي ته مان پنهنجي وزيرن ۽ نوڪرن کي پاڻ سان
گڏ وٺي شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ ويو هوس، اتي
خطرناڪ جهنگل ۾ هڪ ٻ گهي اڙهي وڻ هيٺان هڪ

ٽوڪريءَ ۾ پنن ۽ گاهه جي بستري تي سمهيل ٻار ڏٺم، جو اڃا پندرهن يا ويهن ڏينهن جو مس هو، ٻالڪ تمام سهڻو من موهڻو هو، مون چئني طرفن کان ڳولها ڪئي پر ٻالڪ جو ڪوبه مالڪ يا سهائڪ ڪين مليو، ڀڳوان جي مهر سمجهي، مون ان ٻالڪ کي هٿن ۾ کنيو، ۽ پنهنجي گهر آڻي مون پنهنجي راڻيءَ کي ڏنو. اهڙيءَ طرح ٻه ٻار ٻيا به هڪ ٻالڪ ۽ هڪ نياڻي، اهي پڻ ان ساڳيءَ جڳهه تي مليا، اهي پڻ پندرهن – ويهن ڏينهن جا مس هئا. جيئن ته مون کي پيو ڪوبه ٻار ڪين هو، تنهن ڪري ٻالڪن کي ڀڳوان جي مهر سمجهي مان ڏاڍو خوش ٿيس، مون ننهي ٻارن جا سڀ سنسڪار وڏي ودان موجب ڪرايا، انهن جي پالڻ – پوشڻ ۾ مون ڪابه ڪسر ڪين ڇڏي آهي.

مهاراجا جي ڳالهه پوري ڪري، وڏي وزير، راجا جي تيرٿ ياترا تي وڃڻ جو، اتي هڪ رشي پتريءَ سان وواهه ڪرڻ جو، ٻارن جي پيدا ٿيڻ جو، پرجا جي بغاوت ڪرڻ جو، ٻارن کي جهنگل ۾ ڇڏي اچڻ جو ۽ رشي پتريءَ کي واپس موڪلڻ جو وغيره، سڀ سماچار مڍ کان وٺي آخر تائين مهاراجا کي ٻڌايو، کيس چيو ته اهي ٽيئي ٻار اسان جي راجا جا آهن. ڳالهه کي وڌيڪ صاف ڪرڻ لاءِ سڀئي ماڻهو مهاراجا سان گڏ جي ان جڳهه تي ويا، جتان مهاراجا

کي ٻالڪ مليا هئا. اهو جهنگل، ٻڙ جو وڻ ۽ ان جڳهه کي ڏسي وڏي وزير ۽ نوڪرن چيو ته هيءَ اهوئي وڻ ۽ جڳهه آهي، جتي اسان ٻارن کي رکيو هو. مهاراجا جي ڳالهين ۽ جڳهه کي ڏسڻ سان ڳالهه بلڪل صاف ٿي وئي، پوءِ سڀئي واپس راج محل ۾ رشي پتريءَ وٽ آيا.

ٻنهي ٻارن کي جڏهن اها خبر پئي ته اسان جا اصلي ماءُ پيءُ هي آهن، تڏهن ٻنهي ٻالڪ ماءُ سان ائين چنبڙي پيا جيئن چقمق سان لوهه! ٻارن جي اها حالت ڏسي، مهاراڻي، جنهن ٻارن کي تمام لاڏ پيار سان پاليو هو، نپائي وڏو ڪيو هو، اها ٻارن جي الڳ ٿي وڃڻ جي ڊپ کان بيهوش ٿي ويئي. جيئن شام بلرام جي ڏيوکيءَ وٽ مٿرا هلي وڃڻ تي جهڙي حالت جسودا جي ٿي هئي، ساڳي حالت مهاراڻيءَ جي ٿي هئي. رشي پتري تمام سڄاڳ هئي. ان هڪدم مهاراڻيءَ کي هوش ۾ آندو، ڪيس همت ۽ دلداري ڏيندي چيو ته توهين ڌيرج رکو، هي ٻالڪ توهان جا ئي آهن، ”جم کان لهاج مٿو ٽيڪيو آهي.“

مهاراڻيءَ جا اکر پورا ٿيندي رشي پتري چوڻ لڳي ته هي مهاراڻي! توهان منهنجي اناٿ، اسهاءِ، بي سمجهه ٻالڪن کي تمام وڏو سهارو ڏنو، انهن کي لاڏ پيار ڏيئي نپائي وڏو ڪيو، توهان مون سان جيڪا ڀلائي ڪئي آهي، اُن کي لکي ڀلائي ٿي

سگهان نڪي وساري ٿي سگهان، نڪي ٻڌ لوئي چڪائي ٿي سگهان. مان توهان جي ٿورائتي آهيان، ٻڌي ٻانهي آهيان. رشي پتنيءَ جا امرت سان ڀريل، مٺڙا ۽ نماڻا وچن ٻڌي مهاراڻي ڏاڍي خوش ٿي، سندس اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها ڀرجي آيا، ماءُ جي حالت ڏسي ٻار وري اچي مهاراڻيءَ کي چنبڙيا، اَمان تون دل ننڍي نه ڪر، اسين تنهنجا ٻه آهيون.

رشي پتنيءَ پنهنجي نماڻي مٺي، سادي سڀاءُ ۽ ڌيرج سان پرجا جي من کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو، رشي پتنيءَ جي ڌيرج، همت حوصلي، سهن شڪتيءَ نهٺائي، نماڻائي ۽ شانت سڀاءُ کي ڏسي ڪري راج پريوار، وزير، امير ۽ وڏا ماڻهو سڀئي پنهنجو پاڻ تي ڌڪار وجهڻ لڳا، پاڻ کي ڌڪارڻ لڳا، پڇتاءُ ڪرڻ لڳا. هڪدم ڊوڙي وڃي رشي پتنيءَ جي چرڻن ۾ ڪريا، تمام گهڻي ونتي ڪري ڪيل ڏوهن گناهن لاءِ معافي وٺڻ لڳا. هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته تون ساکيات ديوي آهين، اسان سڀني تنهنجو وڏو ڏوهه ڪيو آهي، توکي بي عزتو ڪيو آهي، توکي تمام نه سهڻ جهڙا دک ڏنا آهن، ايتري هوندي به تنهنجي من ۾ اسان لاءِ ڪابه ٻري ڀاونا پيدا ڪين ٿي. اسان کي ٻار سمجهي توڪڏهن به ڪاوڙ ڪين ڪئي، تنهنجا ماتا پتا ڌن ڌن آهن،

تو پنهنجي پتا ڀڳتيءَ ۽ پتي ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان
اسان سڀني کي بچائي ورتو آهي. هي ديوي! تو،
سڀ ڪجهه سهي ڪري ڌرم جي رکيا ڪئي آهي،
نه ته وڏو نقصان ٿي وڃي ها. جيڪڏهن تون ٿورو
به نظر ڦيرين ها ته هيءُ سڄو نگر هڪ ڪڻ ۾ جلي
رک ٿي وڃي ها، پر تو، پنهنجي دَيا ڪري اسان
جي رکيا ڪئي آهي. اسين ٿورڙيءَ مت وارا، ٿورڙيءَ
طاقت وارا، ٿوري گيان وارا ۽ اهنڪاري، اڻاڙي
آهيون، تنهنجي ڪهڙن اکرن ۾ ساراهه ڪريون، بس
جهڙا آهيون، ٻيرا آهيون، مندا آهيون، تنهنجي
شرڻ ۾ آيا آهيون، اسان کي پنهنجي شرڻ ۾ رکڻ
جي ڪرپا ڪر، اسان جا ڏوهه گناهه معاف ڪر،
تون فقيراڻي ڪين آهين پر راڄ راڻي ۽ ساکيات
ديوي آهين. براهمڻ ڪل جي آهين، اسان سڀني لاءِ
پوڄيه آهين. اسين توکي سڃاڻي ڪين سگهياسون.
اسان تي اهڙي ڪرپا ڪر، جيئن اسين وري ٻيهر
ڪا به غلطي نه ڪريون، هاڻ هت ٿي رهڻ جي ڪرپا
ڪريو، اسين توهان کي وار وار پرڻام ڪريون ٿا،
اسان کي بچاءِ! اسان کي بچاءِ!! اهڙيءَ طرح انهن
کي پڇتاءُ ڪندو ڏسي رشي پتنيءَ، جنهن جي دل
۾ ڪنهن لاءِ به غير گمان ڪين هو، انهن سڀني جو
سنمان ڪندي چيو ته، توهين ڪنهن به قسم جو

خيال نہ ڪريو، توهين پاڻ کي ڏوهي گنهگار
نہ سمجهو، هيءَ سڀ ڀڳوان جي ليلا آهي، توهين
پنهنجي دل مان سنسو، ڀرم ۽ ڀپ ڪڍي ڇڏيو،
بي فڪر ٿي راجا جي آگيا موجب راڄ جو ڪاروبار
هلايو، پرجا کي سک پهچايو. راڻيءَ جي پوتر هلت
۽ نهٺي سڀاءَ جو انهن تي ڏاڍو گهرو اثر پيو. سڀئي
راجا ۽ راڻيءَ جي واهہ واهہ ڪرڻ لڳا.

مهاراجا ۽ مهاراڻي، جن راجا جي ٻارن کي اپنائي
وڏو ڪيو هو، تن جا احسان مڃيندي، راجا انهن
کي چوڻ لڳو تہ توهان جيڪا مون سان ڀلائي ڪئي
آهي، اهو ٿورو مان لاهي نٿو سگهان، راجا پنهنجي
پٽنيءَ کي چوڻ لڳو تہ مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جو ٿورو
ڪيئن لاهجي. اهو اُپاءُ تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪجي.
راجا جا وچن ٻڌي راڻي چوڻ لڳي تہ جيڪڏهن
توهان جي آگيا آهي تہ توهين هيئن ڪريو، پنهنجو
وڏو راجڪمار مهاراڻيءَ کي ڏيو. حالانڪ مهاراڻيءَ
جو ٻلڙو ڳرو آهي، تنهن هوندي بہ هوءَ اسان تي
راضي ٿيندي، نديي راجڪمار کي توهين پاڻ وٽ
رکو، باقي راجڪماريءَ جو وواهہ پاڻ سڀئي گڏجي
ڪنداسون. راڻيءَ جو فيصلو ٻڌي سڀئي ڏاڍو خوش
ٿيا، وڏي راجڪمار کي وٺي مهاراجا ۽ مهاراڻي
پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ ويا، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ
راجڪماريءَ جو وواهہ وڏي ڌوم ڌام سان ڪيو

ويو، راجا ۽ راڻيءَ جيون مڪت ٿي ڪري ڪجهه
وقت راج ڪيو، پوءِ ننڍي راجڪمار جو واهه ڪري
ان کي راج سنگهاسڻ تي وهاريو، تنهن بعد راجا ۽
راڻي ٻئي ٻن ٻر رشيءَ وٽ ويا، اتي وڃي تپ ڪرڻ
لڳا، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻنهي پنهنجي پنجن تتن
جي پتلي جو پتر - تڪر وانگر تياڳ ڪري پر برهم
پرماتما ۾ لين ٿي ويا.

اهتري ڪٿا ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا ته هن
ڪٿا جو سار آهي ته ڀڳوان جي نانڪ (ليلا) کي
ساکي ٻڌجي ڏسو، ڪٿي ٻه نه آنڪو،

دوهرو: نانڪ ڪا نر اَرٿ سن، نا، اَنڪو اس مانهه.
جو، اَنڪي، پڪي سدا، ڪهرمڪه پؤ مانهه.

شعر:- جو ٻهاوي ايشور تم تانهه ٻر راضي رهو،
جا ٻني سا هٿه ٻلي سپ، ٻون سدا مڪه سي ڪهو.

سدائين ٻر ٻوءِ جي ڪئي تي راضي رهو. اُن
کان پوءِ سوامي جن ستنام ساکي، رام نام
جي ڌني لڳائي ست سنگ سماپت ڪيو،
سڀئي پريمي پرساد وٺي پنهنجي گهر ويا،
هڪ مهينو شهداد ڪوٽ ۾ رهي سوامي جن سڀ ڌرم
جو پرچار ڪيو، اُن کان پوءِ سهڻي کان موڪلائي ڳوٺ
ڳڙهي خيري جيڪب آباد ۽ شڪارپور کان ٿيندا
سکر ۾ آيا، اتي ڪجهه ڏينهن رهي، پوءِ ٽنڊي آدم
امراپور دربار تي آيا.

دربار ۾ پهچي سوامي جن ٻاهران گرو مهراج جن جي مندر ۾ ويا، اُتي گرو مهراج جن جي مورتيءَ کي مالها پائي پوڄا ڪيائون، پرڻام ڪري پرڪرما ڪيائون. پرارٿنا ڪري ٻاهر اچي سڀني سان مليا ۽ سڀني کان خبرون چارون پڇيون. شام جي ستسنگ کان پوءِ ڀوڄن ڪري سوامي جن آرامي ٿيا.

نيم موجب صبح جو ستسنگ ٿيو، ان کان پوءِ سڀئي سنت ۽ سيواداري پنهنجي پنهنجي سيوا ۾ لڳي ويا، دربار ۾ جيڪي سيوا جا ڪارج هلندڙ هئا، جيئن ته گرو مهراج جن جي مندر جو ڪارج، دربار جي مکيه دروازي جو ڪارج، باغ ۽ پڌرن جو ڪارج، گئو شالا جو ڪارج، ڀوڄن ڀنڊار جو ڪارج، بزار جي ڏڪان - وٽن جو ڪارج. وغيره سڀئي ڪارج سوامي جن نظر مان ڪڍيا، ۽ سيوادارن کان پڻ ڪم ڪار بابت پڇيائون. مکيه دروازي جو ڪم، جيڪو اڃا ۾ رهيل هو، اهو وري چالو ڪيو ويو. مندر جو سڄو ڪم ڏسي جاچي، جيڪا گهٽ وڌائي ڪين نظر آئي اها ڪاريگرن کي سمجهايائون.

باغ ۾ گلن ۽ ڦلن جا ساوا ساوا ٻوٽا پاڻ خود پوکيائون. ڳئن جي گاهه پاڻيءَ جي پڻ نگاهه ڪيائون. دربار جي هر هڪ ڪارج جي جاچ سوامي جن پاڻ ڪندا هئا. گرو مهراج جن جي مال - ملڪيت جي

پوري سنڀال رکندا هئا. ڪوبه فضول خرچ يا غلط
خرچ نڪي پاڻ ڪندا هئا، نڪي ٻين کي ڪرڻ
ڏيندا هئا. شڪايتن ڏانهن به پورو ڌيان ڏيندا هئا.
انهن جو اپٽارو به ڪندا هئا، قصورئه مٿي ڪڏهن
ڪين ڪندا هئا، خوشامد ڪرڻ، چغلي ۽ چاپلوسي کان
سدائين هوشيار رهندا هئا.

شڪايتون ٻڌڻ، انهن جو اپٽارو ڪرڻ، ليکو چوکو
صاف رکڻ، وغيره وهنوار جي ڳالهين ۾ صاف رهڻ،
سياڻن جو اهو مکيه فرض آهي، شڪايت نه ٻڌڻ يا
ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏڻ، شڪايت ڪرڻ واري
کي هيسائڻ ـ ڌٻائڻ، ليکو ـ چوکو صاف نه رکڻ،
وهنوار جي ڳالهين ۾ ڪوڙ رکڻ وغيره خود غرضين
(سوارٿين) جا لڇڻ آهن، عقلمند ماڻهو ائين چون ٿا.
سوامي جن هر هڪ ڳالهه ۾ خبردار رهندا هئا. جيڪو
به جس ـ اپجس جي چڪر ۾ ڦاسجي ويو آهي، اهو
نڪي ليکو ـ چوکو صاف رکي سگهندو، نڪي شڪايتون
ٻڌي سگهندو، ڪوبه وهنوار صاف رکي ڪين
سگهندو. شاسترن جي ان ڳجهه کي سوامي جن پورو
پورو ڄاڻندا هئا. دربار جا سڀ ڪارج بلڪل سچي
نموني سان هلندا رهندا هئا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سالياني ڇٽ جي ميلي
جون تياريون شروع ٿيون. ان سال سنه ۱۹۴۵ع [illegible]

٢٠٠٢ سنبت ۾ ٻه چيٽ جا مهينا ٿيا، ٻيون چيٽ جو مهينو پرشوتم هو، ٻئي چيٽ مهيني ۾ دنيا ڀر ۾ مشهور ڪنڀ جو ميلو اجين (مڌيه پرديش) ۾ لڳڻ وارو هو، انهن ڪري سوامي جن ساليانو چيٽ جو ميلو پرشوتم ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. ميلي جي سونهري موقعي تي آيل سنڌي پريمين کي پڻ اجين ۾ ڪنڀ ميلي بابت سوچنا ڏني وئي. ڪنڀ ميلي جو مهاتم پڻ ٻڌايو ويو، جوتي لنگ مها ڪاليشور جي درشن ؛ شپرا گنگا ۾ ٽٻين لڳائڻ جي مهاتم جو پڻ بيان ڪيو ويو. سنڌي کي ميلي جو لوٽو پڻ ڏنو ويو، خاص سوچنائون پڻ ڏنيون ويون، جي هن ريت آهن. هر هڪ ياتري پاڻ سان هلڪو بسترو، گلاس، لوٽو، ٽارچ وغيره ضروري شيون کڻي اچي. سونا زيور پائي اچڻ يا کڻي اچڻ لاءِ منع ڪئي وئي. انهن کان سواءِ ڪنڀ ميلي ۾ سنتن - مهاتمائن جي شاهين ڏسڻ، شپرا گنگا ۾ سنان ڪرڻ، پنهنجن ٻارن جي سنڀال ڪرڻ، ميلو ڏسڻ، گهمڻ ڦرڻ بابت سوچنائون پڻ ڏنيون ويون، سنڌي اخبارن ۾ پڻ ڪنڀ ميلي بابت ليک موڪليا ويا، اهو ليک پڻ موڪليو ويو ته اجين ڪنڀ جي ميلي تي ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي پرم پرڪاش ڇانوڻي لڳائي ويندي، سدا ورت (ان ڪيتر) کوليو ويندو، ڪنڀ ميلي ۾ اچڻ وارن ياترين

جي رهائش ۽ ڀوڄن لاءِ پورو بندوبست رکيو ويندو.
چيٽ جو ميلو سک سان سماپت ٿيو، سڀئي پريمي پنهنجي پنهنجي گهرن ويا.

چيٽ جي ميلي کان پوءِ ڪنڀ جي ميلي جون تياريون ڪرڻ لڳا. سوامي جن ۽ سڀني سنتن پاڻ ۾ صلاح ڪري ڪنڀ جي ميلي ۾ ڇانوڻي لڳائڻ لاءِ سنت چندن پرڪاش مهراج کي مقرر ڪيو. سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت گنگارام مهراج ۽ ٻين ڀڳتن - سنتن شيواڌارين کي پاڻ سان وٺي اُجين روانو ٿيو. سنت چندن پرڪاش مهراج اچي پهچي شپرا نديءَ جي ڪناري تي نرسنگهه گهاٽ تي ڇانوڻيءَ لاءِ هڪ وڏو پلاٽ سرڪار کان ورتو، جتي سنتن ۽ ياترين جي رهڻ لاءِ تنبو لڳرايا، هڪ وڏو ونڪرو، ڪشادو سنت سنگ منڊپ به ٺهرايو، ڀوڄن لاءِ سيڌي پاڻي جو پڻ پورو بندوبست ڪيو، سڀو بندوبست ڪري سنت چندن پرڪاش مهراج سوامي جن کي تار رستي سڀو سماچار موڪليو.

ڪنڀ ميلي جو سماچار ملڻ بعد سوامي جن امرپور دربار جي شيوا لاءِ ڪن سنتن ۽ شيواڌارين کي اُتي ڇڏي، سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت ڌرمداس مهراج، سنت جيون مڪت مهراج، سنت اوڌوداس مهراج،

سنت مرليڌر مهراج ۽ ٻين سنتن شيوادارن کي پاڻ سان وٺي گرو مهراج جن جي مندر ۾ ويا، اتي سندن مورتيءَ جي پوڄا ڪري پرڻام پرڪرما ڪري آشيرواد ۽ آگيا وٺي ٽنڊي آدم کان حيدرآباد روانا ٿيا.

رٿيل پروگرام موجب ڀائي رامچند، ڀائي ريواچند، ڀائي کيمارام، ڀائي نارائڻ داس، ڀائي آتمارام، ڀائي گوبندچند، ڀائي پوکرداس، ڀائي روپچند، شري ڀڳوانداس ۽ ٻيا پريمي سنت ماڌوداس مهراج جن سان گڏجي اسٽيشن تي سوامي جن جي آجيان لاءِ آيا، جيئن ئي سوامي جن ۽ سنت گاڏيءَ مان لٿا، تيئن پريمي گلن جون مالهائون پائڻ ۽ گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا، ٻئنڊ باجا وڄڻ لڳا، سڄو پليٽ فارم جئه جئه ڪار جي آواز سان گونجڻ لڳو، سوامي جن ۽ سڀني سنتن جي ڳچيءَ ۾ پُٺل هار تمام سهڻا نظر اچي رهيا هئا، اسٽيشن کان ٻاهر اکري سڀئي پنهن جا پنهنجا ساز کڻي چاڙهيا، سوامي جن پڻ يڪتارو چاڙهيو، سڀئي پريمي ڳائيندا وڄائيندا، رام نام، ستنام ساکيءَ جون ڌنيون لڳائيندا، شاهي بزار مارڪيٽ کان ٿيندا ڦليليءَ جي ڪناري تي ٺهيل پريم پرڪاش آشرم ۾ اچي پهتا، اتي سنت ماڌوداس مهراج، سنتن جي رهائش ۽ ست سنگ لاءِ پورو بندوبست رکيو هو، سڀئي پريمي سوامي جن جو درشن ڪري ۽

ست سنگ جي پروگرام جي سوچنا پڻ ڏيئي پهچائي
گهر ويا. سوامي جن ۽ سڀئي سنت ڀوڄن ڪري
آرامي ٿيا.

شام جو ست سنگ چالو ٿيو. پهرين سنت ماڌوداس
مهراج جن، سوامي جن ۽ سنتن جي سواگت ۾ ٻه اکر
ڳالهائي سواگت ڪيو. ان بعد سنت گرمکداس مهراج،
سنت ٻسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج،
سنت ڏرمداس مهراج ۽ ٻين سنتن ست سنگ ڪيو.
ان کان پوءِ سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اچارڻ ڪري
ديو گروءَ جي وندنا ڪري ست سنگ آرنڀ ڪيو.
ست سنگ ۽ ڪسنگ جي وشيه تي ڳالهائيندي،
سوامي جن چوڻ لڳا ته هن جڳ کي سدائين، ستو
سنگ ڪرڻ گهرجي. جيئن ٽيڪ وهنوار ۽ پرمارٿ
وغيره جا جيڪي به گيان آهن، اهي سڀئي ڀڳوان
جي ڏنل ڏات آهن. پر انهن جو وڪاس (واڌارو)
سنگ سان ٿي ٿيندو آهي. هيءَ جڳ، سٺي سنگ
ملڻ سان سٺو ۽ خراب سنگ ملڻ سان خراب ٿي
پوندو آهي. سٺي سنگ سان مٿي چڙهندو آهي ۽
خراب سنگ سان هيٺ ڪري پوندو آهي. جيئن ته-

هڪ ڀيرو، صبح جو باغ ڏانهن وڃي رهيو هو،
واٽ ويندي، رستي ۾ ان، پاڻ جهڙو هڪ ٻوٽر
ڏٺو. اهو ڇٽي جون ٻوڙ هڻون (ڪوليون) لاهي انهن

ڪي اچيان - پٺيان گهلي ڪري راند ڪري رهيو هو.
اهو تماشو ڏسي، ٻڍڙو هيٺ لهي اُن وٽ آيو.
ڪنهس سڏ ڪري چيائين ته هي ٻائي! تون ڪير
آهين؟ هتي ڇيڻي جي گولين سان راند ڇو ڪري
رهيو آهين؟ ڏسڻ ۾ ته تون ڇهڙو ٿو اچين. تنهن تي
اُن، ٻڍڙي کي چيو ته هي ٻائي! منهنجي شڪل-
شبيهه برابر توهان جهڙي آهي، پر مان ٻڍڙو ڪين
آهيان. مان، ٻوالب، آهيان. ڇيڻي جي گولين سان
راند ڪرڻ ۾ مونکي تمام گهڻو مزو ايندو آهي، ۽
خوشبوءِ به ايندي آهي. تنهن تي ٻڍڙو، ٻوالب کي
چوڻ لڳو ته خوشبوءِ؟ ڇي! ڇي!! هتي گندين گولين
۾ مزو ۽ خوشبوءِ ڪٿي آهي؟ هتي ۾ ته تمام گهڻي
بدبوءِ آهي. خوشبوءِ ۽ آنند ته گلن ۾ ٿيندو آهي.
هل ته مان، توکي باغ ۾ وٺي هلان. باغ جو نالو ٻڌي
ٻوالب عجب ۾ پئجي پڇيو ته، باغ! باغ وري ڪهڙو
ٿيندو آهي؟ باغ جو نالو ته مون ڪڏهن به ڪين
ٻڌو آهي، اڙي ٻائي! باغ جو نالوئي ڪين ٻڌو
اٿيئي. چڱو! نه ٻڌو اٿيئي ته مان ٿو توکي ٻڌايان.
چڱو ٻڌ! جتي چنبا، چنبلي، موتيو، رابيل، نرگس،
رتن جوت، ڪيوڙو، گلاب، سدا گلاب، وغيره
قسمين قسمين گلن سان جهنجهل وڻ ولين ۽ ٻوٽا
هجن، ميون (ڦلن) سان ڀريل وڻ هجن، ان کي باغ

ڇونڊا آهن. ڇڪ، هنن گهڻن گولن کي، هل مون-
سان گڏ. مان توکي باغ ۾ وٺي ٿو هلان. اٿي هلي
تون گلن سان راند ڪر ۽ خوشبوءِ جو مزو به ماڻ.
ڏيهن ٿي ٻولب ڇوڪ لڳو ته ٻائي! مونکي ته هٿ ٿي
آئند ٿو اچي. ٻر تون جو باغ جي اندري وڏائي
ڪري رهيو آهين سو اڄ توسان گڏ هلان ٿو، ٻير
ٻائي! تون مونکي اٿي وٺي هلي ڏوکو نه ڏجان.
اٿين نه ٿئي جو مونکي ڪا مرڪو ٿوي، ۽ ٻارن اڳين کان
نه پري رهڻو ٿوي. ٻڌ ٿر چئو ته ٻائي! اهڙي ڳالهه
ڪهن آهي، تون ڪاهه چنتا نه ڪر. اٿين جئي ٻٽي
باغ ڏانهن آڏامي هليا. آڏامندي وقت ٻوٽن هڪ
ننڍڙي چڙٽي جي گولي پنهنجي منهن ۾ لڪائي
ڪڍي هئي، آڏامندي ٻئي جڏا باغ ۾ وڃي
پهتا، ٻڌ ٿر گلن جي ونهو وڃي ٻولب کي گلن جا نالا
ٻڌائڻ لڳو ته، هيءَ چنبلي آهي، هيءَ چمپا آهي،
هيءَ نرگس آهي، هيءَ گلاب آهي، هيءَ ڪنول آهي،
اهڙي طرح سڀني گلن جا نالا، ٻولب کي ٻڌايائين ۽
ڏيکاريائين. بهار جي مند هئي ڪلهن (مکڙين) مان
گل ڦٽي نڪري رهيا هئا. گلن جي خوشبوءِ چوطرف
پکڙجي رهي هئي، سڄي باغ کي خوشبودار بڻائي
رهي هئي، ٻڌ ٿر، ماکيءَ جون مکيون، تمام ننڍڙا
پکي ۽ ٻيا به خوشبوءِ لاءِ متوالا ٿيو ٽولن جا ٽولا

گلن مٿان ڦيرا پائي، ۽ خوشبوءِ وٺي رهيا هئا، گلن سان رانديون ڪري رهيا هئا، ٻڍڙو به پولس کي وٺي گلن مٿان ڦيرا يون پائڻ لڳو، سڳنڌ وٺندي وٺندي هڪ چمپا جي گل تي وڃي رهيو، گل تي ويهي، پولس کان پڇڻ لڳو ته ٻاڙي پولس! ڪيئن؟ چيڻن جي ٻوڙ هيئن ۾ خوشبوءِ ۽ موج آهي يا هنن گلن ۾ آهي؟ تنهن تي پولس چيو ته بابا، توکي ڇا ٻڌايان. مونکي ته ذرو به خوشبوءِ ڪانه ٿي اچي. هت ته خوشبوءِ جو نالو نشان به ڪونه آهي، هتي ته بي انداز خوشبوءِ هئي. توهان ته باغ جي تمام گهڻي ساراهه پئي ڪئي، پر هت ته ڪجهه به ڪونه آهي، منهنجو سڄو ڏينهن برباد ڪري ڇڏيئه. پولس جي ڳالهه ٻڌي ٻڍڙو ويچار ڪرڻ لڳو ته، هنکي خوشبوءِ ڇو ڪونه آئي، جڏهن ڪ هت خوشبوءِ جا ٻوڪر لڳا پيا آهن. ڇڱو! ٺيڪ آهي. ان ڳالهه جو ويچار ڪندس، اهين چئي ٻڍڙو ۽ پولس چمپا تان اڏامي ٻئي گل تي وڃي ويٺا، اهين گلن مٿان ڦيرا پائيندي اچي شام ٿي، ۽ سج لهڻ تي اچي ٿيو، تڏهن ٻئي گهر ڏانهن اڏامي هليا.

رستي ۾ ٻڍڙي، پولس کان پڇيو ته ٻالي! سچ ٻڌاءِ، ڪيئن خوشبوءِ آئي؟ پولس ڪاوڙ جي چوڻ لڳو ته مون، توکي وشواس رکيو، پر تو، مونکي تمام وڏو دوکو ڏنو آهي، منهنجو سڄو ڏينهن برباد ڪري

چيائين، "دوڌا ۾ دولو گئي، مايا ملي نه رام."
سڄو ڏينهن ٻکيو رهيس، اڏامندي اڏامندي ٿڪجي
پيس، ٻارن ٻچن جو به منهن نه ڏسي سگهيس، پوپٽ
جي ڳالهه ٻڌي ڪري ڀـؤنري سوچيو، آخر ڪهڙو
ڪارڻ آهي جو هن کي خوشبوءِ ڪين آئي، ڀؤنرو
چوڻ لڳو ته ڀائي پوپٽ! باغ ۾ ته خوشبوءِ جا ڍير لڳا
پيا هئا، توکي ڇو ڪين آئـــي؟ ضرور ڪو ڪارڻ
هوندو. پوپٽ ڀائي! مونکي ته ڏاڍو عجب ٿو لڳي،
هيتري خوشبوءِ هوندي به توکي نه اچي، ائين ته
ٿي نه ٿو سگهي. ڀلا اهو ته ٻـــڌاءِ ته هلڻ وقت تو
پاڻ سان گندگي ته ڪانه آندي هئي؟ تنهن تي پوپٽ
چيو ته ڀـــائي! هلڻ وقت مون هڪ ننڍڙي گولي
پنهنجي منهن ۾ لڪائي ڪئي هئي. اها هاڻي به
آهي، اُن گوليءَ ته مونکي بچايو آهي، نه ته مان بک
۾ مري پاهه ٿي وڃان ها، اُن تي سڄو ڏينهن گذاريو
اٿم، پوپٽ جي ڳالهه ٻڌي ڀؤنر سمجهي ويو، گندگيءَ
جي ڪري ئي هن کي خوشبوءِ ڪين آئـــي آهي.
وري پوپٽ کي چيائين ته ڀائي! گندگيءَ جي ڪري ئي
توکي خوشبوءِ ڪين آئي آهي، سڀاڻي توکي ضرور
خوشبوءِ جو مـــزو چکائيندس، اهڙيءَ طرح پاڻ ۾
ڳالهيون ڪندا پنهنجي گهر ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي ڀـؤنر، پوپٽ وٽ

وٺو، پوپٽ تہ اڳہ ۾ ئي ڇيٽي جي گولين سان راند ڪري رهيو هو، ان وقت وڃي ڀؤنري، پوپٽ کي چيو تہ ڀائي پوپٽ! اَٺ، هل تہ باغ ۾ هلون. تنهن تي پوپٽ چيو تہ ڀائي ڀؤنرا! تون هيٺيون مٿيون ڇڏي مونکي ڇوٿو ھرڪائين. باغ ۾ تہ ڪي بہ ڪين آهي. ڪالهہ ئي تو منهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي مان تنهنجي مٺين مٺين ڳالهين ۾ ڪين ايندس، ڀؤنري چيو ڀائي پوپٽ! اڄ مان واعدو ٿو ڪريان، توکي خوشبوءِ ضرور وٺائيندس، آخر گهڻي چوڻ تي پوپٽ، ڀؤنري جي ڳالهہ مڃي، هائو ڪئي. هلڻ وقت پوپٽ وري بہ ڇيٽي جي ڳوڙهي منهن ۾ لڳائي ڪئي، پر هن ڀيري ڀـؤنري، پوپٽ جي چالاڪي ڏسي ورتي، ٻئي ڄڻا اڏامي هليا، رستي ۾ هڪ تلاءُ ڏسي ڪري ڀؤنري، پوپٽ کي چيو تہ گرمي ٿي رهي آهي، ٿورو وقت هن تلاءَ ۾ سنان ڪري جيڪر پوءِ هلون تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو، ائين چئي ٻئي تلاءَ ۾ سنان ڪرڻ لڳا. ڀؤنري پوپٽ کي تمام چڱي طرح پاڻيءَ ۾ ٽٻيون ڏياريون. سنان ڪرڻ سان پوپٽ جي پرن ۽ منهن ۾ جيڪا بہ گندگي ٻيل هئي يا چنبڙيل هئي، اها سڀ ڌوپي صاف ٿي وئي. سنان پاڻي ڪري، اچا اجرا ٿي ٻئي اڏامي باغ ۾ آيا. هاڻي تہ پوپٽ کي خوشبوءِ اچڻ لڳي ۽ ڀؤنري واڱر گلن تي

ڦيرڙيون پائڻ لڳو. ٻڍڙي کي چوڻ لڳو ته ٻڌ، برابر سچ ٿي چيو، چنبيلي جي ڳوڙهي ۽ سچ پچ بدبوءِ هئي، هاڻي بلبل هري هري گلن جي سڳنڌ وٺڻ لڳو، جنهن جنهن گل تي بلبل ويٺو ٿي، ته ائين لڳڻ ٿي ان جو روح ٿي ٽڙي ٿيو. اهو ڏسي ٻڍڙي چيو ته پياري بلبل! توهين هري هري هلو ٿا، سو ائين ته ائي ٿي سڀ لهي ويندو. باغ ته تمام وڏو آهي، قسمين قسمين گل آهن، هر هڪ گل جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي، ان ڪري جلدي ڪر ۽ مون سان گڏ هل. تنهن تي بلبل چيو ته پياري ٻڍڙا! اهڙي، ڪهڙي جلدي آهي، اڃا هيڏو، سڄو سارو ڏينهن پيو آهي، خوشبوءِ وٺڻ کان سواءِ پاڻ کي، ٻيلا ٻيو ڪهڙو ڪم آهي. سڄو ڏينهن خوشبوءِ ئي ته وٺڻي آهي. تون ٻڌ هري هري هل، مون کي چڱي طرح خوشبوءِ وٺڻ ڏي. بلبل جي ڳالهه ٻڌي ٻڍڙو سمجهي ويو. ڏاڍو سٺو! هاڻي بلبل کي خوشبوءِ جو آنند آيو آهي، مان اهو ئي ته چاهيو ٿي ته بلبل کي خوشبوءِ جو مزو اچي، بلبل جي حالت ڏسي ٻڍڙو به هري هري هلڻ لڳو.

هر هڪ گل جي سڳنڌ وٺندا ٻئي جڏهن شام جو وڃي ڪمل جي گل تي ويٺا، ڪمل جي گل جي ته ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي. ان جي خوشبوءِ ئي نرالي

ٽيندي آهي، ٻئي ڄڻا ڪمل گل جو رس پيئڻ لڳا.
جڏهن سج لهڻ جو وقت آيو ته ڀؤنري، پولڻ کي
چيو ته پائي! هاڻي سج لهڻ وارو آهي، رات ٿيندي ئي
سڀئي ڪمل جا گل ٻوٽجي ويندا آهن، جيڪو به
ڪمل گل ۾ ويٺو هوندو آهي، اهو به اندر بند ٿي
ويندو آهي. هوا نه ملڻ سبب اهو اندر ئي اندر
گهٽجي مري ويندو آهي. ان ڪري هاڻي خوشبوء
جو لوڀ ڇڏ، جلدي هل ته گهر هلون. ٻار پيهڻجي
راهه نهاريندا هوندا. ڀؤنري جي ڳالهه ٻڌي پولڻ
چوڻ لڳو ته، ڇا ٻڌايانءِ! مونکي ڪيترو نه آنند اچي
رهيو آهي، ٻار ٻچا سڀئي وسري ويا آهن. هاڻي
مونکي ٻارن ٻچن جي به ضرورت ڪين آهي. پؤلڻ
جي ڳالهه ٻڌي، ڀؤنرو چوڻ لڳو پائي! خوشبوء جي
لوڀ ڪري ڪمل گل ۾ ويٺو رهندين ته مري
ويندين. پولڻ چيو ته هاڻي مان جيئان يا مران، پر
مان هت ئي ويٺو رهندس. توکي وڃڻو هجي ته ڀلي
وڃ، پر مان ڪين هلندس. پولڻ جو ڪٺو جواب ٻڌي
ڀؤنرو ته هليو ويو، پولڻ ان ڪمل ۾ ئي ويٺو رهيو.
سج لهندي ئي ڪمل جو گل ٻوٽجي ويو. پولڻ
اندر ئي ويٺو رهيو. قدرت سان ان ۾ هڪڙو ننڍڙو
سوراخ (ٽونگ) رهجي ويو. سڄي رات ان ٽونگ مان
پولڻ ساهه کڻندو رهيو، سڄي رات خوشبوء جو برابر

آنند وٺندو رهيو. صبح جو سويري هڪڙو شنڪر
ڀڳوان جو پوڄاري پوڄا لاءِ گل ڇني آيو، جنهن
۾ ٻلپ هو. اهو ڪمل ۽ ٻلپ ڇنيائين، جڏهن ڪمل
شو جي مستڪ تي چاڙهيائين، سڀئي گل ڪٽي وڃي
چاڙهيائين، مٿان گنگا جل
چاڙهيائين، پوءِ ٻلپ جي پاڙ کي ساراهيندي ڪنهن
ڪويءَ چيو آهي ته:-

دوهو: سنتن کي سنگت ملي، ٻلپ ٻوٽي کي سنگ،
مهاديو مستڪ چڙهي، اوپر برسي گنگ.

مٿين ڪٿا جو سار ٻڌائيندي سوامي جن ساري
سنگت کي چوڻ لڳا ته ٻلپ وانگر هيءُ جيوُ به اگياني
آهي، اگيان جي ڪارڻ هيءُ جيوُ، وشين، ڀوڳن،
سنساري پدارٿن سان رات ڏينهن راند ڪري رهيو
آهي، سنسار جي سڀني رانديڪن سان راند ڪندي
هن اگياني جيوَ کي ڪو سنت ڏسي ٿو وٺي، ته اهو
سنت اُن کي سمجهائي چوي ٿو! اڙي ڀائي! هنن ڏٺوي
ٻڌ ٻوءِ ڀرمل پدارٿن سان ڇو راند ڪري رهيو آهين؟
هل ته توکي ستسنگ ۾ وٺي هلان. ان تي اهو
اگياني جيوُ، چوي ٿو ته مهاراج! ستسنگ ڇا ٿيندو
آهي؟ اُتي ڇا آهي؟ ان تي سنت، اُن کي سمجهائي
چوي ٿو ته ڀائي! اُتي سنت مهاتمائون شاسترن پراڻن،
اتهاسن جون ڪٿائون ٻڌائيندا آهن، جن جي ٻڌڻ ۽
سمجهڻ سان پرم آنند جي پراپتي ٿيندي آهي. ان

کي اڳيائي جيوُ چوي ٿو تہ مهراج! موکي تہ هٿ کي
موج لڳي پئي آهي، مان تہ ستسنگ ۾ ڪين
هلندس. ها! هڪ ڳالهہ، جيڪڏهن توهين سنيما
۾ هلو تہ مان توهان سان گڏ جي ضرور هلندس، نہ
رڳو ايترو پر توهان جي ٽڪيٽ وغيره جو سڀو
خرچ بہ مان ڪندس. ان تي سنت ڪبير چوي ٿو تہ
منهنجا پيارا! سنيما ۾ تہ توهين روز ويندا رهندا
آهيو، اج ڪٿي مون سان گڏ ستسنگ ۾ هلو، سنيما
کان تمام گهڻو وڌيڪ مزو ستسنگ ۾ آهي، هڪ ڀيرو اچي
هلي ڏسو تہ سهي. ستسنگ پڌي توکي تمام گهڻو
آنند ايندو، آخر گهڻي سمجهائڻ تي هيءَ جيوُ
ستسنگ ۾ وڃي ٿو، پر پاڻ سان گڏ وشين پوڙين
جي گندگي بہ کڻي وڃي ٿو، ستسنگ ۾ ويٺو بہ
آهي، پر سندس من دنيا جي پدارٿن ۾ ٻوڙون
پائيندو رهي ٿو، ان ڪري ڪبس آنند ڪين ٿو اچي.
دوهو: ڪبير من تو ايڪ هئي، ڀاوي جهان لڳاءِ،
ڀاوي هريکي ڀڳت ڪر، ڀاوي وشيہ ڪماءِ.
جن جن سنسار کي آزمايو آهي، اهي چون ٿا تہ
من تہ هڪ ئي آهي، چاهي ان کي دنيا جي رس ۾ لڳاءِ
چاهي ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ لڳاءِ. هڪ طرف رس پوڙيون
آهن، ٻئي طرف ڀڳوان جي ڀڳتي آهي.
ڪٿا سماپت ٿيڻ بعد سنت اڳيائي جيوَ کان پڇي

ٿو تہ ڪيئن ڀائي! ڪيچ آنند آيو؟ تڏهن ٿي اگياني جيوُ چوي ٿو تہ مهراج! توهين آنند جي ڳالهہ ٻڌي رهيا آهيو، اڄ تہ توهان منهنجو سڄو ڏينهن ئي برباد ڪري ڇڏيو، نڪي ٻارن ٻچن سان ملي سگهيس، نڪي ڪوئي ڪم ڪار ڪري سگهيس، نڪي سنڌيا وڃي سگهيس، نڪي پٽي راند ڪري سگهيس، نڪي گپ شپ هڻي سگهيس. توهان مونکي وڏو دوکو ڏنو آهي. تڏهن ٿي سنت، اگياني جيوَ کان پڇي ٿو تہ ڀائي، سچ ٻڌاءِ، توهان ڪٿا ڌيان سان ٻــڌي؟ تڏهن ٿي اگياني جيوُ چوي ٿــو تہ منهنجو سڄو ڌيان گهر ٻار، وهنوار ۽ دنوي پدارٿن ۾ لڳو پيو هو، مونکي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪين آيو، خبر نہ آهي تہ سنت ڇا ڇا چئي رهيو هو. اگياني جيوَ جي ڳالهہ ٻڌي سنت سمجهي وڃي ٿو، هن کي آنند نہ اچڻ جــو ڪارڻ سندس من جي چنچلتا آهي، من جي ايڪاگرتا کان سواءِ ڪٿا مان آنند ڀلا ڪيئن ايندو؟

چوپائي :- جب تک من کي اِسٿتي ناهين،
تب تک شانتي ملهين نہ ڪانهين.
من شانتي بن شانت نــہ پاوت،
ڪهہ ٿيئون سب سنت س گاوت.

ڪٿا ٽان موٽندي رستي ۾ سنت، اگياني جيوَ کي چوي ٿــو تہ، اڄ توهان کي آنند ڪين آيــو، ڪائي

ڳالهه ڪانهي، فڪر نه ڪريو. سڀاڻي توهان کي ضرور آڻيندو ايندو، سڀاڻي به توهان کي گڏ وٺي هلندس، اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا ٻئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

وري ٻئي ڏينهن سنت اگياني جيءُ وٽ وڃي ٿو، ان کــي ستسنگ جي مهما ٻـڌائي ٿو، سنت جـي ڳالهه ٻڌي اگياني جيءُ ان کي چوي ٿــو ته مهراج! توهان بلڪل ڪوڙا آهيو، مان ڪين هلندس، توهين ڀلي وڃو، سنت چوي ٿو هي پيارا! هڪ ڀيرو وري مون سان گڏ جي هل، جيڪڏهن توکي آنند نه اچي ته جيڪا وڻيئي اها سزا مونــکي ڏج. هڪ ڳالهه! جيئن مان چوان يا ڪريان تيئن تون به ڪج. مطلب ته جيئن تيئن ڪري سنت، اگياني جيو کي ستسنگ هلڻ لاءِ مڃائي ٿو.

ستسنگ لاءِ ٻئي ڄڻا تيار ٿي نڪرن ٿا، سنت اگياني جيءَ کي چوي ٿو ته، ٿورو پرساد ۽ گلن جو هار وٺ. هوءُ سنت جو چوڻ مڃي پرساد ۽ گـلن جو هار وٺي ٿو، ان بعد سنت ان کي چوي ٿـو ته ستسنگ ۾ هلي ڪري پهرين سنت کي مالها ارپڻ ڪجانءِ، پوءِ پرساد اڳيان رکي پهرين پڳجانءِ، پوءِ ٻين سنت-سنگين سان گڏ آسڻ ٻڌي ويهي رهجانءِ، جيستائين ڪٿا ٿيندي رهي تيستائين هڪمنو ٿي ٻـڌجانءِ،

هيڏانهن هوڏانهن نه نهاريندو، سنئين طرف ٿي ڏسندو
رهندو، جنهنڪري مان لوڪي سمجهائي رهيو آهيان ان
موجب مان پرک ڪندس. ائين سمجهائي پئي ستسنگ
۾ وڃون ٿا. سنت جي آگيا موجب اگياني جيوَ ان رستي ڪري
ٿو، ۽ ان جي هلت چلت به ڏسي ٿو. ائين ڪرڻ
سان اگياني جيوَ کي آنند محسوس ٿيڻ لڳي ٿو، ان
بعد ان کي دنيا جي سکن ڀوڳن کان نفرت اچڻ لڳي
ٿي. ستسنگ جي پرتاپ سان اگياني جيوَ جا سڀئي
موهه مايا جا بندڻ ائين کلي پون ٿا جيئن هوا ڪڪرن
جي گهنگهور گهٽائن کي هيڏانهن هوڏانهن ٽيڙي
پکيڙي ڇڏيندي آهي، تيئن اگياني جيوَ به بدلجي گياني
ٿي پوندو آهي، ان جو من دنيا جي ڪمن ڪارن
۾ ڪين لڳندو آهي. جڏهن سنت اُن جيوَ کي چوي
ٿو ته هاڻي هل ته گهر هلون. تڏهن اهو جيوَ چوي ٿو ته
مهراج! ڪنهن جو گهر بار، ڪنهن جو ڏنڌو وهنوار،
هاڻي ته مونکي سنت ستسنگ کان سواءِ ڪجهه به مٺو ڪين
ٿو لڳي. هاڻي ته مان هت ٿي رهندس، شيوا،
سمرڻ، سنت ستسنگ ڪري پنهنجي زندگي سڦل
بڻائيندس. اهڙي ڪٿا ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا
ته اهڙو آهي سنت ستسنگ جو پرتاپ. اُتم پُرشن جي
ستسنگ سان اُتم لوڪن جي پراپتي ٿئي ٿي. شاسترن
جي اشارن کي ڪڏهن به ڪين اورالگهڻ گهرجي،

جن ماڻهن ڏانهن شاستر اشارو ڪن ٿا، انهن جو سدائين سنگ ڪرڻ گهرجي.

جيئن ته هاڻي اڄين ۾ ڪنڀ جي ميلي جو شڀ موقعو اچي رهيو آهي. توهين سڀئي اتي هلي، سنتن مهاتمائن جا درشن ۽ شپرا نديءَ جي پوتر جل ۾ ٽٻيون لڳائي پنهنجو جنم سڦلو ڪريو. وري به اڄين جي ڪنڀ ميلي جي سوچنا ڏيئي رام نام ۽ ستنام ساکيءَ جي ڌلي لڳائي، سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو. سڀئي سنگت پرساد وٺي گهر وئي.

ٻئي ڏينهن حيدرآباد مان ڪنڀ جي ميلي لئي وڃڻ جي تياري ڪري، اڄين وڃڻ جو پڪو پروگرام ٺاهي، سوامي جن، سنت چندن پرڪاش مهراج کي تار موڪلي. رٿيل پروگرام موجب سوامي جن، سنتن شيوادارن ۽ پريمين سان گڏجي حيدرآباد (سنڌ) کان روانا ٿيا. ميرپور خاص، مارواڙ، اجمير، پشڪر راج ۽ رتلام کان ٿيندا، اڄين سک سان پهتا. سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت گنگارام مهراج ۽ ٻيا پريمي سوامي جن جي سواگت لاءِ اڳ ۾ ئي اسٽيشن تي پهتا هئا. پتا پوگيه هڪ ٻئي سان ملي پوءِ سڀئي سنت، شيوادار ۽ پريمي سوارين ۾ چڙهي اُرسنگهه گهاٽ تي پهچي پرم پرڪاش چانوڻيءَ ۾ آيا. چانوڻيءَ ۾ پهچي، سڀئي شپرا نديءَ ۾ سنان پاڻي ڪيو.

ان کان پوءِ سڀني ڀوڄن ڪيو. وڏي مسافري ڪرڻ ڪري سڀئي سنت ۽ شيواداري ٿڪجي پيا هئا، ان ڪري سڀئي آرام ڪرڻ لڳا.

سج لٿي کان پوءِ سوامي جن ۽ سڀئي سنت ۽ شيواداري ۽ ڀاڳري، ستسنگ منڊپ ۾ گڏ ٿيا. ميلي جون سڀئي شيوائون، ورهايون ويون. ان کان پوءِ سڀني ملي ڀوڄن ڪيو. سوامي جن پڻ ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا. جن، جن سنتن يا مکيه شيوادارن ري، جيڪا، جيڪا شيوا مقرر ڪئي وئي هئي. اها شيوا، اهي پنهنجي جوابداري سمجهي ڪرڻ لڳا.

پرڀات جي پوتر ويلا ۾، سوامي جن ۽ سڀئي سنت جاڳيا. سوامي جن صبح جو ٽورو پنڌ ڪري چانوڻيءَ ۾ آيا، ان بعد ٽورو وڌائي، پوءِ سڄي چانوڻيءَ مان گهمندا ڦرندا، ڀاڳرين کان حال-احوال پڇندا، انهن جي سار سنڀال لهندا، شپرا نديءَ جي نرسنگهه گهاٽ تي ويا، اتي سنان پاٺ ڪري چانوڻيءَ ۾ آيا. رٿيل پروگرام موجب سڀ سنت، شيواداري ۽ ڀاڳري ستسنگ منڊپ ۾ آيا. اتي ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي آدم قد مورتي جيڪا اڳ ۾ ئي اتي هڪ سهڻي سجايل سينگاريل آسڻ تي براجمان ڪئي وئي هئي. سوامي جن، سڀ سنت ۽ ڀاڳري، پوڄا جي سامگري کڻي مورتيءَ اڳيان آيا، ٽي ڀيرا، اوم جو

اُچار ڪري سوامي جن مورتيءَ تان پردو هٽايو. ”ستگرو ٽيئون رام مهراج جي جئه.“ ”رام ڪرشڻ ڀڳوان جي جئه.“ ”شنڪر ڀڳوان جي جئه.“ ”مها ڪاليشور ڀڳوان جي جئه،“ ”پَوَن سُت هنومان جي جئه.“ ”شپرا گنگا جي جئه.“ وغيره جئه جئه جي آواز ۽ تاڙين جي ٺهڪن سان سڄو ستسنگ منڊپ گونجڻ لڳو.

پوءِ سوامي جن، ستگرو مهراج جن جي پوڄا ڪئي، تنهن کان پوءِ سڀني سنتن ۽ ڀائرن پوڄا ڪئي. پوڄا ڪري آرتي ڪئي. آرتيءَ کان پوءِ شريمد ڀڳوت گيتا ۽ يوگ وششٽ، پوتر گرنٿن جا پاٺ آرمڀ ڪيا ويا. هَوَن ڪري، شري پريم پرڪاش جهنڊو چاڙهيو ويو. جهنڊي جي وندنا ڪرڻ بعد، سوامي جن پنهنجي ڪر ڪملن سان، سنتن - مهاتمائن لاءِ اَن ڇيتر کوليو. تنهن کان پوءِ سوامي جن ۽ سڀني سنتن ملي ڀوڄن ڪيو. اهڙيءَ طرح ڪنڀ ميلي جي شروعات ڪئي وئي.

شام جو ستسنگ آرمڀ ڪيو ويو، پوءِ پريمين ڪيرتن ڪيو، پوءِ سنتن ستسنگ ڪيو، ان بعد سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اچارڻ ۽ ڌيو گروءَ جي وندنا ڪري ستسنگ آرمڀ ڪيو، ڀڄنيءَ جي وشيه تي ڳالهائيندي سوامي جن چيو ته ڀڄنيءَ لئي ٽي

ڀڳوان خوش ٿيندو آهي، پر ڀڳتي ڪرڻ، سولي ڳالهه ڪا آهي، ڀڳتن تي وڏيون مصيبتون، آفتون ايندڙيون آهن، ڀڳوان ته پرکيا وٺندو آهي.

ڪٿا :- هڪڙو مزور هو، جو سڄو ڏينهن محنت مزوري ڪندو هو، روزانو ان کي ٽي-چار آنا مزوريءَ جا ملندا هئا، جيڪي ڪجهه ڪمائيندو هو اهو سڀ ڏينهن جي گهر واريءَ کي آڻي ڏيندو هو، سندس استري پتورتا هئي. مڙس جي ڪمائي سارو گهر جو خرچ هلائيندي هئي.

ڌرم شاسترن جو ورڻن ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته منش جو پهريون فرض آهي ته پنهنجي پتريءَ جو وواهه سٺي ڪل ۾ ڪري. پٽ کي وديوان ۽ ڌرماتما جون بڻي ويد پاٺون پڙهائي، دشمن کي وشيه سڪه ۾ ڦاسائي ۽ تمام سٺيءَ شيءِ جو دان ڪري.

श्लोक :- सत्कुले योजयेत्कन्यां, पुत्रं विद्यासु योजयेत् ।
व्यसने योजयेच्छत्रुं, इष्टं धर्मेण योजयेत् ॥

ڌرم شاستر کي ڄاڻڻ وارو انسان ئي وديوان ۽ ڌرماتما کي سٺي نموني هلائي سگهي ٿو.

استريءَ کي گهر جي ته وديوان يا ڌرماتما جو ڪم، ڪار، پنهنجي پتيءَ کان پڇي پوءِ ڪري، پڇڻ سان گڏ آڳيا ملڻ کان پوءِ ئي ڪري. ڪڏهن به ڪم ڪرڻ لاءِ پتيءَ تي دٻاءُ يا زوربار نه آڻي، ڪاله

استري پتيءَ کان پڇڻ کان سواءِ جيڪڏهن ڪو به
ڪم ڪري ٿي ته ان جو ڦل ان کي ڪين ملندو.
پتيءَ کان ڪا به ڳالهه يا شيءِ نه لڪائي. پتيءَ سان
ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائي. پتيءَ جي ڪمائي آهر
خرچ ڪري. پتيءَ جي ڪمائيءَ مان روزانو ڪجهه
نه ڪجهه بچائي رکي، سدائين پتيءَ جي خوشيءَ ۾
خوش رهي.

श्लोक :- न सा स्त्रीत्यभिमन्तव्या, यस्यां भर्ता न तुष्यति ।
तुष्टे भर्तरि नारीणां, तुष्ट : स्यात्परमेश्वर : ॥

جيڪا استري پنهنجي پتيءَ کي خوش رکي ٿي،
ان تي وشڻو ڀڳوان ۽ سڀ ديوتائون راضي رهن ٿا.
جڏهن استريءَ، پتيءَ جي سيوا - پوڄا ڪئي ان جڻ
ته سڀني ديوتائن جي پوڄا ڪئي. ان کي وري
ڪڏهن منش - پتر، ديوتا يا ايشور جي پوڄا ڪرڻ
جي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي.

نه رڳو سنت - مهاتمائون پر رواجيءَ کان رواجي
ماڻهو به سيوا ۽ پوڄا تي خوش ٿيندو آهي، دشمن ۽
دوست به سيوا تي خوش ٿيندو آهي. پتا چاهيندو
آهي ته پٽ پنهنجي سيوا ڪري ۽ آگيا مڃي. پتي
چاهيندو آهي ته پتني پنهنجي سيوا ڪري ۽ آگيا
مڃي. سس چاهيندي آهي ته نهن پنهنجي سيوا
ڪري ۽ آگيا مڃي. مطلب ته سڀئي سيوا

چاهين ٿا ۽ سڀئي شهوا - پوڄا ۾ خوش رهن ٿا. پتيءَ کي جيئن جو تيئن راضي رکڻ، خوش رکڻ سان استريءَ کي، خود به خود رڌيون سڌيون پراپت ٿي وينديون آهن.

مزور جي پتنيءَ به روزانو، گهر خرچ مان ڪوئي سوئي (ڪفايت سان) هڪ پائي پائي رکندي هئي. جڏهن هڪ روپئي جون پايون گڏ ٿيون، تڏهن اهي دوڪاندار کي ڏيئي هڪ روپيو روڪ وٺي آئي. شام جو جڏهن سندس پتي مزوريءَ تان موٽي گهر آيو، تڏهن اهو روپيو پتيءَ کي ڏنائين. روڪڙو روپيو ڏسي مزور جون اکيون چرخ ٿي ويون، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ استريءَ کان پڇائين ته هيءُ روپيو ڪٿان آندءِ؟ تڏهن ان چيو ته پتي ديو! توهان جي ڪمائيءَ مان روزانو پائي پائي ڪري گڏ ڪيو اٿم. استريءَ جي ڳالهه ٻڌي ان جي دل مان هڪ عجيب آسيس نڪتي ۽ ڪيس شاباس ڏيندي چيائين ته ٺاهر سنو! هيءُ روپيو رکي ڇڏ، اڳ کي ويل ڪم ايندو، ائين چئي ان پوڄن ڪيو، پوءِ سمهي رهيو. صبح جو وري پنهنجي محنت مزوريءَ ۾ هليو ويو.

ڇهن پنجن ڏينهن کان پوءِ هڪ مهاتما سنت ليءَ سوڍو ان شهر ۾ آيو، ڪيترا ماڻهو ستسنگ ٻڌڻ وڃڻ لڳا. مزور جي استريءَ به ٻڌو ته ڪوئي مهاتما شهر

۾ آهو آهي جو تمام سنتي ڪٿا ڪري ٿو. هڪ ڏينهن اها به ستسنگ ۾ ٻڌڻ لاءِ آئي وئي. ڪٿا چالو هئي مزور جي استري به ڪٿا ٻڌڻ ويٺي رهي، ان وقت سنتن جي لڇڻن جو پرسنگ هلي رهيو هو ته:-

چوپائي:- سچ بولت پن سچ سي پرتي،

ٻهي سدائن سنتن رتي.

سنت وچن اٽل لهن ترهين،

تس قل دهت شردا جو ڌ رهين.

سنت پراپڪاري ٿيندا آهن. سنت ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائيندا آهن، سدائين سچ ڳالهائيندا آهن. سچ تورهندا آهن. سچ ئي سنتن جي زندگي آهي. اهڙن سنتن جا وچن اٽل ٿيندا آهن. اهي ڪڏهن ڪين ٽرندا آهن. اها ڳالهه سچي آهي، پر ڦل ان کي ملندو جنهن جو وچن ۾ پورو وشواس هوندو. بس ايترو ٻڌي مزور جي استريءَ انهن وچن تي ڪٽي اعتبار ڪيو، وچن جو ويچار ڪندي گهر آئي.

ٻن ڏينهن گذرڻ بعد، هڪ ٻيو مهاتما ان شهر ۾ آيو. اهو مهاتما گهٽيءَ ۾ زور زور سان "اٺڪ ڏيوي تو دس پاوي، لهن ڏيوي تو ڦر پڇتاوي." اهڙيءَ طرح هوڪو ڏيندو گهمي رهيو هو. جڏهن ان مزور جي گهر وٽان لنگهيو ته آئي ۽

ساڳيو "هوڪو" ڏنائين. هوڪو ٻڌي مزور جي
استري گهر کان ٻاهر نڪري آئي. سنت کان
پڇيائين ته مهراج! توهان ڪهڙو هوڪو ڏيئي رهيا
آهيو؟ ٿورو سمجهائي ٻڌايو. سنت چيو ته ماتا!
جيڪو هڪ رپيو ڏيندو، ان کي ڏهه رپيا ملندا.
جيڪو ڏهه رپيا ڏيندو، ان کي سؤ رپيا ملندا.
جيڪو سؤ رپيا ڏيندو، ان کي هزار رپيا ملندا.
جيڪو هزار رپيا ڏيندو، ان کي ڏهه هزار رپيا
ملندا. مطلب ته ڏهوڻا ٿي ملندا. مزور جي استري
ته پهرين ئي کٿا ۾ ٻڌي آئي هئي، اهي وچن ياد
هئس، سو سنت کي چوڻ لڳي ته توهين سچ چئو
ٿا؟ سنت چيو ته بلڪل سچ چوان ٿو، اهو ٻڌي
مزور جي پتنيءَ من ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن هڪ
رپيو ڏيندس ته ڏهه رپيا ٿي ملندا. ڏهه رپيا
ڏسي منهنجو پتي ته ڏاڍو خوش ٿيندو. پتيءَ جي
خوشيءَ جو خيال رکندي هوءَ جهٽ پٽ اندر وئي،
۽ هڪ رپيو کڻي آئي، ۽ سنت کي اهو رپيو ساڌوءَ
کي ڏنائين. رپيو وٺي ساڌو ته رمندو رهيو. مزور
جي استريءَ کي ته پڪو وشواس هو، سو ٻي فڪر
ٿي اچي گهر جي ڪم ڪار کي لڳي.

ڏک سک ته هر هڪ منش پٺيان لڳو رهي ٿو،
پنجن ستن ڏينهن کان پوءِ مزور کي بخار آيو، جنهن

ڪري ھوءَ مزوريءَ لاءِ وڃي نہ سگھيو. گھر جي حالت
اھڙي ھئي جو، ڪڏھن ڏينھن مزوري نہ لڳندي
ھئي تہ ٻہ ڪک ٿي پوندي ھئي. مزور کي رٽي
جو وڏو آسرو ھو. سو استريءَ کي چپائين لاءِ اڄ
مولڪي ڏاڍو تپ اچي چڙھيو آھي، مزوريءَ لاءِ
وڃي ڪين سگھندس. روٽي ۽ دوا تہ ضرور گھرجي.
رڌو ڏي تہ دال، اٽو ۽ دوا وٺي اچان. ٻٽيءَ جڏھن
رڌو گھريو تہ ھوءَ وچاري ڏاڍو گھٻرائجي وئي.
گھر جي حالت کي پاڻ بہ ڄاڻندي ھئي. ٻٽيءَ کي
تپ اچي ويو آھي، سو مزوريءَ لاءِ وڃي ڪين
سگھندو، رڌو تہ مون مھاتما کي ڏئي ڇڏيو، سيڌو
سامان ۽ دوا ڪٿان ايندي! ھاڻي ڪيئن ٿيندو.
ڳڻتين جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳي. ٻٽيءَ وري چيو
تہ جلدي ڪر، رڌو ڪٽي اچ تہ مان وڃان. ھن وقت
رڌو ڪم ۾ ڪونہ آيو تہ وري ڪڏھن ڪم ايندو.
ٻٽيءَ جي ڳالھہ ٻڌي استريءَ ٻ چندي ٻ چندي،
سڄي ڳالھہ ٻٽيءَ کي ڪري ٻڌائي تہ، ھھڙي نمولي
رڌو تہ مون سنت کي ڏئي ڇڏيو. اھا ڳالھہ ٻڌي،
مزور کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. ھڪڙو ڌڪار، ٻيو
فرٽي، سو ٻير مان ٻادر لاھي اچي استريءَ کي
وڙڪائين، ٻنج سٺ پادر وھائي ڪڍيائينس. موچڙا
ھڻي ڪيس چپائين تہ مھا مورک! ھيءَ ڪو ڇا ڪيو.

ٿوڪي خبر ڪانه آهي ته ساڻ وٺي ٿيندا آهن. ساڻ ن-
سودن ۽ غريب ابوجهه ماڻهن کي لٽڻ ۽ انهن کي ڏهر
کڻڻ لڳندي آهي. هاڻي سڌ و سامان ۽ دوا کڻڻ
آڻيندس، جو ٻار ٻچا کائيندا. ائين چئي، وري
استريءَ کي زور سان هڪ لت هڻي، گهٽ وڌ
ڳالهائي ڪيس چيو ته، هاڻي ٽري وڃ منهنجي اکين
اڳيان. وڃي مري وڃ. هاڻي مان به تو مران توهين
به وڃي ڪڏ ۾ پئو. ائين چئي، مزور مٿان ٿي کٽ
تي ويٺو رهيو. بيچاريءَ ۽ ٻارن جي حالت ڏسي،
مزورياڻي پنهن جي ڪرڻيءَ تي پڇتائڻ لڳي. ڀلا ٻيو
ڇا ڪري وچاري! موچڙن جي مار کائڻ تي به هن
وچاريءَ چوُن به ڪانه ڪئي. وچاري آڻسان ائي
وڃي اڳڻ ۾ ويٺي.

غريبن کي ڀلا ڪير ٿو پڇي. ڪٿان به اڌاري
سڌاري ملڻ جو ڪو به آسرو ڪين هو. ڀل بخشائڻ
جو به سوال ڪين هو، ڇو ته حالت اهڙي هئي. ٻچيءَ
کي سخت بخار آهي. ٻار بکايل آهن، ٻارن کي روٽي
۽ ٻچيءَ کي دوا جي ضرورت آهي. هڪ طرف ٻچي
بخار ۾ ڪڙهي رهيو آهي، ٻئي طرف بيمار بک بک
ڪري روئي رهيا آهن. سڀئي ڳالهين جو ويچار
ڪري وچاري مزورياڻي ڳڻتين ۾ ٻڏي وئي، روئڻ
۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي.

جڏهن ڪنهن جي اهڙي بري حالت ٿي پوندي آهي، ماڻهو ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿي پوندو آهي. ڪي ماڻهو، جيڪي سچ پچ پڇتائيندا آهن، انهن جي عادت ٿيندي آهي ته اهي ڪنڌ هيٺ ڪري ڳڻتيون پيا کائيندا آهن ۽ ڪانيءَ نڪر سان ڌرتيءَ کي به پيا کوٽيندا آهن. اها مزورياڻي به ٻيو ڪو به چارو نه ڏسي ڪانيءَ نڪر سان ڌرتي کوٽڻ لڳي. سندس اکين مان ڳوڙها به پئي وهيا ۽ سنت جي وچن کي به ياد ڪري رهي هئي. ”ايڪ ڏکهوي ٿو، ڏس پاوي.“ اهي اکر سندس ڪنن ۾ هر، هر گونجڻ لڳا. سنت جا وچن ڪوڙا نه ڪين ٿيندا، پر الاجي! خبر ڪانه آهي ته ريا ڪڏهن ملندا. مون ڪئي نه وڏي غلطي آهي، پر هاڻي ڇا ڪريان. ائين سوچي به رهي هئي، ۽ ڌرتي به کوٽي رهي هئي. جيتوڻيڪ ڪيس پتيءَ ڏاڍو ماريو ۽ بي عزتو ڪيو هو، گهٽ وڌ ڳالهايو هو، تنهن هوندي به ان جي دل ۾ پتيءَ لاءِ ڪابه نفرت پيدا ڪين ٿي. نڪي پتيءَ تي ناراض ٿي. هوءَ ته پنهن جو ڀاڳ کي ٿي ڏڪاري ۽ ڦٽڪاري رهي هئي. ڪيس پنهنجو نه ڪو جيترو به خيال ڪين هو، پر ڪيس پنهنجي پتيءَ ۽ ٻارن جو گهڻو فڪر ٿيو.

پتورتا استريءَ تي ديوتائون به ترسن (راضي)

رهندا آهن. ڌن جي ديوتا، ڀڳوان ڪبير ديو آن
مزور ٻاٽيءَ جو ساڊو سياهه ۽ هيٺو حال ڏسي، ڌرتي
ماتا کي اشارو ڪيو. ڌرتيءَ کي رتن گرڀا (ڌن کي
ڌارڻ ڪرڻ واري) به چوندا آهن. ديوتائن لاءِ ڪابه
وڏي ڳالهه ڪين ٿيندي آهي. ڪبير ديوتا جو
اشارو سمجهي ڌرتي ماتا، ڏهه رپيا اُتي رکيا جتي
هوءَ ڌرتي کوٽي رهي هئي. ڌرتي کوٽيندي
سندس ڪاٽي اوچتو وڃي ڪنهن شيءِ کي لڳي.
ٿورو زور سان ڪاٽي اندر وڃي مٽي چڪيائين ته
هڪڙي ننڍڙي ڳٿڙ نڪري آئي. کولي ڪٿي ڏسي
ته مار! رپيا!! ڳڻيائين ته برابر پورا ڏهه رپيا هئا.
رپيا ڏسي هوءَ ٿورس ۾ پئجي وئي. سندس اهڙانهن
خواب خيال ۾ ڪين هو ته ڪو هتان رپيا نڪرندا.
ٻر ڏسو ڀڳوان جا رنگ! رپيا ڏسي مزور ٻاٽي ڏاڍو
خوش ٿي. نراسا، آشا ۾، اوندهه، روشنيءَ ۾ ۽ غم،
خوشيءَ ۾ بدلجي ويو. رپيا ڪٺي خوش ٿيندي،
ڊڪ پائي پنهنجي وٽ آئي. سندس پتي ته اولڌو
ٿيو کٽ لي پيو هو، بخار جي ڪري ڪنجهي رهيو
هو. سندس استريءَ ڪيس سڏ ڪري چيو ته هي
پتي ديو! رپيا ملي ويا. اڄهي! اُتو!! ڏسو!!! رپين
جو نالو ٻڌي مزور اٿي ويٺو، جڻ ته مڙدي ۾ ساهه
پئجي ويو. سندس استريءَ اهي رپيا ڪڍي پتيءَ

کي همٿ ۾ ڏنا. مزور، جڏهن پهريان سچي زندگيءَ ۾ ڪلهن ۾ ڏٺو، ته رپيا ڪمن ڏنا هئا، سو رپيا ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. انهيءَ ته الاجي ڪيڏانهن هليو ويو. رپيا ڏسي مزور بلڪل اڪ ٽاڪ ٿي پيو. پڌهن جي پٽيءَ کي خوش ۽ سرهو ڏسي هوءَ پڻ باغ بهار ٿي پئي. مزور خوش ٿي پڌهن جي استريءَ کان پڇيو ته انهيءَ ۾ ڏهه رپيا ڪٿان ڪٽي آئينءَ؟ سندس استريءَ چيو ته سنڌ جي ڪرپا سان مليا آهن. توهان جي ۽ ٻارن جي حالت ڏسي مان تمام گهڻي چنتا ۾ پئجي ويس. هاڻي ڇا ٿيندو، ڪيئن ٿيندو. انهن ڳڻتين ۾ وڃي ڏرتي کوئمر ته اچانڪ هڪ ڳنڍ اکري آئي، کوليم ته ڏهه رپيا نڪتا. وڌيڪ خبر ڪانه آهي ته اهي رپيا ڪنهن رکيا. اها ڳالهه ٻڌي مزور چوڻ لڳو ته مان ڪهڙو نه مورک آهيان. مولکي ڪهڙي خبر ته سنتن جا وچن ڪي سچا ٿيندا آهن. مون توکي ماريو، ڪٽيو ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو، تنهن لاءِ مان ڏاڍو شرمندو آهيان. هاڻي منهنجي آگيا آهي اڄ کان پوءِ جيڪو به ساڌو سنت اچي ڪجهه گهري ته ٻي ڌ ٻي لي ۽ چار رپيا خوشيءَ سان هڪدم ڏئي ڇڏج.

انهن ڇٽي مزور بازار ۾ ويو ۽ ڪاڏي ناڻي جو سڀ سامان وٺي آيو. پوءِ تيار ڪري سنڌي ملي

ڪري پوڄا ڪئي، مزور وري وڃي پنهنجي ڪم ڪار کي لڳو.

پنجن سٽن ڏينهن کان پوءِ وري اهو ساڳيو سنت ساڳيو هوڪو "ايڪ ديوي تو، دس پاوي، ايڪن ديوي تو ڦر پڇتاوي." ڏينهن واڱان اچي لنگهيو، آواز ٻڌي مائي ٻاهر نڪري آئي، سنت کي چوڻ لڳي ته مهراج! توهان جيڪو هوڪو ڏيو ٿا، "ايڪ ديوي تو دس پاوي، ايڪن ديوي تو ڦر پڇتاوي." اهو ته سورهن آنا سچ آهي. پر وچ جا موچڙا ڪير کائي." سنت چيو ته:- "جو کاوي وهه ئي پاوي، دوسرا ڪڙا پڇتاوي." مائي جي! جيڪو به مصيبت ۽ تڪليف ۾ صبر ڪندو، ڏک ڏاکڙا ۽ گاريون گند سهندو، اهو ئي سڀ ڪجهه پائيندو.

"جنهن جو وچن ئي وساهه، تنهن کي لهر لڪو لوڏو."

دوهو: صاحب ڪا گهر ايسا لنبا، جيسي لنبي کجور.

چڙهي تو چاکي پريم رس، گري تو چڪنا چور.

اهڙي ڪٿا ٻڌائي سوامي جن چوڻ لڳا ته ڀڳتي جي رستي ۾ پهرين تمام گهڻيون تڪليفون درپيش اچن ٿيون. ان بعد جيڪو سک ملي ٿو، ان جو بيان هن زبان سان ورڻن نٿو ڪري سگهجي.

جنهن کجيءَ جو وڻ تمام ڊگهو ۽ سڌو ٿيندو آهي، ڏار يا ڏاريون ان ۾ ڪين ٿينديون آهن ۽ ڦل

(ڪٻور) ۽ تمام مٺي لڳندا آهن. جيڪڏهن ڪو مدش مٿي چڙهي ألٽي ٻهڪي ويندو ته وڃي مٺا مٺا ڦل کائيندو، پر جي اتفاق سان پير کسڪي ويو ته هيٺ اچي ڦهڪو ڪندو ۽ چڪناچور ٿي ويندو. "ڪر جي گٿي، سؤ چوٽون کائي." ٽيئن ابداسي آتمارام جو گهر ۽ تمام مٿي آهي. جيڪو الٽي ٻهڪي ويندو ته برهمآنند روپي "امرت رس" چکندو ۽ امر ٿي ويندو. پر جيڪڏهن وساه ۾ وار جيتري وٿي (سنسو- شنڪا) رهجي وئي ته هيٺ ڪري پوندو آهي ۽ چوراسيءَ جي چڪر ۾ هليو ويندو آهي. جيتوڻيڪ امرت جو ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻاڇن سان ڪنهن کي ملي ۽ وڃي، پر پيئڻ ان کان به ڏکيو آهي، پيئڻ کان پوءِ ان کي پچائڻ ته، ان کان وڌيڪ گهڻو ڏکيو آهي. ايتري هوندي به سنت-مهاتمائون رات ڏينهن هوڪا ڏيندا رهن ٿا. آهي ڪو امرت پيئڻ وارو.

❀ ٻڇن ❀

ٽل:- ڪوئي ٻوئي ٽو مٽن د ٻوُن،

ٻهالا

ٻر ٻمر ٻر ٻر ٻر.

نهن ٻوئي ٽو مٽرا ڪهاڻ

ڪٽرا ٻٽڪي سو در در در.

١- همارا حق ڪا هوڪا، سدا د ٻوُن سو گهر گهر گهر.

وهي منسور جو مالي، اور جڳ جاٽ ڀر ڀر ڀر.
۲- ٻڙي مشڪل ڪٽڻ ٻازي، اوّل آوي ڪومر مر مر.
دلي ڪي موه ساگر سي، نڪل جاوي سو ٽر ٽر ٽر.
۳- اوّل ڪٽڻي خوشي ڪر ڪي،
ڇٽي وو جاٽ ٿر ٿر ٿر.
وشنداسا ڪهي ساچا، ڇٽڻ مشڪل سو هر هر هر.

اِهيءَ وشيه تي هڪ ٻه ڀڄن ڳائي ٽوري ۽ ارٿ ڪري، رام نام - ست نام ساکي، ساڪي شووهم جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح ڪئمپ جي ميلي ۾ روزانو صبح شام جو ستسنگ ٿيندو هو ۽ ڀوڄن ڀنڊارو به هلندو هو.

سنڌ جي اُن ڇيتر جو نالو ٻڌي، ڪئمپ ميلي جو آفيسر، ٻرهم پرڪاش چانوٽيءَ ۾ سوامي جن وٽ ملڻ آيو. ڪئمپ ميلي جي آفيسر، سوامي جن کي پرارٿنا ڪئي ته سرڪار وٽ جيڪا به راشن واري شيءِ هوندي، اها ڀرڻ توهان کي ڏني ويندي، ڇو ته سنڌ ديش جي اُن ڇيتر جو نالو ٻڌي مڌيه پرديش جي سرڪار تمام گهڻو خوش ٿي آهي. هيءَ ڀرڻون ٿي پيو آهي جو هت ڪئمپ ميلي ۾ سنڌ جو اُن ڇيتر لڳو آهي، ڌيان ڪري اُن ۽ ڪپڙي جو راشن هوندي به ڪئمپ ميلي ۾ ٻرهم پرڪاش چانوٽيءَ ۾ سانڌن لاءِ ڪئمپائون، ست سنگ منڊپ، منڊر،

ڪوٺار ۽ پهريدار وغيره جيڪا به اڏاوت ڪئي وئي
هئي، اها سڀ ڪپڙي جي ڪئي وئي هئي، ٻوڻن
لاءِ سيڪ و پاڻ و به سرڪار جام ڏنو هو، تنهن ڪري
سوامي جن ٻوڻن پهريدار جو دروازو کولي ڇڏيو هو.
پرم پرڪاش چالوٽي (سنڌ) جو ٻوڻن سيٺي سنت،
ساڌو و تمام گهڻو چاهه سان کائيندا هئا، ٻوڻن کائي،
ٻوڻن جي ساراهه ڪندي پاڻ ۾ ائين چوندا هئا ته
هڙ و سوادي ٻوڻن، سڄي ڪئمپ جي ميلي ۾ ڪٿي
به ڪونه آهي. ڪهڙو نه سوادي ٻوڻن آهي. ڪيترن
نه پريم ۽ عزت سان کارائين ٿا.

اهن ڏينهن ۾ سنڌي کاڌو پهرئين درجي ۾ هو.
ٻئي درجي ۾ پنجابي کاڌو ۽ ٽئين درجي ۾ گجرات
۽ ٻين پرانتن جو هو. ٻوڻن جي باري ۾ اهن ماڻهن
کي ڄاڻ هوندي، جن مسافري ڪئي هوندي.
ٻڄن ۽ ٻوڻن ڪري سنڌي پرم پرڪاشي چالوٽيءَ
جو نالو سڄي ڪئمپ جي ميلي ۾ مشهور ٿي ويو.
سنتن ۽ ياترين کان سواءِ اتي جا رهواسي پڻ اتي
ٻوڻن کائڻ ايندا هئا. ڪنهن به سنت، مهمان، ياتريءَ
کي ڪا تڪليف نه ٿئي، ان لاءِ سيواداري هر وقت
حاضر ۽ خبردار رهندا هئا.

هڪ ڏينهن سوامي جن، جيون مڪتيءَ جي
وشيه تي ڳالهائيندي چيو ته سنت - مهاتما پهرين

پاڻ، پنهنجي تن کي تسا ڏيئي محنت ڪري جيون مڪت ٿين ٿا. پوءِ سنسار جو سڙ ڪن ٿا. پنهنجي پوتر رهٽيءَ، ڪهٽيءَ، سهٽيءَ وغيره سان اڪيالي جيون کي سکيا ڏيئي سهي رستي تي هلائين ٿا.

❀ ڀڄن راڳ ڪليات ❀

ٽل:- سچي داتا جي دربار، ساڌ و صاف سڌائين ٿا.

١- ساڌ سڌاوڻ سوُلي پاوڻ،

جيتري پنهنجو جسم جلاوڻ.

پڙهيو وڏا ويچار، ساري جڳ کي پائين ٿا.

٢- خدا خدبر سر پر واهن، رڳن جو تا رت سکائين.

سور ڪنهيو سردار، جوين پاڻ جلائين ٿا.

٣- پاڻ تري ٿا ٻين کي تارن، پنهنجو جاٽي ڪين وسارن،

سڌ جن سي ڏاتار، اي رنگ برهم ٻتائين ٿا.

۴- ڪهي نيڻون سي ڪاٻڙي ڪاهن،

پل پل پنهنجو پاڻ پڇائين،

تن پر لائي تار، انيڪ جوت جڳائين ٿا.

ڇند:- جيون مڪتي سنت جڳت پر،

برهم آنند مد ماتي هئن.

ڪوئي نه پدن پائن سڪي تس،

سڀهن آئي جائي هئن.

لهن ڪسي سي ليدا نه ديا،

لهن ڪسي سي تائي هئن.

ڪٿا ٻڌون اڳ پڙهو ڪر،

گيت ٻرهم کي ڳائي هئڻ.

ڪٿا:- هڪڙو مهاتما هو، جنهن پنهنجي گروءَ جي آگيا موجب شيوا، سمرڻ ساڌنا ڪري جيئري ئي مڪتي پراپت ڪئي. گروءَ به سنڌس چڱيءَ طرح پرکيا ورتي.

هڪ ڏينهن گروءَ کان آگيا وٺي هو دنيا جو سير ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. گهمندي ڦرندي هڪ راجائي شهر ۾ وڃي پهتو. شهر کي چوڌاري قلعو هو، رات به ٿي وئي هئي ان ڪري شهر جا سيئي دروازا بند ٿي چڪا هئا، دروازو بند ڏسي مهاتما در جي اڳيان ئي ڌرتيءَ تي سمهي پيو. اُن شهر جي راجا کي ڪوبه اولاد ڪين هو، راجا پاڻ به لاعلاج بيماريءَ ۾ مبتلا هو. راجا جي اها حالت ڏسي سيئي وزيرن گڏ ٿي ڪري، راجا کي عرض ڪيو ته هي پرٿوي ناٿ! توهان جو ڪلياڻ ٿئي، اسين ڪجهه عرض ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي ته چئون. راجا ڌرماتما ۽ ستيوادي هو، ڌرم نيت کي چاهيندڙ هو، وزيرن جي وينتي ٻڌي راجا فرمايو ته ڀلي چئو ڇا ٿا چوڻ چاهيو. آگيا پائي وزير چوڻ لڳا ته هي راجن! تمام گهڻو علاج ڪرڻ کان پوءِ به توهان جي تندرستيءَ ۾ ڪو ڦير ڪين آيو آهي، ڏينهون ڏينهن

توهان جي طبيعت بدلي ٿيندي ٿي وڃي. مطلب ته راج سنگهاسڻ جي باري ۾ پڇڻ چاهيون ٿا. وزيرن جي ڳالهه ٻڌي ڪري راجا سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو ته توهان بلڪل ٺيڪ چئو ٿا، مون پڻ ان ڳالهه جو ويچار ڪيو آهي، منهنجو شرير هاڻي ڪين رهندو، راج سنگهاسڻ لاءِ توهين سڀ لائق آهيو، پر مان ڪنهن لاءِ چوان. جيڪي مون ويچار ڪيو آهي اهو هن ريت آهي. منهنجي شرير ڇڏڻ وقت شهر جي ايندي واري دروازي کي بند ڪري ان کي سخت پهرو لڳائجو، شهر ۾ اهو ڍنڍورو ڏيارجو ته ايندي واري دروازي کان اچڻ وڃڻ بند آهي، ڪوبه شهر واسي ايندي واري دروازي کان لڪي اچي لڪي وڃي. ان بعد منهنجي لاش (مڙهه) کي سج اڀرڻ کان اڳواٽ شهر جي اوڀر واري دروازي کان ٻاهر ڪڍيو وڃي، ان وقت ئي اهو دروازو کوليو وڃي، دروازي کولڻ وقت جيڪو ماڻهو سامهون ملي وڃي ان کي باعزت ولي وڃي راج سنگهاسڻ تي ويهارجو، اهي سڀئي ڳالهيون کي بلڪل لڪل رکيو وڃي، بس! اها منهنجي پڇاڙيءَ جي آگيا ۽ اڇا آهي.

سڀني ڏٺو راجا چولو ڇڏي ڏنو، سڄي شهر ۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي، جيئن راجا جي آگيا هئي ان موجب وزيرن ڪيو، هڪدم دروازو بند

ڪرائي ۽ سڄي شهر ۾ ڍنڍورو گهمارايو، صبح جو سويل سڀ اُٿڻ کان اڳواٽ وزير امير ۽ شهر واسي راجا جي لاش (مڙهه) کي سينگاري ناهي ڏوليءَ ۾ کڻي هليا. اوير واري دروازي وٽ پهچي، وڏي وزير جيئن ئي دروازو کوليو ته سامهون مهاتما جو درشن ٿيو، قدرت سان اهو مهاتما دروازي بند هئڻ سبب ٻاهر ئي سمهي پيو هو، مهاتما جو درشن ڪري سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا، راجا جي شرير جو اگني سنسڪار ڪري، ان مهاتما کي عزت آبروءَ سان وٺي سڀئي شهر ۾ آيا، وزير مهاتما کي وٺي راج ڀون ۾ ويا، وڏي وزير، مهاتما کي راجا جي پڇاڙيءَ جي آڳيا ۽ اڇا ٻڌائي راج سنگهاسڻ تي براجمان ٿيڻ لاءِ وينتي ڪئي، وزير جي ڳالهه ٻڌي مهاتما چيو ته چڱو! تمام سٺو! پر هڪ ڳالهه هيءَ آهي ته راج سنگهاسڻ تي ته مان ويهندس پر راجائي ڪاروبار مان ڪين سنڀاليندس اهو سڀئي توهان کي سنڀالڻو پوندو. مهاتما جي ڳالهه ٻڌي ڪري وزير چوڻ لڳا ته پڀو! توهين صرف راج سنگهاسڻ تي براجمان ٿيو، باقي سڀ راج ڪاج توهان جي آڳيا سان اسين سنڀاليندا سون، اسين توهان جا داس آهيون، سدائين توهان جي سيوا ۾ حاضر رهنداسون، جڏهن ڪا اهڙي گنڀير حالت سامهون آئي ته توهان سان صلاح مصلحت ڪنداسون.

وزير جي ڳالهه کي مهاتما منظور ڪيو، مهاتما جي آگيا ملڻ تي وزيرن راڄ تلڪ جي تياري ڪئي، راڄ تلڪ لاءِ جيڪي به گهربل شيون هيون اهي سڀ گڏ ڪيون ويون، ودوان براهمڻن هون يگيه آرنڀ ڪيو، مهاتما کي به راڄائي ڪپڙا ۽ ڳهڻا پائڻ لاءِ وينتي ڪئي وئي، مهاتما هڪ پيٽي گهرائي پنهنجا سنتاڻا ڪپڙا، بيراڳڻ مرگ ڇالا، مالها، ڪرمنڊل وغيره سڀ ان پيٽيءَ ۾ وجهي بند ڪري تالو ڏئي وزير کي چيو ته هيءَ پيٽي سنڀالي رکو. پوءِ مهاتما براهمڻن جي آگيا موجب راڄائي ويس وڳا ڌارڻ ڪيا، مهاتما کي راڄ سنگهاسڻ تي براجمان ٿيڻ لاءِ براهمڻن آگيا ڪئي، براهمڻن ويد منترن جو اچارڻ ڪندي مهاتما کي راڄ تلڪ ڏنو ۽ مستڪ تي راڄ مڪٽ پاتو. پت منگتا استتي ڪرڻ لڳا، وزيرن ۽ پرجا جي مکيه ماڻهن راڄا کي هار پائي پرڻام ڪيو.

راڄ تلڪ جي شڀ ڪارڄ ٿي وڃڻ بعد راڄ ڪاڄ ٻهرين والگر هلڻ لڳو، مهاتما پنهنجي نيم موجب صبح جو سويل اٿندو هو، سنان ڏيان پوڄا پاٺ ڪان پوءِ ڦل ۽ ٽاڏل وغيره ٻيرن ڪري گاڏِي ۾ چڙهي، شيوڪن کي ساڻ ڪري باغ - باغيچن ۾ گهمڻ هلندو ويندو هو، اتان واپس اچي ٻپهرن جو ڀوڄن ڪري وشرام ڪندو هو، ان کان پوءِ شام جو به مال لال

ڪائي ڳاڏل پاڻيءِ سڌرڪرڻ هليو ويندو هو. سج لٿي
کان پوءِ راڄ محل ۾ ايندو هو. رات جو ڀوڄن ڪري
وڃي آرام ڪندو هو، هيڏانهن مهاتما جو روزانو نت
نيم اهڙي طرح هلندو هو، هوڏانهن راڄ جو ڪاروبار
۽ تمام سٺي ڍنگ سان هلندو هو.

اٽڪل پنڄن مهينن کان پوءِ پاسي واري راجا کي
جاسوسن سوچنا ڏني ته فلاڻي راڄ جو راجا پرلوڪ
پڌارجي ويو آهي ۽ ان جي سنگهاسڻ تي هڪ مهاتما
کي وهاريو ويو آهي، اها سوچنا ملڻ تي راجا پنهنجي
وزيرن سان صلاح مصلحت ڪري فيصلو ڪيو ته جنهن
مهاتما کي راجا بڻايو ويو آهي اُن کي لڙائي ۾ جيتي
ان جي راڄ کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو وڃي.

اها پڪ ڪري هڪ دوت هٿان چٺي موڪلي
راجا کي لڙائي ڪرڻ لاءِ چتاءُ ڏنو ويو. راڄ دوت
اها چٺي کڻي اچي ان راجا جي وڏي وزير کي
ڏني. راڄ دوت جو آدر ڀاءُ ڪري وڏي وزير کيس
چيو ته اسين پنهنجي راجا سان صلاح مصلحت ڪري
جواب ڏينداسون. راڄ دوت جي واپس وڃڻ بعد
چٺي پڙهي سڀئي وزير گهٻرائجي ويا، پاڻ ۾ ويچار
ڪري سڀئي وزير چٺي کڻي راجا وٽ ويا، هٿ
جوڙي چوڻ لڳا ته هي راجن! پاسي واري راجا لڙائي
جي باري ۾ چٺي موڪلي آهي، آگيا هجي ته چٺي

پڙهي ٻڌايون. وزيرن جي ڳالهه ٻڌي مهاتما چيو نه گهٻرائڻ جي ضرورت ڪانهن آهي، هاڻي نه مان باغ ۾ وڃي رهيو آهيان، ڀلي پوءِ ٻڌائجو، هاڻي جلدي مکڻ ملايون ۽ ٿاڌل ڪٽي اچو نه مان پيئڻ ڪري باغ ۾ وڃان، جنگ جي ڳالهه کي پوءِ سمجهيو ويندو.

وري ٻئي ڏينهن وزيرن پرارٿنا ڪئي، مهاتما چيو نه توهان چنتا نه ڪريو، هاڻي نه مونکي وقت ڪانهن آهي، ڀلي سڀاڻ ٻڌائجو.

هوڏانهن، هن راجا کي جڏهن جواب نه مليو نه راجا وري ٻيو پتر موڪليو، سندي وزيرن پتر پڙهيو، اهو مهاتما وٽ ڪٽي ويا ۽ پرارٿنا ڪري چوڻ لڳا ته هي ڀڳون! هن راجا وري ٻيو پتر موڪليو آهي، راجا چتاءُ ڏنو آهي ته پهرئين پتر جو توهان ڪوئي جواب ڪانهن ڏنو آهي، هاڻي مان لشڪر وٺي لڙائي لاءِ اچي رهيو آهيان، توهين لڙائي لاءِ تيار رهجو. هي راجن! اسان نه لڙائي لاءِ ڪابه تياري ڪانهن ڪئي آهي، هاڻي جيئن توهان جي آگيا هوندي ان موجب ڪيو ويندو. وزيرن جي ڳالهه ٻڌي مهاتما سڀني جي همت حوصلو وڌائيندي چيو ته ٻچو لا، تياري ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهن آهي، هو راجا ڪجهه به ڪانهن ڪري سگهندو، ان کي پاڻ اچڻ ڏيو، ڏٺو ويندو. متان ٻـا آهيو.

توهين سڀ بي فڪر رهو، هڪ ڪم ڪريو، سپاهي هڪ وڏي پهريداري جو بندوبست ڪريو، سڄي شهر جي ساڌن - سنتن، براهمڻن، فقيرن - فقرن ۽ شهرواسين کي ٻيٽ پري ٻوجن ڪارايو، ڏکيائون نه ڏيو، اهڙو پورو بندوبست رکو جيئن ڪو به ٻيو رهجي نه وڃي. لنگر جي سوچنا شهرواسين کي ڏني وڃي. هاٿي لڙائي جي چنتا ڇڏي ڏيو ۽ وڃي پهريداري جو بندوبست ڪريو.

لنگر واسطي وڏي وزير کي آگيا ڏيئي مهاتما شيوڪن کي چيو ته چڱو، هاٿي ٻوجن ڪٽي اچو ته مان ڪاٿي به آرام ڪندس، شيوڪ ٻوجن ڪٽي آيا مهاتما ڪاٿي به آرام ڪرڻ لڳو.

هيڏانهن وڏو وزير، ٻيا وزير ۽ شهر جا وڏا ماڻهو ۽ فوج جا آفيسر سڀئي پاڻ ۾ ملي ڪري ان ڳالهه تي ويچار ڪرڻ لڳا ته هاٿي جا ڪرڻ گهرجي. مهاتما کي ته لڙائي جو ذرو به خيال ڪين آهي، تمام گهڻي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ کان پوءِ وڏي وزير چيو ته توهان کي خبر ڪانهي آهي، سنت مهاتمائون تمام شڪتيوان ٿيندا آهن، سڀئي رڌيون سڌيون مهاتمائن جي چرڻن ۾ ٻڌيون هونديون آهن. آهي چاهين ته سڄي دنيا کي الٽ پلٽ ڪري سگهن ٿا. اهو سڀڌن ڏاڍي همت جو ڪم آهي. تنهن ڪري لڙائي جي چنتا

چڙهي مهاتما جي آگيا جو پالڻ ڪرڻ گهرجي. جلدي سڀاڻ جي پوڄن پنڊار لاءِ تياري ڪرڻ گهرجي.

مهاتما جي آگيا موجب ٻئي ڏينهن ڀڪو پوڄن، جنهن ۾ لڏون، پيڙا، پوريون، پڪوان، ڪچوريون، مالپڙا، ڪيرڻي، پڪوڙا، مکڻ ملائي، ڏهي، جليبيون، رس گلا، پلاءُ وغيره ڇٽيهہ قسمن جا سوادي پوڄن تيار ڪيا ويا، شربت، ٽاڏل، قسمين قسمين ميوا مٺايون وغيره تيار ڪيا ويا، پوڄن جي پوري تياري ڪري وڏي وزير مهاتما کي عرض ڪيو، مهاتما وزيرن سان گڏ جي پوڄن پنڊار ۾ آيو، مهاتما جي آگيا پٽاڻي شيوڪن سڀني کي پريم سان پنگت ۾ وهاريو، مهاتما پاڻ به پوڄن ورهائڻ لڳو، پوڄن کان پوءِ سنتن - سادن، براهمڻن، فقيرن کي مهاتما ڏکڻا به ڏني، پان سوپاري ڏيئي سڀني کي پريم سان موڪل ڏني. سڀئي ماڻهو خوش ٿي راجا کي آشيرواد ڏيندا پنهنجي پنهنجي گهر ويا. سڀني کي کارائي پياري پوءِ مهاتما پوڄن ڪيو، پوڄن کان پوءِ مهاتما آرام ڪرڻ لڳو.

مهاتما ته پنهنجي خود مستيءَ ۾ مست رهندو هو، آن کي ته ڪنهن قسم جي به چنتا ڪين هئي، پر وزيرن ۽ فوج جي آدميون کي ڪٿي ٿو آرام اچي. حالانڪ مهاتما انهن کي پڪو ڀروسو ڏنو هو، تنهن

هوندي ته انهن جو ڪاٺ ۽ پٿو سڀ وسري ويو، اهي
سڀ گڏجي راج محل ۾ ويا، مهاتما جي ٻاهر نڪرڻ
جو انتظار ڪرڻ لڳا، جڏهن مهاتما ٻاهر نڪتو ته
سڀني اُٿي ڪري مهاتما کي پرڻام ڪيو، مهاتما سڀني
جو آدر ڀاءُ ڪري ڪين وهڻ لاءِ آڳيا ڪئي، پٽ تي
وڇايل فراس تي سڀئي ويهي رهيا. مهاتما به انهن
سان گڏ ويهي رهيو، مهاتما جي آڳيا پائي وڏو وزير
اُٿي ٻئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳون! توهين
ته سرو سمرٿ، شڪتيوان آهيو، پنهنجي موج ۾
مست رهو ٿا، پر اسان کي چنتا جي ڪري ننڊ نٿي
ڪانه ٿي اچي، اُن راجا جو نئون خط به آيو آهي،
اسان اجا تائين ڪو به جواب ڪين ڏنو آهي، هاڻي
توهان ڪرپا ڪري خط ٻڌو، پوءِ جيئن توهان جي
آڳيا هوندي اُن موجب ڪيو ويندو، سڀني کي
غمگين ڏسي مهاتما چيو ته چڱو! خط پڙهي ٻڌايو.
وڏو وزير خط پڙهڻ لڳو، خط! راجن! توهان منهنجي
خطن جو ڪو به جواب ڪين ڏنو آهي، سڀاڻ سويري
توهان جي راج تي حملو ڪندس. خط ٻڌي مهاتما
مشڪي چوڻ لڳو ته بس! ٿوري ڳالهه واسطي توهان
گهٻرائجي ويا آهيو، چڱو! توهان ڪانه چنتا نه ڪريو،
مان سڀني ڳالهين کي ڏسي وٺندس، اهو راجا اسان
کي ذرو به تڪليف نٿو پهچائي سگهي، تنهن هوندي

۽ جڏهن توهان کي سنتوش ٿيو آهي ته سڀاڻي صبح جو سوير توهين سيٺ مون وٽ هليا اچجو، انترياميءَ پرڀو پرماتما سڀ چڱي ڪندا. چڱو هاڻي مال ٽال ڪٺي اچو ته ڪاشيءَ ۾ مان باغ ۾ گهمڻ ويندس، شيوڪن آگيا جو پالن ڪيو، مهاتما ڪاشيءَ ۾ باغ ۾ هليو ويو، مهاتما جا ڀروسي مند وچن ٻڌي سيٺ کي آٿت آيو. سيٺ پنهنجي گهر ويا، پر چنتا جي ڪري ڪنهن کي به ننڊ ڪين آئي.

سڀ اڀرندي ئي مکيه وزير سيٺ کي پاڻ سان گڏ وٺي راج محل ۾ راجا وٽ ويو، مهاتما ٻاهر ويٺو هو، سيٺ مهاتما کي پرڻام ڪيو ۽ آگيا پائي ويهي رهيا. سيٺ جو چهرو مرجهايل هو، سيٺ کي اداس ڏسي مهاتما پڇيو ته اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪهڙن ويچارن ۾ غلطان آهيو؟ توهان کي ايترو نراس نه ٿيڻ گهرجي. چڱو! ڪن ڏيئي منهن جي ڳالهه ٻڌو!

پهرين ڳالهه ته فوج ۽ فوجي آفيسر ڪوبه هٿيار نه کڻن. لڙائي لاءِ ڪابه تياري نه ڪئي وڃي، نگر جي مکيه دروازن تي اڇا اجرا صاف سٿرا ڪپڙا پائي هٿن ۾ سفيد جهنڊو کڻي راج دوست اڀا رهن. جڏهن ۽ دروازي کان راجا اچي ته ان کي، ان دروازي وارو راج دوست آدر ڀاءُ سان مون وٽ وٺي اچي، توهين

سيٺي مون وٽ واهي رهو، راجا جي اچڻ بعد توهان مان ڪوئي به ان سان نه ڳالهائي، جيڪي ڪجهه چوڻو هوندو اهو مان چوندس، توهان سيٺي چپ چاپ ويٺا رهجو، اُن راجا کي پهرين اچڻ ڏيو، ٻي ڳالهه جي ڪابه ضرورت ڪين آهي.

اهڙيءَ طرح سيٺي کي سمجهائي مهاتما وڏي وزير کي حڪم ڪيو ته منهنجي پيٽي جيڪا مون توهان کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏني هئي، اها جلدي گهرائي وٺو، آگيا پائي وڏي وزير اها پيٽي گهرائي مهاتما جي سامهون پيش ڪئي. مهاتما پيٽيءَ مان پنهنجا سادا اٽا ڪپڙا ڪڍيا، پوءِ راجائي پوشاڪ مٿان ۽ ڳهڻا لاهي سادا اٽا ڪپڙا پاتا، مالهائون پاتيون، تلڪ لڳايو، جٽائون کوليون، ٻه ان جي آسڻ تي مرڳڇالا وڇائي، لٺ ۽ ڪمنڊل اڳيان رکيا، پدم آسڻ لڳائي، مهاتما آسڻ تي براجمان ٿيو، مهاتما جي هن ڪرم کي ڏسي سيٺي دل ۾ سمجهڻ لڳا ته ٿي سگهي ٿو ته مهاتما ڪنهن شڪتيءَ جي آراڌنا ڪري ان کي گهرائي، ان ڪري سادا اٽا ڪپڙا پاتا اٿس، ايتري ۾ شيوڪن اچي خبر ٻڌائي ته راجا، نگر جي مکيه دروازي تي پهچي چڪو آهي.

حملاور راجا جڏهن نگر جي ٻاهران مکيه دروازي تي پهتو ۽ اتي لڙائي جي ڪابه تياري نه ڏسي ڪري

حيرت ۾ پئجي ويو. راجا هيڏانهن هوڏانهن نهاري
ڪجهه سوچي رهيو هو ته هڪ راجدوت ان وقت آيو
۽ پنهنجي راجا جو حڪم ٻڌائي کيس پنهنجي راجا
وٽ هلڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. حالانڪ لڙائيءَ جي ڪا به
تياري ڪين هئي، تنهن هوندي به راجا پنهنجي
ڪجهه پهريدارن کي پاڻ سان گڏ وٺي راجدوت سان
گڏجي راج محل ۾ راجا وٽ ويو. راجدوت اشاري
سان ان راجا کي ٻڌايو ته هو اسان جو راجا آهي،
جڏهن راجا مهاتما وٽ ويو، تڏهن مهاتما ان کي
زمين تي وڇايل آسڻ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو، جڏهن
راجا آسڻ تي ويٺو تڏهن مهاتما اُن کي خبردار ڪندي
چيو ته راجن! منهنجي پرجا کي ڪنهن به قسم جي
تڪليف پهچائڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ، ڪنهن تي
به اتياچار نه ڪجانءِ، نه ڪي ڪنهن کي مارجانءِ.
وڏي وزير کان وٺي جيڪي به راج جا ڪرمچاري،
راج ڪاج هلائيندڙ آهن ۽ جيڪا به پرجا آهي، اهي
سڀئي منهنجا آهن ۽ مان انهن جو راجا آهيان، اهي
منهنجي آگيا سان راج ڪاج هلائيندا آهن، هاڻي
اهي سڀئي تنهنجا آهن، توهين انهن جا راجا آهيو،
اهي سڀئي توهان جي حڪم جي پيروي ڪندا،
هاڻي هيءُ سمورو راج توهان جو آهي، لڙائي جهڳڙي
ڪرڻ يا هائيدوس مچائڻ جي ڪا به ضرورت ڪين

آهي. مون ته پنهنجي سڀ سهڻا خوب راجائي سُک ڀوڳيا آهن، هاڻي توهان ته راجائي ڀوڳ ڀوڳيو، هي سڄو راڄ ته توهان جو آهي، مان شري گنگا مائي جي پوتر ڪناري تي وڃان ٿو، پر راجن! هڪ ڳالهه سدائين ياد رکجانءِ، توهان وانگر، جيئن توهان منهنجي راڄ تي حملو ڪيو آهي، تنهن جيڪڏهن ڪو ٻيو راجا توهان جي راڄ تي چڙهائي ڪري اچي ته مون وانگر بنان ڪنهن خون ڪرائڻ جي چپ چاپ خوشيءَ سان سڄو راڄ ان کي سونپي ڏجو، مون وانگر توهين گنگا ڪناري وڃي تپسيا ڪجو. ائين چئي مهاتما اٿي کڙو ٿيو ۽ لٺ ۽ تنبي کڻي هلڻ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن اهو راجا مهاتما کي چوڻ لڳو ته مهراج! وڃڻ کان پهرين هڪ ڳالهه ته ٻڌايو، توهان هارايو يا جيتيو؟ ان ڳالهه جو جواب ڏيئي پوءِ وڃو. تنهن تي مهاتما چيو ته مون هارايو، توهان جيتيو. تنهن تي راجا چيو ته مهراج! اهڙي ڳالهه آهي ته ڪاغذ تي لکي پنهنجي صحيح ڪري ڏيو، پوءِ وڃو. مهاتما چيو ته تيار سنو. ڪاغذ کڻي اچو ته مان توهان کي لکي ۽ صحيح ڪري ڏيان. ڪاغذ وٺي مهاتما لکڻ لڳو:-

دوهو: هر جن تو هارا ڀلا، جيتن دي سنسار.
هارا سو هر سي ملا، جيتا جم پر دوار.

مٿيون شلوڪ لکي مهاتما راجا کي هٿ ۾ ڏنو.

راجا ڪاغذ وٺي پڙهيو ته سهي! پر ڪجھ سمجهه ۾ ڪين آيس. راجا مهاتما کي چيو ته مهراج! جيڪي توهان لکيو آهي، ان جو مطلب ته کولي سمجهايو. تنهن تي مهاتما راجا کي سمجهائيندي چيو ته راجن! جيڪي ماڻهو ڀڳوان جا ڀڳت آهن، اهي هارائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن، پنهنجي هار کي جيت سمجهندا آهن. جيڪي ماڻهو مايا جا متوالا، اڀمالي، لوڀي، وشين جا ڪيڙا ۽ ڀوڳي هوندا آهن، اهي جيتڻ ۾ خوش ٿيندا آهن، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي جيتڻ ڏجي. جيڪي ماڻهو هارائيندا، اهي ڀڳوان جو درشن ڪندا، ازغيبي نرالي سک کي حاصل ڪندا، جيڪي ماڻهو جيتيندا اهي ٻرٻريءَ ۾ ويندا، اهي انيڪ قسمن جا دک ڀوڳي وري چوراسيءَ جي چڪر ۾ وجهي پوندا، راجن! هيءُ سڄو سنسار ڪوڙ و ۽ دکن سان ڀرپور آهي، ناسونت آهي، ڏسڻ ۾ برابر سٺو سهڻو ۽ شاندار اچي ٿو پر آخر ۾ سڀ ڪجھ فنا آهي.

مهاتما جا وچن ٻڌي راجا وچارن ۾ ٻڏي ويو، مهاتما جي درشن ۽ وارتالاپ سان راجا جي من ۾ ڦيرو اچي ويو. ان جي من ۾ پڻ دنوي پدارٿن لاءِ نفرت پيدا ٿي ويئي، سندس اکين ۾ پاڻي ڀر جي آيو. مهاتما جي چرڻن تي ڪري پيو، هٿ جوڙي نماڻو

ٽي مهاتما کي چوڻ لڳو ته، ڀڳون! هيءُ راڄ توهان کي سنڀاليو، مونکي ڪين گهرجي، مورکتا جي ڪري جيڪو ڪجهه گناهه مون کان ٿي ويو آهي، اهو توهان ڪرپا ڪري معاف ڪريو، مونکي پنهنجي چرڻن ۾ رکو. پرڀو! مونکي جم ٻر جي پيڙائن ۽ لڙکن جي باهه کان بچايو، مان توهان جو داس آهيان، توهان جي شرڻ ۾ آهيان، ائين چوندي راجا وري مهاتما جي چرڻن ۾ ڪري پيو. مهاتما راجا جي وئراڳ ۽ شرڌا کي ڏسي چيو ته هي راجن! جيڪڏهن توهان کي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽڻ ۽ پرم پد پائڻ جي چاهنا آهي ته پنهنجي فوج کي واپس موڪلي ڇڏيو، توهين هتي رهي شيوا ڪريو، ائين ڪرڻ سان توهين سڀني پاپن کان ائين ڇٽي ويندا جيئن مکڻ مان وار نڪري ويندو، توهان جي مڪتي ٿي ويندي. مهاتما جي سمجهائڻ سان راجا مهاتما کان نصيحتون ۽ نام جو اپديش وٺي جيئري ٿي مڪتيءَ کي پراپت ڪيو، ان بعد مهاتما جي آگيا سان پنهنجي راڄ ۾ وڃي سک شانتيءَ سان پنهنجو سفر پورو ڪري پرم پد کي پراپت ڪيو، مهاتما به وزيرن کي سڄو راڄ ڪاج سونپي ڌرم نيت جو اپديش ڪري اترا کنڊ هليو ويو.

دوهو: سنتن کي نٿي سڌي، ڪاٽي ڪرم ڪليش،
آت هت مٺي وچن ڪهه، ديت سنتن اپديش.

سنتن جي وڏي ۾ وڏي اهائي ڪرامت آهي جو ڪرڙي ڪان ۽ ڪرڙي هيٺين صدي سڀاءَ کي بدلي ڇڏين ٿا. اهڙي ڪيترا بدائي سوامي جن سنت نام ساڪي، ساڪي شووهر جي ڏني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح روزانو صبح شام ۽ ٻيا سنت ستسنگ ڪيندا هو، سنت گرمکداس مهراج، سنت بسنترام مهراج، سنت شانتي پرڪاش مهراج، سنت چندن پرڪاش مهراج، سنت ماڌوداس مهراج، سنت آتمانند مهراج، سنت پرمانند مهراج، سنت گڏيشانندمهراج، سنت ڏرمداس مهراج، سنت مرليڌر مهراج، سنت سمرپرڪاش مهراج، سنت گنگارام مهراج، سنت ٻچن داس مهراج، سنت اوڌوداس مهراج، سنت ڪرشڻ داس مهراج، سنت جڳ پرڪاش مهراج، سنت جيون مڪت مهراج ۽ ٻيا سنت پروگرام موجب ستسنگ ڪندا هئا، سوامي جن روز ستسنگ ڪندا هئا.

خاص ڪري ڪنڀ ميلي جي مکيہ ڏينهن تي سوامي جن ۽ سڀئي سنت گڏجي شهرا گنگا ۾ ٽٻون لڳائيندا هئا. وڏن ڏينهن تي ٻرهمي ڀڳت خاص ڪو ڀنڊارو ڪرائيندا هئا، سڀئي ٻڌن جي سنتن مهاتمائن کي ۽ ڀنڊاري لاءِ اوتو ڏنو ويندو هو.

سڀئي ٻڌن جا سنت مهاتماڻون سڀئي گڏجي هڪ تي

ڀڳت ۽ واسطي ڀوڄن ڪندا هئا، ڀوڄن ڀنڊار رات ڏينهن چالو رهندو هو، جيڪو به جڏهن وقت به ايندو هو ته ڀوڄن کائي خوش ٿي ويندو هو. ڀڳوان شري ڪرشڻ چند آنند ڪند جي وديا انگري اَونتڪا پوري (اجين نگري) جتي ڀڳوان مهاڪاليشور مهاديو جي (جوتي لنگ) ڀڳتن کي وردان ڏيڻ لاءِ سدائين جاڳندو رهندو آهي. سوامي جن ۽ سيٺي سنت مهاڪاليشور ڀڳوان جا درشن ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. سيٺي پريمي ۽ ڀڳت پڻ درشن ڪرڻ ويندا هئا، اُجين انگريءَ ۾ ٻيون به جيڪي درشن ڪرڻ جون جڳهيون هيون انهن جي درشن ڪرڻ لاءِ پڻ سوامي جن ۽ سيٺي سنت ويندا هئا، اجين جي پاسي ۾ نرمدا نديءَ جي پوتر ڪناري تي براجمان جوتي لنگ ڀڳوان اونڪاريشور مهاديو جن جا درشن پڻ سوامي جن ۽ سيٺي سنت ڪري آيا.

سوامي جن سيٺي سنتن ۽ شيواڌارين کي پاڻ سان گڏ وٺي ٻين پنٿن جي سنتن مهنتن سان ملڻ ويندا هئا، انهن کي پنهنجي پنٿ ۽ ديش جي واقفيت ڏيندا هئا ۽ انهن کان به سندن پنٿ بابت واقفيت وٺندا هئا.

ڪنڀ جي ميلي ۾ آيل سنتن، مهاتمائن، يوگين سڌ پرشن جو درشن ڪري سوامي جن ڏاڍو خوش

ڏيندا هئا.

برابر هڪ مهينو ڪڇ جو ميلو هليو، تمام سٺو آنند ٿيو، ميلي سماپت ٿيڻ کان پوءِ سڀئي ڀاڳري پنهنجي پنهنجي ملڪ روانا ٿي ويا.

سوامي جن سنت منڊليءَ سوڌو اجين کان احمدآباد پڌاريا، اُتي گجراتي سيٺ جڳجيون لال سوامي جن ۽ سنت منڊليءَ جي رهائش ۽ ستسنگ جو بندوبست چاندا ڀڳت جي پول ۾ رکيو.

رات جي ستسنگ ۾ ٺاهر ڄڻ سنت گرمکداس مهراج جن ڪيرتن ڪيو، ان کان پوءِ سوامي جن ٽي ڀيرا اوم جو اُچارڻ ۽ ديو گرو وندنا ڪري ست سنگ شروع ڪيو.

دوهو: جنم مانش هٿ ملا تجهه، تانهه ڪالي ڪي ليئي،
ڀي تو ملا هر ڀڄن هت، ڀريو پاڻي ڪي ليئي.

دوهو: اب ڪا ڀيڙا نا ملي، ڪري ٻتن ٺهه ڪوءِ،
ڪهه ٽيڙون من سمجهه لي، جو هويا سو هوءِ.

مٿين شلوڪن جو ارٿ سمجهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته هيءُ منش چولو، هن جيوَ کي مليو آهي اهو رڳو کائڻ پيئڻ، ٻار ٻچا پيدا ڪرڻ، عيش آرام ڪرڻ لاءِ ڪين مليو آهي، پر اهو ته خاص ڀڳوان سان ملڻ لاءِ ئي مليو آهي، جيڪڏهن هن منش چولي ۾ ڀڳوان سان ملي نه سگهيو ته پوءِ سنسار روپي جنڊ ۾

ٻيهڪڙو ٿي ٻولدو. سوامي جن هيٺيون ڀڄن ڳائڻ
شروع ڪيو.

* ڀڄن *

ٽل :- ملندا هو ڙي تو ملو ميري ساڌو،
ڀي هي ملن ڪي ويرا ري،
مانش جنم ڦيرو هاٿ نه آوي،
چوراسي لک ڦيرا ري.

۱- شام گهٽا سر سويت پنٽي هٽن،
اُجهوُن نه آوت لاجا ري.
ٽريا سي لر ڪرٽيءَ ٽارا، سرپا وانڪا ڪاجا ري.

۲- ڪتني ڪٽي لر رهٽيءَ نه رهيا،
ٻن رهٽيءَ ڪتسا گيانا ري،
من پرڀوڌ سڪي نهين اپنا،
اوران جهڳڙا سوانا ري.

۳- هنسا سو جو هنس گت چالي،
چيلڙ پاڻو نه ميلي ري،
ساڌ و سوجا لڪي گهت اُجيالا،
اُڪلا ڪلا مانهين ڪيلي ري.

۴- سيس اتار ڌ رو گر آگي، ڦر تو سمشيہ نانهين ري،
پاڻيون اُلٽ ايڪ گهر آوي، اُپوَ آتم مانهين ري.

۵- هو ڪرپا تب سودا پنهين،
ٻگيت ٻيڪہ نهن هاسي ري،

روحل رتن امولڪ ملهن، سر سانئي ايداسي رکي.

مٿين بيت جو ارٿ سمجهائيندي سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته ڀڳوان سان ملڻ لاءِ هيءَ سٺو موقعو ٺهيو آهي. ڀڳوان ڪرپا ڪري، هن جنم کي هيءَ منش چولو ڏنو آهي. هيءَ منش چولو جڻڪ، هيرن - جواهرن کان به وڌيڪ قيمتي آهي. هيءَ اهڙو منش چولو، جڏهن هٿن مان نڪري ويو ته پوءِ وري ملڻ محال آهي. "نر جي ڪئي، سو چوڻون ڪاڻي."

دوهو: آؤسر ڪوڙي جو چڪي، ٻهر ڏئي ڪا لاک.
دُئِج نه چندا ڏيکئي، اُدي ڪها ڀر پاکه.

گوسوامي تلسيداس مهراج جن پڻ ساڳي ڳالهه چئي آهي، ته موقعي تي هڪ ڪوڏي دان ڪرڻ پرجهڪو گسي ويو، ته پوءِ اهو، لک لٽائي جا ڪندو. جيئن "ٻيج جي چنڊ." بعدِ چنڊ جي ڏينهن، چنڊ جو درشن نه ڪيو ته پوءِ اهو، سڄو مهينو درشن ڪري جا ڪندو. موقع جي مهما ڪندي سوامي جن چوڻ لڳا ته ڪاڻڻ - پيئڻ، ڪلڻ - ڳالهائڻ، رڌڻ - وسڻ، دان - سنان، وغيره سڀ ڪرم موقعي تي سونهندا آهن. ٻيو ته لهڻو ٻر مرڻ ۾ موقع جو سونهندو آهي. شري ڪرشن ڀڳوان ٻڌ ارجن کي ساڳيو اپديش ڪيو آهي ته هيءَ لڙائيءَ جو سونهري موقعو هٿن مان نه وڃاءِ!

وهنوار ۽ پرمارٿ جا جيڪي ٻه ڪرم آهن، اهي سڀ جيڪڏهن موقع سان ڪندو ايندين ته هن لوڪ ۽ پرلوڪ جا سک حاصل ڪندين، پر جيڪڏهن موقع تي نه ڪندين ته تون، نه رڳو پڇتائيندين ڌرم ۽ جس جو ناس ڪندين، پر پاپ جو ڀاڳي پڻ ٿيندين.

مثال:- ڏهن هزارن فوٽن جي اوچائي واري جبل جي چوٽيءَ تان جيڪڏهن پنجويهه مڻ تور وارو هڪڙو پٿر هيٺ ڪيرائڻو هجي ته، ڪيترو وقت لڳندو؟ بس! اک ڇنڀ ۾ اچي پٽ تي پوندو. پر اُن پٿر کي وري ساڳيءَ اُن چوٽيءَ تي چاڙهڻو هجي ته گهڻو وقت لڳندو؟ سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو، ڏاڍو مشڪل آهي. ان لاءِ ڪافي وقت، پيسي ۽ محنت جي ضرورت آهي.

ڊرشٽانت جو سڌانت سمجهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا ته هيءُ منش چولو ٻه چوراسي لک جوڻين روپي جبل جي چوٽيءَ تي پهتو آهي. هاڻي هن جنم ۾ موکش پائڻو آهي. جيڪڏهن هن منش چولي ۾ هيءُ جيو موکش حاصل ڪري نه سگهيو ته پوءِ چوراسي لک جوڻين ۾ هيٺ ڪري پوندو، پوءِ هڪڙو سهڻو منش چولو وري ملڻ مشڪل آهي.

ان وشيه تي وڌيڪ ڳالهائيندي سوامي جن چوڻ لڳا، جن منشن موکش حاصل ڪيو آهي، انهن، هن

جنم ۾ ٿي ٻڌن جي من کي ماري مڇ ڪيو آهي.
من کي مارڻ بنا ڪوبه موکه حاصل ڪري ڪين سگهندو، جن کي موکه حاصل ڪرڻ جي چاهنا آهي، اهي رات ڏينهن ٻڌن جي من کي ئي سمجهائڻ ۾ لڳا پيا آهن.

✓ اهي ٻڌن جي من کي هن ريت سمجهائن ٿا ته اي منهنجا پيارا من! ڏس! تنهنجي مٿي جا وار سڀ ڪارا هئا، هاڻي اهي سڀ اڇا ٿي ويا آهن. ايتري سڄي عمر تنهنجي ائين اجائي گذري وئي. تو موکه لاءِ برابر ڪوشش ڪئي، مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ تو گروءَ کان نام به ورتو، گهر ٻار به ڇڏيو، ڌنڌو وهنوار به ڇڏيو. ساڌو بابا بڻجي وئين. تو دل ۾ ائين ٿي سمجهيو ته هاڻي مان سنت بڻجي ويو آهيان. سنت ٿي ته ڀڳوان جو روپ ٿيندا آهن، ائين شاستر چون ٿا. مونکي جيڪي ڪرڻو هو، اهو ڪيم، هاڻي وڌيڪ ڪجهه به ڪين ڪرڻو آهي. جو ته ننڍا- وڏا، غريب- امير، پڙهيل- اڻ پڙهيل وغيره سڀ ماڻهو منهنجي پوڄا ڪن ٿا. شردا سان سر جهڪائين ٿا. منهنجي ستسنگ ٻڌڻ ۽ درشن ڪرڻ لاءِ آتا رهن ٿا، پريم سان ستسنگ ٻڌن ٿا. مونکي پوڄڻ لاءِ سڪ سان ڀيٽا ڏين ٿا. گهر ۾ گهرائي تمام وڏي عزت آبروءَ سان سهڪارڻ آسڻ تي ويهارن ٿا. سڪ شردا

سان چرڻ ڏوڙن ٿا. سون ۽ چانديءَ جي ٻاسڻن ۾ پوڄن ڪارائين ٿا. هر وقت شيوا ۾ حاضر رهن ٿا. موٽر ڪارن ۽ هوائي جهازن ۾ گهمائين ٿا. اخبارن ۾ مندرجي مهما ۽ ڪرامتن جا سهڻا ليک وجهارائين ٿا. مندرجي ساراهه جا ڍڪ ڍرن ٿا. مندرجي ٿالي جي جيءَ جيءَ ڪار مڃائين ٿا. سڀئي ٻڌمي مونکي ڀڳوان ڀڳوان ڪري پڪارين ٿا. هي مندرجا گهمنڊي من! مورک من! ڪجهه سمجهه! ماڻهن جي انهن سڀني عزت آدر ڀاءُ ۽ وهنوار کي ڏسي تون سچ پچ پنهنجي پاڻ کي ڀڳوان ۽ گرو سمجهي ويٺين، اي هٺيلا من! اها تنهنجي وڏي ۾ وڏي غلطي آهي.

انهن ماڻهن جي طرفان، جيڪي لوڀي - لالچي آهن، جيڪي سادا سودا ابوجهه آهن، جيڪي تنهنجي خوشامند ڪن ٿا، جيڪي تنهنجي ساراهه جا ڍڪ ڍرن ٿا، توکي ڀڳوان ڪان وڏيڪ وڏو لقب ڏين ٿا. تون به انهن چاپلوسن جي چڪر ۾ ڦاسي ڪري پاڻ کي ايشور، برهم، پرماتما سمجهي ويٺين! هي مورک من! تون پنهنجي پاڻ ڏي نه ڏس! پنهنجي اندر ۾ نه جهاتي پاءِ! پاڻ کان نه پڇي ڏس! نه، ڇا تون سچ پچ ڀڳوان آهين؟ يا چاپلوسن خوشامندين، لوڀين - لالچين ۽ ڪوڙي ٻڌاوٽي ساراهه ڪرڻ وارن جو ٺاهيل نقلي ڀڳوان آهين! تون پنهنجو امتحان پاڻ

وٽ! ڏس، منهنجا من! تون هيترو جو ٻاهر کي ٿو ڀلائين ۽ ٻاهر کي نوڪر ٿو سمجهين، آخر توکي ڇا مليو؟ جيڪي توکي مليو آهي اها به مونکي خبر آهي، ڇاڪاڻ ته مان تنهنجي اندر ۾ ويٺو آهيان. هاڻي مونکي تنهنجي حرڪتن جي ڄاڻ پئي آهي. ڪن ڏيئي ٻڌ! توکي گدي ملي، پوڄا ملي، چيلا-چيليون مليون، ڌن-دولت، مال ملڪيت ملي، ديش پرديش- ولائتن جا سفر مليا، کائڻ-پيئڻ لاءِ سوادي ڀوڄن مليا، پهرڻ پائڻ لاءِ نرم، گرم، سهڻا ۽ چلڪڻا ڪپڙا مليا، رهڻ لاءِ محل ماڙيون مليون. شري رام ڀڳوان، شري ڪرشڻ ڀڳوان وغيره گڏ رليل زماني ۽ هلندڙ زماني جا سڀئي لقب توکي مليا. وڏن وڏن ميڙن ۽ سڀائن ۾ توکي مانپتر مليا. بس! ٻيو توکي ڇا مليو؟ منهنجا نادان من! جيڪي توکي مليو آهي، اهو ته هڪ راجا، هڪ وزير، هڪ شاهوڪار کي به ملي سگهي ٿو. تون اجايو ڦوڪ ۾ ٻرجي ويو آهين. منهنجا پريتم من! ٻڌاءِ ته سهي، ڇا، تنهنجا ٻنڌن ڪٽجي ويا؟ ڇا، تنهن جو شرير جو ايمان (وجود) مٽجي ويو؟ ڇا، توکي شانتي ملي! ڇا، تنهنجو ڀرم ۽ نفرت، مٽجي ويا؟ ڇا، تنهن جي ٻيائي مٽجي وئي؟ ڇا، تنهن جي برائي جي ڀاونا مٽجي وئي؟ ڇا، تنهنجي اندر مان ٽن اکرن (اهنڪار)، (ناٽي، ناموس

۽ ناريءَ)، جي چاهنا نه ڪري وٺي؟ اڙي منهنجا
سڌورا من! جيڪي تو سخاوت - پراپڪار جا ڪم
ڪيا آهن، اهي بہ وڏن جي نالي لئي چندا - چيرا
ڳڏ ڪري ڪيا آهن. پوءِ ڀلا ڇا لئي تون دم هڻين.
جيڪا توکي وڏائي ملي آهي، يا ملي رهي آهي،
اها سڀ گروءَ جي ڪرپا سمجهه! پر تون تہ اهڙو
نمڪ حرام منحوس آهين جو گروءَ جي ڪرپا کي بہ
ڀلائي ويٺين. گروءَ جي محنت - ڪمائيءَ کي تون
پنهن جي سمجهي ويٺين. مها مورک من! تــوکي
لک لعنت آهي، توکي لڄ ڪانہ ٿي اچي. چاپلوسن
جي چڪر ۾ ڦاسي، پنهن جي پاڻ کي ڪي جو ڪي
سمجهي ويٺين. مورکن جي مطلب کي الــٽو سمجهي
ويٺين. توکي مايا متوالو، پيسن پاڳــل، عهدي
الله ۽ ٻيائيءَ ٻوڙو ٻٽائي ڇڏيو آهي. جو ڪنهنجي
بہ ڪين ٿو ٻڌين، ڪين ٿو سڻين. تو لـــہ گروءَ ۽
ڀڳوان جي وچن ۽ واڻيءَ کي بہ ڪٽي ٿاڪ تي رکيو
آهي. منهنجا مٺڙ من! جيڪي منش هن سنسارساگر
مان تريا آهن، اهي تو وانگر ڪين تريا آهن، پر اهي
پنهنجي ڪرڻي (محنت) ڪري تريا آهن.

منهنجا مٺا من! ٻڌڻ، پڙهڻ، ياد ڪرڻ، ڳائڻ -
وڄائڻ، ڪٿا ڪيرتن سٿ سنگ ڪرڻ، من وندرائڻ
وغيره ڪا وڏي ڳالهہ ڪين آهي. تون، سمجهين

ته به انهن ڪرڻ سان موڪش ملي ويندو. پر انهن ڪرڻ سان ڪنهن به مُڪتي حاصل ڪري ڪين سگهندين. ياد رک. اهو رڳو تنهنجو خالي ڀرم آهي. تنهنجون اکيون ۽ من ڌوکي ۾ آهن. جيڪي ڪجھ ڏسي يا ٻڌي رهيو آهين اهو سڀ ڪين آهي. سچ ته ڪجھ ٻيو آهي. منهنجا مترمن! جڏهن مهل لوڻ ڪرم، گيان، ڀڳتي، يوگ، جپ، تپ، ورت وغيره جي ڳالهين ڏيندو آهين ته اوڏي مهل عام ماڻهن کي انهن ٻيو لڳندو آهي ته تو جهڙو گياني، ويراڳي، يوگي، گرو ۽ ڀڳت ٻيو ڪو به ڪو نه هوندو. تون پاڻ به انهن ٻيو سمجهندو آهين ته مون جهڙو ودوان ٻيو ڪو به ڪو نه هوندو. پر منهنجا من! ڪجھ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. چوڻ، سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ ڪرڻ ۾ رات ڏينهن جو تفاوت آهي.

دوهو: ڪٿي سنڌي ٽيڪ هٿ، رهڻي رهي نه جوءِ،
ٽيس ٻٽيسي ڌوهري، تا لهه پڇاڻو سوءِ.

ڀڳتي، گيان، ويراڳ، ڪرم، ڌرم، يوگ، تپ، ويدانت وغيره جا پستڪ پڙهي ۽ ٻڌي ياد ڪرڻ به تمام سٺو آهي. انهن سڀني وشين تي وچار سان سٺي نموني ڪٿن ڪرڻ (ست سنگ ڪرڻ) به نيڪ آهي. ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ٻئي ڳالهيون تمام سٺيون آهن. پر جيڪو منش خود پاڻ ان موجب هلي ٿو

ڪري ٿو اهو ڪيئن آهي، ان کي ڇا چئجي؟ جيئن ٽيهه ۽ ٻٽيهه، جوڙ ڪجن ته ڪل ٿيا ٻاهٺ. جيڪڏهن ٻاهٺ مان ٻه ڪٽ ڪجن ته باقي بچندا "سٺ" سٺ جو ارٿ آهي مورک. مطلب ته جيڪو مڻش ٻين کي ته سٺي ڀولي سمجهائي ٿو، پر پاڻ اُن موجب هلت نٿو ڪري، ان کي مورک چئجي ٿو.

رشيءَ ٻڌا گيان کهڙي ڪم جو! واهه واهه مڻهنجا من! تون ٻڌهن جو پاڻ کي ته سمجهائي ڪين سگهين، ها ٻين هلڻو آهين ٻين کي سمجهائڻ. شاستر ٻه گهڻيئي پڙهه، گهڻيئي ٻڌءِ، پر شاسترن جي راز کي سمجهي نه سگهين. مڻهن جا سڄڻ من! شاسترن جي پوري پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ ٻدا ڪنڌن - منڌن ڪري، واد، وواد ڪري هٿي ڪتن وانگر ڀؤنڪي رهيو آهين. اجايو وقت وڃائي رهيو آهين. اُٿ! ڪرڻي ڪري هن مڻش چولي ۾ موکش حاصل ڪر.

هنس ته ان کي چوندا آهن، جيڪو هنسن وانگر هلي، موتي کائي ۽ گپ - چڪ ۾ پير نه رکي. جيڪو مڇيون وغيره پاڻيءَ جا جيوَ کائي ۽ گپ-چڪ ۾ پير وجهي ان کي بگهه چوندا آهن.

جنهن جي هردي ۾ سوجهرو (رشيءَ وارو گيان) هجي، ان کي سنت - مهاتما چئبو آهي. جنهن جو، اُٿڻ - وهڻ، سمهڻ - جاڳڻ، کلڻ - ڳالهائڻ، کائڻ - پيئڻ

هلڻ - چلڻ، وغيره هر هڪ ڪرم اُصل ڪلا (اڪيلي لڙڪڻ ٻرهم) ۾ ئي ٿيندو وڃي، ان کي سمت - مهاتما چيو آهي. جيڪو وهنوار ۽ ڳالهين ۾ واهيات - واهش ڳالهين سان ڪو نه واسطو رکو رکي، ان کي سمت چيو آهي. جيڪو عام يا خاص ماڻهن سان نه، پر پرماتما سان ئي واقفيت رکي ٿو، ان کي سمت - ساڌ و چيو آهي. منهنجا پريتم من! تون پاڻ کي سمت ته سڏائين ٿو، پر تو منجهه سمت پڻي جو هڪڙو به لڇڻ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. منهنجا سڄڻ من! سمت پڻي جا لڇڻ تو منجهه تڏهن ايندا، جڏهن تون، پنهنجو سر (مٿو) پنهنجي هٿن سان ڪٽي مٿان ڪوري گروءَ جي چرڻن ۾ رکندين.

دوهو: جڳ مين جيتي جو مري، تجي ديه ايمان.
ڪهه ٽيڪون سمسار ۾، سو نر مڪتا مان.

ڌن، جوڀن، وديا، ٻل، ٻڌي، پرڀوار، عهدو ۽ ٻيا به جيڪي ٻل آهن، اهي هن شرير جا سر آهن. اهي سڀئي لاهي ڏيڻ ئي مرڻ آهي. منهنجا منسا من! جڏهن تون جيئري مرندين، مڙدي مثل ٿي رهندين، تڏهن تنهنجا سڀ سنسا ڀرم ناس ٿي ويندا. جڏهن ڌڙ تان سر لهي ويندو، تڏهن هيءُ شرير مڙدي مثل لڳي ويندو، پوءِ مڙدي کي ڪهڙو شوڪ، ڪهڙو سنسو. ڪهڙو دک، ڪهڙي

ڇڏيا. جڏهن ٻئون مڙد ۽ ٻڇندا ٻن تڏهن اکيون، ڪن،
نڪ، جڀ ۽ چمڙي اِــهن پنجن گيان اندرين جي
رستي شبد، سپرش، روپ - رس ۽ گند اهي پنج
وشيون ڇڪي هن جيوَ کي سنسار ساگر ۾ زبردستي
گهلي ٿيون وڃن، پوءِ اهي ئي بدلجي هن جيوَ کي
پرڀو پرماتما جي طرف گهلي وينديون، جڏهن اکين
ٿيندو ۽ تڏهن من ۽ اندرين جي وس کان ٻاهر جيڪو
آتما آهي، ان جو اُڀو ٿيندو.

❀ न चक्षुषा गृह्यते नापि वाचा नान्यैर्देवैस्तपसा, कर्मणा वा।
ज्ञान प्रसादेन विशुद्धसत्त्वस्ततस्तु तं पश्यते निष्कलं ध्यायमानः

نند جو اُڀو، تڏهن ٿيندو آهي جڏهن جاڳرت
جو بلڪل اڀاءُ ٿي ويندو آهي. سپني جو اُڀو تڏهن
ٿيندو آهي، جڏهن نند جو بلڪل اڀاءُ ٿي ويندو
آهي، سشوپت جو اُڀو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن
سپني جو بلڪل اڀاءُ ٿي ويندو آهي، سشوپت جي
بلڪل اڀاءُ ٿي وڃڻ کان پوءِ ٿريا جو اُڀو ٿيندو آهي.
ٿريا جي بلڪل اڀاءُ ٿي وڃڻ کان پوءِ هيءُ جيوَ
جڏهن مڙد ۽ ٻڇي پوندو آهي تڏهن آتما جو اُڀو
ٿيندو آهي.

اِها ڳالهه تمام اوکي آهي، ان ڪري سوامي جن
ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته هيءُ سود ۽ تمام مهانگو
آهي، اهڙو مهانگو سود ۽ تڏهن ملندو جڏهن گرو

جي ڪرپا ٿيندي.

مدهنجا مٺڙا من! گروءَ جي ڪرپا نه مڙدن تي ٿي
ٿيندي آهي، پر مدهنجا متوالا من! تون نه گروءَ جو
به گروءَ ڀڳوان جو به ڀڳوان ٺهيو ويٺو آهين، هاڻي
ڀلا ٻڌاءِ نه گروءَ جي ڪرپا ڪنهن تي ٿيندي؟ تون
پاڻ فيصلو ڪر. جيڪري تي مڙدو ٺهيو رهيو، تمام
مهانگو سودو آهي، مدهنجا من! ڀڳت، ساڌو، سنت
يا مهاتما ٺهڻ ڪو چرچو مسخري ڪين آهي، ڀڳت،
ساڌو، سنت، مهاتما جو ويس پائڻ ڪو کيل تماشو
ڪين آهي، پر رت رنڻو آهي، رت ڏيڻو آهي.

ايتري ڪٿا ٻڌائي ست نام ساکي ۽ ساکي شوورم
جي ڌني لڳائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو،
سڀئي پريمي پرساد وٺي پنهنجي گهر ويا.

اهڙيءَ طرح اَٺ ڏينهن احمدآباد ۾ رهي سوامي جن سچ
ڌرم جو پرچار ڪيو، ان کان پوءِ سيٺ جڳجيون لال
۽ سڀني پريمين کان موڪلائي سنت منڊل سان گڏجي
سوامي جن احمدآباد کان ٽنڊي آدم (سنڌ) لاءِ روانا
ٿيا. ٽنڊي آدم سٽيشن تي لهي ڪري پنڌ ئي پنڌ
امراپر دربار تي آيا، اتي پهچي سوامي جن پنهنجي گرو
مهراج جن جي مندر ۾ ويا، اتي وڃي گلن جو هار
گرو مهراج جن کي ارپڻ ڪيائون. پرساد رکي پرڻام
ڪيو ۽ پرڪرما ڪئي. پوءِ دربار جي سڀني سنتن،

شيوادارن سان مليا ۽ انهن کان خبرون چارون پڇيائون. سوامي جن جي منڙي واٽ پڌي ۽ سندن درشن ڪري سڀئي تمام گهڻو خوش ٿيا. اهڙيءَ طرح ڪجهه ميلي جي پاڙرا ڪري سوامي جن موٽي امرپر دربار ۾ آيا. ان کان پوءِ دربار ۾ رهي پنهنجو وقت شيوا، سمرڻ ۽ ساڌنا ۾ گذارڻ لڳا.
ان بعد نيم موجب دربار جو شيوا ڪارڻ هلڻ لڳو.

سچ ۽ سادگيءَ جي ساکيات مورتي ستگرو سوامي سروانند مهراج جن جي جنم ساکيءَ جو ٻيو ڀاڱو سماپت ٿيو.

منڙي ياد!

ست نام ساکي! ست نام ساکي!! ست نام ساکي!!!

اوم شانتي! اوم شانتي!! اوم شانتي!!!